# شاهه جو رسالو

مرتب ڪيل

علامه آءِ. آءِ. قاضي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو. سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# رسالو

## (پيغام)

## شاهہ عبداللطيف جو

(١١٠٢-١١٦٥هہ)

مرتب ڪيل

علامه امداد علي امام علي قاضي

بار ايٽ لا

سابق وائيس چانسلر [illegible] يونيورسٽي

سنڌي ادبي بورڊ

جامشورو/حيدرآباد سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

چاپو پهريون ١٩٦١ع تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٻيو ١٩٨٦ع تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٽيون ١٩٩٣ع تعداد ٥٠٠٠

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

قيمت

[Price Rs: [redacted]0]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بُڪ اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| سر | صفحو |
| --- | --- |
| ۰۱ ڪلياڻ | ۱ |
| ۰۲ يمن ڪلياڻ | ۱۹ |
| ۰۳ کنڀات | ۶۷ |
| ۰۴ سورٺ | ۸۹ |
| ۰۵ آسا | ۱۰۹ |
| ۰۶ پرڀاتي | ۱۳۹ |
| ۰۷ رام ڪلي | ۱۴۹ |
| ۰۸ ڪاهوڙي | ۲۰۹ |
| ۰۹ پورب | ۲۲۵ |
| ۱۰ بلاول | ۲۳۹ |
| ۱۱ سارنگ | ۲۵۹ |
| ۱۲ سريراڳ | ۲۸۱ |
| ۱۳ سامونڊي | ۳۱۷ |
| ۱۴ ڪاموڏ | ۳۴۱ |
| ۱۵ آبري | ۳۵۳ |
| ۱۶ معذوري | ۴۰۹ |
| ۱۷ ديسي | ۴۴۱ |
| ۱۸ ڪوهياري | ۴۸۵ |
| ۱۹ حسيني | ۵۰۹ |
| ۲۰ ليلا چنيسر | ۵۷۳ |
| ۲۱ مومل راڻو | ۵۸۹ |
| ۲۲ ٻروو سنڌي | ۶۳۱ |

| | |
|---|---|
| ٢٣. ڏهر | ٦٤٥ |
| ٢٤. گهاتو | ٦٦٩ |
| ٢٥. ڪاپائتي | ٦٧٣ |
| ٢٦. رپ | ٦٨١ |
| ٢٧. ڪارايل | ٦٩١ |
| ٢٨. مارئي | ٧٠١ |
| ٢٩. سهڻي | ٧٥٥ |

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو۔

# مهاڳ

سدا حيات شاعر شاهه عبداللطيف رحه جون ورسيون ١٩٤٠ع
کان پوءِ ذوق شوق سان ملهائڻ شروع ٿيون. پاڪستان جي قائم
ٿيڻ بعد، شاهه جا اهي سالگره جشن ويتر وڏي پيماني تي ملهايا ويا آهن،
جن ۾ ملڪ جي صدر ۽ ٻين اعليٰ ڪارڪنن، ٻاهرين سفارتخانن جي
نمايندن توڙي سفيرن، ۽ ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي اديبن ۽ شاعرن
شموليت پئي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري وقت بوقت شاهه جي سوانح
توڙي شاعريءَ بابت موزون ڪتابن جي طلب ٿيندي رهي آهي، ۽
خصوصاً شاهه جي رسالي جي هڪ مستند متن بابت تقاضا وڌندي رهي آهي.

ملڪي اديبن توڙي ٻاهرين عالمن جي عام مطالعي واري انهيءَ
ضرورت کي محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ سنه ١٩٦٠ع ۾
شاهه جي شاعرانه پرواز ۽ فڪر بابت هڪ جامع ڪتاب توڙي شاهه جي
ڪلام جي هڪ معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم علامه امداد علي صاحب
قاضي جن جي حوالي ڪيو، جن سان ڪلام جو متن هينئر شايع ٿي رهيو آهي.

هت انهيءَ ڳالهه جتائڻ جي ضرورت ڪانهي ته شاهه جي ڪلام
جو مرتب ٿيل هيءُ متن، شاهه جي وڏي ۾ وڏي عالم ۽ ڄاڻو
جي گهري غور ۽ فڪر جو نتيجو آهي. علامه قاضي صاحب جن گذريل
سٺ سالن کان وٺي شاهه جي ڪلام جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽
انهيءَ ڪري شاهه جي ڪلام جي متن جي هيءَ تاليف ۽ ترتيب جڻ
هڪ روشن دماغ مفڪر جي سٺ سالن جي گهري غور ۽ ويچار جو
ثمر آهي. صرف ڪلام جي صحيح متن قائم ڪرڻ ۽ ان کي صحيح طور
ڇاپائي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پڻ دانا مؤلف هڪ سال کان وڌيڪ
مسلسل ڪوشش ۽ توجه کان ڪم ورتو آهي.

متن جي هن اشاعت جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾ شاهه
جي ڪلام جو، نفس مضمون توڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان، گهرو

مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪي انهيءَ فطري ترتيب موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو شاهه جي زندگيءَ جي جدا جدا منزلن سان مناسبت ۽ مطابقت جو امڪان آهي. انهيءَ لحاظ سان هيءَ اشاعت اڳين مڙني ڇاپن کان اتم ۽ اعليٰ آهي. رسالي جا اڳيان ڇاپا يا ته محض بيتن جا 'مجموعا' آهن، جن ۾ شاهه جي بيتن سان گڏ ٻين ڪن شاعرن جا بيت پڻ شامل آهن، ۽ يا ته وري اهڙن 'مجموعن' جي زياده صاف صورت آهن، جن ۾ فقط شاهه جي بيتن کي ئي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن اشاعت ۾ شاهه جي مستند ڪلام جي سلسليوار سناء ۽ ترتيب کي خاص طرح مدِنظر رکيو ويو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هيءُ پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. شاعر جي زندگي ۽ فڪر جي درجيوار مرحلن مطابق، ڪلام جي هيءَ ترتيب خود شاعر جي سوانح حيات جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻاهرين ٻڌل زباني روايتن جي برعڪس، خود شاعر جي پنهنجي ڪلام جي تسلسل ۾ سندس زندگيءَ جي مختلف مرحلن جا اهڃاڻ موجود آهن. هيءُ هڪ عجب اتفاق آهي جو روشن دماغ ۽ داناء مؤلف جي گهري غور ۽ ويچار بعد هن اشاعت ۾، شاهه جي ڪلام جي جيڪا داستانن ۽ سُرن وار ترتيب وجود ۾ آئي آهي، ان ۾ انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقاء جي اعليٰ مرحلن جو عڪس موجود آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان پڙهندڙن لاءِ هن اشاعت جو مطالعو اڻ سڌيءَ طرح پڻ فائدي کان خالي نه آهي.

متن ۾ بيتن جون پڙهڻيون موجوده عام رائج اچارن مطابق ڏنيون ويون آهن. انهيءَ ڪري، شروع کان پراڻي صورتخطيءَ جي استعمال سببان پوين ڇاپن ۾ جيڪي لفظن جي پڙهڻين جون غلطيون هلنديون پئي آيون، تن جي تصحيح ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ هيءُ متن رسالي جي مختلف ڇاپن توڙي قلمي نسخن جي پڙهڻين تي

غور بعد قائم ڪيو ويو آهي، ته به رسمي صورهيٺ حاشين ۾ جدا جدا پڙهيون ڪين ڏنيون ويون آهن: انهيءَ لاءِ ته هيءُ جلد اجايو ضخيم نه ٿي پئي ۽ پڻ پڙهندڙن جو ڌيان متن ۾ ڪلام جي حسن ۽ ڪمال کان هٽي حاشين طرف نه ٿئي. البته عام فائدي خاطر متن جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي پڻي ڏني وئي آهي، جا اُميد ته پڙهندڙ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

پريس لاءِ صاف ڪاپي لکڻ، پهرين پروفن پڙهڻ ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي تيار ڪرڻ ۾ سيرمحمد نظاماڻي، ليڪچرر شعبه سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، مؤلف جي مدد ڪئي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پريس جي عملي هن ڪي ٿوري عرصي ۾ ڇاپڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ اهي سڀئي صاحب شڪريي جا لائق آهن.


نبي بخش بلوچ
'ڊين فيڪلٽي آف آرٽس'
سنڌ يونيورسٽي


حيدرآباد
١- مئي، ١٩٦١ع

ناشر پاران

# پيشڪش

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي شريف جو هي نسخو، جيڪو شاهه صاحب جي وڏي ڄاڻو ۽ پارکو، حضرت علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي ڏکي عرصي جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، ”سنڌي ادبي بورڊ“ اول ١٩٦١ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن جو ٻيو ڇاپو وري ١٩٨٦ع ۾ ڇپيو هو. رسالي جي هن متن جي منفرد سهڻ ۽ افاديت جي ڪري، عام پڙهندڙن، طالبن توڙي تحقيق ڪرڻ وارن پاران، ان جي وقت بوقت طلب ٿيندي ٿي رهي. ان ڪري هي ٽيون ڇاپو، شاهه سائينءَ جي ٢٥٠ هين ڏڻ آئونجاهين سالگرهه جي موقعي تي پڌرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. اميد ته اسان جي اها پيشڪش قبول پوندي.

٢٩-٧-١٩٩٣ع — شمشيرالحيدري

# ڪلياڻ

## داستان پهريون

( ١ )

اَولِ اَلله، عَليم، اَعليٰ، عالَم جو ڌڻِي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آه قديم،
والِي، واحد، وحده، رازق، رَبُّ، رحيم،
سو ساراه سچو ڌڻِي، چَئِي حمد، حڪيم،
ڪَري پاڻَ ڪَريم، جوڙُون جوڙَ جهانَ جِي.

( ٢ )

وَحده لاشَريڪَ لَهُ، جڏهن چيو جَنَّ،
تَن مڃيو محمّد ڪارَڻِي، هيجان ساڻ هِنئَنَّ،
تڏهن منجهان تَنَّ، آوَتَرَ ڪونه اوليو.

( ٣ )

وَحده لاشريڪَ لَهُ، ٻُڌ نه ٻوڙا،
ڪِ تو ڪَنِين نه سُئا، جي گهَٽ اندر گهوڙا،
ڳاڙِيندين ڳوڙها، جِت شاهدَ ٿيندءِ سامهان.

( ۴ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لَہٗ، اِيءَ وِهائج وِيءَ،
ڪَتين جي هارائيين، هنڌ تنهنجو هيءَ،
ڀاڻان ڇوندءِ پيءَ، پري جام جنت جو.

( ۵ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لَہٗ، اِيءَ هيڪڙائيءَ حق،
ٻيائيءَ ڪي ٻَڪَ، جن وڌو سي وِرسيا.

( ٦ )

وحدَهٗ جي وَڍيا، اِلّاَاللهَ آڌ ڪيا،
مُحمّد رسول ڇٽِي، مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي، اِنهين پهِ پِيا،
تيلانْ ڏٺيءَ ڏٺا، جيلانْ ويا وحدت گڏجي.

( ۷ )

وَحدَهٗ جي وڍيا، اِلّا الله سين اورِين،
هينئون حقيقت گڏيو، طريقت تورِين،
معرفت جي ماڻ سين، ڏيساندَر ڏورِين،
مَڪ نہ سَتا ڪڏهين، ويهِي نہ ووڙِين،
ڪلهِنئون ڪورِين، عاشق عبداللطيف چئي.

( ٨ )

وَحدہ لاشريڪ لہٗ، جان تون چئين اِئٖن،
تان مڃ محمّد ڪارڻِي، نرتئون منجهان نيهنٔ،
سو تون وڃيو ڪيئن، لايئين ڪنڌ پين ڪي.

( ۹ )

وَحدہ لاشريڪ لہٗ، جن آتو سين اِيمان،
تن مڃيو محمّد ڪارڻِي، قلب ساڻ لسان،
آوءِ فائِق ۾ فرمان، آوتڙ ڪنهن نہ اوليا.

( ١٠ )

آوتڙ ڪنهن نہ اوليا، ستڙِ ويا سالِم،
هيڪائِي هيڪ ٿيا، آحد سين عالِم،
بي بُها بالِم، آگي ڪِيا آگِهين.

( ١١ )

آگي ڪِيا اَگِهين، نِسوروئِي نُور،
لاخوفٌ عليهِم ولاهُم يحزنون، سچِن ڪونهي سُور،
مَولي ڪِيو معمور، آنگ آزل ۾ اِن جو.

( ١٢ )

سِرُ ڏِونڊيان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڏِونڊيان، سِرُ ناہ،
هٿ، ڪرايون، آڱريون، ويا ڪپڇي ڪانہ،
وَحدت جي وِهانءِ، جي ويا سي وڍيا.

(١٣)

وحدہ جي وڍيا، ڪيا اِلاالله آڌ،
مِي ڌڙ ھِسِي سڌ، ڪنھن آيا ڳِيءِ نہ ٿئي.

(١٤)

وحدتا ڪثرت ٿئي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي ھيڪڙو، ٻولِي ٻِي م ڀُل،
ھيءَ ھلاچو ھل، بالله سنڌو سڄڻين.

(١٥)

جئو تون الله ھيڪڙو، وائِي ٻِي وسار،
تن م تند تنوار، سدا سپِرين جي.

(١٦)

جئو تون الله ھيڪڙو، ٻِي وائِي وساري ڇڏ،
آو تان تو سين گڏ، سڄڻ ساہ پساہ ۾.

(١٧)

پاڻئي جلّ جلالہ، پاڻئي جان جمال،
پاڻئي صورت پِر جي، پاڻئي حسن ڪمال،
پاڻئي پير مريد ٿئي، پاڻئي پاڻ خيال،
سو سڀوئي حال، منجھان ئي معلوم ٿئي.

( ١٨ )

ھاٺئي ھسي پاڻ کي، پاٺئي محبوب،
پاٺئي خلقي خوب، پاٺئي طالب تن جو.

( ١٩ )

سو ھيءُ، سو ھو، سو آجل، سو آلله،
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واھرو.

( ٢٠ )

سو ھيڏانھن، سو ھوڏانھن، سوئي من وسي،
سوئي سو پسي، تھين سندي سوجھري.

( ٢١ )

ھڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لھين،
ھئا اکھين کڏ، ٻڏڻ ھ پہ ٿيا.

( ٢٢ )

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين ڪٽس ڪيڙ ڪيون،
جيڏانھن ڪريان پرک، تيڏانھن صاحب سامھون.

( ٢٣ )

ڪوڙين ڪايائون تنھنجيون، لڪن لک ھزار،
جيءَ سيڪنھن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
ھرينم تنھنجا ھار، ڪھڙا چئي ڪيئن چوان!

## وائي

سيڪا ڀريان ڪون ڀوڄي،

نينهن نيٺين، ڪرڻ ڳالهه، وو.

جا چتايم چت ۾، سڄڻ سا ٿو ٻجهي،

نينهن نيٺين، ڪرڻ ڳالهه، وو.

لاتِ جا لطيف جي، سڌ تنهن جو سجهي،

نينهن نيٺين، ڪرڻ ڳالهه، وو.

## داستان پهريون

( ١ )

آڳهي آڳهاڻي، رنج پريان ڪي رسيو،

چڪيم چڱائي، سورانگهي سوريءَ تان.

( ٢ )

اَلَڌا اونڌا ويچ، ڪَلَ ڪَچا لئي ڪانئين،

آسان ڏکي ڏيلَ ۾، تون پيارين پيچ،

سوري جنين سيج، مرڻ تَن مشاهدو.

( ٣ )

سوريءَ سڌ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟

وڃڻ تَن پيو، نالو نينهن ڪنهن جي.

( ٤ )

سوري سڏ ڪري، آيي عاشقن کي،
جي اٿي سڏ سگهن پر، ته ڪؤم پير پري،
سِسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ پريٽون.

( ٥ )

سوري آه سينگار، اکين عاشقن جو،
مُڙڻ، موٽڻ مِهڻون، ٿيا نظاري نِروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

( ٦ )

سوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لَڏيا ڪِين لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪونيو ڪناري، آئيو چاڙهي آنِ کي.

( ٧ )

سوريءَ مٿي سيڻ، کھڙي ليکي منرا،
جيلهه لڳا نيڻ، تي موريائِي سيج ٿِي.

( ٨ )

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءُ ڪم عاشقن،
پاهون ڪِين پسن، سائو هلن سامهان.

(٩)

سوريءَ جي سؤ وار، ڏيهاڙئو ڇنگ چڙهين،
جم ورچي ڇڏيين، سڪڻ جي سچار،
پرت نہ پسين پار، نينهن جتائين نڪيو.

(١٠)

ڀرين ڪاتي ڀاءِ، ڀچ ڀوءِ ڀريتئون،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجب جيئن وڃاءِ،
سيخن ماهہ پچاءِ، جي نالو گهرڙءِ نينهن جو.

(١١)

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهہ، ڪن وڍيندڙ هٿ ۾،
ڀسيو ڀر عجيب جي، لڇيو وڃي لوهہ،
عاشقن آندوهہ، سدا معشوقن جو.

(١٢)

ڪاتي تکي ۾ ٽئي، مر منيائي هوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا هٿڙا.

(١٣)

جي تون سڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ هٿي ۾ ڪنجهہ،
سپرين جي سور جو، ماڙهن ڏجي نہ منجهہ،
آندر اِيءَ آهنج، سانديج سڪائون ڪري.

( ١٤ )

جاڻ وڍئين تان ويھ، نہ تہ وئيو واٽ وانءُ تون،
ھيءُ تنين جو ڏيھ، ڪاتي جنين ھٿ ۾.

( ١٥ )

ڪاتي جن ڪري، مان لنؤن لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
آڏيءَ سر ڌري، مان ڪھنھون سپرين.

( ١٦ )

آڳيان آڏين وٽ، پوين سر سنباھيا،
ڪاٽ تہ ھوين قبول ۾، مڇڻ پاڻين گھٽ،
مٿا مھاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي ھٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وھي.

( ١٧ )

جي آئي سڪ سر جي، تہ وڃُ ڪلاڙڪي ڪاٽي،
لاھي رک لطيف چئي، مٿو وٽ ماٽي،
تڪ ڏيئي ھڪ پيءُ تون، گھوٽ منجھان گھاٽي،
جو ورنہ وڃائي، سو سر وٽ سرو ساھنگو.

( ١٨ )

جي آئي مدّ سرڪ جي، تہ وڃڻ ڪلاڙڪي هٽ،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو مائي وٽ،
سِر ڏيئي ۾ سٽ، پيج ڪي پياليون.

( ١٩ )

جي آئي سِڪ سرڪ جي، تہ وڃڻ ڪلاڙڪي ڪوءِ،
مهيسر جي مد جي، هٽ هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙيين روءِ، تان سِر وٽ سرڪي سگهٽي.

( ٢٠ )

جي آئي سِڪ سرڪ جي، تہ وڃڻ ڪلاڙڪي گهر،
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهت آنهين جي پر،
جي وٺي هوئي ور، تہ سهنگي آه سيد چئي.

( ٢١ )

نائي ناه ڪڪوه، ڪين ملهہ مهانگو منڌ،
سنباهج سيد چئي، ڪاڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هيءَ تنين جو هنڌ، مٿن پاس مرڻ جي.

( ٢٢ )

عاشق زهر پياڪ، وهِ پسيو وِهسَن گهٽو،
ڪڙي ۾ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لڳينِ لنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڙي ڇڪنِ چاڪ، ته به آه نه سلن عام کي،

( ٢٣ )

مَ ڪر سڌ شراب جي، جي تون ناريين نوهه،
پيتي جنهن پاسي ٿئي، منجهان رڳنِ روح،
ڪاتي ڇڪ ڪڪوهه، لاهي سِر لطيف چئي.

( ٢٤ )

سڌڙيا شراب جون، ڪوهه پچارون ڪن،
جه ڪات ڪلالنِ ڪڍيا، ته مونيو پوءِ وجنِ،
پڪون سي پِين، سِر جنهين جا سٽ ۾.

( ٢٥ )

سِر جدا، ڌڙ ڌار، ڏوڪ جنين جا ڏيک ۾،
سي مر ڪن پچار، هڪيا جن جي هٽ ۾.

( ٢٦ )

ڏيکين ڏوڪ ڪڙهن، جت ڪڙيين ڪڙڪو نه لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چڪندا چڏيا.

( ۲۷ )

سسِي سي گهرِن، جي واڻيندڙ وچ ۾،
آوءُ ڪِين پيو پچنِ، سرو جن سنباهيو.

( ۲۸ )

آصل عاشق پانهنجِي، سسِي نہ سانديِن،
لاهيو سِر لطيف چئي، ساهہ سلاڙيو ڏين،
ڪلهِنئون ڪاتِين، پچن پوءِ پرِ يتئون.

( ۲۹ )

آصل عاشقن جو، سِر نہ سانڍڻ ڪم،
سؤ سِسنئان آگرو، سندو دوسان دم،
هيءُ هڏو ءُ چم، ڪِ پريان جيءَ نہ پڙي.

( ۳۰ )

جي متِي وٽ مِڙنِ، تہ سيڪنهين سڌ ٿئي،
سِر ڏني سٽ جڙي، تہ عاشق اِيئن آچنِ،
لِذاتي لِينِ، مَلهہ مهانگا سپرينَ.

( ۳۱ )

مَلهہ مهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت،
آسان عِبادت، نظر ناز پرينِ جا.

## وائي

منڊ پيندي مون، ساڄن سهي سڃاتو.

هي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهوسون،

ساڄن سهي سڃاتو.

پريان سندي پار جي، آندر آڳ آئون،

ساڄن سهي سڃاتو.

جيئن ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون،

ساڄن سهي سڃاتو.

آلا! عبداللطيف چئي، آهين تونهين تون،

ساڄن سهي سڃاتو.

## داستان ڏيون

( ١ )

آئياري آئي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ني هٿي ويا، هيڙا جي ڇچار،
طبيبن تنوار، هڏ نه وٺي هاڻ مون.

( ٢ )

هڏ نه وٺي هاڻ مون، ويڇن جو وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ني هادي ٿيو.

( ٣ )

حبيبَ نبِي هادي ٿيو، رهنما راحتَ،
پِيڙا نِيائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لتَ،
سپير يان صِحتَ، ڏنيم منجهان ڏکندي.

( ٤ )

اورِ ڏکندو آو ٿئي، هادي جنهن حبيبَ،
ترِ تفاوت نہ ڪري، تنهن کي کو طبيبَ،
رهنما رقيبَ، ساٿر صِحت سپرين.

( ٥ )

ساٿر صِحتَ سپرينُ، آهي نہ آزارُ،
مجلس ويرِ مٺو ٿئي، ڪوئيندي قهارُ،
خنجر تنهن خوب هٽي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحِبَ ربَ ستارُ، سوجهي رڳون ساهَ جِيون.

( ٦ )

رڳون ٿيون رَبابَ، وڄن ويلَ سيڪهِين،
اڄڙ، ڪڇڙ نہ ٿيو، جانب ري جبابَ،
سوئِي سنڌيندم سپرينُ، ڪِيس جنهن ڪبابَ،
سوئِي عين عذابَ، سوئِي راحت روح جِي.

( ٧ )

سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنما،
’و تعز من تشاء و تذل من تشاء‘.

( ٨ )

جاڻي ٻجهي جن، تو سين سور سچ ڪي،
تون ڪيئن سنديون تن، ٻر سين ٻچارون ڪرين؟

( ٩ )

ٻر ٻ ٻچياڻون، عشق جي آسباب ڪي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏساڻون،
آخر والعصر جو، اِنهين آتاڻون،
تهان ٻوءِ آئون، سڪان ٿي سلام ڪي.

( ١٠ )

سڪين ڪه سلام ڪي، ڪرين ڪه نه سلام،
پيا دَر تن حرام، اِيءُ دَر جنين ديکيو.

( ١١ )

مڻايان مڻو گهڻو، ڪڙو ناه ڪلام،
سڪوت ٿي سلام، پريان سندي پار جو.

( ١٢ )

ٻريان سندي پارَ جي، مڙئي مناٺي،
ڪانهي ڪَڙائي، چڪين جي چيٽ ڪري.

( ١٣ )

تو جَنين جي تاتِ، تَن ٻڻ آهي تنهنجي،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، اِيءَ پروڙج ٻاتِ.
هَٿِ ڪاتي ڪُڙ واتِ، ٻچڻ ٻَرِ ٻرينِ جي.

( ١٤ )

حبيبن هيڪار، مَنجهان مِهر سَڌ ڪيو،
سو مون سڀ چمار، اورڻ آهوئي ٿيو.

( ١٥ )

ٻاپوهي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين،
'اَلَستُ بِرَبِّڪُم'، چيائون جنهن وار،
سندي سور ڪِنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.

( ١٦ )

ٻاپوهيو پڇڻ، 'ڪٿي هٿ حبيب جو'
نيزي هيڏان نينهن جي، ٻاسي ٻاڻ نہ ڪنِ،
عاشق آجل سامهان، آونچي ڳاٽ آچنِ،
ڪسڻ قرب جنِ، مرڻ تَنِ مشاهدو.

(١٧)

ڪوئي ڪِهي سِپرين، ڪوئي ڪِهن ماڻ،
نيزي هيئان نينهن جي، ٻاهي ڪر ۾ ٻاڻ،
چلِ، وِڃائي جاڻ، عاشق آجل سامهون.

(١٨)

ڪوڻ قريبن جو، عين تڙڻ آهِ،
ايءَ اٽئي ٻالهڙي، سِڪ ورندي ساهِ،
آسر هڏ ۾ لاهِ، چِنڻ ٻِنڌڻ آن جو.

(١٩)

ڪِهن تان ڪَر لهن، ڪَر لهن تان ڪِهن،
سي ئي ماءُ مَهن، سي ئي راحت روح جي.

(٢٠)

ڪِهي سو ڪَر لهي، ڪوئي سو قريب،
اِها عادت سِڪيو، هر زمانِ حبيب،
تِجي سو طبيب، سو ئي راحت روح جي.

(٢١)

ڪِهن ۽ ڪُٺين، ايءَ پِر منڊي سڄڻين،
سوريءَ چاڙهيو سِپرين، ڏنيِ ڏيهاڙي ڏينِ،
وِينا وِره وُٺين، آءٌ واڍوڙيا وِهاءِ تون.

## وائي

ٺيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو.

ٻکي ڏيندمِ ٻاجهہ جي، آڇي شال عجيب،

دارون منهنجي درد جو.

ٻرين آڇي ٻاڻ ڪيو، سندو غور غريب،

دارون منهنجي درد جو.

ڏکندو سيوئي ڏورِڪيو، منجهوُن تن طبيب،

دارون منهنجي درد جو.

آديون عبداللطيف چئي، هاتڪ آهِ حبيب،

دارون منهنجي درد جو.

# يمن ڪلباڻ

## داستان پهريون

( ١ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تونْ درد جي دواءِ،
جانبَ منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحبَ ڏي شفاءِ، ميان! مريضن کي.

( ٢ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جو داروُن،
دوا آهن دل کي، تنهنجيون تنواروُن،
ڪريان ٿي ڪاروُن، جڻ ڪڏهن پڇون نہ ٿئي.

( ٣ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، توهين ڏُکنِ ڏبُّ،
تون ڏِيين، تون لاهيين، تون هادي، تون ربُّ،
آهِي اِيءُ عجبُّ، جڻ واريو ويچ وِهاريين.

( ٤ )

تون حبيب، تون طبيب، تون داروُن کي دردن،
تون ڏيهين، تون لاهيين، ڏاتر کي ڏکندن،
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن آمر ڪريو اُن کي.

( ٥ )

جانَ ڪي ڪري طبيب، دارون هن درد جا،
هٿيو سي حبيب، آکوڙيو آڏ ڪري.

( ٦ )

هڻ حبيب هٿ ڪٿي، ٽيڪ م، تورو لاءِ،
پرين تنهنجي گهاءِ، مران ته مانَ لهان.

( ٧ )

هڻ حبيب هٿ ڪٿي، دل م ٽپي دانهيان،
ڪچان تان ڪوڪ ٿئي، صبر آءٌ نه سهان،
ڪنهن کي ايئن چوان، ته مون کي ماريو سڄڻين.

( ٨ )

هڻ حبيب هٿ ڪٿي، ڀنگا لهي ڀاڻ،
ماکهين مون منهن ٿئي، جهولي وجهان پاڻ،
اِن پر ساڄن ساڻ، مان مقابلو مون ٿئي.

( ٩ )

جت حبيب هٿين، ناڻڪ پري نينهن جي،

تتي طبيبن، وڃا وڃي وسري.

( ١٠ )

هٿي جي حبيب، محبتي ميا ڪري،

پڇان ڪون طبيب، هوند گهائن مين تي گهاريان.

( ١١ )

چوري چنگ، پنگ لهي، حبيبن هنيوس،

پجهان باڻ لڳوس، ڪانارئو ڪر ڪٺي.

( ١٢ )

ڪانارئا ڪٽڪن، جنين لوهه لڳن ۾،

محبت جي ميدان ۾، پيا لال لڇن،

پاڻهي پڌن پنيون، پاڻهي چڪئا ڪن،

وڻان واڍوڙين، رهي آچجي راتڙي.

( ١٣ )

رهي آچجي راتڙي، تن واڍوڙين وڻاءِ،

جن کي سور سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءِ،

لڪائي لوڪاءِ، پاڻهي پڌن پنيون.

(۱۴)

آج ٻن ڪنجهو ڪنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جي ڀڻ ٻيين سنجهہ، هوءِ ڀنيون، هوءِ پٽيون.

(۱۵)

آج ٻن ڪهڙي دانهن، واڍوڙڪي منهين؟
وڃ وراڻي ٻانهن، چوري چاڪ نهاريا.

(۱۶)

ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين،
تاڻين پاسي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

(۱۷)

سدا آهي سور جي، واڍوڙين واٽي،
جيڪا آڻن من ۾، سلن نہ سائي،
اوڙڪ آهائي، ڳوليو لهن ڳالهڙي.

(۱۸)

سگهن سڌ نہ سور جي، تہ گهايل ڪيئن گهارين،
ڀيل پاسو پٽ تان، واڍوڙيل نہ وارين،
ٻر ۾ ٻچن ٻر ٻنءِ لئي، هئي! هنجهون هارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

(١٩)

سڳهڻ سڌ نه سور جي، تا رنڪن رنجوري،
پيا آهن پٽ تي، مٿن ماموري،
لڳين لؤن لطيف چئي، سدا جي سوري،
ٻرت جن پوري، تن رويو وهامي راتڙي.

(٢٠)

آيل آن نه وسهان، هنجهون جي هارين،
اٿيو آب اکين ۾، ڏيهه ڪي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي رون نه چون ڪي.

## وائي

ورسيا ويچ ويچار، دل ۾ درد پرين جو.
اٿو ويچار ۾ وهو، وڇو ڏيئي ڪٽي،
دل ۾ درد پرين جو.
ٻڪي ڏيندا ٻاجهه جي، آيا سور ڏٺي،
آيا جي ء جيار،
دل ۾ درد پرين جو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

## داستان پيو

( ١ )

تَنَ طبيب نہ تون، جو سڌ نہ لھين سور جي،
ڏکِ پنھنجون ڏِيون، ڪَڍ ڪٿي ۽ پيون،
ڪانہ گھرجي سون، حياتي ھوتن ري.

( ٢ )

ڌاريئي دنيا ڪارڻِ ڏِيون، تَنَ جو تون نہ طَبيب،
ايندو آڄ عجيبُ، شادي ڏيندو صِحت جي.

( ٣ )

تَنَ طبيب نہ گڏيا، ڪَنيس ڪويچِنِ،
ڏيئي ڏَنيَ ڏَڏَنِ، پاڻان ڏِيلَ ڏکوئيو.

( ٤ )

آھي گھڻو آگھنِ جو، ترسُ طبِيبنِ،
ڪيو وسُ وِيچِنِ، تان ڪِريءَ ري ڪِين ٿئي.

( ٥ )

ترسَ طبيبن جو، جڏَن ڪيو نہ ذات،
جو وِيچِنِ جي واتِ، دارُوئُا تنھن ڏورِ ٿيا.

( ٦ )

آگھائِي سگھا ٿيا، جي ويئا وِٽ وِيچِنِ،
ترسي طبيبنِ، چيٽي ھولڏ چڱا ڪيا.

( ٧ )

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪري نہ ڪيائون،
جي پنڊ پاريائون، تہ سِکھائي سگھا ٿيا.

( ٨ )

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪري ڪِن نہ پاڻِ،
آگھا اِن آهيجاڻ، پسو! سور سِجھائيا.

( ٩ )

ٻاڙي ويڄ هئام، تان مون سور نہ پڇيا،
تيلاهين پيام، مور يسر آ ڪين ءِ.

( ١٠ )

هاريا تو هِري، ڪِڇ ڪايا سين ڪيو،
ڪرين جي ڪِري، تہ تون توانون ٿئين.

( ١١ )

جي پائين پرينِ مڙان، سِک چوران ڪِي ذاتِ،
جاڳڻ جشن جن ڪي، سک نہ ساري راتِ،
آچي ٻچي آئيا، وائي ڪِن نہ واتِ،
سلي سوريءَ چاڙهيا، بيان ڪِن نہ باتِ،
توڻي ڪسن ڪاتِ، ساڳي سلن ڪينڪي.

(١٢)

تڙي طبيبن، گهائل گهران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ ڇهون ڪري، ڪڙيون مور نه ڪن،
دوست جي درسن سين، ٿئي ٿار ٿپن،
ورچيو ويڄ وڃن، آءُ ته ڀرينم آبهان.

(١٣)

ويڄن ويٺي ئي، دوس ڏٺي در آئيو،
صحت جي سرير ۾، ڪل ڪرين پيئي،
پيڙ پري ويئي، آچڻ ساڻ عجيب جي.

(١٤)

وڏي جن وڏياس، وري ويڄ ئي سي ٿيا،
ترت ٻڌائون پڻيون، روز ڪيائون راس،
هينئڙا تنين پاس، گهارِ ته گهايل نه ٿئين.

(١٥)

هاريا ويڄ، مياس! سڏ نه لهين مور جي،
ڀريان ڪي چوندياس، ته ترس طبيبن ڇڏيو.

(١٦)

ويڄ! م ٻڪي ڏي، آلا! ڇگي م ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪر لاهو ٿي ڪڍهين.

(١٧)

ويھڻ ويجن وٽ، جي سکين ته سکو ٿئين،
آڳين عادت مٽ، ته آگھا! عاجز نه ٿئين.

(١٨)

ھئين ويجن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين؟
سِر ڏيئي ۾ سٽ، ڪوه نه ڪيئي ڏيڙا؟

(١٩)

دارون ۽ ڪارون، جان ڪي ڪيا ويج مون،
ڪي ڏيندا ٻاجھ جي، نهاري نار ون،
جن سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي.

(٢٠)

آگھن مڙي آج، ڪيو سڏ صحت ڪي،
ڏور ڏکندا ٻيج، سهريءَ منهن ڏيکاريو.

وائي

اچي سار لهيج، ساڄن، سور توھانجي آءٌ ماري،
سور تنهنجي جي مران، تان مون ڏوھ نه ڏيج،
ساڄن سور تنهنجي آءٌ ماري.
ڏيسن ٻيري ھتڙا، دارون دوست ڪريج،
ساڄن سور تنهنجي آءٌ ماري.

## داستان ٽيون

(۱)

هئي هئي! وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻکڻ ٻري باھ،
ٻسو مچ مٿاءِ، جي ويساھ نہ وسهو.

(۲)

هئي هئي! وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻکين مکي ٻوءِ،
آچي ٻسو روءِ، جي ويساھ نہ وسهو!

(۳)

کانڌين ڏانڌين ٻاهرين، پچان مر پيئي،
جيرا جگر ٻکيون، سيخن ۾ ڏيئي،
ويچنئون ويئي، ٿي وهيٽي سجٽين.

(۴)

مر جو سچيو سجٽين، پر پيڏيءَ ڏيئي،
کان کرنگهر کپيو، پکن مر ٻڌهي،
جيرا جگر ٻکيون، ٻاساريون پيئي،
ويچنئون ويئي، ٿي وهيٽي سجٽين.

( ٥ )

سَرَ جو سَچيو سَچُڻين، ہَنگا ہاڻ پري،
ويو وُجودان نڪري، ڪِرڪِرُ ڪانَ ڪري،
اَچو پير پري، تہ ڪِ نريو هٿ حبيب جو.

( ٦ )

سَر جو سَچيو سَچُڻين، ہِبهر ہاڻ پري،
چمڪيو سو چوهہ مان، ڪِرڪِرُ ڪانَ ڪري،
جيرا جِگر بَڪيون، لنگهي پيو پَري،
لَگهو جِيءَ جَڙي، تاڻيان تِير نہ نڪري.

( ٧ )

سَرَ جو سَچيو سَچُڻين، سِيگ منجهان ميلو،
تَنگر تڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو ہيلو،
هٿڙ سين حيلو، جانب جِيڏو ئي ڪيو.

( ٨ )

ڏَکايوم ڏئين، چيرو آندر جِندڙي،
لڳي سِيخ وجود ۾، سندي نينهن نئين،
مشاهدي تهين، مون کي وڏو مچ ۾.

(٩)

جي تَتو تَنَ تَنُور جئن، تہ ڇنڊي سانڍ ڇماءِ،
آئي آڳ آدب جيءِ، ٻاري جان جلاءِ،
برقئا اندر بازيون، پنهنجون سڀ پچاءِ،
لچڻ، لؤن لطيف چئي، پڏر هڏ م پاءِ،
متان لوڪ لڪاءِ، وصالان وڃ ٿئي.

(١٠)

آجا تَنوراءِ، ڪالهہ ڪڙياسون سڄڻين،
ٿن تاپائون تڪڙو، وحدت جي وڏاءِ،
محبتين مٿاءِ، مچ مورائين نہ لهي.

(١١)

پچائي پهاڻ، جن رسائيو رڪ کي،
تنين سندو چاڻ، آهي آڳڙين کي.

(١٢)

چڙهيو چڪاسڻ چاءِ، آڳ ٻرندي آئيا،
وهسن واڙيءَ قل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آئي پاڻ آڙاءِ، ڪٺي ڪوري وچ ۾.

(۱۳)

ڏنهه ڏنءِ ڏمڻ وار، اَڄ پڻ آڳڙينِ جي،
ٻاري مَچ مَجاز جو، اوتياٺون آڳار،
ڏوڏيا ٿيءَ م ڏار، جم ڪچو رَڪَ ڪٽيون ٿئي

(۱۴)

ڏوڏا تون نہ ڏنئين، آڳ اوڏو نہ وڃين.
اَلا جي عشق جا، سي تان تون نہ سهين.
اپو ايءَ چئين، تہ آءٌ آڳڙيو آهيان.

(۱۵)

سِرَ ساندائڻ ڪري، پَڇج گهرَ لُهارَ جو،
ڏَڪن هيٺ ڏري، مانَ گَڏينئي رَڪ سين.

(۱٦)

سِهين جئن سانداڻ، ڏڪن متي ڏَڪڙا،
وَهِ وِجائي پاڻ، ڏي ڏَہائون ڏَگرين.

(۱۷)

هئي! ٻرَ آڳارنِ، ٻڏاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪانئيا، ٻيو ڏوڏي منجهہ ڏَکين،
ٻاٽان لُهارن، ميڙي رکيا مچ لئي.

(۱۸)

ٻاريو آڇھائين، پرين آڇھايو ٻارين،
مون کي ڌا مارين، لٽا لھارن جا.

(۱۹)

آڄ آڳڙيا آئيا، سوڌا سِرائي،
پياري پائي، تيغون ڪندا تڪيون.

(۲۰)

آڄ آڳڙيا آئيا، سائو ڪي سڄاڻ،
لاھيندا موريڻ، رک ڪريندا پڌرو.

(۲۱)

سرھا ڏٺم سي، جن ساڇاءِ سِراڻ سين،
تيغ تنين جي ڪي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏھين.

(۲۲)

ڪٽ ڪڙھي، لوھ ٻري، ڌوڌا جت ڏڳن،
مترڪن منھن ڪلڀيا، ماندائيون سڪن،
آڄ ھڻ آڳڙين، ميڙو آھي مچ تي.

(۲۳)

چڪي مڻي مٽن جي، آڳڙيا آيا،
ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورله وڻايا،
گھورن سين گھايا، پيڻ تان پري ٿيو.

( ۲۴ )

ڪانئيا تن ڪٽيون آجهائڻ آونداھ،

جن آندر ٻري باھ، سڌ تني کي سيڪا.

## وائي

جيءَ جيارو، جيءَ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

ٻرين جيءَ ٻچار، سيٽن جيءَ سنيار، جڏڙو جيءَ جياريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

آجيو تن عميق ماڻ، ٻرين پوچ پياريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

مرض مريضن تان، اِشاري ساڻ آتاريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

ڪرم ڪريمن جي مون کي، آهڪيءَ ماڻ آڪاريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

سنئون منهن ڪري سپرين، آئين نرمل نور نهاريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

مائلن جئن سڌ ڪري، آئين طالبن کي تاريو،

منهنجو جيءَ جياريو.

## داستان چوٿون

( ١ )

ايڪ پيالو، ٻہ چٺا، عشق نہ ڪري اينءَ،
ليکيا جي لکڻ ۾، سي قرب رسندا ڪينءَ؟
هٿڙ ڪيا هينءَ، وانجھا پس وصال ڪان.

( ٢ )

ايڪ پيالو، ٻہ چٺا، عشق نہ ائين ڪري،
آئي سي ايڪ ڏيا، جي ڳتا نينهن ڳري،
ڏئي ڌار ڌري، خلق خنجر آئيو.

( ٣ )

ايڪ پيالو، ٻہ چٺا، عشق نہ ڪري آڏ،
ايءَ جا ساعر سڏ، ڪيئي جا قوال سين.

( ٤ )

آکيون اوڏاهين ڪٺي، جيڏانهن قاتل ڪل،
متو ڪن نہ مل، ڀڪ برابر پانهنجو.

( ٥ )

جيڏانهن قاتل ڪوڙ، اکيون اوڏاهين ڪڍي؛
وه تنين جي وڙ، جنين سانگ نہ ساه جو.

( ٦ )

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماڪي جي ڪن،
وٽان ويهي تن، پيچ ڪي پياليون.

( ٧ )

هوندو هڏ م رڪ، لئي پياڪن پانهنجو،
وٽي واٽاڙئن کي، تان پياري پرڪ،
سا لڪ لهي ٿي لڪ، جا تو ايندي آن سين.

( ٨ )

هوندو هڏ م سنڌ، لئي پياڪن پانهنجو،
پوج پيارج پنهيڙا، ويندا وٺيو ڪنڌ،
تہ هٿ تنهنجي هنڌ، موکي کو ماڻ لهي.

( ٩ )

گهڻن ۽ گهڻڪن، وٽيون پين وه گاڏيون،
'برخيز بده ساقي'، پيار کي پرين،
پڪين نہ پرچن، ست تڪيائون منجهيان.

(١٠)

آئي اُتر واءُ، موڪيءَ مَٽَ اُپٽيا،

متارا تنهن ماءُ، اَچنِ مَر مَنباهيو.

(١١)

موڪيءَ مَٽَ اُپٽيا، آڇيا اَڳ ڏارِ،

اِيندا تو دربارِ، وِهِ پيئندا وَٽيون.

(١٢)

موڪي مَنڌَ پيارِ، اونچو اونچي مَٽَ مانُ،

ڏيندي ڏاتارن کي، وَٽيءَ وِجهه ۾ وارِ،

سِر ڪٽي، سَردارِ، اَڳ تنهنجي آئيا.

(١٣)

موڪيءَ مَٽو نہ گهُريا، وِهِ نہ وِهائيا،

مَرڪيءَ ڪاڻِ سيد چئي، آتي ٿي آئيا،

جي ڪالنِ ڪِڱائيا، تن ٻَنِ پاسي ٻَٽيون.

(١٤)

موڪيءَ سندي مَٽَ ۾، سري سَپ پيو،

قضا ڪم ڪيو، ڪونهي ڏوهہ ڪلاڙَ جو.

(١٥)

موڪِيءَ سندي مَتَ ۾، ڪو جو زهر ذرو،
پَنڌ ۾ پوشيدن ڪي، پيو ڪونہ پرو،
مٿو مهاڻن جو، ڪيو ڳهر ڳرو،
اٿڻ ڪِيپ ڪرو، ڪنهن جنهن ڳهر ڳڳانيا.

(١٦)

منهن وِڄهيو مٽن ۾، موڪِي آئِي روءِ،
متارا مري ويا، آڳن آڇي نہ ڪوءِ،
متارنِ ٿون پوءِ، مٽا مَت مِٽي ٿيا.

(١٧)

نہ مي آڳن آڳڙيا، نہ سا مَت سري،
ڪنورا قاتل جا، جن هيتا ٻاڻ پري،
آئِي پهر آلٽيا، ڏرتيءَ مِر ڏري،
ويئي اڄهامي آن جي، ٻئي بس ڪري،
ساريو سور ڇڙي، موڪِي متارن جا.

(١٨)

وِجهج واناڙٽن تي، ميخاني جي ماڪ،
ٽيندي سڏِ سيڪنهين، هنڌِ هنڌِ پوندي هاڪ،
ھِره جا پياڪ، جه مي آڳن آئيا.

( ۱۹ )

سَرِي ڪِينِ ڪيو، وِيڙ موکِيءَ جي ماريا،
ڪو جو سَخن ڪلاڙجو، پِٽي تي پيو،
تهان پوءِ ٿيو، سَرڻ متارن جو.

( ۲۰ )

جَه سي آڳِ آئيا، سرو ڪندا سَچ،
سائِي ٿيندينِ اَڄ، هِي پِيتو، هو آڻِ ڪينْ!

( ۲۱ )

موکِي چوکِي نه ٿِئي، آصل اوڇي ذاتِ،
وَتيون ڏيئِي واتِ، متارا جنهن ماريا.

( ۲۲ )

متارا مري ويا، موکِي تون نه مَرين!
ڪيهِيءَ هر پرِينْ، ڏِکي ڏاتارِنِ ري؟

( ۲۳ )

متارا مري ويا، موکِي تون پِي مَر،
تنهنجو وسَ ڏمر، ڪوله سهندو آنِ ري.

( ۲۴ )

آجا ڪُوڙي ماکِ، مَٽ، ڪُنڪا، ڪَٽ گهٽا،
لاهِي ويهه م لاکَ، موکِي متارِنِ جا.

( ٢٥ )

ڪَنڌ ڪَنارو، مَنهن وَٽِي، عادت جَنِين اِيءَ،
تَنِين تِڪون ڏِيون، جَنبي منجهان جِيءَ،
سَرو تَنِ سَبيءَ، جن حاصل ڪيو حالَ ڪي.

( ٢٦ )

هَٿ ڪَٿيو سَڌَ ڪَري، سوڪِي ماءُ ڳَري،
نہ ڪنهن ماريا جَنگ ۾، نہ ڪنهن سَور پَري،
اوري هٿا تہ آئيا، جَڪِسِ ويا ڀَري،
رُوئان ڪِيئَن ڪري، مادر مَتارن ڪي.

( ٢٧ )

سِرَ ڏيئي سَٽ جوڙِ، ڪنهن ڀِر ڪَلاڙن سين،
ڪاتِي، ڪَرت ڪَپار ۾، خنجر آئي ڪوڙِ،
مَرِتا مَنهن ۾ موڙِ، وَتِي ٿِي وَڌِ لهي.

( ٢٨ )

وَٽ وَٽ وَتِيءَ ۾، مَٽ مَٽ مَنڌَ پيو،
قدرَ ڪيف ڪَلاڙ جو، پِياڪَن پيو،
آچن دَرس دَڪان تي، ڪَنڌَ قبول ڪيو،
سَرها سِرَ ڏيو، چِڪَنِ سَرڪ سَيدَ چئي.

( ٢٩ )

آئي ٿِيءَ آڳار، ڪامي ڪِردارن سين!
پسين سي پتار، پرِ پيئڙءَ جن سين.

( ٣٠ )

ڪلاڙِنئون ڪاءِ، مَت نہ سگين مون هِينئان!
روئندي راتِ وهاءِ، چِڪائيندي ٻُڪيون.

## وائي

سپيرنِ جي سنيار، جڏو جيءَ جِياريو.

ڪرم ڪريمنِ جي، آهڪيءَ وِير آڪاريو،
جڏو جيءَ جِياريو.

سالين جِن ساٿ ڪري، طيرنِ جِن تنواريو،
جڏو جيءَ جياريو.

سمون منهن ڪري سپرين، تان نِرمل نور نِهاريو،
جڏو جيءَ جياريو.

مرض مريضنِ تان، اِشاري ساڻ آتاريو،
جڏو جيءَ جياريو.

## وائي

دوسُ پيهي در آئيو، ٿيو مِلڻ جو ساعيو،
ڏينهين پڇاڙون آئي اسان ڪي، مولي محب مِلائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.
وِيو وِڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واهُ ورائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.
هو جِنهين جو ڏسُ ڏورانهون، اوڏو آڄ سو آئيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.
عبداللطيف چئي، آڇي عجيبن، پاڻ فضل فرمائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

## داستان پنجون

( ١ )

صوفِي سالم سي ويا، جي آڪثر سين آڏيار،
بازِي بازندن ڪي، آهي آو بسار،
پريانْ سين پهڪار، رِنديءَ رسائي ڪيا.

( ۲ )

صوفيءَ مير مَيِنَ ۾، جِئن رَکِنِ ۾ ساھ،
سا نہ ڪري ڳالهڙي، جئن ھريون ھروڙي پساھ،
آھِس اِيءُ گناھ، جي ڪا ڪري پڌري.

( ۳ )

صوفي چائين، سڌ ڪرين، صوفِنِ ايءَ نہ صلاح،
ڪاني رک ڪلاھ، آچلي وِجھ آگ ۾.

( ۴ )

جي ڪلاھ رکين ڪنڌ تي، تہ صوفي سالم ٿيءُ،
وِھ وٺي ھٿ ڪري، ھر پيالو پِيءُ،
ھنڌ تنين جو ھيءُ، جن حاصل ڪيو حال ڪي.

( ۵ )

صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو،
تِھانءُ ھوءَ ٿيو، جِثري پسڻ پرينءَ جو.

( ۶ )

صوفي لاڪوفي، ڪونہ ڀانئس ڪير،
منجھان ٿي منجھ، وِڙھي، ھڏ رِ نہ آھِس ھير،
جنين ساٿس وير، ٿئي تنين جو واھرو.

( ٧ )

ڏني ڏکويا، آڻ ڏني راضي رهيا،
صوفي تئن ٿيا، جئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

( ٨ )

جسي ه جبار جو، خفي خيمون ڪوڙ،
جلي تون زبان سين، چارئي پهر چور،
فڪر سين فرقان م، اسم آعظم ڏور،
ٻيا در وڃي م ووڙ، ايءُ آملهه اٿئين سيجهي.

( ٩ )

عالم آءُ ساڻ، پريو ٿو پير ڪري،
پاڻ نہ آهي ڇاڻ، مانڊيءَ منڊ پڪيڙيو.

( ١٠ )

طالب ڪثر، سونهن سر، آندر روميءَ راءِ،
ماڙهو اِتِ ڪياءِ، منڊ نہ پسين منڊيو!

( ١١ )

طالب ڪثر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جيءَ روءِ،
جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ١٢ )

طالب ڪثر، سونهن سر، روميءَ ڇيو آهي،
تاڙي جي لاهي، تہ منجهين مشاهدو ٿئي.

( ۱۳ )

طالِبَ ڪَنَرَ، سُونهن سر، اِي رُومِيءَ جي رِهاڻِ،
ڀِهرِين وِڃائِڻ ڀاڻِ، پسڻ ڀوءَ پِرينِ کي.

( ۱۴ )

طالِبَ ڪَنَرَ، سُونهن سر، اِيءَ رُومِيءَ جي راحت،
جَنِين ڏِنِي سَتَ، تَنِين ڪُڇيو ڪينڪي.

( ۱۵ )

طالِبَ ڪَنَرَ، سُونهن سر، اِيءَ رُومِيءَ جي اوطاق،
جي پُڇي دَرِ فراق، تہ مُنجهيين مُشاهِدو ٿئي.

( ۱۶ )

ظاهر ۾ زاني، فِڪر منجهہ فنا ٿِيا،
تَنِين کي تعليم جِي، ڪِرِہ آندر ڪالِي،
حَرَف حَقانِي، دَورِ ڪِيائون دِل ۾.

( ۱۷ )

جن کي دَورِ دَرد جو، سبق سور پڙهنِ،
فِڪَر ڦِرهِي هٿ ۾، ماٺ مُطالع ڪنِ،
پَنو سو پڙهنِ، جنهن ۾ پسن پِرينِ کي.

( ١٨ )

وسريوم سبق، ڀڙ بن سٽ نہ سنئيران،
آڇا هيءَ ورق، هٿَي مطالع نہ ٿيو.

( ١٩ )

ڪيو مطالع مون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تونهين تون، ٻي لاتِ نہ لحظي جيتري.

( ٢٠ )

سا سٽ نہ سارين، الف جنهن جي آڳ ۾،
ناحق نهارين، پنا پيا پڙين لئي.

( ٢١ )

سا سٽ سارياٿون، الف جنهن جي آڳ ۾،
'لامقصود في الدارين'، اِن ۾ آتاڻون،
سگهر سوئاٿون، ٿيا رسيلا رحمان سين.

( ٢٢ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهين جي،
آئيون تنين ڪي، واڌايون وصال جيون.

( ٢٣ )

ٿيا رسيلا رحمان سين، سگهر سونهيون جن،
منجهان تن جسن، حرف نہ مڃي هيڪڙو.

( ۲۴ )

آکَرَ پڑھي آيا ڪِنا، قاضِي ٿِئين ڪِنا،
پيرين ۾ پائِيين، اِهڙا اِيئن نہ آءَ!
اِنَ سرڪِيءَ سندو ساءَ، پُڇ عزازِيل کي.

( ۲۵ )

عاشق عَزازيل، پيا مِڙئي سَڏڙيا،
مَنجهان سِڪ سبِيل، لَعنتِي لال ٿيو.

( ۲٦ )

جو مون پڙهيو پاڻ لَئي، سَبق سابِق جو،
پهرين سَچاتم پانهنجي، نَفس جو لِهو،
جت عِرفان آصل ۾، تِي روحَن روز ڪيو،
وَرِي وَرَق پِيو، گَڏيم وِڏ وِصال جو.

( ۲۷ )

آکَر چَئي هيڪڙي، ٻهون جي نہ پڄهنِ،
ڪوهہ ڪبو ڪي تَنِ، سَچِي سَٽائي ڪالهڙِي.

( ۲۸ )

پڙهيو تا پڙهنِ، ڪَڙهنِ ڪِين قلوبَ ۾،
پاٽان ڏوهہ چڙهنِ، جِنِ وَرق ورائِن وِترا.

( ۲۹ )

پڙهيو پڙهيجاهه، سبق اِنهيءَ سور جو،
مِيم رکجا مَن ۾، اَلِف تنهن آکياهه،
چِتا چوريجاهه، اِها لاتِ لَطيف چئي.

( ۳۰ )

آ کَر پڙهه اَلِف جو، ورق سڀ وِسارِ،
اَندرُ تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

( ۳۱ )

ڪوڙين ڪتابَ ۾، حَرف پڙهو نِي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ، ته بِسمِ الله نِي بس ٿئي.

( ۳۲ )

جو اَلِف ڪان اوري ٿيو، اَلِف آهو ئي اهه،
لوڪان تون لِڪاءِ، ته داخل ٿِئين نه دالَ سين.

( ۳۳ )

جِئَن جِئَن ورق ورائيين، تِئَن تِئَن ڏُنو ڏوهه،
تنهن ڪهڙيءَ ڪِبو ڪوهه، جي رهڻيءَ رهيو نه سپرين.

( ۳۴ )

ڪوڙين ڪتابن پڙهين، جزون جانْ ڪي تانْ،
پهتيءَ ريءَ پريانْ، سوڌي ساڃاه نہ ٿئي.

( ۳۵ )

ڪاتبَ، ليکين جِئَن، لايو لامُ الِفَ سين،
آسان سَجَڻَ تِئَن، رهيو آهي رُوحَ ۾.

( ۳۶ )

ڪوهُ ٿو ڪاڳر ڪورِئين، ويٺو وِڃائين مَسُ،
ڏورِ تِنائِين ڏَسُ، آکَرَ جِنائِين جَڙيا.

( ۳۷ )

تِهڙا چاليها نہ چالِيهہ، جِهڙو پسڻ پرينءَ جو،
کِهڙي ڪاتبَ، تون ڪرينْ، مٿي هِنن پِيهہ،
جي ورق وارين وِيهہ، تہ بہ آکَرُ آهوئي هيڪڙو.

( ۳۸ )

شَهرَ ڏِسي سَرهو ٿِئين، ڏِٺئي نہ بازارِ،
جو وَکَر وَکارَنِ ۾، ڏِڪيو کهڙيءَ ڏارِ،
تون تِنينْ سين گهارِ، تہ لَهين لَکَ لطيفُ چئي.

( ٣٩ )

تن ڪذي، من حجرو، ڪيم چاليها رک،
ڪه نه هوچيو هوچڻين، آئي ٻهر آلک،
تان تون پاڻ پرک، سيڪنهن ذانهن سامهون.

( ٤٠ )

سيڪنهن ذانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهِ،
آحدا جي آرک ٿيا، سي ڪائر ڪِبا ڪاهِ،
محب منجهين من ماهِ، مون آچاٽندي آجهيو.

وائي

ونڙيو هوت وڃن، وو! جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

آءٌ جنين جي آهيان، ڪڙي مَ ٿيان تن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

گهوريان گهڻين پتيين، سندي پاڇه پين،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

مر مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

آءٌ ميائي گهورئي، جي سان محب مِلن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

## وائي

وسارج م ويڻ، جوڻ ۾ ٻي ڏينھڙا.

لوئيون سھڻ لوڪ جا، وھائيءَ ٿيون ويڻ،
جوڻ ۾ ٽي ڏينھڙا.

اصل آسارڻ جا، سڄي وڙا سيڻ،
جوڻ ۾ ٽي ڏينھڙا.

جيڏيون، جي ماڻ وسھو، ننڊ م ھيريو نيڻ،
جوڻ ۾ ٻي ڏينھڙا.

راتڙيون جاڳڻ جي، سي آءُ ڪندڙي سيڻ،
جوڻ ۾ ٽي ڏينھڙا.

آڏيءَ رات آئي ڪري، جھل تون ننڊان نيڻ،
جوڻ ۾ ٽي ڏينھڙا.

## داستان ڇھون

( ۱ )

دائو ڏي ڏيون ڪري، رڪن ڪونھي رنگ،
گھوڙيءَ ھيٺ آينگ، ڪاھيو پاڪرئين ھٿي.

( ٢ )

دانودي ڌيون ڪري، رڪن ڪونهي چيت،
گهوڙيءَ هيٺ نچيت، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.

( ٣ )

اوقابيل! آکين ۾، توکي ٻاري ٻان،
اِيو آڪرايون ڪرين، ماڪ هٽيو مستان،
جانب تون زيان، آکين مين ايذا ڪرين.

( ٤ )

اوقابيل آکين ۾، توکي تکا تير،
ساڄن! اِنهي سيگ مين، قنيئي گهٽا فقير،
پيو ۾ مارج مير، تنهنجو پهريون ٿي هورو ٿيو.

( ٥ )

اوقابيل آکين ۾، تير تکا توکي،
ساڄن اِنهي سور جي، ڪل نہ آ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي، چاڙهي لوه لطيف چئي.

( ٦ )

اوقابيل آکين سين، تير چلايا تو،
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نہ ٿئي.

( ٧ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سِپر رکَ،
مَنهن ۾ معشوقن جا، چاڪَ چَنڪا چِڪَ،
سورِي پائُ ۾ شڪ، عاشق ٿِيءُ تہ اُبهين.

( ٨ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سِپر ڏِيجِ،
مَنهن ۾ معشوقن جا، جهالو ٿِي جهلِيجِ،
پاهان ڀڳ ۾ ڏِيجِ، عاشق ٿِيءُ تہ اُبهين.

( ٩ )

جي هو پائِنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ نِٽِي ڏج سِينو،
ڪجي نہ ڪِينو، وڃي در دوستن جي.

( ١٠ )

پائي ڪانَ ڪمانَ ۾، مِيان! مار ۾ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ٿِي توکي لڳي

( ١١ )

ڪيو چِڏِينِ ڪانَ، هڏِ نہ هٽائينِ ٿا،
ٿيا جي نِيشان، تہ پهرئين سان پورا هٿا.

( ۱۲ )

لوري ڇت لڳوم، آت آيوئي آهيان،
سوره پرين سندوم، مان ٻاجهائي ٻيو هٽي.

( ۱۳ )

محبت جي ميدان ۾، عاشق ٿيءُ آڃام،
سهان سل سيد چئي، ڪندئي تير تمام،
ڪهج ڪوم ڪلام، جم دوسنئون دور ٿئين.

( ۱۴ )

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پيان،
سر وڍڻ، ڏڙ ڏار ڏرڻ، اي سينگار سندان،
ڏيندا مون ڏنان، مٿا محبوبن لئي.

( ۱۵ )

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگرين، مٿان ڪڇئين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ۱۶ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو سانگ م ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، دوسن آڳيان ڌر،
عشق نانگ آهر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٧ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو ڪر م سانگ،
سوريءَ سپرين جي، چڙھ تہ نئين چانگ،
عشق آهي نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٨ )

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي ھُو ڪاھي،
چڏ آسانگا آرواح جا، لاھوتي لاھي،
عشق نانگ آهي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٩ )

عشق نہ آهي راند، جئن ڪيلن ٺا ڳيرو،
جيءُ جسي ۾ جان جي، پچي جو ھيڪاند،
سسي نيزي پاند، آچل تہ پہ آڏ ٺئي.

## داستان ستون

( ١ )

عاشقن الله جي، محبت رکي من،
سندي سڪ پرين، تن ۾ آهي تن جي.

( ٢ )

عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
’فاذڪروني اذڪرڪم‘، تن ۾ اها تات،
انهن ڪان ڪي سات، سڄڻ ويل نه وسري.

( ٣ )

عاشقن الله، ويروتار نه وسري،
آهه ڪريندي ساههِ، ڪڏهن ويندو نڪري.

( ٤ )

عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيبائي هيڪڙي.

( ٥ )

عاشق ايئن نه هون، جئن تون سڄين اکڙين،
وڃي در دوستن جي، رت ڏيهائي رون،
ٻيءَ پر ڪنهن نه پون، ماڪر محبوبن سين.

( ٦ )

جان عاشق مٿي رت، تان دعويٰ ڪري ۾ نينهن جي
سائو منهن، سونهن وئي، سڪڻ ايءَ شرط،
نه ڪي گوڏ گرت، مٿان سر سؤدا ڪري.

( ٧ )

آچا تو منجهاءِ، ڪک ڇڻي رَت نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهليندين گهاءِ،
سو تون ڪجاڙئاءِ، سِڪڻ جون سَڏون ڪرين.

( ٨ )

سِڪڻ اِيءَ نہ سَڏ، جئن لِڪيو لياڪا پائين،
پئي پرِيان جي نہ پِيين، مٿي آگَڻ آڏ،
اِيءَ پڻ ڪوڙي سَڏ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ٩ )

سِڪ نہ آهي سَٽِري، ڪَڻ پروڙي پير،
ڪسڻ ڏاران ڪير، ڪري سَڏ سِڪڻ جي.

( ١٠ )

دردَ نہ آئني دل ۾، تہ سِڪڻ ڪر م سَڏَ،
پئي پِريان جي نہ پِيين، آگَڻ مٿي آڏَ،
اِيءَ تان ڪوڙي سَڏ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ١١ )

سِڪڻ ۾ سوري، پِڇي اڪرِ هيڪڙي،
وِهڻ واٽڙين تي، ڪارڻ ضروري،
پِنهين جي پوري، جيءَ ڏني ريءَ نہ ٿئي.

( ١٢ )

جي ڪين سِگهن سِڪ، نانءَ پسن سِڪنديون،
ٻاسي تنين م لِڪ، نينهن نہ سَڃاڻن جي.

( ١٣ )

جي لياڪا لوڪ جا، جانءِ جانءِ سي نہ لياءِ،
تانءِ تانءِ ٿئي نہ ماءِ، ٻورو پسڻ پرين جو.

( ١٤ )

عاشِق، معشوقن جي، وٺي ويهہ ڪري،
جم ورچي چڏيين، سندي دوست دري!
ڏيندا ٻڪي ٻاجهہ جي، ويندءَ تپ ٽري:
آسان ٿان نہ سري، تو ڪئن سري سپرين؟

( ١٥ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج سير،
اچي پچندءِ پاڻهي، پرتان پري پير،
پلائين جو پير، رهبر ٿيندءِ راهہ ۾.

( ١٦ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج در،
اچي پچندءِ سپرين، لهندءِ سر سير،
پلائيءَ جو پير، رهبر ٿيندءِ راهہ ۾.

( ١٧ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهه دڪان،
هٿ پيش پرين جي، پٽيءَ وجهي پاڻ،
ته تون تنين ساڻ، سدا رهين سرخرو.

( ١٨ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج گهٽ،
جم ورچي ڇڏيين، موڪيءَ سندو مٽ،
ڪري سر جي سٽ، پيسج ڪي پياليون.

( ١٩ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج رند،
پياريندءِ پاڻهي، ميخاني جو منڊ،
ڪيم ڪيج تون ڪنڊ، اوڏو ٿي آن ڪي.

( ٢٠ )

عاشق چؤ م آن کي، م ڪي چؤ معشوق،
خالق چؤ م خام تون، م ڪي چؤ مخلوق،
سليج تنهن سلوڪ، جو ناقصيائي نه گيو.

## وائي

سپرِيان جي سونهن جي، ڳالھ ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي سورِيءَ سِر هڃي،
عاشق آنکھن چڙھيا، ٻيو سڀڪو ڀڄي،
ڀڄج پوءِ پريتون، ڀِرين سِر سڃي،
عاقِل ٿِي اوچون ٿيا، پورو ڪين پڄي.

## داستان اٺون

( ١ )

هر هر هرائي، وڃڻ دَرِ دوستن جي،
ٻاڙي ڏانهن ٻرينِ جي، آجَ م آوائي!
آلڙ تِي م آچ تون، واڻاڙِن وائِي،
لائيندءِ لطيف چئي، سوران سرهائِي،
ڳجھو ڳالهائي، ٻرتِ وَنجي ٻاڻ ٨.

( ٢ )

جان جان ناھ ضرور، تان تان ناھ طبيب ڪو،
جه سو سرِيو سور، تہ ڪر وهج ورِ ڀيو.

( ٣ )

سُورَ جَنِين کي سَريو، سَري تَن صِحت،
مِٺِي مصيبت، آهي عاشقنِ کي.

( ٤ )

سي ٿي سُورَ طبيب، جَنين سُورنِ سَچ ڪيِ،
جو لِکيو هَتِ لطيف چئي، سوئي ڪنِ قريب،
جي نَوازيا نصيب، دارونءَ سي درست ڪِيا.

( ٥ )

جي پياري ہاڻ، تہ ڪرهو ٿي ہاڻي ہين،
آڪِي اِن نِياڻ، آڻ ڪوٺيو ڪون گهڙِي.

( ٦ )

آڻَ ڪِي عيان نہ ٿئي، ڪِي ہَروڙي ڪونَ،
سَچِي جيهِي سونَ، مِنهن نہ پيئي ماڙهين.

( ٧ )

آڻَ ڪِي عَيان نہ ٿئي، ڪِي ہَروڙي ڪونَ،
سا سَهين تِهِي سونَ، آمرَ عَطا جَنهن جو.

( ٨ )

جيڪِي ڏنائون، سو سان ڳِنّ ڳِنڍِ ٿيو،
سون کي ہچيائون، توڪِي اِنهِي توڪ سين.

( ٩ )

جيڪي ڏنائون، سو سِرَ ڏيئي سَهُه چنڊڙا!
مَ چئو چنائون، اِي پڻ ڳَنڍيو سڄڻين.

( ١٠ )

جيڪي ڏنائون، سو سَيونِي صِحت،
مَ چئو آزار آن ڪي، مَ ڪِي مُصيبتَ،
ڪَهڙي قَربت، جو ڪونڌ پر پرينِ جي.

( ١١ )

چِننِ توءِ مَ چِڻُ، ماءِ آميري آنِ مين،
جي هو آوڳڻ ڪنئي، آسنهين! تون ڳُڻائي ڳِڻُ،
پاند جهليو تون پِڻُ، هِنَ سَنهاري سَڳ ۾.

( ١٢ )

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَرَ وڏو ڏَڪَ،
مَنجها صبر سَڪ، جي سَنواريا! سَمجهين.

( ١٣ )

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَرَ ڏ ولائو،
ٽيڻي ساجائو، جي آپِين اِنهِين مِر تي.

( ١٤ )

ڏمو پاسو ڏک سپن، ڪانڊ ڪنوري هوءِ،
والله مع الصابرين، آگو ايهين چوءِ.

( ١٥ )

ڪم! ڪمندن ڪٿيو، هارايو هوڙن،
چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

( ١٦ )

ڪمندڙن گهر ڪين، چوندڙ چڱا نہ ٿيا،
ويٺيون ويڏ پئي، هٿ نہ اچي ڪين.

( ١٧ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان ورائي،
آڳہ آڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند م پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

( ١٨ )

هو چون ٿي، تون م چئو، واتان ورائي وڻ،
ميني سپن سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،
ڪانڊ وڏياڻي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي.

( ١٩ )

ڪنين ڪين پرائيو، ڪيني منجهان ڪين،
جي هو سٽائي سيگ، تہ زهر ڇني جوکو ٿئي.

( ٢٠ )

سڀئي ويٺ ڪنن سين، ورائج ۾ وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِيءَ گهري،
تن مچي ساهه سري، جن ماريو نفس ماٺ سين.

( ٢١ )

چوندن ڪيم چئيج، ويٺ ورائبي سامهون،
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر ڪي ڏيج،
ويٺ ۾ ورائيج، ته سڀ دِر سهاڳي ٿئين.

( ٢٢ )

آڻ چوندن ۾ چئو، چوندن چيو وسار،
آٿ ئي پهر ادب سين، ڀر اِهائي پار،
ڀايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي سنجهه وهار، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.

( ٢٣ )

ڪيئن مائيندا من ۾، خودي ۽ خداءِ،
ٻن ترازين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!

( ٢٤ )

جنين سنديءَ ٻوڏ ۾، پتو پتين جيءَ،
تون! تنين سين ٻيءَ، اوڏا آڏي ٻڪڙا.

( ٢٥ )

ويئي جَنين وَتِ، ڏَکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ٿِئي سَتِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

( ٢٦ )

ويئي جَنين وَتِ، ڏَکندو ڏور ٿئي،
تون تَنين مين ڪتِ، اوڏا آڏي ٻِکرا.

## وائي

يارَ سڄڻ جي فِراق، ڙي جيڏيون آئون ماري!
در دوسنِ جي ڪئين جو هوندا، مون جيها مُشتاق،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
جانِي ڪاٺي محبوبن جي، آهِ حسن جي هاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!
سرمو سهي ڪر آڪين جو، خاص ٻريان جي خاڪ،
ڙي جيڏيون آئون ماري!

## داستان نائون

( ١ )

پتنگن پهه ڪيو، مِڙيا مٿي مچ،
ٻسي لهس نه لِڇيا، مڙيا مٿي سچ،
سَندا ڪِڇين ڪچ، ويچارن وِڃائيا.

( ٢ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، پسي مچ ۾ موٽ،
سهائي سپيرينِ جي، گهڙ ته نيهن گهوٽ،
آچا تون اروٽ، کوري خبر نه لهين.

( ٣ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته جيري پئو جاٽي،
تان تان تانئج تو ڏي، جان آڳ نه آجهاٽي،
وسهه وِهاٽي، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٤ )

پتنگ چاهين پاڻ کي، ته آچي آڳ اجهاءِ،
پڇڻ گهڻا پڇائيا، تون پڇڻ کي پڇاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نه ڏجي عام کي.

( ٥ )

پڇ پتنگنِ کي، سنديون ڪامڻ خبرون،
آئيو وِڃڻ لِءِ جيءُ پنهنجو جي،
ڀري جنين جي، لڳا نيزا نيهن جا.

( ٦ )

پِري پَتنگ آئِيا، سِري وَٽ ساهِي،
آچي پيا آگِ ۾، ڪَڏي سڀ ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٺان ڪوڙي وِچ ۾.

( ٧ )

پِري پَتنگ آئِيا، سِري سَهائِي جهلَ،
ڪندا ڪَنڌَ آچلَ، متو ڏيندا مَچ کي.

( ٨ )

پِري پَتنگ آئِيا، مَٿي مَچ مِڙي،
وِيندا تان نہ ڦِري، متو ڏِيندا مَچ کي.

# ڪنيان

## داستان پهريون

( ١ )

پلائيءَ جا پير، پيشانيءَ ۾ پرين جي،
اگهن آکنڊين جي، ڏي پاڻهي پير،
قمر ڀاڙي ڪير، شمس سپرين سين.

( ٢ )

پلائي آميز. پرين پلائيءَ پانهنجي،
سپاجها سر چڙهيو، ڏورا هو نه ڏين،
مان ڏي مديون ٿين، سجڻ سڄاڻ ۾.

( ٣ )

مَت تو ٻسين پرينءَ ڪي، تون چنڊ آهونئي،
آڏت چيچ آن ڪي، ڏيانءَ جو رونئي،
هيڪانديءَ هونئي، سانگ ۾ پوي سڄڻين.

( ٤ )

مَرُ هيڪاندا هونِ پرينءَ، سانگِ ۾ وَڃنِ سينڻ،
رَهيا آهينِ روحَ ۾، نِتَ جَنينِ جا نينڻ،
وِماسِيا جَنِ وينڻ، تو تارِيءَ تـِکِي تَنِ هينئُون.

( ٥ )

ڪِلان تان ڪامي هِينئُون، رُوئان تان راندِ،
آکِڙِيُون وِسالِدِ، پرِينءَ گَڏِجِي ڪَندِيُون.

( ٦ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، ٻَنهِين وَڏو ٻَنڌ،
هَلندي حَبيبنِ ڏي، ڪَرَها موڙ ۾ ڪَنڌ،
ٻَنڌڻ سوئِي ٻَنڌ، جو پَهچائِي پِرِين کي.

( ٧ )

راتِ سَهائِي، پُون سَنئِين، پائِي گهرجي پَلَ،
آهرَ ۾ اِيلاچِيُون، چَندَنَ چَرِي چَلَ،
مُون تو سين ڳالهڙِي، ٻِئِي ڪَنهِين ۾ سَلَ،
هاهَر ڪَندو هَلَ، تَہ ڪِجابُون ڪَرَنِ کِي.

(٨)

راتِ سهائي، پون سنئين، پرت نئين، هنڌ پورِ،
ميا! محبوبن جي، هلي وانءُ حضورِ،
جي چڙڪن چِت ۾، سي ڪئن سجڻ ڏورِ،
الله لڳِ آسورِ، آتان ئي تِي آءُ تون.

(٩)

اَجُ ڀڻ آچائي، چوڏهينءَ ماه چنڊ جي،
مون گهر مون پرين جي، آچڻ جي وائي،
مون گهرِ واڌائي، پيئي ڪام ڪرڻ ۾.

(١٠)

اَجُ ڀڻ آمارو، چوڏهينءَ ماه چنڊ جو،
مون گهرِ مون پرين جي، آچڻ جو وارو،
سجڻ سوپارو، پيچ پنيءَ گهرِ آئيو.

(١١)

چوڏهينءَ چنڊ آپريو، آوٽيه سيس عام،
مٿس ناهِ ملام، جيڪين هچين هچ سو.

(١٢)

چوڏھينءَ چنڊ تون اڀرين، سھسين ڪرين سينگار،
ھلڪ ٻريان جي نہ ارين، جي جيلن ڪرين ھزار،
جھڙو تون سڀ چمار، تھڙو دم دوست جو.

(١٣)

سھسين سجن اڀري، چوراسي چنڊن،
بالله، ري ٻرين، سڀ آونداھي پانئيان.

(١٤)

چنڊ! تنھنجي ذات، پاڙيان تان نہ پرين سين،
تون آچو ۾ رات، سجڻ نت سوجھرا.

(١٥)

چنڊ! چٽائي تنھنجي، سياھيءَ ۾ سور،
لايان لال لڳن کي، چنڊن پري پور،
ڪوماڻو ڪپور، مون واجھائيندي پرينءَ کي.

(١٦)

چنڊ لڳينئي منڊ، سنجھيئي ميخ ٽيين،
ڪر آونداھي آنڊ، تہ ملان محبوبن کي.

(١٧)

چنڊا چئين حق، جي وڌين جي وچرين،

۾ آکيون نيو نڪ، تو ۾ ناه پيشاني پرينءَ جي.

(١٨)

چنڊ چئين سچ، جي مڃين نه پائيين،

ڪڏهن آيرين سنهڙو، ڪڏهن آيرين ڪچ،

سنهن ۾ پريئي مچ، تو ۾ ناه پيشاني پرينءَ جي.

(١٩)

ڪٿي نينءُ خمار مانءُ، جانءُ ڪيائون ناز نظر،

سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،

تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،

جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

(٢٠)

اونداهيءَ اَڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،

چنڊ ڪتن سان، پيهي ويو پڙلاو ۾.

(٢١)

تارا تيليءَ روءِ، لڏا لالن آيرئين،

جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سجئين.

( ٢٢ )

توڏانهن گهٽو نهاريان، تارا تيلاهين،

سڄڻ جيڏاهين، تون تيڏاهين آيرئين.

( ٢٣ )

هن تاري، هن هيٺ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ئين نہ ڪڏهين.

( ٢٤ )

هن تاري، هن هنڌ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڪوڙا ئين نہ ڪڏهين.

( ٢٥ )

هن تاري هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،

سڄڻ ماڪيءَ ساءِ، ڪوڙا ئين نہ ڪڏهين.

( ٢٦ )

تارا، تر، ترو ڪٽيون، سٿين ڦلڙيون،

ڪوءِ! سي راتڙيون، جي مون پرينءَ پچاڻان پيئيون.

وائي

جيڏيون! هيءُ ضرور، آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

سکهو ساعت نہ جندڙو، آئي پهر ملور،

آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

مَن ۾ مشتاقن جي، ساڄن! تنهنجو سور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.
پرين آءٌ نہ پڄڻي، ڏيہ پريان جو ڏور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.
وڃي ويل سيڪهين، هينئڙو پرينءَ حضور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

وائي

(٢)

اَگڙ آيم پيهي، يا آلا! مون سارينديي سپرين.
مشڪ عطر مون پرين، سڪيس جنم سپيئي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
تون جنين جو طالبو، روح تنين سين ريهي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
ساڄن سنديءَ سولهن جي، آءٌ ڳالهہ ڪريان ڪيهي؟
يا آلا! مون سارينديي سپرين.
تيو لطف، لطيف چئي، دوس آيو در پيهي،
يا آلا! مون سارينديي سپرين.

## وائي

( ٣ )

وِهلي وَنءُ ۾ وِهامِي، رَهه راتِ، رائِيندِيس پرِينءَ کي.

شمع ٻَرِيندِيسِ شَبَ ۾، اِنَ خوشيءَ کان کامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

بابوٽَنِ مَنديءَ باھِ جِهَن، ٻَران شالَ اُجهامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

پِرتِ جا پِيتم جِي، سا ڪِين ٿُروَڙي عامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

مون کي مون پِرِين جو، آهي دَردُ دوامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

هو جو لَنوَن، لَطيفَ چَئِي، مون کي آهِ مُدامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

روشن ٿيا رَڃنِ ۾، جي هَئان لنوَن اِنهين لامِي،

رَهه راتِ، رائِيندِيس پِرينءَ کي.

ڪاري ما قيام مٿين، هوت جنهن جو حامي،

ره راتِ، رائيندِيس ٻرينءَ کي.

آيم تنهن لوڪ سين، جيسين مان چونِ سوامي،

ره راتِ، رائيندِيس ٻرينءَ کي.

## داستان ٻيو

(١)

ناسِيندي نِگاهه، ٻهرين ڪِج ٻرينِ ڏي،

احوالَ عاجِزنِ جا، آکِج لِڳِ الله،

روز نِهارِنِ راهه، اکيون اوهان جي آسري.

(٢)

ناسِيندي نَظَر، ٻهرين ڪِج ٻرينِ ڏي،

قمر ڪهج قَرِيب کي، نستَ آءٌ نِبَر،

ٻِي پيٽِي ناهِم پَر، آکيون اوهان جي آسري.

(٣)

ناسِيندي ترتِ، ٻهرين ڪِج ٻرينِ ڏي،

قمر ڪهج قريب کي، ساري ساڻ سُرتِ،

ٻِيو پروسو نہ پِتِ، آکيون اوهان جي آسِري.

(٤)

ناسيندي نھار، ڀِرين ڪِج پِرينِ ڏي،
آءٌ جي ڏِٺين سنيھا، چَئج چنڊ آھار،
ساجن! سڀ چمار، آڪيون اوھان جي آسري.

(٥)

چڱا چنڊ! چئيجِ، سنيھا ڪي سجڻين،
مٿان آگڙ آيري، ڀِرينِ جي پيِچ،
جھيٽون ڳالھائيج، ڀِرين وِجھي ھٿڙا.

(٦)

آءٌ جي ڏِٺين سنيھا، مي تون چنڊ! پَلءِ ٻنڌ،
چَئج حال حبيب کي، نَئِي نوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏاھين پَنڌ، جيڏانھ عالم آسرو.

(٧)

آيُر چنڊ، ٻس ڀِرين، تو اوڏا، مون ڏورِ،
ڀِرين آءٌ نہ ڇجئي، ٻاڦل ڏٺي نہ ڀورِ،
جنھن تي چڙھي آسورِ، سجھي سجڻ سينئيان.

( ٨ )

آءُ آڪنديائي مُران، پرين پلاءِ، پر ڏور،
بابل ڏٺي نہ ٻور، ٻنڌ نہ جوڳي پيڙي.

( ٩ )

ڏٺي! ڪرينديـن ڪڏهين، حياتيءَ هيڪاندِ؟
من ۾ مشتاقن جي، ڪي رنجائي راندِ،
پرين ڏيساندر پاندِ، ڳجھ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١٠ )

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير؟
آچي لالن نہ ڏيهن، متي ملنگن پير؟
تي ورونهن وير، ڳجھ ڳرهيان ڪن سين؟

( ١١ )

وڏڙو ۽ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ! ٻنِ! پلاٽيان، اولاٽيو نہ آئيي.

( ١٢ )

پلاٽيان پيو، اولاٽيو نہ آئيي،
جيڏانهن وڪ ويو، آيو ترسي اوڏهين.

( ١٣ )

ڪَڙهو نہ ڪي ڪانَ، پيرين آءٌ نہ ٻُجهي،
جو سون رات رسائي، نيئي ساڄن سانُ،
سون نہ وَهيٺو پاڻ! وِيئي نيڻ نچوئيان.

( ١٤ )

ڪَرها! ڪَسرَ ڇڏِ، وِڪون وجھ، وڏنديون،
هيڪر حبيبن سان، مُون کي نيئي گڏِ،
مڇڻ پونئي هڏِ، آهون آڪنڊين جون.

( ١٥ )

ڪَرها! ڪَسرَ ڇڏِ، وِڪ وَڏندي پاءِ،
مُنهنجو هلڻ آتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندنِ چاريان، ٻيو وَکَ لائي ڪاءِ،
اِيهين آتُ! اَتاءِ، جِئَن هوندي‌ءَ رات مَت مڙون.

( ١٦ )

ڪَسرَ ڇڏ ڪنواتَ، وڪون وجھ وڏنديون،
سِفَين سِپِرينِ جِي، وِنگي پانءِ مَ واتَ،
ڇڏ جهوري، ڏي جهاتَ، تہ هوندي‌ءَ رات مَت مڙون.

( ١٧ )

ڪَرها، ڪَرَ سَجاڻ، پيڻڪو ۽ پانهنجو،
آصل آهي آنهنجو، ناليرو نِڌاڻ،
ڪَرها، اسان ساڻ، ڪِي چانگا ڪِج چڱائِيون.

( ١٨ )

مَيا، مَج مِنَتَ، آج مُنهنجِي ڪَرها،
جھا ڳِيندي جَر پِنِيون، مَتان ڪَرئين ڪَت،
سِپيريان جي سَت، سون ڪي نيڻِي ميڙِئين.

( ١٩ )

چندن جا چوپا ڪري، چري نہ مصريءَ منگ،
آڪِين مٿي آنگ، مِي ڪي محبوب جا.

( ٢٠ )

آئي بِڌم وَڻ جاءِ، مانَ مَسڪريون چري،
ڪَڌاتورو ڪَرهو، لِڪيو لائِي ڪاءِ،
اِن سِيي سِندِي ماءِ، سون ڳالهڙِين ڳوڙها ڪِيا.

( ٢١ )

چانگا چندن نہ چَرِين، سَيا پِيين نہ موڪ،
آگَر اوڏو نہ وَجِين، تَڪيو چڏِيين توڪ،
لاڻِي وِچان لوڪ، تو ڪِهڙي آڪر آئڙي.

( ٢٢ )

ڳِلِ ڳانا ياقوت جا، موتين ٻڌيس مال،
ڪڍيئي جي ڪرها، هيڏي هائين حال،
چندن چارئين جال، جي مون رات رسائين.

( ٢٣ )

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجهه مهار،
چانگا چندن چارئين، آئي ٻهر آهار،
سندي ٿئي پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٤ )

ميا! تو مهار، سچي پايان سون جي،
چارئين چندن چونئيون، نايو سيندي ڏار،
سندي ٿئي پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٥ )

اٺ نہ وحي وڳ سين، چري نہ لائون،
ميي کي مجاز جو، توهي ۾ ٺائون،
پتاري پائون، مرندي سين نہ ميو.

( ٢٦ )

آتَ نہ وڃي وَڳَ سين، چَري نہ چانگو،
لَڳَيسِ نانَگ نِينهن جِي، نِهوڙيو نانگو،
چِڏي سِر سانگو، رِڙهي رنڊِ پِرينِ جي.

( ٢٧ )

وِيهِي مَنجهِينْ وَڳَ، ڪٺوريءَ ڏارَ چَري،
ماءُ! مَنهنجي ڪَرهي، پَڌَر پَهُڳَ نہ لَڳَ،
جَڳَ سين جهِڙو جَڳَ، هِينئين سين هَٺ چَري.

( ٢٨ )

پُورَ نہ چَري پورَ، چَڏيو تَور تَڪون ڪَري،
مَونِينْ هِٽي مونِيو، ڪَرهو رات ڪَپُورَ،
مَيو نِيو مَخمُورَ، چندَنْ چَکِي آئيو.

( ٢٩ )

آجَ نہ آڪِيءَ ڏارَ، ڪرهو جِنَ ڪالهہ هَئو،
اگر آيو نہ ڪَري، ٻاهوري ٻَچارَ،
جيڪس مَنجهہ قَطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وَہِ جي.

( ۳۰ )

مٽي ماڪاٺي، وڏو وات وڻن ڪي،
خبر ٿي ڪيت ڏٿن ڪي، وڏوٽا واهي،
ڪرهي ڪاڪت چڏبي، وريس نہ وائي،
چانگي چريائي، وئي ويچاري وسري.

( ۳۱ )

ٺيون لهي ٺهاءِ، جي تو چانگا چنيون،
ولڙيون وه ساءِ، آجا تو مهنديون.

( ۳۲ )

تو نير، ڏهه ڏاوٽيون، هنڌرهن پيڏ پياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، چرڪ چنائين هيڪڙي.

( ۳۳ )

تو نير ٻائي، جان مون هينئڙو جهليو،
وڻڙو چنائي، پونئين رات پرين ڏي.

( ۳۴ )

ڪائي نہ ڪنٿهار، چندن جا چوپا ڪري،
آگر اوڏو نہ وڃي، سر ڪنڌ لهي نہ سار،
لائي جيءَ لغار، ميو متارو ڪيو.

( ٣٥ )

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪِنن پنهوالئين ڪَرها،
اڪين منجهي آڪيا، ٻڙ ۾ پير گناءِ،
وڪِب ڪِي وِسرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽي وهين.

( ٣٦ )

وٽي سيٽ سوٽ، پاءِ پنهنجي ڪرهي،
وليون واس ورنيون، ٻهريون منجهي ٻٽ،
چانڪي چڪي چٽ، تہ ٻوءِ نہ رهندو پينڌ ري.

( ٣٧ )

ڪين جو ڪيڏاهين، چانڪو چِڪي آئيو.
تاڻيو تيڏاهين، نيٽ چِنايو نڪري.

( ٣٨ )

ڪرهي ڪي ڪنين، وِڌم پينڌ پلڻ جا،
ليڙو لاڻيءَ ڪي چري، نير ساڻ نئين،
چانڪي سندي چِٽ ۾، صاحب وِجهہ منئين،
اوباهيوسِ آئين، لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ۳۹ )

ڪرها توکي ڪام، مون سچو پسي سڄيي،
مان پروڙي مام، ساڳاهي سڻئين وهين.

( ۴۰ )

آئي آڙائينس، چڏيو تہ چيڪ ٿيو،
ڪارايان، ڪڙيو وڃي، پلاڻي پائينس،
ڏاوڻ تنهن ڏائينس، جنهن چري ۽ چمڪهي پٿو.

( ۴۱ )

دو دستي، دو پير، سيني سنگهر رک جي،
ماءُ! منهنجي ڪرهي، تازي قلن هير،
تنهن ڪامڻ ڪندي ڪير، جو منهين وٽ مس رهي

( ۴۲ )

ڪنيانڙي تڙ وري، آيي تڙ واجهاءِ،
مان آچهون ڪاءِ، سواڏائي سڄڻين.

( ۴۳ )

چانگي چئي چڪياس متاء آڪ نہ آلهي،
جنهن ول گهٽا وهائيا، آن سين آر لڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پڇي هوج پياس،
راڙي رت ڪياس، هن ڪڏاتوري ڪرهي.

(٤٤)

جئان ڪوڙ ۾ ڪاٺيون، پنجين لڪين ٻاهه،
ميو تنهن ماڳاهه، ڏيهاڙي ڏار چري.

(٤٥)

جئان ڪوڙ ۾ ڪاٺيون، پنجين لڪين پن،
تئان چاڙهي چڪيون، ميي رتو من،
تنهن ول سندو ٻن، ڪوماڻو ڪوڙين لهي.

(٤٦)

لڪ لاڪيٽو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڳڏوم،
آڳڻ سونهن ٿيوم، ملهه مهانگو م چئو.

(٤٧)

لڪ لاڪيٽو ڪ هو، ڪوڙين ڏيئي چوڙ،
اِها سٽ سيد چئي، جنهين تنهين جوڙ،
ترت رساڻي توڙ، جه پلاڻيو ته پرينءَ ميڙي.

(٤٨)

لڪ لاڪيٽو ڪرهو، ڪوڙين ڏيئي ڪاهه،
ايلاچيون آهر ۾، ٻوڄ ميي ڪي ٻاءِ،
ڪٽ نه ڪندو ڪاءِ، جه پلاڻيو ته پرينءَ ميڙي.

## وائي

( ١ )

آهيم ڪالهڙيون، ماءُ مرادون پرينءَ سين.
جي مان پييون پرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتڙيون،
ماءُ مرادون پرينءَ سين.
جي مان اوريون پرينءَ سين، ور سي راتڙيون،
ماءُ مرادون پرينءَ سين.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، هاتيم جهاتڙيون،
ماءُ مرادون پرينءَ سين.
آذيءَ، عبداللطيف چئي، ڪهن ڪاتڙيون،
ماءُ مرادون پرينءَ سين.

## وائي

( ٢ )

سڌين سيڄ نه هون، نينهن نياپي نه ٿئي،
ڪاريءَ رات رت ڦڙا، جان جانڻ نيڻ نه رون،
نينهن نياپي نه ٿئي.

سونهن جنين مِهٽون، پر تي مينهن پون،
نينهن نياپي نه ٿئي.
جن مسافر سپرين، سي مر رويو رون،
نينهن نياپي نه ٿئي.

## وائي

( ٣ )

توڻي تڙپين تون، يا آلا! تو در توءِ نه ڇڏيان!
مون کي سو مشاهدو، جي منهن نه ڏئين سون،
يا آلا! تو در توءِ نه ڇڏيان!
سون پيا در گهٽا نهاريا، آهين تو ئين تون،
يا آلا! تو در توءِ نه ڇڏيان!

# سورٺ

## داستان پهريون

( ١ )

آلله جي آس ڪري، هليو هٿائين،
چارڻ ٻڌا چنگ کي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏنائين،
وينتي واحد در، تنهن دم ڪيائين،
"سباجها سائين! راءِ ريجهائين راڳ سين."

( ٢ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاچڪ آيو جت، سر جيئون صدائون هٿ.

( ٣ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هيءَ،
مال نه مڱي منگڻون، جاچڪ گهري جيءَ،
"وڃ، وهلو ٿيءَ، ساعت صبر نه مهان."

( ۴ )

”پرديسان پنڌ ڪري، ھلي آئيو ھون،
اونچو تون عرش تي، آءٌ پورو مٿي پون،
ڪيئن تسندين تون، ھيءُ سر سوالي مڱڻون.“

( ٥ )

”پرديسان پنڌ ڪري، آيس آڳاھينءُ ماءِ،
جي وھاڻيءُ ويرم ٿئي، ته مون ھينئڙي ھلاءِ،
سونھارا سورٿ ور، ڳالھ ھينئين سين لاءِ،
سو مڱڻھار ملھاءِ، جو وڃان ويرين آئيو.“

( ٦ )

”پرديسان ھنڌ ڪري، سٽي آيس شان،
مڱان ڪھڙيءُ مت سين، نسورو نادان،
سو ڪو ڏياريين ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.“

( ٧ )

”سرديءُ سالم نه رھان، گرميءُ ٿيان گداز،
امن ڏيج امان تون، سائل ھٿي ساز،
ربابيءُ کي راز، خالص ڏيج خليل جو.“

(٨)

”سرديءَ سالم نہ رهان، ڪوميي سهان ڪان،
آمَنَ ڏيج آسانَ تونَ، دورِ ڪري پيا دانَ،
پانڊپ! ڪائي پانَ، وِجهج پِڪ پينار تِي.“

(٩)

”تو دِر آيس راڇيا، جاچڪ وٽي جيءَ،
ڪنا ’نارُ حاميه‘، هاڻ بچائج هيءَ،
والِي ڏِيارئي وِيءَ، جِت آهِ ’جنّاتَ عدن‘.“

(١٠)

”تو دَرِ آيس راڇيا، هِهڙو وَٽِي حالَ،
اونائيج عليلَ جو، سپاجها! سوالَ،
اَڳيِ مٿي آنهنجي، ڪهي ڪي قوالَ،
پلاَ! ڪري پالَ، آمَنَ ڏيو آنَ کي.“

(١١)

”تو دَرِ آيس راڇيا، پِيا دَر ڪري ڏور،
سائلَ تو سين هٿي، هردمِ آنَ حضور،
پيو نہ مڱي مور، آمَنَ ڏيو آنَ کي.“

(۱۲)

”تو دَرِ آيسِ راڄيا، ٻيا دَر دورِ ڪري،
دولهہ تو درٻارِ ۾، آيسِ ٻِير ٻري،
مَڱڻون آئون نہ مال جو، مُنهنجو پَنڌ پري،
وري ڪين وري، مٿي ڌاران مَڱڻون.“

(۱۳)

”تو دَرِ آيسِ راڄيا، ٻيا دَر ڏِٺِي ٻَنِ،
ڪهان جو ڪَماچ سين، سو سَڻ سَباجهي ڪَنّ،
جا مَڱَ مُنهنجي مَنّ، سا توکي مَعلُم سيڪا.“

(۱۴)

”ٻيا دَر ڏِٺِي ٻنِ، آيس تُنهنجي دَرِ،
سونهارا سورٺ ور، ڪا مُنهنجي ڪرِ،
ڀلا! ٻيري ٻرِ، ٻالهو ٻانڌ ٻينار جو.“

وائي

تنهنجيءَ تند تنوار، يار! مون مَن موهيو.
مِلهي آئيس مَڱَڻان، گَجي ۾ گِرنار،
يار! مون مَن موهيو.

مِرجي صَدا چڏِ تون، ڏِياڻءِ ڏيج آپار،
يارا! مون مَن موهيو.
دانَ ڏِيـاڻءِ ڏهـرا، هـزاريـن هـزار،
يارا! مون مَن موهيو.

## داستان پيو

( ١ )

جاجڪ جُهونا ڳَرَهَه ۾، ڪو عَطائِي آيو،
تِنهن ڪامل ڪَڍي ڪِينرو، وِڄهي وَڄائيو،
شَهر سَڄوئِي سَر سين، تندُن تپايو،
دايون ڏرِ مانديون ٿيون، ٻاين ٻاڏايو،
ٻِيجَلَ ٻولايو، تہ آهيان سَوالِي سِرَ جو.

( ٢ )

ساري راتِ صاحبَ کي، ڳَرهَه پُر ڳايائين،
آئَس ماڻِڪ مينهن جئَن، هتِ نہ چِتائين،
تي لائِق لَڌائين، جِئَن هو ميراثِي مَڱڻون.

( ٣ )

نِرتي تَنڌ نِياز مين، پِيجل پِرائِي،
راڳا رَتولَنِ ۾ وَرنائِي وائِي،
ڪونايائين ڪوٽ ۾، پارِٽ پاجھائِي،
راڳا، راڳائِي، ھَرِ دونِي ھيڪ ٿِيا.

( ٤ )

نِرتي تَنڌ نِياز سين، پِرائِي پِيجل،
راڳا رَتولَنِ ۾، آونائي اَمل،
راز ڪيائين راءَ سين، ڪِنهن موچاريءَ مَهل،
’انا اَحمَد بِلا مِيمِ‘، سين هَنئِي سائِل،
ڪِنهن ڪِنهن پيئي ڪَل، تہ هَرِ دونِي ھيڪ ٿِيا.

( ٥ )

ڪِنهن ڪَنهن ماڙهئين، پيئي ڪَل ڪائِي،
رَسِيا جي رَمزَ ڪي، تَن پارِسِي پائِي،
’اَلاِنسانُ سِرّي وَ اَنَاسِرہٗ‘، وَرتِي اِيءَ وائِي،
راڳا، راڳائِي، ھَرِ دونِي ھيڪ ٿِيا.

( ٦ )

راڄا رنگ محل ۾، جاڄڪ مِر زمين،
جا هنيائين هٿن سين، سا سڀ بالا بين،
جت اچڻ نہ آردابيگيون، آت ڪوٺايو آمين،
"تازي ڏيوس تڪڙو، جوهر پائي زين،"
هيو مگڻي ڪين، داران مِر سيد چئي.

( ٧ )

راڄا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪاريا مڱڻي، طرح ٿنڀي ڪي تان،
"مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪان،
ڪارڻ رب رحمان، مِر وڏي، سلطان ڏي."

( ٨ )

مِر جي هٿائين هليو، چارڻ چتائي،
سو سوڙا جهلي نہ مال جا، تو ماڱڪ موٽائي،
"تو دَرِ آيس تي، جڻن تو ناهِ نہ سکيو."

( ٩ )

”ھانئي ھت ڪٿان، مون تان مور نہ مڱيو،
تازي طبيلن ۾، گھوڙا گھر گھٽان،
ھاٿيءَ ڪارڻ ھيڪڙي، آن ڪا تند ھٿان؟
جا مٿي تو مٿيان، تنھن سر جو آھيان سيڪڙو.“

( ١٠ )

”جي سيرائي مڱٽان، آئون پڻ منجھان تنءِ
ڪين ڪہ منھنجي ڪين، ارٿ منجھاران آن جي.“

( ١١ )

”ڪا جا ڪالھہ ڪري، پيجلٿا ٻڌاءِ مون،
پيٺين جڏن ڪرنار ۾، تندن تان ڪري،
ڪي تو ھنڌ پري، ڪي مڱ جھليندين مڱتان!“

( ١٢ )

”مڱ نہ جھليان مورھين، نہ مون پنڌ پري،
ڪٿي آيس ڪالھوڙي، ڪجھي تو ڪري،
سا سمجھيج، سورٺ ور، ويندس ڪين وري،
پريان پير پري، تو لئي آئيو آھيان.“

( ١٣ )

مَگَ نہ تسي مَگڻون، نہ ملڪ، نہ مال،
ڏانئڻون ڏور ٿئي، ڪا جا ڪِنس ڳالھ،
آهي اِنَ خيال، تہ ڏيئي ٿيان ڏاتار سين.

( ١٤ )

سَرَ مَگَيي، سَرَ گھري، سَر ريءَ ٿئي نہ صلاح،
غريبنئون نہ گذري، تو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪڍي ساہ،
خالقَ سنجھ، صباح، ڪون ڇڏيندو ڪٿهين.

( ١٥ )

سوٽي، مگڻهار! شال م آچين ڪڌهين؛
آئي پهر اَجلَ جو، ڪنہو سنجھ ڪپار،
جنهن تو سي چمار، هنيا ڇٽ ٻئن سين.

واٽي

ڏنو راءِ ڏياچ، هيءُ سر صاحب تان صدقو.
ڇڏي هليو هتهين، راڻيون، پنهنجا راڄ،
هيءُ سر صاحب تان صدقو.

آگهيو ڏر آلله جي، ڪوڙين هنس ڪاج،
هيءُ سِر صاحب تان صدقو.
مگي وتو مگڻي، ڪهي سان ڪماچ،
هيءُ سِر صاحب تان صدقو.

## داستان ٽيون

( ١ )

ڪينءَ جو ٻيجل ٻوليو، ڀِني ويهي ڀان،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
"آءٌ مڱڻهار، مڱڻان! مقابل ميدان،
گهوريان لک، لطيف چئي، تنهنجي قدمن تان قربان،
متو هيءُ مزمان، هلي آءٌ تہ هت ڏيئين."

( ٢ )

آءٌ مڱڻهار مڱڻان، جڙهي ۾ جوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو، راجا منجهہ رتول،
ٻيجل توسين ٻول، وهائيءُ وڏڻ جي.

( ٣ )

محلين آيو مڱڻون، ساز ڪٺي سرندو،
سر جي صدا سر ۾، گهور ڳٺي گهرندو،
ڳٺي ريءَ سلوڪ جي، چارڻ نه چرندو،
جهوناڳڙه جهرندو، پوندي جهانءَ جهروڪ ۾.

( ٤ )

محلين آيو مڱڻون، ڪٺي ساز سري،
لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري،
هنڌين ماڳين هوءَ نه ئي، تنهنجي، بيجل! دانهن پري،
جهوناڳڙه جهري، پوندي جهانءَ جهروڪ ۾.

( ٥ )

ڏاتار ۾ مڱڻي، ڪرڻ وسيلو وڇ،
ساني تال تندن جي، سائي چارڻ چت،
جي هتي، جي هت، ته ڳالهه مڙئي هيڪڙي.

( ٦ )

”جاجڪا! تو جهاره ڏه ڀيرا ڏياچ ڇني،
جنهن ۾ سال نه سريءَ جيترو، تنهن تون طمعدار،
جي آڇيئي ڪم ڪپار، ته ويه ڀيرا وڍي ڏيئين.“

( ٧ )

”ڀِلي ڀِئي پارَ، جان سون ٻِيڻِ هٿِي اُهارِيا،
چوري رَکِيمِ چِت ۾، ڏِسِين جا ڏاتار،
هِيءَ سِر توهان ڌار، پِيچي ڪِنهن نَ ڀوليو.“

( ٨ )

”سو جِيءَ، مَڱڻهارَ! م هوءِ، جِنهن تو سَٿي سِر سَنُو ڪيو،
جو سون مَلِ سورِ نَ سِپجِي، تان جِي سو ڳُهرِيوءِ،
تَ جَڳان جَڳِ ڏنوءِ، ڏوڻڳو ڏاتارَنِ کي.“

( ٩ )

”مَٿو مَٿائِنِ ڳهورِيان، مَٿو تو مَٿان،
سو سون ٿِئي نَ هَٿان، جِنهِن تون لائق، مَڱڻان.“

( ١٠ )

”مَٿو مَٿائِنِ ڳهورِيان، مَٿو تو مَٿاءِ،
هَڏو هِيءَ هَٿ ڪَري، جاچڪ وَهِلو جاءِ،
تون سين آنيراءِ، جِم واچا ۾ وِلهو وَهين.“

( ١١ )

”سؤ سِرنِ ساٽي، جي تَند برابرِ توريان،
اَتَل اوڏاهين ٿِئي، جيڏانهن پيچل ڀرائي،
سکٿون هَڏَ آهي، سِر ۾ سِجهن ناهِ ڪَينَ.“

( ١٢ )

”مٿي آتي منهنجي، جي هٿا سِرَ سو هزار،
تہ تنهنجيءَ تند تنوار، هرهر وڍيم هيڪڙو.“

( ١٣ )

”مٿي آتي منهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ واريو واريو وڍيان، سڀيءَ کي سو وار،
تہ پڻ تند تنوار، مونهان مٿائون، مڱڻان!“

( ١٤ )

”جو تو ڏيڻ، ڏياچ! لاهيو اِي سِر سيڪو ڏي،
ڪين ناهِ جهڙو ڏي، جو سند ٿئي سواليين.“

( ١٥ )

”ڏيڻ گهڻون ڏهلو، سڀي ڏيڻ سڪ،
سو تان، ڏياچ! ڏک، جو تعلق رکي تند سين.“

( ١٦ )

”جو تعلق رکي تند سين، سو ڪين پلؤ پاءِ،
سون کي م سوناءِ، آنءُ آڪاهون آئيو.“

( ١٧ )

هيي هاٿ پر ٿيو، سندو جادم جود،
”مڱ وهائيءَ، مڱڻان! مٿو هير موجود،
باڪ آهي بود، ناڪسيءَ نابود ٿ.“

( ۱۸ )

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، رمي رهيو رات،
صدا جي سيد جني، واڻي ڪيائين وات،
ڏيهه ڏنا تنهن ڏات، سيين مڱڻهار ڪي.

( ۱۹ )

چارڻ چنگ ڪلهي ڪري، پير پري پاتا،
صدا جي، سيد جني، واڻي ڪيائين واتا،
تنهن تي راڄ راضي ٿيو، ڏل وڏي داتا،
مرڪي مڙ ماتا، روڙي راهه ڏياچ جي.

واٽي

مٿو ڪ ڪنڪار، يار! ڏاڻ ڏيندو سٽين، مڱڻان!
جاجڪ! جهونا ڳڙه ڪ، هل ته ٿيهون يار،
ڏاڻ ڏيندو سٽين، مڱڻان!
ستان ڪا منهنجي ڪريين، ڪلا جي گفتار،
ڏاڻ ڏيندو سٽين، مڱڻان!
مٿي آئي منهنجي، جي هون سر هزار،
ڏاڻ ڏيندو سٽين، مڱڻان!

هر هر وڏيان هيڪڙو، تنهنجيءَ تند تنوار،
ڏاڻ ڏيند وسئين، مڱڻان!
لڄيندي ٿو لاهيان، ڪينهي منجهه ڪپار،
ڏاڻ ڏيند وسئين، مڱڻان!

## داستان چوٿون

( ١ )

ريءَ مصلحت مڱڻان، قصر ڪين آچن،
نور تجلو نور سين، نميو نيڻ ہسن،
خيمي ۾ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سندا ڏاڻ ڏسين،
تيلانهون ملڪ ڏٻن، مڃيو مڱڻهار کي.

( ٢ )

"مر تہ آئين مڱڻان، مام پروڙي سون،
جيڪا ڳاهه ڳالهائيين، سا سڀ سمجهيسون،
تنهن ۾ تسبح تون، جيڪين ہوني ہت ۾."

( ٣ )

"چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آهہ اِيءَ،
هٿِي آيو هٿن سين، جھرو رکيو جيءَ،
راتِ منهنجو رِيءَ، ڪاٽيو تو ڪماچ سين."

( ۴ )

"تانَ نہ آهي تندَ جو، روَن روَن ڪري رازَ،
هنڌڙ سندا هٿڙا، سيڪو چئي سازَ،
ستِ ڏيئي شهبازَ، نِيءُ نہ توڪ پرائيين."

( ٥ )

تندَ تنهنجي تانَ، ڪهيو سو قبولَ پيو،
سِرُ تہ آهي سِتِ ۾ ٻيو ڪِي مڱج دانَ،
خاڪ مِٽيءَ جو بانَ، ڪاٽيان ٻوءِ ڪجھ ناهي.

( ٦ )

"چارڻ! ٻولج ڪِينَ ٻيو، جو گھرٻئي سو گهوريان،
هر، سورت نہ پڙي، جان تندنِ برابرِ توريان،
ڪجهي آهيم ڳالهڙي، آءٌ اوري تان اوريان،
ڪِ ڪلهنئون ڪوريان، ڪِ، جاجڪ! جسي سين ڏيئين؟"

( ٧ )

چارڻ چنگ، ٻنگ لهي، وڃايو وڏاڻ،
سِر تان هَڏ آسانَ، ٻر مَڱڻهار مٿي وهي.

( ٨ )

"ڪِجهه ٻنهنجي ڪِجهه سين، رِند! رسائي لاءِ،
آجل آيو آهِ، ٻنيءَ تو ٻلائيو."

( ٩ )

"وڌِ سِر ٿيءَ سرهو، ۾ ڪين آهي، ۾ ڪاڻ،
جاچڪ! تو متاڻ، ملڪ مڙوئي گهوريان."

( ١٠ )

نيئي ٻرچيا ٻاڻ ۾، تند، ڪنارو، ڪنڌ،
"تنهن جهوني ناهِ ڪين، جو تو چارڻ ڪيو ٻند،
ايءَ شڪر الحمد، جئن متو گهريئي، مڱڻان!

( ١١ )

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واجو ولاتي،
هنئي تند حضور ۾، تنهن ٻارس ٻراتي،
ڏمندي ڏياچ ڪي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪڍي تنهن ڪاتي، وڌو ڪرڻ ڪپار ۾

(١٢)

ڳل چنو گرنار جو، ھٿن ٽيون ٻڌين،
ڇيسين سورٺ جھڙيون، آپيون اوسارين،
چونا چارڻ ھٿ ۸، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناز ڪرين: "راڃا رات رمڪيو!"

(١٣)

ٻاسنگ جنھن پيش ڪيو، تنھن ڏنو ڪين ڏياچ،
متو نيئي ماچ، وڃي ڏور، ڏک ٿيو.

(١٤)

ڏنو ڪين ڏياچ، تو سائل سڪائي،
منھن تي موٽائي، مٿو ھنيس مڱڻي.

(١٥)

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما ھٿيا ڪنگھار،
ٿيو راڳ، روپ سو، لڳي تند تنوار،
سو ڏٺين ٻئين ٻار، پسوا راڃا راضي ٿيو.

(١٦)

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما ڪٿيا ڪنگھار،
نہ ڪو راڳ نہ روپ ڪو، نہ ڪا تند تنوار،
ٿيان ھوءَ مڱڻھار، ڏنو سر ڏياچ ڪي.

## وائي

آلوداع ! ووا آلوداع ! ووا آلوداع ! جاني ڪيوءِ جدا،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

هن تون تند طريق جي، ووا واڄٽ سڀ واري،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

سورٺ سرتن وچ ۾، ووا آئي اوساري،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

”ڏيندو ساڻءِ“ ڏياڄ ڇئي، ”هيءُ سِرُ سينگاري،“

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

هيءُ جو آيو مڱڻون، سو متارا ساري،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

ڏوس دوستان دور ڪيو، تو ڏيا ڏيکاري،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

ڪند سنهنجو ڪاٽيو، نينهن سندي نعري،

هئي هئي! سورٺ ٿي ساري.

# آسا

## داستان پهريون

(١)

لکان ٿي لاحد ۾، هادي لهان نہ حد،
سپيريان جي سونهن جو، نہ ڪو قد نہ مد،
هت سِڪ بي عدد، هت پرين پروا ناهہ ڪو

(٢)

"آءٌ" سين آن پار، ڪڏهن تان ڪونہ ٿيو،
"اِنَّ اللهَ وِترٌ يُحِبُّ الوِترِ" ٿيئي ٻيائي ٻار،
هيڪڙائيءَ وٽ هار، هنجون جي 'همہ' جون.

(٣)

ٻن ٻيائي سپرين، پاڻان سون ڪي پل،
"آءٌ" اوريان جهل، توکي رسي "تون" ڏٺي.

(٤)

توکي رسي "تون" ڏٺي، سيوئي جمال،
ڪونهي ٻيو خيال، جي شارڪ شڪ وڃائيين.

( ٥ )

”آۃ“ اوريان جهل تون، ڇڏيم پاڻ ٻچار،
شرڪ ساڻ ستار، ڪهڻان ڪهاريم ڏينهڙا.

( ٦ )

عين شرڪ ايءُ، جڏن ٻي شرڪ پاڻئين پاڻ ڪي،
وڃائي وجود کي، پاڻان پاسي ٿيءُ،
هڏهين ڪونهي ’هيءُ‘، ’هو‘ پڻ ڪينهين هن ري.

( ٧ )

هو پڻ ڪينهين هن ري، هي نہ هنهان ڌار،
”اَلاِنسَانُ سِرِّي وَ اَنَا سِرُّہٗ“ پروڙج ٻچار،
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

( ٨ )

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها،
جن سڃاتو سپرين، سي وڃڻ کي ويا.

( ٩ )

”انا عبد“ معبود تون، اِت نہ ڪو شرڪ نہ شڪ،
ٻچارون پرين جون، محبتين مرڪ،
سو سيوني حق، جنهن ۾ پسڻ پرينءُ کي.

( ١٠ )

سِرُ نايو سجدا ڪرين، تَنُ تَواضع تو نہ،

هو جو مڙڪو من جو، سهجان سارين سو نہ،

ڪوڙا ٽِيندءِ ڪون، ڏوڻين ڦوڪڻي فائدو.

( ١١ )

جانءِ جانءِ پسين پاڻَ کي، تانءِ تانءِ ناهِ نمازُ،

سَڀِ وِڃائي سازُ، تهانءِ هوءِ تڪبير چئو.

( ١٢ )

جانءِ جانءِ پسين پاڻَ کي، تانءِ تانءِ ناهِ سجودُ،

وِڃائي وجودُ، تهان هوءِ تڪبير چئو.

( ١٣ )

وِردَ وظيفا وسِريا، نہ ڪا رهي نمازُ،

هينئڙو بحريءَ باز، چوري ڪيو چنبن ۾.

( ١٤ )

نابوديءَ نيئي، عيدَ کي آعليٰ ڪيو،

مورت جي مخفي ٿيا، صورت بہ سيئي،

ڪبي آت ڪيهي، ڳالهہ برہان جي ڳجهہ جي.

( ١٥ )

تعظيما ترڪ ٿيا، واجهاڻيان ويا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهہ ڪا.

( ١٦ )

ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي، ڳالهہ مڙيائي ڳجهہ،
هينئڙا اُجهہ ۾ منجهہ، تہ پرينئان پري نہ ٿئين.

( ١٧ )

صورت سوجهہ ۾ تنهن جي، تون ئي پڇين جو،
سخن آهي سو، جو منهن مقابل نہ ٿئي.

( ١٨ )

سڄاڻي نہ صورت ري، صورت هڏ ۾ سوجهہ،
ٿي پاراڻي پوجهہ، وڃائي وجود کي.

( ١٩ )

سي فاني ٿيا "في الله" ۾، جن وڃايو وجود،
نہ تن قيام نہ قاعدو، نڪين ڪن سجود،
جيلانهن ٿيا نابود، تيلانهن رسيا بود کي.

## وائي

ڀريئون ڀوءِ، موٽي، موٽي م وِهامي رات،
راهه رمندڙي روءِ.
ڦوڙائو فقير کي قادر ڪوهه ڏنوءِ؟
راهه رمندڙي روءِ.
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، سيٽن سانگ نه ڪوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
آڇي اورانهون ٿئي، شال ساجن سانگ سندوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
ويٺي وات نهاريان، مَن ڀرين ڀاڄهه ڀوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.

## داستان ٻيو

( ١ )

آڀرندي سج، ڀرين جي نه ڀسنديون،
ڪڏي ٻيٺي ڏج، آکڙيون ڪانگن ڪي.

( ٢ )

آڀرندي سج سان، ڀرين جي نه ڀسنديون،
ڪڏي ڪي ڪانگان، نوالا نيڻ ڏيان.

( ٣ )

مون کي آکڙين، وڏا ڳورا لائيا،
تہ ھڻ پرين پسن، ڪٿان جي ڪر سامھيون.

( ٤ )

نيرانان ٿي نيڻ، نيئي آڇ پرين کي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جي ڏٺو منھن محبوب جو.

( ٥ )

تن نيڻن ڪي نيران، جن ساجھر سڄڻ پيکيا،
تہ جيءُ جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.

( ٦ )

آکيون علي الصباح، دوست ڏيکڻ آئيون،
آپينديون آرداس ۾، ٻي نہ ڪنديون ڪا،
رچنديون ري ڀاھ، ھرچنديون پرين سين.

( ٧ )

ڪي جو ڪيڏانھين، آکيون ڏسي آئيون،
تاٿين تيڏانھين، ھيون ھاڻ مھاڙيون.

( ٨ )

ڪي جو ڪنهين پارِ، آڪيون ڏسي آئيون،
تيون ديوانيون دل ۾، آهر لڳين آرِ،
تهان پوءِ قرار، ستيون ڪين سيد چئي.

( ٩ )

ڪي جو وڃي اَڄ، آڪيون ڏسي آئيون،
سيڻن جي سڄ، لالون ڪيون لطيف چئي.

( ١٠ )

ڪي جو وڃي ڪالهه، آڪيون ڏسي آئيون،
لالون ڪيون لطيف چئي، جانب جي جمال،
ٿيا نين نهال، جنين دلبر ڏٺو.

( ١١ )

آکين کي آهين، عجب جهڙيون عادتون،
سور پرائي ڏيهه جا، وڃيو وهائين،
آتي لنئون لائين، جت حاجت ناه هٿيار جي.

( ١٢ )

آکڙين آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
هيون منجهه حمام، ڪائيون ڪوري وچ ۾.

( ١٣ )

آکِين کي آئون، جانْ کي جهلون پائيان،
لتاڙي لوڪ کي، ساڄن سونائون،
سون کي ملائون، پاڻ پرچي آئيون.

( ١٤ )

آکِين کي آهين، وڏا وجهه، وڙهڻ جا،
منڍي آييون مامرو، جهيڙو نہ لاهين،
جنِ سي ڪڪر آپ ۾، آکيون تنِ آهين،
جهڙ ڙِ نہ لاهين، وسن سانونڻ مينهن جئن.

( ١٥ )

آکيون تان عيد، ڪانهي عيد آکِين ري،
خوشي ۾ خريد، ويئي ويچارين وسري.

( ١٦ )

آکڙين آرو، مونهان پڇي نہ ڪيو،
آتي وڃي آڙيون، جت چوڻ نہ چارو،
هينئڙو ويچارو، وائون جهليو وجهلي.

( ١٧ )

وَسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَڻَ لِئِي،
جِئَن جِئَن ٻِرين پسنِ، تِئَن تِئَن نَشا نِينهَن جا.

( ١٨ )

وَسَنِ ۽ وِهسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَڻَ لِئِي،
ڏِيئِي ڏِسِي آئِيوَن، توءِ تَلاشُون ڪَنِ،
ڍِايُون نَہ ڍِاهِنِ، پَسَڻَ مَنجهان پِرِينِ جِي.

( ١٩ )

ڏَسَنِ ڏِيهاڙِي، توءِ تَرسَنِ اوڏَهِينِ،
آيا سُجاڻِي، نِيڻَ نِهارِي پِرين ڪِي.

( ٢٠ )

لَڌِي آيا لَعلَ، پِيرَنِ سين پَنڌَ ڪَرِي،
ساڃَنَ آڪِيوَن جِي ڪَٽِي، تَہ ڪوڙين پانيان پالَ،
مَنهنجِي ناهِ مَجالَ، تَہ ڪو وِيڻُ وِرائِي وارِيان.

( ٢١ )

آتِي ئِي آهِينِ، جِتِي آئِي چِڏِيئِي،
سِي سِپاجهون آڪهون، ماڳ نَہ مَنائِينِ،
جي آتِي لِڪَ لاهِينِ، تَہ ڪَڍِي ڪانگَنِ کِي ڏِيان.

( ٢٢ )

آکڙيون پرينِ ري، جيکي پيو پسنِ،
تہ کڏهن کي کانگن، نوالا نين ڏيان.

( ٢٣ )

اپيون آهين اتِ، جتي آئي چڏيئي،
پيو پروسو نہ پتِ، آکيون اوهان جي آسري.

( ٢٤ )

آک الٽي ڏار، وانءَ الٽو عام سين،
جي لهوارو لوک وهي، تہ تون آوچو وہ آوپار،
منجهان نوچ نهار، وانءَ پنيرو پرينءَ ڏي.

( ٢٥ )

تان جي ٿين سامهان، پنيرا سونهن،
سنئون ورائي سپرين، منهن جي مانءَ ڏي ڪنِ،
رکون سپ رچنِ، تنِ ۾ تازائي ٿئي.

( ٢٦ )

آکيون سي ٿي ڏار، جنِ سين ڏسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، گهٽو ريسارا سپرين.

( ٢٧ )

آڪين مون کي اوچتو، آئي آڙايو،
لنئون تن لڙايو، جت ڪجهه نئي ڪونڪو.

وائي

اي ميان سڄڻ، توري اوري، ڪٿ رهندا نيڻ منهنجا.
جن جو وارث تون، جن جو آڌر تون.
انون نيس لائق پون.
جتان آلهي اپري، تتي تيان پري.
توءِ وڃي تن ڏي، آڪيون پير ڪري.

داستان ڏيون

( ١ )

موهيندءِ مجاز، ڪهڻين تورين ڏينهڙين،
هتان چڙم باز، تون هاريا حقيقت جو.

( ٢ )

هي جي مجازيائيون منهن ۾، ديک م تون سين تن،
ڪين مجاتو سپرين، نهاري ليئن،
پرين ڪي پسن، پٺي جنهن پونئيون.

( ٣ )

ساهہ سين سڄاڻان، پساهہ سين پسان پرين،
اِهي ٻہ ناٺان، آڃي رَهيا روح ۾.

( ٤ )

مون کي ماءُ مجاز، ٻيڃاري جِنءَ ٻڇيو،
هٿَنِ چڙهي هاج، وِيئي سار سَندَنِ مان.

( ٥ )

منهنجي جانِ جُدا ڪئي، حقيقت هٿي،
پساهہ هيڪ پرينءِ ري، سگهان ڪين ڪٿي،
ڏٺي ٿِي ڏٺي، رهيو آهي روح ۾.

( ٦ )

حقيقت هِنَ حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
تہ وڃن وڻ ٻري، اوپڙ آيڙي ڪونہ ڪو.

( ٧ )

حقيقت هِنَ حال جي، جي ظاهر ڪري زبان،
تہ ناڪر نِڪي ڪان، لڳي ماٺ مِرنِ کي.

( ٨ )

سَنئين سُونهائي سِيڪا، ڪا سُون مُنجهائي،
طَلَبَ ۾ تَحْصِيل، اوريان ئِي آئِي،
مان تَندَ تِتِ لائِي، جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

( ٩ )

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيّ خاڪِيءَ جو خِيالُ،
جانِبَ جو جمالُ، پَسَنَ ئِي پِري ٿِيو.

( ١٠ )

جِتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيّ خيالُ خاڪِي،
پرِينِ جِي پاڪِي، پَسَنَ ئِي پِري ٿِئِي.

( ١١ )

پرِين نَہ آڪَڙِين ۾، هِينئُون نَہ حاضر جَن،
سِي هُونهين جاڙَ جِينِ، تَلها ٿاٿا سَکَٿا.

( ١٢ )

آکِينِجِئي وِيھ، تہ آئُون واري ڏِڪِيان،
توکي ڏِسِي نہ ڏِيھ، آئُون نہ پَسان ڪِي پِيو.

( ١٣ )

وَنينِ ۾ نِي ويھه، تارَنِ ۾ ڪر تڪيو،
پِرِين آڪين ۾ پيھه، تہ آئون اڇارو نِيان.

( ١٤ )

سِڪ سِڪائي سِڪ، سِڪ نہ آهي سڙي،
لِڪ لِڪوئي لِڪ، تہ ڪَرنِ خبر نہ ٿئي.

( ١٥ )

جي خبر نِي ڪَرنِ ڪي، تہ مون ڪي ڪندا ڪوهہ،
صورت سُپرينِ جي، ڏِٺي ڪونهي ڏوهہ،
لوريءَ لَگِي لوهہ، جنھين زَت رُئاريو.

( ١٦ )

ڪَر جا ڪَڏ ڪَنئِي، ھوَنِ ڪارَڻِ پِرينءَ جي،
تنھنِ ۾ پاڻِ پئِي، غيبتي غار ٿيو.

( ١٧ )

آلا! ڪر جينِ، مَدي جنِ جي مَن ۾،
آسان ۽ پرينِ جون آميدون ھَنَنِ،
تھان پوءِ مرنِ، سڙي اِنھيءَ سور ۾.

(۱۸)

ڪَرَ ڪارِيندو هي، مانو جن پرِيتڙو،
جوش جَلايا جي، ماري تَن مات ڪيو.

(۱۹)

ڪَرَ ڪي ڪَپرَ ڪاهه، نانگ مِڙيارو نڪري،
آپي جو اوناهه، سر پر سَندي سَجڻين.

(۲۰)

ڪَرَ ئو ڪَرايون ڪَرين، هَر هَر هَچارا،
پوراڻي پرينِ جا، چوڏاري چارا،
مرين نه مَنهن ڪارا، سڙي اِنهي سور ۾؟

(۲۱)

ٻَچڙَ سنئيون ڪنِ، لوڪان ليکي ڏنگيون،
سندي سپيرينِ، ۾ پروڙڻ ڏاکڙو.

(۲۲)

نڪو ڏيکو نه ويل، نڪو مَنهن نه مهاڙ ڪا،
اِي اِهوئي کيل، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٣ )

حوصلو حيرت جو، ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سندو حق، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٤ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي ٿيو وڇون،
محبت جون ميچون، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٥ )

حوصلو حيرت جو، آهه نہ مٿي عام،
محبت سندي مام، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٦ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي لڄاڻو،
ويچارو ڪاٺو، ڏسي ٿيو ڏسڻ کي.

( ٢٧ )

مٿي هاٿيءَ سين مامرو، آڇي پيو آنڌن،
مناڙين هٿن سين، آکين ڪين ڀسن،
'في الحقيقت' فيل کي، سڃا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

## وائي

( ١ )

وَجهَ مَنجهِ، خَليلَ، آندَرِ آذَرَ آهيِن.
سَدَ مِ ڪرِ صحتَ جِي، آجا توَن عِليل،
نااو ناهِ نِفاقَ جو، جِتي رَبُّ جَليل،
مَنهَن ۾ مُسلمانَ توَن، قَلبَ تان قَليل،
وِتر جِي وِصالَ ۾، دُوئِي ناهِ دَليل.

## وائي

( ٢ )

اَللهُ سائين! سائين! ٻنان پِرينئَون ۾ ٻانهين،
مُون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
جِني ڏيرو دوستَ جو، سا ڪِئَن جُوءِ آڳالهين،
مُون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
قلمَ جِن جي هتَ ۾، سي سِيئَ سَباجها سائين،
مُون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.
بَندي جِي باب ۾ شالَ مَ لِڪنِ لائين،
مُون تان آسَرو آهِ اوڏانهين.

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪين سڄاتو ڪل،
تازي طويلن ۾، آه اِحاطو جهل،
هُنا جي آسل، سي حِسابان هيڪ ويا.

( ٢ )

محروم ٿي سري ويا، ماهر ٿي نہ هُنا،
چڙهيءَ جن جهنج ڀري، لذيائون لُٽا،
حباب ٿي هُنا، آنهيءَ واديءَ وچ ۾.

( ٣ )

ڏيکيندي ديدار کي، ڪل سڄاتي ڪِن،
جانب منجهان جِن، ماهر ٿي منجهي پيا.

( ٤ )

ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنان وڃ،
آهي اِي آهيج، سڀي سڃاڻيج تون.

( ٥ )

وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لِڪڻان پڻ لِڪيج تون.

( ٦ )

هٿين سين هاج ڪري، نيٽين سين نهاري،
آيا آڳڻ ماڙي، هس پنهنجا سپرين.

( ٧ )

آسين سکهون جن کي، آسين ٻن سيئي،
'لم يلد ولم يولد'، اوڏانهن وڃ ٻيهي،
تهان منجهيئي، ماڙڪ پرکج حق کي.

( ٨ )

چپ ڪري، چپ ۾ چوري، ٻوري آکيون، ڏڪ ڪري،
هاٿي اِي پيت م پري، ره آڏورو آنء،
تہ هوءَ جا مر رت منجهاران من، تنهن جو مشاهدو مائٽين.

( ٩ )

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ کي حق چئين،
شارڪ شڪ م ني، آنڌا اِنهيءَ ڳالهہ ۾.

( ١٠ )

آڌو جو اِثبات کي، سو شرڪ لاهي شڪ،
هٿي جنهن ۾ حق، تنهن نفيءَ جوڙو ناهہ ڪي.

( ۱۱ )

نَفيءَ مَندي ناهِ سين، پَڇِي پَڇيائُون،
پِرّا جي پائِڻ جا، پيرِي پَکِائُون،
آسين ۽ آئُون، آتِڻ هَئِي نَہ اُنَ جي.

( ۱۲ )

وَڏِي تان اَنَ واتَ ۾، پَيلَپ پيانِي،
آهي آونداهِيءَ جو، شِرڪ سَهانِي،
چِڻِي چِنائِي، آلِفَ جي عَينَڪَ ۾.

( ۱۳ )

اَنَ ۾ نَہ اِيمانَ، جِنَ ڪَلمِي کو ڪونائِين،
دَغا تَنهنجِي دِل ۾، شِرڪُ ۽ شَيطانَ،
مَنهن ۾ مُسلمانَ، آندِرِ آذَرُ آهِين.

( ۱۴ )

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافِرُ ۾ ڪوناءِ،
هِندو هِذَ نَہ آهِين، جِئيو تو نَہ جَڳاءِ،
تِلڪَ تَنين کي لاءِ، سَچا جي شِرڪ سين.

( ١٥ )

مَنهن ۾ موسيٰ جهڙو، اَندر ۾ اِبليس،
اِهڙو خام خبيث، ڪَڏهن ڪوه نه ڇڏئين؟

( ١٦ )

مَنهن ته موسيٰ جهڙو، سيرت شيطاني،
بازي بيراني، ڪَڏهن ڪوه نه ڇڏئين؟

( ١٧ )

مَنهن ته آهيرِ يانئِي اَجرو، قلب ۾ ڪارو،
ٻهران زيب زبان سين، دِل ۾ هڇارو،
اِن پر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصال سين.

( ١٨ )

تون ڪا ڪاني پاءِ، وَنِ ۾ وِصال جي.
دو بيناِئي دورِ ڪري، معرفت ملهاءِ،
سپيرِيان جي سونهن ۾، رَخنون ڪونه رهاءِ،
اَڪِ آشهد چاءِ، ته مسلماني مائٽين.

( ١٩ )

اينءَ چوندي ڪير، ته آئون ساڃاري سڄڻين،
دائِم اِن ديار جا، ڦرلدا پسان ڦير،
جنِ حضوري هير، ڪري تغيري تن سين.

( ٢٠ )

مون، تون، آئون، آسين، چارئي چتان لاهِ،
سندي دوزخ باهِ، تہ تون اوڏِيائي نہ آچي.

( ٢١ )

سرمون سياهيءَ جو، رنن کي رهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي، مڙس ئي م پاءِ،
اکين ۾ آنڪاءِ، لالائي لالن جي.

( ٢٢ )

سرمون سفيديءَ جو، جنبي پاتو جنِ،
تڏهن ڏِٺي تنِ، اڇائي عالم ۾.

( ٢٣ )

سرمون سرخيءَ جو، جڏهن پاتو جنِ،
تڏهن ڏِٺي تنِ، رونق رتي جيهڙي.

( ٢٤ )

جي فارسي سکيو گولو، توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻنِ ڳالهين، سو ڪيئن ڇائي چام؟
اچيو تان آب گهري، ٻکيو تان طعام،
اِي عامنِ سندو عام، خاصنِ منجهان نہ ٿيو.

( ٢٥ )

آوگِ رَسي سيڪو، ڪَٽين پِرين رِئام،
ليکيمِ جي لِسانَ سين، سي ڪَر ڪِينَ ڪِيام،
پاڻ وِڃائي پانهنجا، تورا تَڪَ هَنيام،
بَندگي شَرمندگي، اِها مِيڙَ مَڪيام،
پِرين تَڏِ پَرچيام، 'آءٌ' جَڏِ اَٽِ ڪَئِي.

( ٢٦ )

آوگِ رَسي سيڪو، ڪَٽين پِرين رِئام،
پهون پاروتِنِ "، ڪي ڪَبيرا ڪِيام،
تيلانهين مَريام، سَڪَنئون سور گهٽا.

( ٢٧ )

آلتيمِ جا هينئان، سا نه مَلتيمِ ماه ڪي،
سپيريان جي ڳالهڙي، لِڪايمِ لوڪان،
وِيئي سون وَسان، پَڌَرِ پيئي پِرينءَ ري.

( ٢٨ )

سون تان لِڪائي گهڻون، پر روئڻ ڪي روشن،
رَسيو ريزالِنِ ڪي، منجهان زَرديءَ ظَنَّ،
وِيري سون وَرَنَ، ڳالهِ ڪيائين ڪَجهه جي.

( ٢٩ )

عاشق پاڻهين اُٺن، تہ آءٌ سِڪ ڪنهن کي نہ سلان،
وِچ رهندي ڪِئَن، وَهِن آکيون وِرچي هينئون.

( ٣٠ )

مَتيون سڀ منجهاءِ، تون پاڻ ڇڏي آءٌ چاڻ،
پِهرين پاڻ ڦِٽو ڪري، پِرين پوءِ پڇاڻ،
وِچاءِ وَحدت ساڻ، ڪَسافت ڪَثرت جي.

( ٣١ )

آندَرِ رهي نہ گهٽ، سپيرِيان جي ڳالهڙي،
چاڪَر سَهي نہ سٽ، جهہ مِهراڻ موج ڪِي.

( ٣٢ )

’پاڻ‘ پَردو پاڻ کي، سٽِي ڪر سنڀال،
وِچان جو وِصال، سو تان هٽَن هِن جو.

( ٣٣ )

’پاڻ‘ پَردو پاڻ کي، طالِب سَٽج تون،
نَڪا هان نہ هون، پَردا سِپ هامي ٿيا.

( ٣٤ )

’مون‘ مونهين ۽ سمجهي، مون کي ’مون‘ جڳاءِ،
مونهين منجهان ’مون‘ ٿئي، مونهين جي ساڃاءِ،
ڪچڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پنڌڙو.

( ٣٥ )

آنهين اِئن جڳاءِ، آنءُ ڪي ائن نه چوئنئو،
بن جنهن جيءَ ذات جو، آتي آهِ آللهُ،
تهه نه پڇي ماهُ، گنديءَ نينهن نه سمجهي.

( ٣٦ )

نظر نزديڪون، سهي نه سگهان ساعت سيئَن،
پسڻ پري سندونِ، آئون نالي ڪيڙي نجهران.

( ٣٧ )

علتي آرام، پسي علت آئيو،
حسن جو حق جو، سو خامي پانئي خام،
آچي ٿيا اِ لام، ڪفر ڪافر پاڻ ۾.

( ٣٨ )

رئي جا رهاڻ، سا پيءَ پهتي نه ٿئي،
ڪنهن ڪر وجهي ڪاڻ، پاڻان نينهن نڪهرئو.

( ٣٩ )

رَسڻ نَہ آهي رِيتِ، پَهَڻين پاهَتَ ناهِ ڪو،
پَسو سَنجهہِ پِرِيتِ، جيهائي جوڙ وهي.

( ٤٠ )

مون کي مون پِرِينَ، ٻَڌي وِڌو تارِ ۾،
آيا اِيئَن چونِ، مَچِڻ پاندُ پساڻيين.

( ٤١ )

پِيو جو ڀاتارِ، سو پَسڻان ڪِئَن پالهو رَهي؟
مالِڪ مون سيڪارِ، ڪو پَهہ اِنهين ڀاندَ جو.

( ٤٢ )

شَرِيعَتَ سَڄاڻُ، ڪَر طَرِيقَتَ تَڪيو،
هينئون حَقِيقَتَ هيرِ تون، ماڳ مَعرِفَتَ ڄاڻُ،
هَنج ثابوتِي ماڻُ، تہ پَسڻ ڪان ڀالهو رَهين.

( ٤٣ )

ڪوڙي ڪِج م ڪَڌِهين، ڦِڪي پائِج ڦانگَ،
سارِ سناسينِ جِئَن، لائِق رِکِج لانگ،
تہ چارِئي چادَر ڀاند، اوسا ڪٽي آڪرين.

( ۴۴ )

مَتوُنِي سِيج گهرِين، جَفا ڏِيِين نہ جانِ،
صَلحَ رِي سِپٽانِ، مَتان نُونڏِين نہ چڙهين.

( ۴۵ )

مَتوُنِي سِيج گهرِين، جَفا ڏِيِين نہ جِيءَ،
ڀِتِي ڏاران پِيءَ، سَچَڻ نُونڏِين نہ چڙهين.

( ۴۶ )

صَلحَ جَنِ سَجَڻ سِين، سِيج ماڻِيندا سِي،
'اَلَّذِينَ آمَنُوْ اوَكَانُوْايَتَّقُونَ'، اِنَ پر آيا جِي،
نيِٺِي نُونڏِنِ تِي، ڏِکِي جِنِي چاڙهِيا.

( ۴۷ )

جِي ڻِيا حَلُّ حَبِيبَ سِين، سَمهَڻ تَنِ ثَوابَ،
نيڻ هيرائِي نِنڊَ سِين، خُوش كيائُون خَوابَ،
اوسِيڙو عَذابَ، دِلِيان تَنِين دُورِ ٿيو.

( ۴۸ )

تَن تسبِيح مَن مَڻيون، دِل دَنبُورو جِنِ،
تَندَون جِي طَلَبَ جُون، وَحدَتَ سُرِ وَڄَنِ،
'وَحدَهٗ لاَشَرِيكَ لَهٗ' اِهو راڳُ رَڳَنِ،
سي مَتائِي سُونهَنِ، نِنڊَ عِبادَتَ آنِ جِي.

## وائي

(١)

جيڏيون آئون ڪا ھاڻ وڃيٺي آھيان،
ڪا مون سار لھيجا.

واڳون ڏٿين ھت ۾، ڪيڏانھن ڪرھل ڪاھيان،
ڪا مون سار لھيجا.

جيڏانھن وارِيئم سِپرين، پير اوڏانھين پائيان،
ڪا مون سار لھيجا.

قلم ڪاتب ھت ۾، آئون ڪا لِک لِکئي مان لاھيان،
ڪا مون سار لھيجا.

## وائي

(٢)

ڪي آنھين منجھ آھي، ھوءِ جي جھونا پسجن جھوپڙا،
انَ دَرِ سيئي آگھيا، جن ڪسي ڪونہ چتائي،
ھوءِ جي جھونا پسجن جھوپڙا.

ڏاريان پائين ڏاريون، ھاڻ ھريان سين ڪائي،
ھوءِ جي جھونا پسجن جھوپڙا.

'إنَّ أَوْلِيَائِيْ تَحَتَ قَبائِيْ'، پَنهنجا پاڻ پَراهِي،

هوءِ جي جهونا پسجنِ جهوپڙا.

'لَا يَعْرِفُونَهُمْ غَيْرِيْ'، پَرَ کَي ڪَينَ پَسائِي،

هوءِ جي جهونا پسجنِ جهوپڙا.

پَنهنجون چَڏِي پَٽَ، رِڙهه آنيِن جي رائِي،

هوءِ جي جهونا پسجنِ جهوپڙا.

خِدْمَتَ ڪَري خَلْقَ ۾، پانڌ ڳِچِيءَ ۾ پائي،

هوءِ جي جهونا پسجنِ جهوپڙا.

# پرياتي

## داستان پهريون

( ۱ )

اِي نَہ يانِ پِير، جِئَن ڪِينرَ ڪِيرِيءَ ٽِنڪيو،
سونهاري صبوح سين، وِجهي وِيئين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪِيرتِ ڏاران مڱڻو.

( ۲ )

سُتو ڪِئَن نِنڊُون ڪَرِئين، روئِي راتِ وِهاءِ،
سِيان ساز سنداءِ، پِيا هوندا پٽ ۾.

( ۳ )

روءِ وِهائي روءِ، سُتو ڪِئَن ننڊُون ڪَرِئين؛
سِيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

( ۴ )

سيرانديءَ ساز ڪيو، سُمهين ساري راتِ،
جاجِڪائي ذاتِ، اِئَن نَہ هئِي آڳهِين.

( ٥ )

جَنھين سُک ناھِ کو، چارڻَ سي چَنجَڻِ،
رَڃن راھ ڀڃَڻِ، مَٿي کَلھِن ڪينرا.

( ٦ )

آکِي اُٺن نہ هير، اِنَ دَر سندي مڱڻين،
جِئن ڏِکِيا ڪري ڀير، سَڃيون راتيون سمھين.

( ٧ )

ڀيو ليٽين لَٽَ، سڃيون راتيون سمھين،
آئِي آڏي نہ ڪرِئين، سپرِ ساڻُ سهٽ،
رُونجھي راتِ آهٽيا، ڀِٽنيون ڀاٽيڪ،
ميڙي تِنان مَٽ، چونڊِي پرِيا چارٽين.

( ٨ )

موڙھو پٽين مڱڻان، ڪيڏانھن هٿين ڪالھہ،
لَنگھيا! چَڙ لَطيفُ چئي، آجھِن جا اَفعالَ،
سپرِ دَرِ سوال، ڪر تہ قيمت آڻيين.

( ٩ )

لَکِي جِي ڀِجھَنِ، ڀَڏِرِ پوءِ ۾ آنِ سين،
نِنڍي وڏي ڪِالھوڙي، سڃي تا سمجھنِ،
تون ڪِئَن آکِيان تَنِ، وِجِھو وِلِليِن وات سين.

( ١٠ )

چاڻي هَڏِ مَ چاڻَ، اِيَ دَرَ آہوجهن جو،
اِنَ دَرِ سيئي آڳهيا، جن نہ ڀانيو ڀاڻَ،
رِيجهائو راڄاڻَ، آهي آہوجهن جو.

( ١١ )

ٻجهان ٻاجهہ ٿئي، ٻاجهاڻون ٻِلي ڏٿي،
سپڙ سا مئي، جيڪا چارڻ چِت ۾.

( ١٢ )

جيڪي ڏڏن ڏي، ڳجهيان ٿي ڳجهہ ۾،
سو جي سٽن ڪڏهين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تہ ساز سڙيئي سي، هوند ڀٽون ڪن پلڪ ۾.

( ١٣ )

آتِ ڪرتِ وارا ڪيترا، ڪرتِ ڪبو ڪوهَ،
جيڪي بندو ڪم ڪري، سو سپوئي ڏوهَ،
تون پارس، آئون لوهَ، جي سچين، تہ سون ٿيان.

( ١٤ )

ذاتِ نہ آهي ذاتَ تي، جو وهي سو لهي،
آرِيون آہوجھنِ جون، سپڙ چام سهي،
جو راءِ وٽِ رات رهي، تنهن کي جکِي جان ڪِي تان لَهي.

( ١٥ )

طمعَ جِي تنوار، مَتان ڪرِين مَگَڻان،
ڏِکي ڪندءِ ڏار، ماڻِڪ ڏيئي مَٿِ ه.

( ١٦ )

ڏَڏَ ٿِي ڏانَ گهرِيجِ تون، چڏي وِچا جِي وائي،
ميِر راتِ سنباهيا، تازي تو لائي،
جو چاڻي نہ ڪائي، تنهن سين پيلي ڏٿيءَ ٻاجھ ڪِي.

( ١٧ )

ڪَڙَه آکِيان ڪَپَ، ڏيهاڻِي ڏاتارَ جي،
لَنگها! لاه مَ لِڪ سينءَ، مَتان چانڻ چپَ،
مَگَڻهارن مپ، ڪونهي ٻِيو ڪيرتِ ري.

( ١٨ )

آئيو آہوجهاءَ، سپڙ جو مَڏ ٿيو،
جِئن آئين ڪيرتَ ڪَٽ نہ سِکيا، تِئن ٻاٽان رِيڏو راءَ،
مَگو مون مَلاءِ، آئون اوهان جو آهيان.

( ١٩ )

ٻوليون ٻيلي جون ڪري، پاسي پر پيو،
سٽائي سٽن ڪي، وهائي ويو،
ڇائي ڪين پيو، سر سڪيوئي هيڪڙو.

( ٢٠ )

سپڙ ماه پساه، جاجڪ جم وساريين،
ريهي رڀي سنديون، تندون تنبي ڪي ٻاءَ،
لنگها! تون ليلاءَ، اکيان وڃي آن جي.

( ٢١ )

چارڻ وس نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرت جي ڪري،
جنين سندو مڱڻون، هٿ تنين جي آه،
جي ڪارائينس تہ ڪاءِ، جي سمهارينس تہ سمهي.

( ٢٢ )

ڄڌو ڦڌو ڏڏ، پاڻ ڪوتائي مڱڻون،
نہ ڪنهن نيو ٻاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو ڳڏ،
سيڙ ڪريو مڏ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين.

( ٢٣ )

ميرا ڀِسي مَڱڻان، سِپر سَڌ ڪيا،

سِڀوجهنِ سَٺا، اڀوجهنِ آسرو.

( ٢٤ )

صُبوح جو سُهاڳ، مَڱڻهارنِ ماڻيو،

ڏِنائُون ڏاتار کي، وَڏيءَ وِير وِهاڳ،

وَسِ مُنهنجي ناهِ ڪا، سيڻنِ هَٿ سُهاڳ،

ٻِرينِ سين ڀاڳ، مانَ نِمائيءَ نَصيب ٿِئي.

( ٢٥ )

ڏاتارَ ڏک ڪيا، پاڻان سَٿي سَڱڻي،

مون دَرِ ڇَڏيو، مَڱڻان! مَڱين ڪوه ٻيا؛

تڏهن تو ٻِيا، وِچِيان وِلها ڏينهڙا.

( ٢٦ )

جو ڏِيهاڙي ٿو ڏي، مَڱ تنهين کي مَڱڻان،

ڪوڙا دَرَ دُنيا جا، جاچڪ مَڱين جي،

صباحَ توهين کي، موٽِي ڏِيندا مُنهَن ٭.

( ٢٧ )

ڪاٽي سڀ تنبير، جن ريجهايا راڃيا،
وِٽڙا وَڏيءَ وير، ڪلهي رَکي ڪينراه

( ٢٨ )

آڄ نه سڄي آکيئن، ڪا تنبيرن تنوار،
مَڙهيون مگڻهار، ڀوري ڪنهن پار ويا.

( ٢٩ )

تون سيرَ، آئون سيڪڙو، تون صاحب، آئون مَگَ،
ڀڃي تنهنجو ڀگ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٠ )

تون سير آئون سيڪڙو، تون پارس آئون پينار،
ڏسندي ڀي ڏاتار، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣١ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏڏ،
مٽي تنهنجو سڏ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

( ٣٢ )

تون سير، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
تون پارس، آئون لوهه، جي سڃين ته مون ٿيان.

( ٢٣ )

ڏاتارَ تہ تونَ، ٻيا مِڙئِي مَنگَّتان،

مِينهَن مَندائِتا وَسڻان، سَدا وَسين تونَ،

جي گهرَ آچِين مونَ، تہ مِہربانِي مانَ لهَان.

( ٢٤ )

آپرِيو تارو، آئي وَرَ وِهاڻِي ڏي،

سِہڙَ رِيسارو، چِت پرَکِي چارئين.

وائي

( ١ )

ٻِئي دَرُ وانڱہ مَ ڪيڏانهِين، آلا! تونَ جامَ مَگَندِين مَگَّتان،

ڦيرِ مَ هِينئون، ڪَندَ ڪِيارڙي، ڏيندءِ هاج هِمائين،

آلا تونَ جامَ مَگَندِين مَگَّتان.

مانِڪَ، موتي، مالَ خزِينا، ڏيندءِ ٻيلي سائين،

آلا تونَ جامَ مَگَندِين مَگَّتان.

وِرچِي تونَ وِهاڻِي ڪان، مَتان ڏِيين پاهين،

آلا تونَ جامَ مَگَندِين مَگَّتان.

دَرِ داتا مَگَ مَگَّتان، آنڌا هونِجِ اوڏاهِين،

آلا تونَ جامَ مَگَندِين مَگَّتان.

ٻِيائيون وِجهي ٻَنِ کي، سَمُو ڪَنَ سوائِي،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

”اِنَّ الله وِترٌ يُحِبُّ الوِترِ“، وَحدَت واکَ وِڌائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

پَنهنجي طَرَفِ ڀاڻَهنئين، سائِل سَڏِيائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

جِتي جَواڻَنِ کي، کوٺِي ڪَٺائين،
آلا تون چام مَگيندِين مَگَڻان.

آتي عُشاقَنِ کي، اُلفَتَ آهِجَ ڏِنائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

”اَلاِنسانُ سِرِّيْ وَ اَنَاسِرُّهٗ“، اِنَ ٻَرِ آتائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

ڳُجهَه ڳُجهاندَر ڳالِهيون، رازَ نَہ رَکيائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

ٻَسو ٻيِنارَنِ جي، ٻَتَ ۽ ٻانَ وِڌائين،
آلا تون چام مَگندِين مَگَڻان.

## وائي

( ٢ )

وڏڙا ڏاڻ ڏنائين، ڪيائين رخت ريزالن جو،
آندا سندا آئيا، سخا سڌ وڌائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.
ڪين منجهان جو ڪي ڪري، سو نہ ساراھيين مائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.
"و تعز من تشاء و تذل من تشاء"، آهي سڀ آتائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.
نوازيائين نطفو، منجهان ڪين ڪڍيائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.
حرفت حريفن جي، ڀڃي سڀ ڀڳائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.
حاسد سڀ حزن ۾، مدعي ماڻ مٽائين،
ڪيائين رخت ريزالن جو.

# رام ڪلي

## داستان پهريون

(١)

جوڳيڙا جهان ۾، نوري ۽ لاري،
ٻري جن ٻاري، آئون نہ جيندي آنِ ري.

(٢)

جوڳيڙا جهان ۾، هٿا منجهہ حمام،
آرامان آرڪ ٿيا، اوڏا نہ آرام،
ڪيائون قيام، آئون نہ جيندي آنِ ري.

(٣)

سَترَ سِنگڙينِ سين، لحظي لاٿائون،
ڪينر ڪٽي آهيان، آنهين جي آئون،
مون کي مارِيائون، آئون نہ جيندي آنِ ري.

(٤)

لڪين ڪيا لسان سين، لاهوتينِ لوڙا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٥ )

ڳوليان ۽ ڳنڍيان، وِيا وڻراڪي نِڪري،
صحبت جا سنڌيانِ، آئون نہ جيندي اَنِ رِي۔

( ٦ )

مَران متو پَنيان، نِهاريان ليٽانِ،
سخن جي سَندانِ، آئون نہ جيندي آنِ رِي۔

( ٧ )

وارو وڻراڪِينِ کي، وِيل ۾ وِساريجِ،
قدم ڪاپڙين جا، ليلائي لَهيجِ،
پيرتِ پَسيو پَٽَ جي، وَجهہ کي وَجيجِ،
راتو ڏيهن رڙيجِ، آئون نہ جيندي آنِ رِي۔

( ٨ )

واڄٽ وڻراڪِينِ جا، مون وَٽ وَڏي وَٽ،
سون سَيوئي سِگيون، اسي ڪين ۾ ڪٽ،
ويساهي ويل ڪنهين، پورب وينڊو پَٽ،
هَل! کَنيائون هَٽ، آئون نہ جيندي آنِ رِي۔

( ٩ )

هَئِي هَئِي ڪيو هَٿَ هَٽان، جوڳِي وِڻِڙا جاٽ،
پِيهِي وِڻِڙا پاٽ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ١٠ )

واڇَٽَ وِيراڳِينِ جا، مُون وَٽِ وَڏو مالُ،
مَقالان مَهندِ ٿِيا، ڪونهِي وَڻِ قالُ،
حاصِلُ جِنِينِ حالُ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ١١ )

سِتِي سيج هَياسِ، مُونِ کي آه اُٿاريو،
جِنِين جاڳاياسِ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ١٢ )

جيڪي مُون کي نِي، پَڳَهَ پائِي پاڻ ڏِي،
پَه پِروڙيمِ پَٽَ جا، ڪينر مَنجهان ڪي،
هاڻِي جِي هنيڻي، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ١٣ )

جيڪي مُون کي نِيو، مَڳَهَ پائِي پاڻ سِين،
قُوتَ مَنهِنجو ڪاپڙِي، سِگِينِ مَنجهِ سِهو،
ڪا ڦِرِي ڦوڪَ ڏِيو، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

(۱۴)

سَوڙو سِگَڙين سين، ڪِي جو کَهيائُون،
هَو جي هَنْيائُون، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

(۱۵)

صُبحِ سِگَڙيون ڪَٽي، وِيا وَڃائي پاٹ،
اِهڙو جن آهي جاڻ، آئُونِ نَہ جيندي آنِ ري.

(۱۶)

صُبحِ سِگَڙيون ڪَٽي، وِيا ڏَکائي ڏورِ،
ٿِيا ڏِيناريٗان ڏورِ، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

(۱۷)

صُبحِ سِگَڙيون ڪَٽي، وِيا وَڃائي وِير،
ڏوريان ڏوريان، نَہ لَهان، بيراڳِين ٻهير،
جَنِ آهي سَنجهہ عَبِير، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

(۱۸)

ميڙِيو پاٹ پَريون ڪيو، جوڳِي جَلائين،
سامِي سِگَڙِين سين، خَوديءَ ڪي ڪانئِين،
هَو جي تارِ نہ تَڳيائين، آئُون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ١٩ )

پسيو آسڻ اُنِ جا، اَچي نہ آرام،
ڪينر ڪئي آهيان، تنين جي تمام،
مون کي ٿيو ماتام، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

( ٢٠ )

پسيو آسڻ اُنِ جا، اُچنگارون اَچنِ،
پاٺان وڏيس پٽ تي، لاهي لاهوتينِ،
جي راڙي منجهہ رهنِ، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

( ٢١ )

پسيو آسڻ اُنِ جا، آدوها آچنِ،
ڪينر ڪاپڙينِ جا، صبح تان نہ سڄنِ،
جي راڙي منجهہ رهنِ، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

( ٢٢ )

آسڻ وٽ آهون ڪريان، وسِ نہ منهنجي وات،
لڳم لاهوتينِ جو، ڪينر منجهان ڪات،
هلڻ ڪي هيهات، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

( ٢٣ )

پسيو آسڻ اُنِ جا، پانهنِ وڃهان وات،
هو جي ڪهيا ڏنهن قلات، آئون نہ جيندي اُنِ ري.

( ٢٤ )

وَتنِ وِيني آهيان، ڏِسيو ڪين ڏِسانِ،
جِنهن جِهوئي ناهِ ڪي، سا ڪا سونهن سنديانِ،
پِسيو ڪينِ پسانِ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٥ )

بابوَ بيڪاري ٿيا، آجَ نہ آسَنَ وَٽِ،
خودي ڪانئي هَليا، پيرَ نہ لاتئون پَٽِ،
هُئي هئي! جنهين هٽِ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٦ )

بابوَ بيڪاري ٿيا، پِجي ڇڏيائون پاٽ،
نِسوروئِي نينهن جو، نانگَنِ وَٽِ نِڏانَ،
سِرَڪنڌَ جَنهين ساٽ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٧ )

بابوَ بيڪاري ٿيا، آسَنَ وَٽِ نہ آجَ،
ٻئلِي ٻِي نہ سِکيا، پاٽان چوندءِ پيچَ،
نِسوروئِي نينهن جو، سامِينَ ڪي سهجَ،
هينئان! تَنهين سين هجَ، آئون نَہ جِيندي آنِ ري.

( ٢٨ )

نانگا نانيءَ هَليا، سامي سيئي،
وِهَڪَ مون ويئي، آئون نَ جِيندي آنِ ري.

( ٢٩ )

نانگا نانيءَ هَليا، ويچارا وِٺا،
ڪِينرَ ڪاپڙين جا، صبح تان نَ سُٺا،
هو جي هِتِ هُئا، آئون نَ جِيندي آنِ ري.

( ٣٠ )

نانگا نانيءَ هَليا، چيلهيا چيلهِ ڏِنِ،
هو جي هِتِ هُلن، آئون نَ جِيندي آنِ ري.

( ٣١ )

نانگا نانيءَ هَليا، ڪِينرَ ڏَري ڪنڌَ،
ڀِريا پورب سامهان، راوَل ٿِيا رَند،
هي جي هُئا هِنَ هَنڌَ، آئون نَ جِيندي آنِ ري.

( ٣٢ )

نانگا نانيءَ هَليا، هئي! مُنهِنجي حال،
هو جي ڪَهِيا ڪالهه، آئون نَ جِيندي آنِ ري.

( ٣٣ )

نانگا نانيءَ هليا، لوڪان ڪري لڪَ،

ويٺي مون وهڪ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٤ )

جسي سندو جوڳ ري، مون نہ گهرجي ساهُ،

سامي منهنجو ساهُ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٥ )

ڪالهوڪو ڪاڏي ويو، جوڳين سندو جوش،

وسي تنهن پٺ ڪي، هڏ نہ رهيو هوش،

آسَ ۽ آفسوس، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٦ )

ويراڳين ورن، ڏسڻ گهڻو ڏهلا،

هڪ ٻولڻ ٻوڙن سين، ٻيو سندا فانين فن،

ڪي گهرجن ڪن، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٧ )

نانگا نانيءَ هليا، سگيون ساڻ ڪٺي،

آيل آديسين جي، هينئين حب گهٽي،

جنين منهن مٺي، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٨ )

لانگا نانيءَ هليا، سنبهي سناسي،
آيلِ آديسينِ ري، آئون آداسي،
جي هورب پروا سي، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٩ )

پاٺهين ويئا پاڻ سين، پرِ ۾ پرياڻينِ،
هو جي هلڻ سنديون، ڳالهيون ڳالهائينِ،
وڃڻ وڃائينِ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤٠ )

پاٺهين ويئا پاڻ سين، پرِ ۾ پرياڻينِ،
سامي سفرِ هليا، آسڻ آجهائينِ،
رخصت روئارينِ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤١ )

نہ ڪي ڪٿنِ پاڻ سين، نہ ڪو ساٿنِ پاڻ،
اهڙا جنِ آهڃاڻ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤٢ )

وڃائي واٽ ٿيا، جوڳي جڳائي،
هٿا جي هاٿي، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤٣ )

جز و وِڇايو جوڳِئين، ڪَل مين آهِن ڪَرُ،
آسڻ جنِ عدمِ، اُئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٤٤ )

گوندر گَذاريو ڪاپڙي، پڌر وِجهن نہ پاڻِ،
تنِ، آيل آديسين جي، روئان ڪاڻِ رهاڻِ،
هتِ نہ پسجنِ هاڻِ، ويا ويراڳي نڪري.

## وائي

سَنڌڙِيانِ سِڱڙي، ڳالهہ ڳجهڙي، مون مارِيندي ڪَڌهين.

جا وَڇائين جتڙا، نہ تنهن نڙ جهڙي،
مون مارِيندي ڪَڌهين.

مرليءَ ڪي جنهن مات ڪيو، نہ تنهن تل تنبڙي،
مون مارِيندي ڪَڌهين.

تاريو جنهن توڏيءَ ڪي، نہ سو گهنڊ گهنڊڙي،
مون مارِيندي ڪَڌهين.

ڏاريو جنهن ڏياچ ڪي، تندنان تنهن تيڪڙي،
مون مارِيندي ڪَڌهين.

نہ سِري، نہ مِنڌ ڪا، نڪا هِند هھڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

ڪوڙين واجٽ ڪيترا، لکين لائون هٿندڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

ڪڙي ڪلاتن ڪي، محبت وارن منڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

مِٺائيان سِنئي گهٽون، چوندا جن چڪيئڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

وانءُ اوناءِ آن ڪي، وِهه م، ڪسن وِڪڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

بيخود بابو مي تِيسا، پرندي جن پڏڙي.

مون مارِيندي ڪڏهين.

جا ساراهيل سبحان جي، تنهن واڪاڻ ڪهڙي؟

مون مارِيندي ڪڏهين.

سهسين سرودن ڪي، پاڻان ٻوءِ وجهندڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

گهانڊار سرون سوهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي،

مون مارِيندي ڪڏهين.

## داستان پيو

( ١ )

ڪيم ڪاپڙين جي، پھرئين ڏينھن ھروڙ،
سگھا ساعت نہ ھيڪڙي، چارئي پھر چور،
سدائين سيد چئي، ھونِ سناسي ٭ سور،
جوڳي ساڻ ضرور، لِڪا پٽنِ لوڪ ٭.

( ٢ )

ويھي ويراڳين جو، ٻئي ڏينھن ٻڌم حال،
آن جا ڏاڪا ڏوڙ پڪليا، جاڳوٽا زوال،
تن جائي چٽائون چڏيون، چوٽا چگي ٭ چال،
ويچارا وجود جي، ڪنھن سين ڪنِ نہ ڳالھ،
نانگا نيو نھال، لِڪا پٽنِ لوڪ ٭.

( ٣ )

ٽئين ڏينھن ٽمڪائين، ڏونھيون دائرن ٭،
ميڙيو ڪرج ڪاليون جوڳي جلائين،
سنديون ڪامڻ خبرون، تنِ آديسين آھين،
ڳجھ نہ ڳالھائين، لِڪا پٽنِ لوڪ ٭.

( ٤ )

چوتين ڏينهن چوگان ۾، ڪنهن جنهن پهه پيا،
وهم پرِيان جي وڌيا، تنِ ۾ ڪوڙ ڪها،
آندرِ آڌيسينِ ڪي، اچنِ جوش جها،
سامي سونَ ٿيا، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٥ )

ڪنهن جنهن هور ٻچائيا، پنجين ڏينهن پئي،
آندرِ آڌيسينِ ڪي، سورنِ شاخ ڪئي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لهي،
ساري راتِ سيد چئي، تنِ گوندر سانُ ڪئي،
ڪريو سيڻ سهي، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٦ )

پيا ڪنهن هرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن ڇٽي،
آندرِ آڌيسينِ ڪي، ڌرِيائي ڌٽي،
ٻري ٻاجهارا ڪنا، ڪانئي خاڪِ ڪٽي،
هنيو هنج ڪٽي، لِڪا پٽنِ لوڪ ۾.

( ٧ )

سَتين ڏِينهن سيد چئي، ڏاڪِيا ڏو تائون،
آئِي آلـڪ ساميون، ٻانهون ٻڌائون،
وَڏيءَ ڪنهن وِلاتَ جا، اَهجَ آنداٺون،
روحُ پنهنجو رامَ سين، ٻرِ ۾ ٻوتائون،
ڪَئيو ڪِدائون، لِڪا پٽنِ لوڪَ ۾.

( ٨ )

آئين ڏِينهن آئِي وِيا، جوڳِي جاءِ بجاءِ،
سا ٻرِ سامي سِڪيا، جا ٻرِ جوڳِ جڳاءِ،
ويروتار وَجودَ ۾، تنِ رامُ رَهيوئِي آهِ،
ڪنهن جنهن ڪَمائِي لاءِ، لِڪا پٽنِ لوڪَ ۾.

( ٩ )

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳِي آجارِيا،
سَباجهي ٻاجهه ڪِي، سَجاڻِي سيٽانِ،
جِتي نظرَ ناٿَ جو، آئِي اوتارانِ،
اِهي آهجاٺانِ، لِڪا پٽنِ لوڪَ ۾.

( ۱۰ )

ڏهين ڏينهن ڏک ٿيا، پرينءَ پاڻ هيا، هس!
ورق جي وصال جا، واري ڪيائون وس،
لذائون لطيف چئي، گروءَ سندو گس،
جو ڪِي ڪنيو جس، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ۱۱ )

وڙيو ويراڳين جو، ڪارهين ڏينهن ڪرم،
جو ڪين جاتائون پنيون، هلي ويا حرم،
دائم جهليو دم، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ۱۲ )

ٻارهين ڏينهن پئي، من مرادون پنيون،
جو ڪِي اِنَ جاتا ڪي، ٿي سگيا سپيئي،
سماڻا سيئي، جي گر گڏجي آئيا.

وائي

ڪلپتي آئيا، هو ساٿ، آئون هلندي آن سين.
حرص هوائي جن جا، سڪين تان نه سڏائيا،
هو ساٿ، آئون هلندي آن سين.

تَن تَڪِيا تاڪِي ڇڏِيا، جي اِيھيءَ وِروُنھن وِڌائيا،
ھو ماڻھ، آئُون ھَلَندي آنِ سين.
تو ڪَون ؟ تَڪِيا، وِھاڻا جَنِ وِراھِيا،
ھو ماڻھ، آئُون ھَلَندي آنِ سين.
ھَلو تہ ھَسون تنِ ڪي، جنِ لَنگ لاھُوتينِ لائيا،
ھو ماڻھ، آئُون ھَلَندي آنِ سين.

## داستان ٽيون

( ١ )

سَناسي ڪنھن سوَر ۾، وَھلوريا وَتنِ،
آئِي پَھرَ آلَڪ جو، ڪو وَڏ ويراڳِينَ،
سَدائينِ صاحِب پِيءَ، ٿا ڪاپڙي ڪنبنِ،
جي راتو ڏِينھِن رَسنِ، ھلو تہ تَڪِيا ھَسون تنِ جا.

( ٢ )

ڪنھن جِنھن سَناسِي سوَر، جي وَتن ۾ وَھلوَر،
پَھرَ ٻولِي ٻِي ڦِرِي، ڳھَٽَ ۾ ڳھايَل ڳھوَر،
چِت جَنين جا چوَر، ھلو تہ تَڪِيا ھَسون تنِ جا.

( ٣ )

سَدائين سَفَرَ ۾، رَمَنِ مٿي راهَ،
پَرَن پورَبَ پَنڌَ ڏي، سَنجهه موالي ماهَ،
جي آلَـڪ سين آگاهَ، هَلو تَہ تَڪيا پَسون تَنِ جا.

( ٤ )

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپڙي، ڪَنوَٽيا، ڪَنَ چيرَ،
سَدا وِهنِ سامهان، عاشِق آتر هيرَ،
تَسا ڏيئي تن ڪي، ساڙيائون سَريرَ،
جي فنا ٿيا فقيرَ، هلو تَہ تَڪيا پَسون تَنِ جا.

( ٥ )

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپڙي، ڪَنَ جي ڪَمائِينِ،
لاهوتي لطيف چئي، ماڪَ نَہ مَٽائِينِ،
جي خوديءَ کي ڪانئِينِ، هَلو تَہ تَڪيا پَسون تَنِ جا.

( ٦ )

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپڙي، ڪَنوَٽيا، ڪَنَ ڪَٽَ،
ڏونهان جَنِ ڏکائيا، هَلي مٿي هَٽَ،
خاڪ جَنِين جي ڪَٽَ، هلو تَہ تَڪيا پَسون تَنِ جا.

( ٧ )

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپڙي، لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي لَطيف چئي، موهيا اُنَ ڪنهن مالَ،
ھِھڙا جنين حالَ، هَلو تَہ تَڪيا پسون تنِ جا.

( ٨ )

ڪَنَ ڪَٽَ، ڪاپَٽَ، ڪاپڙي، ڪَنوٽيا ڪَنَ ڏارَ،
هَلنِ جي هِنگلاجَ ڏي، بابو چَڏي ٻارَ،
جي ڪين قبولڻهارَ، هلو تَہ تَڪيا پسون تنِ جا.

( ٩ )

تَڪيا پَسون تنِ جا، هَلِي مَنجهان حالَ،
ڪوڙين ڪنوٽين جا، پِيَرَ پانيان پالَ،
سامَينِ جي سَنيالَ، مَنهنجو چِتُ چِگون ڪيو.

( ١٠ )

تَڪيا* تاڪيائون، وِيا رمندا رامَ ڏي،
ڪِجان خَبرَ نَہ لَهان، تَنِ آديسينَ آئون،
ڪنهن ڪَنِ ڪَنيائون! ڪاڏي وِيا ڪاپڙي؟

( ١١ )

سامي ڪامي برينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوه کي، تهڙو تن ثواب،
او تين آرتي گاڏئون، منجهان آڪن آب،
سندو ذات جواب، تون ڪيئن پڇين تن کي.

( ١٢ )

سامي سمر سور، گوندر گبرين ۾،
جڙي پڌائون جان ۾، پيغامن جا پور،
آديسي آسور، وڃائي واٽ ٿيا.

( ١٣ )

سامي سڙهي سندياءَ، سامهين مون سيلهه ٿي،
سا تان ڪهه آڏياءَ، جان نانگا وڃين نڪري.

وائي

آسو آهي، موڪِي ايندا، مون نہ ڇڏيندا، پاڻ پسندا.

ايندا آديسي، وري، دونهيون دکائي،
پٿر وار پر لئي، ويهه تون وچائي،
ڏک لاهيندا ڏيل جا، ڪجهو ڪالهائي،
مون کي ننيدا پاڻ سين، هي سڳ ساڳاهي.

## داستان چوٿون

( ١ )

جي پائين جوڳي ليان، ته سگ سپيئي ڇن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ڪيم نن،
هت تنهين جي پن، جن ٻجهي نه ٻجهيو.

( ٢ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته سگ سپيئي ٽوڙ،
جي ڇاپا نه ڇاهندا، جيءَ تنهن سين جوڙ،
ته تون ڀڃين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

( ٣ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته هر گروهه جي پار،
هوائون هنگلاڄ ڏي، ويندي سڀ وسار،
نانگا ناٿ نهار، سامي وڏيءَ سڪ سين.

( ٤ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جيءَ شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
ته نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾.

( ٥ )

جي پائين جوڳِي ٿيان، تہ ترڪ طمع ڪي ڏي،
لانگا نمِي ناٿ ڪي، تابع ٿِيجَ تَنِ،
ويراڳِي وجود ڪي، لاشڪ ڇڏِ لَڏي،
جو آجهائون آڏي، پري پورب انَ ڪان.

( ٦ )

جي پائين جوڳِي ٿيان، تہ ترڪ طمع ڪي ڪرِ،
وڍي وهم وجود جا، ڏيانِ خاصي ڏرِ
تہ ڪِنهن ٻهڄِين ٻرِ، لِڪجِين لاهوت ۾.

( ٧ )

جي پائين جوڳِي ٿيان، تہ مَن پوري منجهہِ مارِ،
دائِم دونهين دِل ۾، مَن سين مالها وارِ،
سہ سيڪا آرِ، آگي جِي آدب سين.

( ٨ )

جي پائين جوڳِي ٿيان، تہ ڪين پِيالو پِيءُ،
ناهہ نِهاري هَٿ ڪرِ، ”آئون“ آتِ نہ ٿِيءُ،
تہ مندو وحدت وِي، طالِب توڙان ماڻئين.

( ٩ )

جي پائِين جوڳِي ٿِيان، تہ منهن ۾ سندا پاءِ،
ڪنين ڪين وِجائيو، جنِ ڪوڙين ڪکر وڌاءِ،
چِڏ چادرِ، ڀڏ چمڙا، جتي تو نہ جڳاءِ،
تہ ساميڙا سنڌياءِ، ڳرَ وتِ ڳلا نہ ٿئي.

( ١٠ )

جوڳِين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ مونهي جوڳِئين،
جوڳِين سندي ڄان ۾، ڳجھہ ڳجھاندر آهِ،
هاءِ مونهين ڪي واءِ، جا آئون جوڳ نہ سِکي.

( ١١ )

جوڳ نہ جوڳو تون، ڪرين پچارون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌ پرينِ جو، ٻِي تنهنجي پون،
سامي سيٽنِ ڏون، رونداٿي رت وِيا.

( ١٢ )

جوڳِي هونِ نہ جيڏرا، ڄاڻي جوڳ مَ جِي،
هاريا هنِ ڪننِ مين، سڀ سنيهو اِي،
وِجائي وجود کي ڄاڻان ٻاسي ٿِي،
هڏهين ڪونهي هيِ، آسارا "آئون" چوين،

( ١٣ )

جا جياري جوڳَ ڪي، سا ماڙهنِ مُصيبتَ،
سامينِ سور صحت، جي پورِبيا پروڙِيِن.

( ١٤ )

جوڳِيا! تنهِنجي جوڳ ۾، ڳالهه، گهرجي ڳَچ،
وڍيو، چِيريو، چِچِريو، پرِ ۾ پُيو پچ،
سوئِي بارِج مچ، جِئن باهرِ ٻاڦ نه نِڪري.

( ١٥ )

جان ڪِي جوڳِي ٿِيُّ، نه ته وَنءُ، نرچا! نِڪري،
ڪوهُ تون ڪَن ڪپائِيين، جان نه سَهِين تونَ سِيُّ؟
پِڄِي پاسِي ٿِيُّ، متان، لانگوٽِيا لڄائِيين.

( ١٦ )

جوڳِي ٿِينِ نه يارَ، ڪِنهن سان قَرِيبنِ رِي،
مَنَ مُلاقِي جنِ سِينِ، تنِ پورب جِي پچار،
آئِي پهرَ آنِ جِي، آه نانِيءَ ڏانهن لِهار،
لائِي وِيا، لَطِيفَ چئي، اَندَرَ مَنجهِه، آهار،
سامِي ساڻ سَتار، لاهوتِي لالَ ٿِيا.

( ١٧ )

موُن ٻُورِبي ٻَڌِيا، جوڳِي جاڙَ ڪَري،
هِيوُن جَنِ ڳَرِي، سَڌِيوُن سَندِيوُن سَڄڻين .

( ١٨ )

ڪَٿي ڪِدائُون هَلِيا، جوڳِي جهِڏانهِين،
آئُون پڻ اوڏانهِين، تَنَ ڪِي تَندوُن ٻاڌيان .

( ١٩ )

گولا جِي ڳِراهَ جا، جوڙا سِي جوڳِي،
قَتل سِي قوڳِي، جَنِين شَڪر سانڍِيا .

( ٢٠ )

جِنِ نا پَچَن اَنَ ڪِي، تِنِ جِي پَچَن هَندَ،
تَہ رِڙهِي لَڌائُون رَندَ، لَٿِين لڪ لَطِيفَ چئي .

( ٢١ )

ڪَنَ ڪورائي ڪاپڙِي، جِندا! ٿِيءُ جوانُ،
ڪاهِ تَہ ڏَسِيئي ڪانُ، نانگَنِ هَٿان نِينهن جو .

( ۲۲ )

نِسورو نِي نينهن جو، دِل ۾ دونهون پاءِ،
آٿي آڳِ عِشق جِي، ٻاري جان جلاءِ،
جِندان تون جاڳاءِ، جنهن ۾ آتشِ آب ٿِئي.

( ۲۳ )

ڪَنَ ڪورائيِن، ڪاپڙِي! اِيءُ زنانو جوڳ،
سامِي! سَچاڻ تو پِيو، هيڪ ڏهِي ٻيو ڏوڳ،
جَنهِين پاليو ڦوڳ، رام تَنهِين ڪي رِيجِهيو.

( ۲۴ )

هو جي ڪَن ڪپار جا، سوڏو ٻي نہ سٽَنِ،
آندرِ جي آهنِ، سو سنيهو تَنِ ۾.

( ۲۵ )

هي ڪَن ڳاڙها وِڪِٽِي، ڪَن ڪي پِيا ڳنڍيچ،
تنهِين ساڻ سٽيچ، سِپِيرِيان جي ڳالهڙِي.

( ۲۶ )

سِپيرِيان جي ڳالهِ ڪي، سامِي ڪِي سَمجهه،
لانگا! تون لانِيءَ ڏي، آديسِي ۾ اَجهه،
وِيهِي تون وجود ۾، ڳولِي لهج ڳجهه،
ٻِئي ڏانهن هَڏِ ۾ ٻجهه، آلَڪ اِتي ئِي، ڪاپڙِي!

## وائي

راوَلُ رَھِي نَہ راتِ، جيڏيون! مُنهنجو راوَلُ رَھِي نَہ راتِ،

ڪوهُ ڪرينديس ڪانڌَ ري، وِھائي ٻِرِياتِ،

مُنهنجو راوَلُ رَھِي نَہ راتِ.

مِٽَ نہ مَعذُورِينَ جا، ڪا جا جوڳي ذاتِ،

مُنهنجو راوَلُ رَھِي نَہ راتِ.

لِکِيَمِ لاھوتِينِ جي، مَنجھان ڪِينَرَ ڪاتِ،

مُنهنجو راوَلُ رَھِي نَہ راتِ.

## داستان پنجون

(١)

مُونا طُورِسِينا، مَندا مُناسِينِ،

مَجِدي ۾ مَيدَ ڇُهِي، گوڏا گوڏڙِينِ،

"اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخرِجُهُم مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَي النُّورِ"

اِھڙي پرِ پڙنِ،

"خَرَّ مُوسيٰ صَعِقاً"، جوڳِي جَنگَ جلَنِ،

"مَازَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغيٰ"، اِهڙيءَ رَوِشَ رَوَنِ،

"ڪلُّ من عليها فانٍ"، باقي ڪين بچنِ،
"فڪان قاب قوسين أو أدنيٰ"، تا نانڪا اِيئن نمنِ،
مشاهدو محبوب جو، آئي آديسينِ،
"بي يبصر و بي يسمع"، بي وِصال وهنِ،
"بي يمشي بي ينطق"، اهڙي چالِ چلنِ،
سيد چئي سندينِ، ڪل نه پئين تون ڪهڙي.

( ٢ )

مونا طورسينا، سندا سناسينِ،
پورب ڪنيو نه پاڻ سين، بوڌ بيراڳينِ،
رِدا آهي راز جي، اوچو آديسينِ،
قرب ڪاپڙينِ، نهن چوٽيءَ سيئن ڍڪيو.

( ٣ )

مونا طورسينا، سندا سناسينِ،
"طالب المولیٰ مذڪر"، ايءَ ڪلام ڪيائون ڪنِ،
سڪنِ ڪي سيپين پرئين، پجهي ڏِ نائون پنِ،
آلف آديسينِ، چوري رکيو چت ۾.

( ٤ )

مُونا جَنِ مِحرابَ، جَسو جامِع تَنِ جو،
قِبلہ نَما قَلبَ ڪَري، تَنَ کَيِ ڪِياڻُون تَرابَ،
تَحقِيق جِي تَڪبِيرَ چَئِي، جِسمان ڪَيائُون جوابَ،
تَنِ کھڙو ڏوهُ ثَوابَ، هادِي جَنھِين حالَ ٿِيو.

( ٥ )

مَنھَن مِحرابَ هِرِينِ جو، جامِع سَڀُ جَهانُ،
قَرهِيءَ تان فُرقانَ کَي، ڪانِيائُون قُرآنُ،
آڏامِي آتِ وِيو، عَقلُ ۽ عِرفانُ،
سَيوئِي سُبحانُ، ڪِيڏانھن ڪَري نِيتيانِ.

( ٦ )

مَٿِيائُون مَلَڪُوتَ کَي، نِيَگِيا ناسُوتانُ،
جوکِي جَبرُوتانُ، وِچائِي واٽِ ٿِيا.

( ٧ )

ڀايو مَنھَن مونِ ۾، وِيَنا ئِي وِهسَنِ،
جوکِي جاڻا ڪَنِ، آيا اُلُوهِيَتِ ۾.

(٨)

آيا الوهيت ۾، لاهوت لنگهيو جن،
منجهان تن جسن، حرف نه سڄي هيڪڙو.

(٩)

نا اميدي آڄڪو، اوچن آديسين،
سدا سڪ وسن، طالب اوءِ تقدير تي.

(١٠)

نا اميدي آڄڪو، اوچن آديسين،
ڪڏهن تازيءَ ٽٽ تي، ڪڏهن هيٺ هلن،
ساميڙا سمونڊ ۾، تنبي جيئن ترن،
جي واڪوءِ وات وڃن، ته ڪسن ڪڇن ڪينڪي.

(١١)

لعل لڪي لعل ٿيا، لعل ليکيو هو جن،
عدم جي اوڙاه تي، ڪيا آسڻ آديسين،
گردانيو گنگن، گرداب کي گيان سين.

( ١٢ )

ڪهڙي ڳچين ڪالهه، ڪر نه ڪا آج صباح،
وڃ تنهين سين واڳيو، جو پسين منجهه پساهه،
رمز رباني راهه، متي حال هوشيار ٿي.

( ١٣ )

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، ٿا اهڙي روش رون،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
آيا ايئن چون، ته هرين ڪجو هانهنجو.

( ١٤ )

نامرادي نجهرو، عدم اوتارون،
رضا راڄ سندون، مور نه مڱن ڪي ٻيو.

## وائي

تن ڳتن ڳهر وڃائي، هو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا،
ڪري مرج خاهڙي، گر وٺ گدائي،
هو مائي! جوڳين مون سين جي ڪيا.

اشارتون اَنِ جيون، وَنءُ ڪهي تون ڪائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

نِنڊَ تَنهين کي ناهِ ڪا، جا آد يِسَينِ آئائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

آهي آنهِيءَ ڳالهِ جِي، راولءَ اِيءَ رَباعِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

هيڪائِي هيڪ ٿِيا، ٻَڌَنِ ڪانَ ٻِيائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

آڪِينِ آرَسَ چڙِيو، دِل ۾ ناهِ دَغائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

”إنّ الله وِتر يحبُّ الوِتر“، اِيءَ اُنهين لاءِ آئِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

رِيجهائِي رَمُوزَ سين، ڪاهوڙِيَنِ آئون ڪِجائِي،
هو مائِي! جوڳِيَنِ مون سين جي ڪيا.

## داستان ڇهون

( ۱ )

ڪنهن جنهن ڪنا ڪات، جنِ سامي مور نہ مترا،
ڏينهان ڏکي ڏيل ۾، سور سڄيائي رات،
سندي جوڳيان ذات، جيجان آهِ جذائڙي.

( ۲ )

روح ۾ رهين رام، ڀر ڀولين ڪي پيو،
پيالو پر ڪري، جوپ پيتائون جام،
تهان پوءِ تمام، تن تڪيا تاڪي ڇڏيا.

( ۳ )

رام رهين ۾ روح، ڀر ڀولين ڪي پيو،
سدائين سفر ۾، متا ٿين موءِ،
سامين جا صبوح، ماريان گهٽون سيد چئي.

( ۴ )

متا موءِ ٿيان، سدا سوئيتا ڪاپڙي،
ڪوئي ڪنهن نہ پڇيا، تہ ڪي آندر آندو هيان،
جيڪا چماران، سا منجهہ گوندر گذري.

( ٥ )

ويٺي جنهن وَرِه ٿيا، مٿي سين ميري،
آڪيون جنهن جون آلڪ ڏي، پون ڏي نَ پيري،
ڪارڻان ڪَڪا ٿيا، چرانيا چيري،
لڙڪ لال، لَطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
تينهن نہ نيري، سور چرندي سنرو.

( ٦ )

ويٺي جنِ وَرِه ٿيا، مٿي ميري ساڻ،
ڪارڻان ڪَڪا ٿيا، چيري وِجهي چاڻ،
خودي ڪانئين هايا، پٺيءَ وجهي پاڻ،
سي پهرِ نہ هٿنِ پاڻ، جنِ گَڏيو گرگرِ بان ۾.

( ٧ )

نانگَنِ ڪينَ نمائيو، ناٿ نمائيو لينهن،
مڙهنِ آنا مينهن، جوڳيان منديءَ ذات ڪي،

( ٨ )

نَڪي نمنِ ناٿ ڪي، ناٿ نَ نمائين،
جانا ڪَنِ نَ جوڳ جي، جوڳ نَ جهارينِ.
آديسي آئينِ، آهچائيون آلماس جيون.

( ۹ )

پڻا چر چرائيا، منھن ڪاڻيا سيءَ،
ماڻن مگن بکيا، نہ ڪا لڄ نہ ليھہ،
باھو بيکاري ٿيا، نہ ڪو ڀٽ نہ ڏيءَ،
پسوا جلايا جيءَ، ويراڳين ويراڳ سين.

( ۱۰ )

ھر ھر ڪن ھرنام، ڏون ڏيھائي ڏوتيا،
جن نہ ريجھايو رام، ناٿ نہ نمي تن کي.

( ۱۱ )

ڏون ڏيھائي ڏوتيا، ھر ھر ڪن آميس،
جن نہ ماري ميس، ناٿ نہ نمي آن کي.

( ۱۲ )

کھنڊن پاسي کھنڊ، گڏ گڏارين گودڙيا،
پليديءَ کان پانھنجا، پاڪ رکيائون پنڊ،
نانگا ڪن نہ ننڊ، وڃن روندا رام ڏي.

( ۱۳ )

تھڙا ڪرڄ ڪڪرا، جھڙا جاڻن ڦل،
تن ساھين جي سڌ مران، جن گودڙين ۾ گل،
آندر ۾ آسل، ٻھر ڪوجھا ڪاپڙي.

( ١٤ )

ياد ڪرو ڪن گودڙيا، پر بازارين بينا،
پڙهن سور سبحان جي، اين تنهن بينا،
جيلان سنهن ميئا، تيلان نشا چاڙهيئون نينهن جا۔

وائي

تن آڪين دل آڙائي، پڙي! جيڏيون!
ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
ڦڪيون ڏيئي ڦڪيون، ويچن آئون ورچائي،
پڙي! جيڏيون! ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
حسن هوتن جي آديون، لاليءَ آئون لچائي،
پڙي! جيڏيون! ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
الفت ڪرم آن سين، قرب جا ڪڙائي،
پڙي! جيڏيون! ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
صحبت سپيرين جي، مٺي آه مٺائي،
پڙي! جيڏيون! ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
آلا! عبداللطيف سين، وحدت وٺ ورهائي،
پڙي! جيڏيون! ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟

## داستان ستون

( ۱ )

قوتَ ڪَڙايا ڪاپڙيِ، طعامُ نہ طاماعو،
سَينَ هَنيائونَ سَجَ ۾، پهرَ نہ پيِنائو،
آوَسر آسائو، آئِي گونڊر گڏيا.

( ۲ )

قوتَ ڪَڙايا ڪاپڙيِ، طعامُ نہ طَمعدارَ،
سَينَ هَنيائونَ سَجَ ۾، جوڳِي ڪِنهن نہ يارَ،
آوَسرَ جيءَ آڌارَ، آئِي گونڊر گڏيا.

( ۳ )

قوتَ ڪَڙايا ڪاپڙيِ، ٻَڪَ چڪيائونَ ٻوءِ،
وِيا نيرانا نِڪري، جوڳِي منجهان جوءِ،
آوَسر آجا آوءِ، آئِي گونڊر گڏيا.

( ۴ )

ڀِنَنِ ڪينَ ڀتَ ڪَٽيِ، گھُرنِ ڪينَ گھرانَ،
مهيسِي مخلوق جيِ، آهِينِ دورِ درانَ،
ڀِچَنِ ڪوهہ شرعانَ، آلدرِ عدالت آنِ جيِ.

(٥)

پنن جو پٽ ڪٽي، سو جي سڃاڻن،
تہ بر ۾ بيک لهن، پهر نہ پنن ڪاپڙي.

(٦)

آسڪ جن آوير، سي سانجهيءَ رهن سمهي،
لاهوتي لطيف چئي، آڏيءَ ڏين آلير،
سٿو لوڪ هسي پيا سامي مٿي سير،
ڪيڏهن ڪندا پير، مڙوئي مٿو نيو.

(٧)

وڃڻءَ ويٺا هون، سانجهيءَ رهن سمهي،
مهيسي منهن پانهنجو، ڏاران ڏوڙ نہ ڏون،
وهائيءَ واٽن تي، پاسا ڪوڙيو پون،
ڪنهن کي ايئن نہ چون، تہ آسين آديسي آهيون.

(٨)

وڃڻءَ ويٺا رهن، سانجهيءَ رهن سمهي،
بڪ مرندي بکيا، ڪنهن ڪان ڪين گهرن،
پيٽ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چسن،
ڦڪي فقيرن، ماڳان پني ماٽ جي.

( ٩ )

ڪَتَنِ ساڻ ڪتي، ڏيلَ ڪيائُون ڏُبرا،
پيٽَ نہ ڀيريائُون پانهنجا، چوريءَ ساڻ چُسي،
وِيراڳِينِ وَسِي، رامَ سَدائِين رُوح ۾ .

( ١٠ )

ڪَتي چيلهہ ڪشا، ڏيلَ ڪيائُون ڏُبرا،
لاهُوتي لَطِيفُ چئي، تن ڪِي ڏِين تسا،
گُروءَ جي گسا، پاسي ڪِنِ نہ پاڻَ کِي.

( ١١ )

آديسي آديس، هِتان ڪَري هليا،
ڪاپڙِينِ قلبَ ۾، ڪيو ڏُورائُون ڏيس،
وِيراڳِي نئُون وِيس، راوَل ڏِيکي رِميا.

( ١٢ )

آهي آڪَڙِينِ ۾ آديسِينِ آدَبُ،
تنِ جو حَسَبُ نَسَبُ ناهِ ڪو، نَہ آما نہ آبُ،
سامِينِ کي سِيپِين ۾ پرينءَ، رُوحَ ۾ رهيو رَبُ،
رِي لانگوٽِي لَبُ، پاڇي ڪَٽنِ نَہ پاڻَ سين.

( ١٣ )

لانگوڻي لاهي، وڻ ۽ وبراڳين ساموهون،
ڏڌ سورن جو سندرو، منجهان سڪ ساهي،
انهين وٽ آهي، اوچو ڳالهه اگهاڙ جي.

( ١٤ )

لنگ ڪڍيائون لانگ، موڻي ڪن نہ مسحو،
جا اسلامان آڳي هئي، سا مٺائون ٻانگ،
سامي چڏي سانگ، ڳڏيا گورکنات کي.

( ١٥ )

ويراڳي واڳي، ڏين ڏهائي ڏيل کي،
راول رتين موليهئين، سامي سهاڳي،
جن سين لنئون لاڳي، سي جوڳي ٻسان تہ جيان.

( ١٦ )

ويراڳي واري، آلا! آڳ آئين،
ڏک لاهيندا ڏيل مان، تهن جڻن تاري،
ايندم اوتاري، ڪين ۽ جون ڏيندم خبرون.

( ١٧ )

آرتو آکينِ مان وَھي، مٿي گَلَنِ گاڙ،
ڪوري ڪَنَنِ وِچَ ۾، ڦَچَ ڏِنائُون ڦاڙ،
ھِٽي توبہ تاڙ، نانگا نِسورا ٿيا.

( ١٨ )

لاھوتي، لَطِيفُ چئي، سَڏَ نہ ڪَنَنِ ساڻ،
اِيءُ آديسِينِ آھياڻ، جِنَ تَعلَقَ ڇَڏِيائُون تَڪيا.

( ١٩ )

جَرَ جَرائِينِ آگِڙا، ڪوري ڪانينِ ڪَلَ،
ماڻھ مارِيندمِ آنِ جا، آڏيا ماڳَ مَحَلَ،
ڪيائُون ڪانہ ڪَھلَ، آديُون! عَبدُاللطيفُ چئي.

( ٢٠ )

ڀوڇا ڪارِ ۾ ڀاڻَ ڪي، ڪوءِ! راوَلَ، ڀنِ رجاتَ،
لباسان لَطِيفُ چئي، ڀلِ ويراڳِي واتَ،
مَنَ ماري ڪَر ماتَ، تہ تِيرَٿ ڀسِين تَڪيو.

( ٢١ )

ڀوڇا ڪارِ ۾ ڀاڻَ ڪي، ڀلِ ڀوڇا ڪان ڀاڻَ،
جاڻي ڇَڏي جاڻَ، ڀرِجَ ڀورَبَ ڀنڌَ تي.

( ٢٢ )

ھوچا ڪارِ ۾ ھاڻ ڪي، جوڳي رکج جوڳ،
خلق خادم جنِ ڪرين، اِيءُ راول وڏو روڳ،
پکنِ ڪونھي پوڳ، نانڪا وڃنِ نِڳيا.

( ٢٣ )

ھوچا ڪارِ ۾ ھاڻ ڪي، سمجھ ڪي سامي،
تِي سورنِ سين سنرو، وِيھ ۾ وسامي،
خطرا ڇڏِ خامي، تہ نانڪا رسين ذات ڪي.

<u>وائي</u>

مِڙينئون موڪل، ڪالھ ڪندا ويا ڪاھڙي،
ڪَڏھن آتر سامھان، ڪڏھنِ دونھينءَ جھل،
ڪالھ ڪندا ويا ڪاھڙي.
ھنِ سيڪيندي ھنڙا، سون ڳاڙيندي ڳل،
ڪالھ ڪندا ويا ڪاھڙي.
ڇيري چندن ڪاٺ جنِ، سور ڏنائون سل،
ڪالھ ڪندا ويا ڪاھڙي.

بابو ڪنِ نہ بِڪيا، نَڪا وَلن وَل،
ڪالھ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
آلا عَبدَاللطِيفُ چَئي، اِيندمَ شالَ آمَل،
ڪالھ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.

## داستان اٺون

( ١ )

رَهيا آئيٺي راتِ، صُبحَ وِيندا صابري،
لٿن لٿن منجھ لَطيفُ چئي، ڪَرِ تَنين جي تاتِ،
سَندي جوڳنِ ذاتِ، پيري ڪِنهن ياڳ مِڙي.

( ٢ )

صُبحَ وِيندا صابري، آڳنِ آهينِ آجَ،
ڪِجِ ڪو ڪاپڙِين مان، رَوحَ رَچندو رَجَ،
پيرَ تَنينِ جا پَجِ، متان سِڪين مناسين ڪي.

( ٣ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي سانٺِ اور،
ڏَہ ڏَہ پيرا ڏينهن ۾، هاڻَ متانئنِ گھور،
وِيا جي هِنڪلور، تہ ڪَرمِ ملندء ڪاپڙي.

( ٤ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِنِ وِيهَ،
سامِي سَفَرِ هَليا، ڏورِ چتائي ڏيهَ،
چِڏي سڪ سائيهَ، مَٿي گَنگا گَجِيا.

( ٥ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِنِ وَجَ،
سامِي سَفَرِ هَليا، رائو چِتائي رَجَ،
اِهڙو جنِ اَهجَ، سي ڪرمِ مِلندءِ ڪاپڙي.

( ٦ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِنِ آءُ،
وِيو تَنِ نہ وِسَري، لاهوتيڪو لاءُ،
فنا ۽ فِراقَ جو، سامِينِ چَکيو ساءُ،
وِنان تو وِينداءُ، ڪاپڙي ڪابولَ ڏي.

( ٧ )

آڄَ نہ اوطاقنِ ۾، جاڳرَ جوڳِينَ جو،
سارِيو سَناسِينِ کي، رُوندين تان رو،
پَس پارِيان تو، لاهوتي لَڏي ويا.

( ۸ )

آَجَ نَہ اوطاقنِ ۾، طالبَ تَنوارِينِ،
آديسيِ آئيِ وِيا، مَڙهِيون مون سارِينِ،
جي جِيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهوتِي لَڌِي وِيا.

( ۹ )

آَجَ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِنِ جوڙَ،
ساري سَناسِينِ کي، کامِي ٿِيَس کوڙَ،
مَنَ جَنينِ سِين موڙَ، سي لاهوتِي لَڌِي وِيا.

( ۱۰ )

آَجَ نَہ اوطاقنِ ۾، سَندي جوڳِينَ ذاتِ،
ساري سَناسِينِ کي، رُنمِ ساري راتِ،
مون جَنهين جِي تاتِ، سي لاهوتِي لَڌِي وِيا.

( ۱۱ )

آَجَ نَہ اوطاقنِ ۾، تازا ٻَرَ ڪَکَ،
آديسيِ آئيِ وِيا، ٻِيئِي آڏامِي رَکَ،
سامِي ڪَئِي سَنکَ، وَڃائِي واٽَ ٿِيا.

( ١٢ )

آڄ نه اوطاقن ۾، ڏونهين، ڏنڌ، نه لاٽ،
ويا ويراڳي نڪري، چِت چڪائي چاٽ،
آئون ماريس تنهين مات، جيجان جوڳيڙن جي.

( ١٣ )

جياسون جوڙ نئي، جوڳي ڏئوسون،
ملا تنهين مون، حاصل ڪي حال ڪيو.

( ١٤ )

جياسون جوڙ نئي، جوڳيءَ لاٿو جار،
سندو پورب پار، آچيائون ايندن ڪي.

( ١٥ )

جياسون جوڙ نئي، جوڳي ڏئوسون جان،
سڱ هو جنهين سان، سامي سو سانئي نيو.

( ١٦ )

جياسون جوڙ نئي، لانڪو ڏئوسون نت،
چنجهو هو جو چت، ڪلي سو باغ نيو.

( ١٧ )

هُٿي! جي هٿا هِتِ، تہ مَٿن هوندَ حقُ نِيو،
مِٿيون، سورتَ سَتِ، ماڻ وِسريون ڪي لهان.

( ١٨ )

هُٿي! جي هٿا هاڻ، تہ مَٿن هوندَ حقُ نِيو،
پيهي وِيا پاڻ، آڏيا مَڙه مارين موُن.

( ١٩ )

ڪاپڙي ڪَن چيرَ، وِيا وِيراڳي نِڪري،
دِل هٿي وِيا دَلق ميں، تورو هٿڙا فقيرَ،
سِڱيون مَنجهہِ سَريرَ، هٿي وِيا جام ميں.

## وائي

جوڳي جَڳ گهٽان، لا، موُن وه ويراڳين سين.
پاڇي ڪَنِ تہ پاڻَ مين، ٿيءُ مَنجهہِ ڪٽان، آلا،
موُن وه ويراڳين سين.
جان ڪي ڏاٿيون ڏوڙ، جان ڪي ڪين چٽان، آلا،
موُن وه ويراڳين سين.
ويئي وانڙين تي، پَٽَنِ جھَمن پٽان، آلا،
موُن وه ويراڳين سين.

ساريو سَنَاسِينَ ڪَنِي، وِئِي هَٿَ هِٿان، آلا،
مُون وَهَ وِيراڳِينَ سين.
آيلِ آديسِينَ جا، مُون تِي ڳَنَ گهَٽان، آلا،
مُون وَهَ وِيراڳِينَ سين.

## داستان نائون

( ١ )

جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ ڪي، تِنَّن جي پَچَنِ پِنڌَ،
تَہ رِڙهِي لَڏائُون رَند، لَڀَينِ لَڪَ لَطِيفُ چَئِي.

( ٢ )

جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ ڪي، تِنَّن جي پَچَنِ اَللهُ،
تَہ رِڙهِي لَڏائُون راهُ، لَڀَينِ لَڪَ لَطِيفُ چَئِي.

( ٣ )

سِيمِيرِيءَ سِيدَ چَئِي، جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ،
تَنِ ڪاپڙِينِ نَہ ڪَنُ، جو ڪِي چائِينِ جاڙَ ٿا.

( ٤ )

گَندِي ۽ گِراهُ، جِنهن سَناسِيءَ سانڍيو،
اُنهِيءَ کان اَللهُ، آجان آڳاهُون ٿِيو.

( ٥ )

ڏيئو ڏچين ڀر، ڪر ڀنڀار هلڻ جي،
اَڄ اُڏيسي مَرُ، سيڀان مرندو سيڪو.

( ٦ )

جو کهنڊ سهنڊ سامهون، پرتِ تنهين سين پار،
نينهن نہ ليهي جنهن جو، تنهن سين تون م تنوار،
هڏ م واٽ وسار، ٿِي نرالو نبري.

( ٧ )

پوري ٿي ره، آهي اڃهہ م ڪاپڙي،
آلا جي عِشق جا، سي تون سهيو سہ،
اِڄ پاڻ کي پهہ، هنگلاج هلڻ جو.

( ٨ )

ڏورڻ گهڻون ڏاڪڙو، ڏورج ري م ڏئي،
تان تون هوئج حجري، جانسين يار جئي،
جڏهن ڀاسي پاڻ ٿئي، تڏهن ڇڏج تڪيو.

( ٩ )

ڏورڻ گهڻون ڏاڪڙو، ڏور م ڏيان ڏار،
ڪوڙين لک هزار، اِن اونڌائيءَ آنڌا ڪيا.

( ۱۰ )

تو جو ڏيو پانئيو، سا سوَرج سهائي،
آنڌنِ اونڌائي، جي راتِ وِهامي ڏينهن ٿيو.

( ۱۱ )

ناتَ جِنهين نندَ، تِن نہ نهاريو جوڳئين،
ڪي ڪوڙِساهيا ڪاپڙي، پرِ ٻرا ٻراهين پِنڌِ،
هوءِ هِنهين هَندِ، هو هونهين ويا هِنگلاج ڏي.

( ۱۲ )

سامي تون سلوڪ ڪي، هتان هَڏِ م چڏِ،
لڏيندَنِ سين لڏِ، تہ رهين تون راج ڪري.

( ۱۳ )

ويندَنِ کي وِيڪ ٿِي، هوندَنِ ڪونهي هنڌ،
"مَنْ لَهٗ الْمَوْليٰ فَلَهٗ الْڪُلُّ"، اِي٤ ٻروڙج ٻنڌ.

( ۱۴ )

چڏِ جا ڳوڻا جوڳئين، دونهين ڪام دکاء،
"وَاذْڪُرْ رَبَّڪَ فِيْ نَفْسِڪَ"، اَندرِ آڳِ جلاء،
جَنِ سڄڻ سين ساڄاء، تنِ ڪينا مِٺو ڪي نہ پيو.

( ١٥ )

لَنگھہ لاھوتيان ڪاپڙي، ڏونھين ڪامَ ڏڪاءِ،
اوري ڪَرِ مَ آسرو، پَري پيرَ مَ پاءِ،
جِنھن جي جاءِ نہ ماءِ، وڃُ تنھين سين واڪِيو.

( ١٦ )

ڪوءِ گودَڙ، ہِنِ گبريون، نيئي ڪِداڻون ڪانءِ،
جيڏاھين جوڳ ويو، نيڻ تيڏاھين نانءِ،
پٽو اِيھين پانءِ، تہ سِگيون شومت ھٿ جون.

( ١٧ )

تَڳَڻ گھٽان تڳائيا، تون تَڳڻ ڪي تڳاءِ،
اِنّي آڏيءَ رات ڪي، پنھنجو تن تَچاءِ،
لاھوتِي مَ لَچاءِ، نانگا تون ناموس ڪي.

( ١٨ )

گَلَ گَلَ ڏِسي گودڙِيا، گھٽان مَ پانئيج،
سوئِي سَچائيجَ، ھِيءُ ھو آھي ھيڪڙو.

( ١٩ )

راتيان رَجھن رامَ سين، ڏينھان ڪَنِ سَنان،
جوڳِي مِي آنان، وَٹون جنِ وِراھِيون.

( ٢٠ )

دلق ڍڪائج دل کي، لائج ڪوم لباس،
پوري ڪائج پانهنجو، مڙهيان آندر ماس،
تہ ويراڳي تو واس، بر ۾ بويون موڪلي.

## وائي

ويہ م ويسري، تون ڪي جاڳي اور الله سين.
محبت جي ميدان ۾، سڄي ڳالهہ ڳري،
تون ڪي جاڳي اور الله سين.
سي پڻ روندا رت ويا، مڙيا جي مري،
تون ڪي جاڳي اور الله سين.
سَتي سڄڻ نہ ملي، آهي اي ڪري،
تون ڪي جاڳي اور الله سين.
جي اوسيڙي آڏيءَ آئن، تنين واڳ وري،
تون ڪي جاڳي اور الله سين.

## باب ڏهون

( ١ )

ٻَکَ وِڏائُون ٻَکَرِئين، جوڳِي ڪندا جَڳ،
طابَ رَکَنِ نَہ طعام جِي، اوتيو ٻِنِ آڳ،
لاهوتينِ لَطيفُ چئي، مَن ماري ڪيو مَڳ،
ساڻي جهاڳي مَڳَ، وَسيئَن ڪي وِيجها ٿيا.

( ٢ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽِي لِينگَ،
ٻِنگا جَنهين ٻِينگَ، صاحِبُ تِنهين سامهُون.

( ٣ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽِي لِڪَ،
جيڏانهن ٻِرِينِ وِڪَ، تيڏانهن صاحِبُ سامهُون.

( ٤ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ لانگوٽِي لِيڙَ،
جيڏانهن ڪرِينِ ٻيڙَ، تيڏانهن صاحِبُ سامهُون.

( ٥ )

نَہ گِندا، نَہ گَبري، نَہ ڪِڇُ نَہ ڪاڇوٽِي،
سامِين ٻاري مَڇ ۾، ٻابنِ ٻاهوٽِي،
جوڳِي جَبروتِي، وَڃائي واٽ ٿِيا.

(٦)

ڪڇي ڪاڇوڻي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
سک نہ ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي،
آنين جي جوڻي، پورب ٿيندي پڌري.

(٧)

جا ٻراڌ ٻتن جي، سا اڄ ٻڪ آديسين،
روزا رند رکن، عيد نہ اوڏا ڪاپڙي.

(٨)

رام ڪلي ڏکيا ڪهي، سکيا ڪهي نہ ڪوءِ،
ڪو مٽي ڪو مائٽي، ڪو روچي ڪو روءِ،
رام ڪلي ڪهي سوءِ، جنهن ياڳي دک آڇي.

(٩)

هرينڌ پيهي اٻر ٿيا، گنجو ڇڏي گام،
ويهي ڪيو نہ وڄ ۾، آديسين آرام،
راه ۾ گڏئين رام، هندان ڇنا ڪاپڙي.

( ١٠ )

آڪيون آلو ساهہ، سدا سنائين جون،
واري نيڻ ننڊانءَ، جاڳي جهليا جوڳين.

( ١١ )

آڏ لڳيون آهين، آيل آديسين جيون،
ويهي وهائين، ڪا قضاني راتڙي.

( ١٢ )

آچان سي آهين، جي سزاوار سڳين جا،
وينا وڃائين، جي سناسي سٺين.

( ١٣ )

مرڻ مسلم جن، واحد تن نہ وسري،
هتي سگر ڪاپڙي، نانگا ننڊ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳي آجاريا.

( ١٤ )

عاشق شهر فقير، در در هٽن سين،
"من عرف الله ڪل لسانه" اهڙائي آمين،
جتي پسن ڪين، تتي ڪرين تڪيو.

( ۱۵ )

پنهنجي نيون پڙڪن، باهيون ٻيرائين جيون،
هلو ته سيکيون هنڙا، متي تن مچن،
ملا سناسين، جڙ لڳي مون جان ۾.

( ۱٦ )

هو جي ٿيا هر ڪيس، تن لڳي ڪين لباس سين،
وتن ولهي ويس، لاهوتي لطيف چئي.

( ۱۷ )

ٻَک آنهين جي ٻڪيا، ڏوڙ آنهين جو ڏوپ،
سو ڪنائون روپ، جنان لوڪ لڄ ٿئي.

( ۱۸ )

سڱيون، سيليون، ڳبريون، ٿيئي ڏول ڏڳو،
پٽ ڪي هٿي هٽ سين، ڀري تن پڳو،
لاهوت جن لڳو، سي مڙهيان سور نه نيڳيا.

( ۱۹ )

ويئي وٽيائون، ڪي جي سڳا سور جا،
ڀويو ڀاتائون، ساڃا ڪيو سگين ۾.

( ٢٠ )

ڳَرَ جا ڏِنِي ڳودَڙي، سا مُون ڪِي نِي مَرَڪَ،
چيلا! مارِ چرخ، اوڏي وِيهه آدَبَ سين.

( ٢١ )

ڳَرَ جا ڏِنِي ڳودَڙي، سا نِئِي لاهيندي لَڄ،
سَندا تنهِن سهَڄ، چيلو چوندو ڪيترا.

( ٢٢ )

جا ڳَرَ ڏِنِي ڳودَڙي، سا مُون ڳهٽُون سهاءِ،
نيئِي رَماٿِي ماءِ، اوڏِنِ جي آدَبَ سين.

( ٢٣ )

ٻَتَ چڏِيائُون ٻَتَ ٻ، ڏَنبَ چَڏِيائُون ڏورِ،
مهيسِي مَعمورِ، وَڃِي ڪالهَ ڪَلَ ٿِيا.

( ٢٤ )

ٻَتَ چَڏِيائُون ٻتَ ٻ، ڏَنبَ چَڏِيائُون ڏِس،
آلائِشان آڪِي ٿِيا، مونِي ٿِينِ نہ مَس،
هِيءَ چَڏِيائُون حس، وَڃِي ڪالهَ ڪَلَ ٿِيا.

( ٢٥ )

ڏاڍا هَڏِ نَہ ڏوءِ، دِل ڏونائون ڏَڪَ سين،
لاهوتي لَطِيف چئي، روحان آندرِ روءِ،
ڪو نَہ ڏِٺو سون ڪوءِ، سَنياسي سورَنِ ري.

( ٢٦ )

پڇُنَ پَرَ ڏيهنِ جو، آسَ وَٽِ آهي،
لَڳَو جي لاهي، هُنهين تان حَقُ لهي.

( ٢٧ )

نَڪي طَعامُ تنبڙين ۾، نَڪي گَبريِن،
سُون ٻئي مَلا تنِ، حاصِلُ هيءُ حالُ ڪيو.

( ٢٨ )

ٻولي ٻَجهارَتَ، جوڳِيان سَنديءَ ذاتِ جي،
ڏورَڻُ گهڻون ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عَجَبُ عِبادتَ، پهه پرووڙُ آن جو.

( ٢٩ )

جِنهن ڪارڻِ جوڳِي ٿِيا، جان جان سو نَہ ٻَسَنِ،
تان تان سَنياسِينِ، وِرهُ وِهامي راتڙي.

( ٣١ )

نه ڪلِنِ، نه ڪينِ ڪي، نه ڪي ڳالهائينِ،
ڪنهن جنهن ۾ آهينِ، سا ڀرِ ٻروڙنُ ڏاڪڙو.

( ٣٢ )

ڪي جو ڏِئانءُ، جِنُ ڍڪِجي ڏورِ ٿيا،
وِهڪ نه ڪيائون، آپِڪ عيب نه آنِ جو.

( ٣٣ )

ذرو ناهِ زمِين، جِتي عرش نه آپ ڪو،
نه ڪو سورِج، چنڊ جو، هتو آتِ ڀسِين،
نه ڪي تارا ڪتيون، نه ڪي جِسم جنِين،
آتي آديسِينِ جي، قدم ري پيو ڪِين،
مِلِي ٿيا مِسڪِين، رام رِيجهائي راز سين.

( ٣٤ )

جِتي عرش نه آپ ڪو، زمِين ناهِ ذرو،
نه ڪو چاڙهانءُ چنڊ جو، نڪو سِج سرو،
آتي آديسِينِ جو، لڳو دنگ درو،
هري ڀينِ پرو، ناٿ ڏِئانءُ نانهن ۾.

## وائي

جوڳي ڏاڍي ذات، جيجان ساسي ڏاڍي ذات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
راتيان ڏينهان روح ۾، مون کي سنڌين تات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
سگها ايندءِ سپرين، شل سياڻي پرڀات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
آئين آديسين جي، مون کي وائي آهي وات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
ڪريان عرض الله کي، آئون اٿي آڌيءَ رات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

# ڪاهوڙي

( ١ )

ڪاهوڙين خفيءَ سين، سوجهي لڌو سبحان،
عاشق اهڙين آڪرين، لنگهيا لامڪان،
هوءِ ۾ ڪڏجي هوءِ ٿيا، ٻاهو سي ٻريان،
سيوئي سبحان، آيو نظر آن جي.

( ٢ )

مون سي ڏٺا ماءِ، جنهين ڏٺو پرين کي،
آنهين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڪالهڙي

( ٣ )

مون سي ڏٺا ماءِ، جنهين ڏٺو پرين کي،
رهي آڇجي راتڙي، تن جنگن سنديءَ جاءِ،
آنهين جي ساجاءِ، ترهو ٿئي تار ۾.

( ٤ )

وينيون پٻ پٽي، ڪيرون ڪاھوڙين جون،
آئون تن ڏوٽين جون، پڇان ڪير پهي،
رڃن رات رهي، جنين ڏونگر ڏوريا.

( ٥ )

ٻاران ٻچي آھ، خبر ڪاھوڙين جي،
ڏوٽين ڏونگرانءَ، ڪنهن پر ڏوريو ڏٺ ڪي.

( ٦ )

تون هڏ ڪجاڙيا، سنجهي سعيو نہ ڪرين؟
سوارا سنڌ ڪٽي، ڪاھوڙي ويا،
آڻيندين ڪٿا، ڏٺ ڏوراٽي ڏيھ جو.

( ٧ )

هوءِ ڏوٽي، هوءِ ڏينهن، هوءِ ڏونگر، هوءِ لڪيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پٽان لهسن لڪ ۾.

( ٨ )

جا جوءِ، سٽي نہ ٻڌي، ڏوٽي سا ڏورين،
ٻاسا ستي ٻاھٽين، ڪاھوڙي ڪوڙين،
ويا آت ووڙين، جت نهايت ناھ ڪا.

( ٩ )

ڪاهوڙي ڪِجن، ٻِيو ٻُورِهيت وِيسرا،
ٻي ڏونيَرا ڏورِ وِيا، رُڃن جي رهن،
ڪا مَنِ آهي تَن، مون پِريان جي ڳالهڙي.

( ١٠ )

دلق ڪَڏيو ڏورِ ڙ م، ڀِڪليا پٽڻ،
ڳالهيون ڳِهلي لوڪ سين، ٻڌرِ ٻُڌي نه ڪنِ،
ڪا مَنِ آهي تَنِ، مون پِريان جي ڳالهڙي.

( ١١ )

تون وَنڻن ويهي آءُ، آڳُڻ ڪاهوڙِين جي،
جوش ڏِنائون جيءَ کي، لِڪائي لوڪاءَ،
ڏونڙِين ڪِنهن ڏکاءَ، سمهي سُک نه ماڻيو.

( ١٢ )

ڪي ڪي ڪاهوڙي! ڇپر م سڌ ٿيو،
آڪِي ٿي مٿي، جَنِهِين سندي ڳالهڙي.

( ١٣ )

ڏَتَ ڳُهٽائِي ڪَنِ، اِنَ اورانهين ڏيهه جو،
سندا ڪاهوڙِين، ٻري سَجِنِ ٻِهجرا.

( ۱۴ )

ڏٽ نہ ڪنو ڏوٽيين، جيڪي ڏٽ ڪرين،
آهجاڻيون عالم جون، اوريائين آئين،
تيهان ٻري ڏسين، ٻريان سندي ڪالهڙي.

( ۱۵ )

جيڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو،
ڇپر ڪين ڏئي، موڪڙيون ستن ڪي.

( ۱۶ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، موران ۾ ماتام،
ڪيائون قيام، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڏ ٿيا.

( ۱۷ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، گھرين نہ گھارين،
واحد لڳ ولهن ۾، رويو جڙ هارين،
گوندر گذارين، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڏ ٿيا.

( ۱۸ )

سون ڪاهوڙي لڪيا، ويهي نہ ويرم ڪن،
ڏينهن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جھنگل ۾ جھٽڪين، جھ ڏوٽي ڏٽ ڳڏ ٿيا.

(١٩)

مون ڪاموڙي لکيا، آئين نه آرام،

ڪيائون تن تمام، جهه ڏوني ڏٺ گڏ ٿيا.

(٢٠)

مون ڪاموڙي لکيا، سمهن ڪين پٽي،

سمر ڪيائون سڄ جو، ڏوري ڏٺ لهي،

ويا تت وهي، جت نهايت ناهه ڪا.

(٢١)

راتو رڃ رهون، جتي نينهان نِڪٽي،

لڳيو هير لکن سين، چڃيو تين چهون،

تان ڪا سار لهون، هوت! ڪميٽيءَ سيرين.

(٢٢)

ڪاموڙين ڪٽي، ساجهر هڏا سندرا،

ڏوريندي * ڏونگرين، پاڻ ڪيائون پٽي،

ڏکن ڏيل هٽي، چيهه لڏائون چيرين.

(٢٣)

ماءِ! ڪاموڙي هليا، دونهان دکائي،

وڙا وسائي، ڏوني ڏونگر وٽ *.

( ۲۴ )

ماءَ! ڪاهوڙي هَليا، ڏڪائي ڏونهان،
ڇَپَرَ جا سونهان، ڏوٿين ڏَٺ ڇتائيو.

( ۲۵ )

ڪٿي نہ ڪيڪان، پَنڌِ پراهين هَليا،
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏَٺَ ڪي، جَنبيا ڏُنهن جابان،
ڪاهوڙين آهيان، آنگ نہ سَجي آڳڙي.

( ۲۶ )

سِڪ اَ سَتا ڪَڏهين، کَرڪَٽان لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙينِ آنَ پنڌَ جو.

( ۲۷ )

پيرين پراٺان ڪيترا، سَڪا مَنهن سندن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت مَنجهن،
ڪِجها ڪِجهيون ڪَنِ، تِهان پراهين پَنڌَ جيون.

( ۲۸ )

سَڪا سَندَ ڪَڇَنِ ۾، کَرڪَٽان پيرين،
نمندي نيٹين، آنَ ڪي ڪاهوڙي گَڏيا.

( ٢٩ )

نڪ سنڌ ڪڇن ۾، ڪرڪٽان پيرين،
وھائي ويرين، آئون تن ھين آڪ جي.

## وائي

وسائيندڙي مينھن، مان ملان ڪي سڄڻين،
آئون ملندي پرين ڪي، راتيون ڏوري ڏينھن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
مون ڪي پرين ميڙئين، روجھڙيون ميڙئين مينھن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
آڪيئن آگم لائيا، ڪر منداڻتا مينھن،
مان ملان ڪي سڄڻين.
مادرا موٽي نہ وھان، جان پريان سين نيھن،
مان ملان ڪي سڄڻين.

## داستان ٻيو

( ١ )

پيو جن پرو، ڳنجي ڏونگو گام جو،
چڏي کيت ڪرو، لوچي لاھوتي ٿيا.

( ٢ )

هيٺي جن ھرڪ، ڳنڍي ڏونگر ڳام جي،
وانڍي سڀ ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٣ )

هيٺي جن هٽي، ڳنڍي ڏونگر ڳام جي،
ڇڏي ننڊ ڳهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٤ )

هيٺي جنين بوءِ، ڳنڍي ڏونگر ڳام جي،
ڏوري سائي جوءِ، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٥ )

هيٺي جنين باس، ڳنڍي ڏونگر ڳام جي،
ڇڏي سڀ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٦ )

ڳنڍي ڏونگر ڳام جي، هيٺي جنين سڌ،
يي سڀ ڇڏي ٻڌ، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٧ )

ڳنڍي ڏونگر ڳام جي، هيٺي جن ھروڙ،
ڇڏي سڀ ضروڙ، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٨ )

پيهي جنِ پَروَڙيو، گَنجو ڏَونگر گام،
ڪَري تَنَ تَمامُ، لوچي لاَهوتي ٿِيا.

( ٩ )

ڪِهڙو آئيئي ڪامُ، گَنجي ڏَونگرَ گامُ ۾،
پَسي تنهِن پَهاڙَ کي، آچي نَ آرامُ،
مَتان ڏَونگرَ ڏوريِن، اَجهِين ڪَهه، عَوامُ،
"هُمَّ" ڪَر حَرامُ، ڪامُ، تَہ ڪاهوڙي ٿِيين.

( ١٠ )

گَنجي ۾ گُنَ گَهٽان، پيرَ پَروَڙي پاءِ،
ڪاهوڙي کَرا وِيا، نَڪا اوڏي ماءِ،
جَنيِن ڏِٺي جاءِ، تَنيِن موتَڻ مِنهٽون.

( ١١ )

جِتِ نَہ هَڪيءَ پيرُ، تِتِ تِمَڪي پاهڙي،
پِيو پارِيندو ڪيرُ، ڪاهوڙِڪيءَ ڪيرَ رِي.

## وائي

آئون جيهائي ذات، تون پاڻ سڃاڻج سپرين ۔
اوئيون آديسين جيون، پسر ييان ساري رات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين ۔
جي پانهي کوئيين پاڄهہ سين، تہ کر لڌيم ذات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين ۔
تان کي ڏونگر ڏوريان، جان نہ وهامي رات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين ۔
کنديس عرض الله کي، وهائسي هر يات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين ۔

## داستان ٻيون

( ١ )

آچي پيا آتَ ۾، واٽ وڃائي جن،
اوءِ بصير برن ۾، آنڌا ٿيو آين،
کنن آڏيون تاڙيون، گنگن جئن گهمن،
فراقي فرمان جو، آهي ۾ هوڙن،
لنگها ٿيا لاهوت کي، متا پيا سِکن،
کپت کاهوڙين، آه انڻي پٺي نہ لهي۔

( ٢ )

ڏسي ڏوري ڏونگرين، وات وڃائي جن،
ڪَرندان ڪي ڀروڙيو، رندين سي نه رڙهن،
پيئي دار ديون ڪيو، پيرت تان نه پڇن،
ڏوڙ ڀريان لئي ڏار ڪيو، ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لِڪ لاهوت جي.

( ٣ )

ويڄهو وڃ م وات ڪي، ڪهڄ ڏنهن ڪوات،
اڃهي منجهان آت، آويسي ئي آءُ تون.

( ٤ )

ڪپيريءَ ۾ پير، ڪنهين پاتو پيريين،
جئان منجهه ماڙهئين، سڄڻ تئان ئي سير،
اِن پون سندو پير، ڪوڙين منجهان ڪو لهي.

( ٥ )

ڪپيريان پري ٿيا، آپڏي پڏائون،
انهين ڪي آئون، هينئر ڏسي آئيو.

( ٦ )

ماءُ ڪاھوڙي آئيا، ڏوري ڏوري ڏيھہ،
سين پھرين ڪيھہ، ڪھہ جاڻان ڪنھن پار جي.

( ٧ )

جھنگل ھليا، سي نہ پليا، راھہ ھليا ڦرجن،
اوجھڙ سي نہ پون، پئي جنين ڇڏيون.

( ٨ )

جھنگ ڪاسي پٽ ٿيو، پڪي چوران لڪ،
سيڪڙو ۽ سڪ، پئي گڏيا پاڻ ۾.

( ٩ )

جھنگل آھيڙين کي، پنڻ ڪيو روءِ،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙھيو آيو چوءِ،
ھاڻي ھنھان پوءِ، لڳي لوئو نہ ٿئي.

( ١٠ )

جھنگل آھيڙين کي، پنڻ ڪيو روندو،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙھيو آيو چوندو،
ھڏھين نہ ھوندو، اِنھان پوءِ عالم ۾.

( ١١ )

نه ڪتا نه ڪوڪار، نه سي مڏ شڪارين،
هنيو ڪٺي هار، جهنگل آهيڙين ڪي.

( ١٢ )

ور سا سڄي ويڙه، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڳ ٿِي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙهئين.

( ١٣ )

ور ما ڪاري رات، جنهن ۾ راه گم ٿئي،
نه ڪا هن جي تات، هيءَ پڻ وڃي وسري.

( ١٤ )

ڪاري رات آڇو ڏينهن، اِيءَ صفتان نور،
جتي پرينءَ حضور، تتي رنگ نه روپ ڪو.

( ١٥ )

تحقيق جي تون پري، متي ريءَ ڪٺيج،
جا حاج هتن ري نه ٿئي، سا تونئو ٿي ڪريج،
هڪل حقيقت جي، پوڙو ٿي پڌيج،
آنڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

( ١٦ )

وائي وڃيم شال، ڪنن سين ڪيم سٺان،
پلو ڪري پال، آکين سين آنڌو ٿيان.

( ١٧ )

ڏونگرين ڏسجن، اَڄ ٻہ ريون آنِ جيون،
ڏونگيڙا ڏٺ ڪي، آراڙان آچنِ،
خيما ڪاهوڙينِ، اَڄ نہ آنهين پيٽئين.

( ١٨ )

ڏونگر نہ ڏوٿي، ڏونگر سڃون ڏوٿِن ري،
ٻچان ٻروٿي، ڪِ ڏوٿي ڏٺِ آچٽان؟

( ١٩ )

ڪاهوڙي ڪرا، سوڏي خبر پسڪئين،
سوجهي جنِ ڪيا، مٿي آڳنِ آهرا.

## وائي

( ١ )

سياڪو سيٽان، پوري تو پاڻ سڃاڻي نہ ڪيو،
موٽي ماڳ نِهارئين، ڪِهڙي منهن ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سڃاڻي نہ ڪيو.
مَڇ ٻسي ڪِنَ موٽئين، موڙئين نہ لئي سيٽان،
پوري تو پاڻ سڃاڻي نہ ڪيو.

واريءَ جئن وڃري هيئون، ڪنڪي لئي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سڃاڻي نه ڪيو.
آئن منهنجا آنگرا، ڪل نه پوي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سڃاڻي نه ڪيو.

## وائي

( ۲ )

جاڳي آڪڙين، تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟
آڪڙيون پرين لئي، تن تهه ڪيو تن،
تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟
جي منجهيئي ستيون، سي مر سور سهن،
تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟
جن ڪي آرس آڪيين، سي ڪئن پرين پسن؟
تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟
جن نيڻ هيرايا ننڊ سين، سي ڪئن محب ملن؟
تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟
وهائيءَ وهائيين، گوڙها سر ڳلن،
تو ڪوه اوجاڳو نه ڪيو؟

# پورب

## داستان پهريون

(١)

ڪري ڪانگ ڪُورلشون، ٻيرٻن پرٻن ۾ ٻيج،
آئون جو ڏِيان سنيهڙو، وِڃ مَ وساريج،
الله لَڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چِئان تِنَ چئيج، تہ ڪنياتا خوش هئين.

(٢)

اڏر لَڳ الله، ويلو ڪرِ مَ وِچ ۾،
آئون جو ڏِيان سنيهو، سانئي برابر ساه،
سندي ڳجهاندر ڳاه، ڪهجِ مَ قريبن ري.

(٣)

آءٌ اڏامي ڪانگڙا، ٻارانيان ٻچار،
وِيهي ڀِت وصال جو، تان ڪو تَر تنوار،
جي ڏِسَن ۾ ڏِيسار، سي اڏامي آڻ پرٻن.

( ٤ )

مٿي لامَ لطيف چئي، ٻارانيان ٻچار،
ڦيرِ ۾ فضيلت تون، جا ڪَر اوهان جي ڪار،
جي ڏٺي ۾ ڏِسار، سي آڏاسي آڻ ٻِرِين.

( ٥ )

وهلو وَر، وَرِيا ٻِرين، آئي ڪانگا وَڻ وِيهه،
جن ڏورِ وسايو ڏيهه، سي آڏاسِي آڻ ٻِرِين.

( ٦ )

ٻِرين جي پرڏيهه وِيا، ڪانگل سِيئي ڪوٽ،
جنين ري جهانَ ۾، آ ڪَڙين آروٽ،
الله لَڳ لطيف چئي، ڪِج ڳاراچو ڳوٽ،
جي ڏَمرِيا ڪنهن ڏوٽ، سي آڏاسي آڻ ٻِرِين.

( ٧ )

ٻِرين جي پرديس وِيا، تن جي ڪانگا ڪِج خبر،
تہ سڀ مڙهيان سون سين، ڪَي تنهنجا پَر،
ڳهي مٿان ڳهر، ڏِج ٻارانيا ٻِرينِ کي.

( ٨ )

آءُ ڪانگا وڻ وِٹھ، سڏيون ڏي ساٿيھ جون،
ڇگا ڀلا سپرين، ڪي مڪ وسي ساٿيھ،
ٻرين لئي ٻرڏيھ، مون تان گھٽون نھاريو.

( ٩ )

ڪرڪتيو ڪانگ لنئي، منيءُ تي مضبوط،
آئيو ڏئي آتڻ ۾، سنيھا ثابوت،
ڪانگل آئُون ڌوت، پيغام تن ٻرين جا.

( ١٠ )

مٿان منھن منھنجي، ڪنھن آڏايو ڪانءُ،
ڪنھي آئيو ڪالھڙي، سندي سپريانءُ،
جيڏيون جاڙ ڪيانءُ، سٿر ھوند سنيھڙو.

( ١١ )

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان، ھنئون ساڻ ھٿن،
وڃي ڪاءُ ولات ۾، آکيان عجيبن،
ٻرين مان چون، تہ ھئن قربان ڪيرنئي.

( ۱۲ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سور ٿئي، ٻهو ٻٽ هڻيو،
ڪامي آرٽ ڪنئيو، ويچاريءَ ورونهن مانِ.

( ۱۳ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، تو زاغ ڪري زاريون،
آئيو ڏي آتڻ ۾، سنيها سارِيون،
ماٺ ڪريو مارِيون، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو.

( ۱۴ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪا جا لاتِ لتي،
آتڻ ۾ آندوه ٿيو، سڪهي ڪان ڪتي،
وبڙهي منجهہ وتي، ڪي جو ڪانگ ڪمائيو.

( ۱۵ )

ڪي جو زاغ زبان سين، لنبو متي لام،
ڀڄاپائين پرينِ جا، سرتيون آج سلام،
ڪاڪيون ڪتي ڪا م، تہ ڪهيو سٽان ڪانگ جو

( ١٦ )

واڪا ڪير وٽن ۾، آڇيو آڇيو پون،
سنيها سيٽن جا، چونيءَ چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪوڙا هون، پريان سنديءَ پار جا.

( ١٧ )

پريان سنديءَ پار جو، ڪانگل نہ ڪوڙو،
آڇي وڃي وڃ ۾، مٿي در دوڙو،
جو آندر اوسيڙو، سو لاٿائين لطيف چئي.

( ١٨ )

ڪانگل قريبن جا، آڇي وائي وٽ،
تو ۾ بوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري مٽ،
آڇي عجيبن جو، اورانگهج آڳٽ،
توکي پسي ترٽ، سورنئون صاف ٿئي.

( ١٩ )

آنديون ڪانگ قريب جون، آج واڌايون واه،
من مرادون پنيون، ٿيون سرهائيون ساه،
آندا پرين الله، سڏ منهنجا ساب پيا.

( ٢٠ )

پيو آهين پٽ ۾، ڪانگل ڪوھ ليوءِ،
آڳي اُس تڙڪو نہ سهين، اَجُ سارو ڏينهن سئوءِ،
هيءُ حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

( ٢١ )

هٿين وسيلو وچ ۾، ڪانگل ٻاڙيئي ڪان،
آنوءِ ڪين عجيب ڪي، ظاهر ساڻ زبان،
توڙ ٻهتين تان نہ، اوريان ئي آئيو ڏئين.

( ٢٢ )

ڪانگل تنهنجي چانگ، جڏو جيءُ جياريو،
مٿان لامَن لَت ڏيو، ٻولئين سِر ٻيلانگ،
اَڏَر مٿان ڦانگ، تہ گهر آون سپرين.

( ٢٣ )

ڪانگل نيئي ڪانگ، منهنجي ڏي محبوب ڪي،
”لالن لائي ڏينهڙا، ڪنهن سٿائي سانگ،
اوهان ريءَ آڙانگ، ويئي وره وسائيان.“

( ۲۴ )

آءٌ ڪانگل تو ڏِيان، چِٺي چورائي،
مُنهنجي ڏِجِ مَحبوبَ کي، لوڪان لِڪائي،
ٻرين ٻڙهائي، مانَ مَنِ لهَنِ سورَ جي.

( ۲۵ )

آڳٿان هيٺ نَہ آتري، ڪانڪانْ ڪانگ ڪَري،
ٻِريان سَندي ٻارَ جي، ڪانگل ڳالهہ ڪَري،
پِٽَ نہ پِيرَ ڌَري، آيو چوي آيا ٻِرين.

( ۲۶ )

آءٌ ڪانگا ٻهَ ڪولِ، سَڏيونَ ڏي سائيهَ جونَ،
جي آندءِ عجيبنِ جا، مي خَطُ خوشيءَ مان ڪولِ،
آئون سَٺان تونَ پولِ، سنيهو سڄڻ جو.

( ۲۷ )

ڪانگا ڪِتابَت جي، آندِئي خوبَ خبر،
لَس تِنهين ٻر لِکيا، دِلاسا دِلبر،
هيٺڙو مونَ هر هر، وانچيو وانچيو ٻِلدري.

(۲۸)

ري پريان پرديس ۾، وره وڏي ڪي وس،
آکيون ھار پرين جي، ٿيون ڳام نھارين ڳس،
ڏيندا ھانڊي ڏس، ڪينءُ جون آئي خبرون.

(۲۹)

زاغ تنھنجيءُ ذات جو، ٿورو مٿي مون،
آڏامج، عبداللطيف چئي، صبح سپٽن ڏونھن،
ڪج وڻيون وتريون، پاجھائج پھون،
لالن ڪون لھون، جھو تو جھان ۾.

(۳۰)

ڦرين جو ڪانگڙو، ٿاريءُ تي ٿلي،
ڪٿيو ڪنياتو خبرون، ڪيرون ڏيو ڪلي،
لائي جنھن لالن سان، منھنجي بات ٻلي،
سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوس جو.

(۳۱)

ڪانگل قاصد پرينءُ جا آڳڻ آيو ٿل،
بيائيد، بنشنيد، محب مون کي مل،
زاغ گفت فھميدم، خوشحال وبلو ڪل،
غراب نہ غافل، جنھن طعنا تنڪا لائيا.

( ۳۲ )

ٻر ٻان سنديءَ ٻار جو، ڪنو جي ڪانءُ،
آنهين مٿان آءُ، ڪوڙين قرباني ٿيان.

( ۳۳ )

سو ڪانگ م قاصد ڪر، جو سدا ڏونڊي ڏونڊ ڪي،
ڪ ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪ ويندو دوسن در،
جنهن جي ٻوليائي "ٻر ٻر"، سو ليا پا نيئي رهيو.

## وائي

سائين! سگ سندوم، م ڇڏي سين جوڳين،
هلو جو هنگلاج ڏي، آد ٻسين آتوم،
سائين! سگ سندوم.
نيئي پورب پار ڏي، ويراڳين وڏوم،
سائين! سگ سندوم.
سوئي تيرٿ تڪيو، سوئي پنڌ سندوم،
سائين! سگ سندوم.
هو جو تيرٿ تڪيو، سامين سونهايوم،
سائين! سگ سندوم.

## داستان ٻيو

( ١ )

سدا شوق ٻرينِ جي، ڦران ڦيري دار،
مان سڄيھون ڀار، آکيان آکڙيون کڻي.

( ٢ )

تنِ آکينِ آتان سک، کِلندي کڻنِ جي،
ٻرين ٻاھوھُ سان، ڏور ڪيا سڀ ڏک،
ماڙهنِ ليکي ٻک، سامِي سور سنھان ڪيا.

( ٣ )

سامِي چائِيين، سک طلبِئين، ھوندنِ جڻن م ھو،
توکي ويس وِچائيو، ويس وِچايو تو،
سامِي آھي سو، جنھن پاڻ وِچائي ٻوريو.

( ٤ )

سامِي چائيين، سک طلبِئين، ٻکئين نہ سامِي،
آچا اورڻين ٻنڌ ۾، ويئين وِسامِي،
ڳرکي تون نہ ڳڏئين، چائيين اِنعامِي،
دائم مدامِي، ٻورو رھج ٻرينِ سين.

( ٥ )

سامِي چائِيين، سِک طَلبِئين، هو ۾ هوندَن جِنّ،
لاهوتِي لَطيفَ چَئي، هونَ آديسِي اِئَن،
مِي ڪاپڙي ڪِئَن، جِي تَعلق رَڪنِ تَڪيا.

( ٦ )

سامِي چائِيين، سِک طَلبِئين، وارِئين نَہ ويراڳ،
لاڳاپا لَطيفَ چَئي، جوڳِي ڇڏي جاڳ،
جِئَن تون پِئين سَنرو، اِيَ آديسِينِ آياڳ،
لاهوتِيڪو لاڳ، مرِين جي نَہ مائِئين.

( ٧ )

سامِي چائِيين، سِک طَلبِئين، تَسِئا ڏِئين نَہ تَن،
ماڙهنِ ڪان منهن ڪيو، پِنين آئا ۽ اَن،
ڪاپڙي تو ڪَن، ڪِ چِيرايا چَشَن لئي.

( ٨ )

پورِبِيا مُوري وِيا، آسَن آڏي؟ رات،
سيمِ نَہ سَناسِينِ جون، پچارون برِيات،
ڪا جا جوڳِي ذات، مَتَ نَہ مَعذُورن جا.

( ٩ )

ھُوَرَيا ھُوَرِي وِيا، آسَنَ آجَ صَبوحِ،
خَستُوريءَ خُوشبوءِ، آھي آدِيسي گيا.

( ١٠ )

مَٿي راهَ رَوان ٿِيا، پُورب پُورِيائُون،
ھِي گَھر گهورِيائُون، آڳانڍِيائُون آڳِيان.

( ١١ )

پُورب ۾ ٻيھِي، تان مُون گهٽُون نِھاريا،
سَڌَ نَہ سَڪي سَجَڻين، جيھي نَہ ٽيھِي،
ھٿا ھَرَڏيھِي، وَڃائي واتَ ٿِيا.

( ١٢ )

پُورب مارِياسِ، ڪِنھن دَرِ ڏِيان دانھڙي؟
مَتيون ڏِيندي لوڪَ کي، چَري پاڻَ ٿِياسِ،
جنھِين نَہ جِيھِياسِ، مان لَنئُون لَڳي تَنِ سين.

( ١٣ )

پُورب پُورب تَب ڪَرُون، جَب ھِينڙي آوَن پُورَ،
سِڪَندي کي سَجَڻين، نَڪُون لابُون نُورَ،
مارِيسِ انھِين سُورَ، جِنَ ساجَنَ سَجي، نَہ مِلي.

## وائي

جَنِ جو وارِثُ تون، آلا! سي ڪِئَن رَهندا نيڻَ مَنهِنجا؟

آڪِي آپ خَلِقيا، پَلي خَلقِيائين پون،

جَنِ جو وارِثُ تون، آلا!

جوڙِيائين جوڙ جهانَ جِي، چِئي "ڪُنْ فيڪُون"،

جَنِ جو وارِثُ تون، آلا!

ڪوڙي دُنيا، ڪوڙا پسارا، ڏينهن ميڙيئي ڏون،

جَنِ جو وارِثُ تون، آلا!

آهِيون آلف آسري، مُحمّد محيوسون،

جَنِ جو وارِثُ تون، آلا!

# بلاول

## داستان پهريون

( ١ )

وسه اِنهين وِنءِ کي، جنءَ دعوت کي داتا،
مضمضه واتا، وِجهه تہ ڏينئي وات ۾.

( ٢ )

ڪڏي ڪهڻ ڪهران، صلح ڪر سلطان سين،
تہ توں تنهن دران، ڏيهائي ڏان لهين.

( ٣ )

بيءَ م طهورا، وانءُ اورانگهي اوريان،
وِچان جي وصال کي، سي سڀ آجورا،
حاصل حضورا، سمي جي سڀ ٿئي.

( ٤ )

سما! تو سِر چِٽ، نات پاڪارا پرس گهٽان،
گهرڻ تنهنجي گنج تي، اچي جال جگٽ،
جن جهڙوئي هٽ، تن تِهڙيئي بکيا.

( ٥ )

پيرِيون پيري پيچَ، هي جي منجهان پورِيون،
پِي دَرِ ڪنهين ۾ وَڃَ، ريءَ هاشميءَ هيڪڙي.

( ٦ )

سمون تنِ سَڏَ ڪري، جنِ تي وَڏو وير،
آئي تہ آجِي ٿيان، پاءِ پاڪوڙي پير،
تو ريءَ پيو ڪير، سَرَٽينِ جا سونا سهي؟

( ٧ )

سَرَٽينِ جا سونا سهي، وَسِيلو وِلهن،
لَڏي ڪينَ لَطيفُ چئي، اڳيان لالَ لَکَن،
جتِ ڪوڙين ڪين ڪَڄن، اُتِ پاپوهي پڌرو.

( ٨ )

جو چَلِيون پَسي نہ چڪيو، تنهن واڪاٽيو وڪَ،
لَڏي ڪينَ لَطيفُ چئي، لَکَنِ آڳيان لِکَ،
پير نہ موڙي پانهنجو، تِکيءَ پيئي تِکَ،
سَرَٽينِ ڏئي نہ سِکَ، هڪَلَ سين هالارَ ڏئي.

( ٩ )

تِرِ تِرِ ڪيم ترس، مَر نِهارِج سيرو،
ڏيندءِ لَڪ لَطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رَسُ،
وِلَها جِنهن ونهيان ڪِيا، ڀاڳ تنهن جي پَسُ،
ڪوڙين لاهي ڪَسُ، جي ڳالهائي ڳاٽ ڪَٽي.

( ١٠ )

آروڙجي آئيو، ديمنِ ڀِسِ ڏڪ،
لاٿائينِ لَطيف چئي، عالَمَ تان آهَڪ،
تنِ سرٽينِ ٿيا سُڪ، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١١ )

آروڙجي آئيو، ديمنِ ڀِسِ دانهن،
ڀاڳيو ڀيو ڀير ڪٿي، سيون سرٽينِ ڏانهن،
مٿان مَٿي ٻانهن، آيو آڇي سُلطانُ ڪي.

( ١٢ )

سرٽينِ جي سُڪ لئي، ساهر ڪنئي سردار،
جي آيون آبڙي جي آڌار، مي سونگ نہ ڏينديون سومريون.

( ١٣ )

آبڙو آڳاهن ۾، سيڙ جڻن ڇلي،
مي ڀٽ ڪنهين نہ ڀوريا، جن تو ڀڙ ڀلي،
سڄڻ سانوڻ ميهن جڻ، زجون ٿر رهني،
آڇن جي ويلي، تن ٻور بخشي ڀٽ ڏٺي.

( ١٤ )

آءٌ جکري جيهو، پرس ڀسان ڪو نہ ٻيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وڃي چو نہ وهو، آن در مٿي مڱتان.

( ١٥ )

آبڙو وڏو سوڙو، جهلي سو سامن،
سرڻين جا سونا سهي، سمون سونهن سپن،
تنهن در سپ آچن، ڪنڌ نہ ڪڍي ڪج ڏٺي.

( ١٦ )

ٻڙ ۾ آيو ٻاٺ، سائين ڪي سڌ ڪري،
ٻلي جي لاڏاڻ، سپ لنگهيندا لڪيون.

## وائي

ڏِک ڏِکيندو، مون نہ ڇڏيندو، شَفيعُ شافِعُ سِپرين.

آنڌا اونڌا، آڪڙيا، سڀ نباهي نيندو،

شفيع، شافِعُ سِپرين.

بدلي بدڪارن جي، داروُن پاڻ ڏريندو،

شفيعُ، شافِعُ سپرين.

جي ڌُهارين ڏاڪڙا، اَڪ سي لنگهائيندو،

شفيعُ، شافِعُ سِپرين.

نورُ ناڪارو نہ ڪري، مُحمدُ مِنٿَ مڃيندو،

شفيعُ، شافِعُ سِپرين.

هِٿَ ڀِڻ حامِي هيٺِن جو، ڏَٿ ڀِڻ هٿ ڏريندو،

شفيعُ، شافِعُ سِپرين.

طوُورا تڙين ڪي، پاڻ سُون پيارِيندو،

شفيعُ، شافِعُ سِپرين.

پاڻ سچائي پاڻهين ڪامِل ڪرمُ ڪريندو،

شفيعُ، شافِعُ سِپرين.

تنبو آئي تاڻ، عاصين ڪاڻ آڏيندو،

شفيع، شافع سپرين.

داتا دوزخين تان، لينگهو لهرائيندو،

شفيع، شافع سپرين.

رسن وير، رسي ڪري، مشڪ رنگ مڻيندو،

شفيع، شافع سپرين.

"رحمة للعالمين"، آهڪيءَ آگهه ٿيندو،

شفيع، شافع سپرين.

آتي عبداللطيف جو، هادي هٿ جهليندو،

شفيع، شافع سپرين.

## داستان پيو

( ١ )

جڪرو جوڙي، پاڻ ڏنيءَ پيدا ڪيو،

ڪيهر جئن ڪر ڪني، مڇون ملھ موڙي،

جڏھن کھوٽ چڙھيو کھوڙي، تڏھن عالم آسودو ٿيو.

( ٢ )

جَکرو جَسَ کَرو، پِيا مِڙ ٻئي خانَ،
مِڻي اِنَ مَکان، آصلَ هَئي ابترِي.

( ٣ )

جَکرو جَسَ کَرو، پِيا مِڙ ٻئي جامَ،
مِڻي اِنَ مَقامَ، آصلَ هَئي ابترِي.

( ٤ )

جَکرو جَسَ کَرو، پِيا مِڙ ٻئي مِير،
جِنان کِهڙيو جکرو، تِنان نَ ڦڙيا پِير،
مِڻي اِنَ خَمِيرَ، آصلَ هَئي ابترِي.

( ٥ )

جَکرو جَسَ کَرو، پِيا مِڙ ٻئي مَل،
سمي جي سُهاڳ جي، ڪنهين نَ ٻئي ڪل،
مِڻي اِنَ مرسَلَ، آصلَ هَئي ابترِي.

( ٦ )

جَکرو جَسَ کَرو، پِيا سڀ آنيرا،
جِنان جڙيو جکرو، تِنان تان نَ پِيا،
مِڻي اِنَ ماڳيا، آصلَ هَئي ابترِي.

( ٧ )

جَکرا تون جِئين، تنهِنجو مَدو کَنين مَ سٽان،
آکِينِ ۽ هِينئين، پِنهِي تاري تنهِنجي.

( ٨ )

جَکَرا جِئين شالَ، تنهِنجو مَدو کَنين مَ سٽان،
جِئَن تو آچِي کالهہ، نالائق نوازِيا.

( ٩ )

ڏِٺِي جادمَ جکري، چِتِ نہ پيا چڙهنِ،
تہ کِي کوہ کَجنِ، جہ سر لِئي سيرو.

( ١٠ )

سرَ نِهارجِ سيَرو، تڙِ تڙِ کِيم ترس،
لاهِيندو لطفَ سين، مٿان قلبنِ کَس،
اوکا چِڏِ آرسّ، اوڏو ٿِي تہ اَجرين.

( ١١ )

هتان جادمَ جکري، وِٺِي پوءِ مَ وِڄ،
"آچو، آيا نِيجّ"، سَمِي وائِي وات ۾.

( ١٢ )

وِڻي وِچ نہ پوءِ، هٿان جادمِ جکري،
ويٺي سو ٻرِ ڻبِي، جو حاتم ھامي ھوءِ،
ڪَيف ڏاران ڪوءِ، جيڻي ڪو م جهان ۾

( ١٣ )

راھوءَ جا رَھيامِ، سنيھا سرير ۾،
پيا ڏر وِسَرِيامِ، ڏِنبي جادم جکري.

( ١٤ )

راھو تنھنجي ريتِ، ار ڪَنڍين پڌري،
گھٽان گھوڙنِ چاڙھيئي، مسافر مسيتِ،
پچين ڪان وڏيت، جي آئيا سِي آکِيا.

( ١٥ )

ڏِنبي جادم جکري، چتِ پيا چڙھنِ ڪين،
سمون تنِ مارون لهي، جي منا ۽ مِسڪين،
اِنهي مل مبين، الڏي مار سِينِ جي.

( ١٦ )

جکري جھو جوانَ، ڏسان ڪونہ ڏيھہ ۾،
مھڙ ٻڙني مرسلين، سرس سندس شان،
"فڪان قاب قوسين اَوْ اَدْ نيٰ" ميسر تيس مڪان،
تنھن آڳي جو احسان، جنھن ھادي ٻيڙيءَ ھڙو.

( ١٧ )

سمون سوائي، پھون پٺيان آڳرو،
دانھن جي درٻار ۾، ورتي ايءَ وائي،
ڳھن ڳالھائي، مھن سڀ ملھائيا.

( ١٨ )

سنڌ، سورت، ھند ھاڻ، جھڙس ڪونہ جھان ۾،
دَرِ داتا مڱ مڱڻا، ٻئي جي ڪڏ م ڪاڻ،
اي پالوندڙ پاڻ، حال پسيو پال ڪري.

( ١٩ )

ڪري آس آپار، ٻاريءَ جھليو نہ رھي،
ٻيلي ۾ ڳرنار، آنو ڳنڪا جل جکرو.

( ٢٠ )

ٻيھي ٻن ٻاتارِ ۾، جتِ ڪِڙه ڪنڪا جرَ راھ،
ڇڏي جيلا ھِن ھنڌ جا، ٿي جڪري ٻاسي جاھ،
اوڏو ٿِي آلله ڪي، ڪاڄ تِنهن جو ڪاھ،
سَڪَنِ اِهنده ساھ، ويلھ وِيندئي وسري.

( ٢١ )

ڏَمريو تہ ڏِئي، ٻرچي تہ ٻاٽ ٻِزي،
جَنگ جڪري ڪي، ٻئي چڱيون چِتَ ۾.

واٽي

آسرو آهي، الا! مون کي هوت حَبيب جو،
جان جانِ اوڏا ڪرها، ٻجان تان ڪاهي،
مون کي هوت حبيب جو.
موت منهنجا سِپرِين، واڪون ورائي،
مون کي هوت حبيب جو.
شَفاعت جا شَفِيع جِي، تِنهن ۾ ٿيرَ هِڏَ نہ آهي،
مون کي هوت حبيب جو.

سيرَ محمدَ ڪارڻــي، آڙيا ڇڏائــي،
مون کي ھوت حبيب جو.
اِھــي ڪــم ڪريــم جــا، جِنَ لنگا لنگھائي،
مون کي ھوت حبيب جو.
لطف ساڻ، لَطِيف چئــي، ســوڙھــا ملائي،
مون کي ھوت حبيب جو.

## داستان ٽيون

( ١ )

مارِ مُطيعنِ کي، مجوسيءَ کي مار،
وَڏي جنگ ۾ وِسار، نَنڍيان نفعو ناہ ڪو.

( ٢ )

نَنڍيان نفعو ناہِ ڪو، وَڏي ۾ وِساري،
مجوسي ماري، آڪبر ڏانھن آڇيج تون.

( ٣ )

آصغر ڏي آھن گھڻا، تون آڪبر ڏي آءُ،
مَتان لوڙو لاھِئين، مجوسيءَ مٿانءُ،
حيدر جي ھٿانءُ، وِڙھ تہ وبري مارئين.

( ٤ )

ڀانڊِپ ميں نہ ڀاڙِيان، سوين ڀيا سردار،
آهي مِثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتِم هڙده هزار، جهڙ تنهنجيءَ جهپيا.

( ٥ )

جهڙ تنهنجيءَ جهپيا، هزارين حاتِم،
ڪوجهن سندا ڪَم، ڪامِل ري ڪير ڪري.

( ٦ )

جي تون آسائو آئيو، تہ ونءُ جکري لا ئي،
مَتان وڙ وِجائيين، ڪِنهن ٻئي در ليلائي،
سمي سامائي، چِنتا لٿي چارڻين.

( ٧ )

جي تون آسائو آئيو، تہ ڇانئڻ ڀِي م ڇور،
ڪِيرا ڪميتن جا، ڪَٿي آئي ڪوڙ،
اِن در عِراقي گهٽا، ڇانگون ڪيو ڇوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن ۾ متو اِڪايو مگٽي.

( ٨ )

سمون سخاوت جي، وڏو ٻڌي ٻر،
ڪونيو ڪنگالن کي، ڏئي دلاسا در،
متي ولهن ور، ڏيهاڙي ڏاتار جي.

( ٩ )

ڪوه نہ جهاريين جڪرو، جنهن ڏيهہ ڏيا ڏيئي؟
جي لڏيا ٿي لينگهن ۾، سالن ۾ سيئي،
سمي سيپئي، طاماعو تار ڪيا.

( ١٠ )

آلا جنگ جين، جنهين آجهي گهاريان،
شال م سڪي ويري، جتان ٻي ٻين،
مرڪن آڪڙين، تو ڏي مون سک ٿيو.

( ١١ )

اهندي لئي آج، ٻير پريندي ٿريا،
سنجهہ ويري سج، ڪر لڏي رڻ آڪارئين.

( ١٢ )

تون اوڏِر، تون اوڏِڪو، تون آجھو، تون آڳ،
هتِ ٻنِ تنهنجو تڪيو، مهند ٻنِ تونهين ماڳ،
سِي لوريون ڏِينِ نہ لاڳ، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١٣ )

آڪِين سوئِي اوڙڪيو، جو ڪَنين سومِ قرن،
ماڪ منهنجو مَن، چام پسنديئي پٽيو.

( ١٤ )

پسنديئي ٻرِ ٿيا، جڪرو ٿي جاجڪ،
تِنان ڏِني مڱٽي، طهورا مان تڪ،
سَمِي يڪِينِ سڪ، واصِل ٿيا وِصال کي.

( ١٥ )

جي آڏميو آڄ، تہ وسائيندو سونَ ٻٽِي،
جال ڏِئيندو جڳ، جودان وسي جڪرو.

وائي

جِنان ڏِنائون ٻير، جِنان ڏِنائون،
منٽي آڱڻ آئيا، سونهن لڳا سير،
جِنان ڏِنائون ٻير.

جِتان نَبي نبي نِڪِيو، پَري مُبارڪ پير،
جِتان ڏِنائون پير.
لَٿا ڏَکَ، سَکَ ٿيا، ٿِي واڌائيءَ ويرَ،
جِتان ڏِنائون پير.
لُطفَ توريءَ لَطِيف چَئي، ڪَندو ٻيو ڪير؟
جِتان ڏِنائون پير.

## داستان چوٿون

( ١ )

گَندي، ماني، ماڳَ موچارو، ڀاڳي ٻير ٿيوسِ،
وَسِ نہ ڪنهن وِڌوسِ، وَڳَنڊ وَري آئيو.

( ٢ )

وَڳَنڊ وَري آئيو، ڀنارِنٿون ڀوءُ،
مُحڪمُ لَڳَسِ موچِڙا، ذَرو نہ ڏِنسِ جوءُ،
وينو اِيهين چوءُ، تہ ٻيران ڀاڳي نہ ٿيان.

( ٣ )

آسُوَر سَندي آسَري، وينو آهِ وَڳَنڊ،
هِڏَ نہ ڇِڏِيندو هَنڌَ، آهِسِ ٻوءِ ٻهار جي.

( ۴ )

آسوَرَ سَندو آسرو، وَڳند کي وَڏو،
جَسي ۾ جَڏو، ۾ ڪِين تي ڪَڙا ڪَٽي.

( ۵ )

وڳند وَري آئيو، بَدو سين بَدبوءِ،
خاوَند! ڏي خوشبوءِ، تہ سَرهو ٿِيان سيکهہ ۾.

( ٦ )

وڳنڌ وَري آئيو، ڪِنو ٿِي ڪوجهو،
ڇَڏي نہ موزو، لَڳِس آرَ عطر سين.

( ٧ )

وڳند ويٺو ڀس، داتا سَندي دَر تي،
تِنهن روڪِيءَ ڪِي رَس، جو الوَدو آزار سين.

( ٨ )

دائِمَ آهي دَرَ تي، وڳند وِيچارو،
عَطر سين آرو، لَڳِس تي لِذَ ڪَٽي.

( ۹ )

داتا سندي دَرَ تي، وڳند ٿِي ويٺو،
بصر سين بازار ۾، ڪرَ واڻيون چيٺو،
دَران تِنهن پيٺو، جِت ڪفر نِٿي ڪِين ڪِي.

(١٠)

وَڪند وَري آئيو، نِسورو نرڳ،
گَندا گُلابِي ڪري، سيد جو سرڳ،
عطرِ سين آورڳ، تہ ھِئين سَدائين سرھو.

(١١)

وڪند وَري آئيو، ڪوتڙيان ڪلاڻ،
سَندو ڪِرڙ ڪاڻ، ھَڻ نرگِيءَ ڪي نِڪئين.

(١٢)

وڪند وري آئيو، ھَدّو بي نِمازَ،
جِئَن تِتر مَٿي بازَ، وڪَند تِئَن خوشبوءِ تي.

(١٣)

پانڊو پيلي نہ ٿيو، ورو آجَ وِيو،
پِنڙ پنڌِ پيو، سونھاري سيد ڏي.

## وائي

مون ۾ عَيب آھار، يارا آئون جا طامِع آھيان تنھنجِي.
ھيڪ وِڇايم ويسري، ڇاڻي سڀِ ڇمار،
آئون جا طامِع آھيان تنھنجِي.

هِـنَ مَنهنجي حالَ جي، تـوکـي سَڌ سَتارَ،
آئون جا طامِـعَ آهِيان تَنهنجِي.
آمَرَ اوڏي نَـ تِيـان، نـهـي؟ کيسِ نِڪارَ،
آئون جا طامِـعَ آهِيان تَنهنجِي.
جيکي وَهي وَجـوُدَ ۾، سو جـاڻيـن جاڻهارَ،
آئون جا طامِـعَ آهِيان تَنهنجِي.
جـنـِّـن سـي گَـلَ گَـلابَ جـا، ڪِـرِيـا ڪَنڌهارَ،
آئون جا طامِـعَ آهِيان تَنهنجِي.
مون کي مِـڪ مَيڏَ چئي، آهي مَدِيني موچارَ،
آئون جا طامِـعَ آهِيان تَنهنجِي.

# سارنگ

## داستان پهريون

( ۱ )

لَڳَهَ، پَسَ! لَطيفُ چئي، آڳميو آهي،
وَٽا مِينهن وَڏَڦڙا، ڪِڏو ڏَٺُ ڪاهي،
وِهو مَ لاهي، آسَرو اللهَ مان.

( ۲ )

لَڳَهَ، پَسَ! لَطيفُ چئي، آڳَم ڪِيا اللهَ،
ٻَلِرَ جي ٻالوتَ سين، ٻَنِنِ جهليا ٻاهَ،
واحِدَ وَڏائي ڪِيا، مٿي ڳَسَنِ ڳاهَ،
سانگين وَرِيا ساهَ، آلو آبَ آڳوندَرو.

( ۳ )

آڳَمَ اِيڏَنِ نَه آنگ، جِهڙو ٻَسَڻَ پِرِينءَ جو،
سِيٽَنِ رِيءَ سيدُ چئي، روحَ نَه رَچَنِ رَنگَ،
سَهسين ٿِيا سارنگ، جانِي آيو جوءِ ۾.

( ٤ )

جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وهلو وڇان ٿي ويو، ڪري غم گذار،
نظارو نروار، پِي پسايو پانھنجو.

( ٥ )

پي پسايو پانھنجو، نوري نظارو،
ويو غم وجود مان، ڪيو ڪلفت ڪنارو،
آيو سوپارو، من مرادون پنيون.

( ٦ )

اھون ڪڪر ڪڍيون، اتر ڏي آھين،
ڪري اڳم آئيون، مند نہ مٽائين،
متان لوڪ لطيف چئي، گوندر گنوائين،
پلر پيارين، اڄين آب آگوندرو.

( ٧ )

ماٿھو، مرگھہ، مينھڻون، سڀ سارنگ کي سارين،
آڙيون آھر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون جي سمونڊ جون، نئين سچ نھارين،
پلر پيارين، تہ سنگھارن سک ٿئي.

( ٨ )

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوارِ،
هارِينِ هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهارَ،
اَڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

( ٩ )

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪِريون ڪاريون،
وسي ٿو وَڏڦڙو، ٿَهڪن ٿيون ٿاريون،
لَتِين لَڪَ لطيف چئي، ڏايون پاسارِيون،
پَچنديون پَٽارِيون، وري وٺائين آئيون.

( ١٠ )

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪَر ٿو ڪري،
وسايو وائِنِ تي، ٿو خالِق ڪنڊ ڀري،
پاسارِيون پري، شال مَ وڃن مون ري.

( ١١ )

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪَڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
اِرِين جي پرديس، مِي مون کي ميهڻ ميڙيا.

( ١٢ )

آج پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر ڪي چوڻي،
منڊائيتي ٻهڻ جي، ڪنوڻ نہ ڪوڻي،
آهه، لالن! موني، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

( ١٣ )

آج پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر تو ڪري،
روضي پاڪ رسول جي، ٻلڻيو هٽ پري،
وڃن ساڻ وري، تہ سنگهارن مڪ ٿيا.

( ١٤ )

آج پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
منڊائيتن مينهن جي، رت نہ روڪيائين،
ٻلر ٻلٽيائين، سانگين گهٽا مڪ ٿيا.

( ١٥ )

آج پڻ آسيدون، آڱم سنديون آيو،
ساوڻ ٻسي، سرتيون! سڄڻ ماريو مون،
آئون آسائيتي آهيان، مان پڇائي پون!
گهر تہ گهرجين تون، منڊ مڙيوئي مينهن جي.

( ١٦ )

منڊ مڙيوئي ميهن جي، وسي تڏهن وس،
ڪتون ڪيئا ڇڏيا، جي مڙيون ني مس،
ڪاها متي ڳس، ڏک نہ ڪندا ڏہرا.

( ١٧ )

وسڻ آڪڙين جيئن، جي هوند سڪئين، ميهن!
تہ هوند راتو ڏينهن، بس بوندئون نہ ڪريين.

( ١٨ )

وڄون وسڻ آئيون، سارنگ مينگاري،
آجيا لک لطيف چئي، پلر پياري،
وڄڙين واري، ڪٿي ڪعبي تي ڪنڌ نائيا!

( ١٩ )

ڳام ڳنديءَ ڳنج، آبر ۽ آهاءُ ٿيو!
پسي ٻر ٻرين جي، ڏور ٿيا سڀ ڏنجهہ،
شال وسند و سنجهہ، عاشق تي اوهيڙا ڪري!

( ٢٠ )

آئو اوهيڙا ڪري، عاشق متي آج،
ڏورِ ڏڪاريا! پڄ، ميهن منهن ڏيکاريا.

( ٢١ )

ڪَڪَرَ پَسُو آپَ ۾، آتَران جي آچَنِ،
آبَرَ سَندي آوجَ ۾، وِچون وَراڪا ڪَنِ،
وَسي وَڏَڙَنِ، ساڻيهه سَپَ سَکي ڪيو.

( ٢٢ )

ڪَڪَرَ مَنجِههِ ڪَپارَ، جهڙ نِيٽنُون نَ لَهي،
جهِڙا مَنهِنجا سِپِرِينِ، تهِڙا ميگهه مَلارَ،
ڪَنهِ آکيون ڪَلَ، يار! وَجِنِ سُور سَندا ڪيو.

( ٢٣ )

جهڙ اِيٽنيُون نَ لهي، ڪَڪَرَ هُونِ نَ هُونِ،
سارِيو سِپِرِينِ کي، لُڙڪ کُلَنِ سين پُونِ،
مي مَرِ رُوِيو رُونِ، جَنِ مُسافِرَ سِپِرِينِ.

( ٢٤ )

آڳِ تازِي، ڀِرِ کَنڍِيُون، ڀَکا ڀٽِ سُونهنِ،
مَرِهي سيجَ، پاسي پِرِينِ، مَرُ تا سِينهن وسنِ،
آسان ۽ پِرِينِ، شالَ هُونِ بَرابَرِ ڏِينهَڙا.

( ٢٥ )

ٻِيَ پسائِيو پانھنجو، نظارو ناگاه،
لڳو ڪَٽَ قلبَ تان، سرهو ٿِيو ساه،
اَميدون آرواح، ٻِيَ هَسَندي ھَنيون.

( ٢٦ )

بَرَ وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺِيون تَرايون،
پِرِه جو پَنَ تِي، ڪِنِ وِلوڙا وايون،
مَکَڻ پِرِينِ هَٽڙا، سَنگهارِيون سايون،
ساري ڏَهَنِ سامَهيون، ٻولاهيون رايون،
پايون ۽ دايون، ٻَکِي سونهَنِ پانھِنجي.

( ٢٧ )

بَرَ وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺو جيسَر مِيرَ،
آڳَم ڪَري آئِيون، پاڻُرِ پِري پِيرَ،
لائِئون لَطِيفَ چئي، وانڍِينِ مَٿان وِيرَ،
ٿَرَها ڪِيائُون سِيرَ، سرهِيون سَنگهارِيون ٿِيون.

( ٢٨ )

بَرَ وَٺا، ٿَر وَٺا، وَٺِي ڪَڇ ڪِنارَ،
ٻونياڙيءَ پَنَ تِي، ڏِسُ! نايائِين نارَ،
ٿَہاڄِهِي مَٿارَ، لائا ڏَرَتَ ڏيهَ تان.

( ٢٩ )

مَڪي مَتان موتيون، آئيون تي عَرَفات،
روضي پاڪ رَسُولَ جي، رَنگ ڪيائون رات،
وِڃڙيون پرِيات، موٽي مِصر آئيون.

( ٣٠ )

ڪيائون ميران سند و سجرو، جَرڪيون ۾ جيلانَ،
جتي غوث بهاؤالدينَ، آتِ مَرڪيون ۾ ملتانَ،
کِنوي خراسانَ، سَڪَ وَسايئون سِنڌڙي.

( ٣١ )

ڪانڌ! ۾ وِڪڻ ڪنڌيون، ڏَڻَ سيوٽي ڏارِ،
آڃرِيون سَڃَرِيونَ پانهنجيونَ، مِسيون سَيِ سنيارِ،
ٻن چِڏي چِنِ پٽي، وَڃي وَلهارَنِ وارِ،
تَہ آچِي آڳتان ٻهارِ، سَرلا ڪَنڌيونَ مڏَڙا.

( ٣٢ )

سارَنگَ ڪي سَعيو، توکي مَعيو نہ ٺِئي،
گَڙي ٺو گمانَ ۾، آيو ڪِينُ آيو،
هارِين لاءِ هَرجاءِ ۾، هادِيءَ هَلايو،
مَتان آئِين پانيو، تہ ڪا ٻادَلَ آهي ٻس ڪِي.

( ٣٣ )

سارَنگ سارَ لَهيج، اَللهَ لَڳِي اَچِينِ جِي،
ہاڙِي پوجَ ہَٽَنِ ۾، آرزان آنَ ڪريج،
وَطَنَ وَسائيج، تہ سَنگهارَنِ سُکَ لَئِي.

## داستان پهريون

( ١ )

پِري پَٽَ تِي آئيو، سارَنگ سَهجَ سَنجها،
کِڙيون کَنَٽهارِ جِنَ، وِچون آتر واء،
سِرها سبزا مورِيا، ڍامڻَ ڍِبَ ڪيا،
ڀَري پَنَنَا، پِريائِين ڪَنَ ڪِراڙِ جا.

( ٢ )

پَريائِين ڪَنَ ڪِراڙِ جا، وَٺو وارياسو،
کوٽيتِي کوٽِ جو، ٻَگون چوماسو،
ماڪاڻِيءَ تان مونيو، ڏيِئي هَبَ ہاسو،
خالقَ ڪِيو خاصو، ڇِيهو ڇَڪِيءَ ڪندِين.

( ٣ )

ڳنگوءِ جيان ڳوڙ ڪري، ڪاهيائين ڪاهوڄي ڏانهن،
وتو ميڻهن وڏ ڦڙو، مِري پريائين ساهَ،
ڏيئي پٽن پاهه، پريائين ڪنْ ڪراڙ جا.

( ٤ )

ڇيهو ڇڪيءِ ڪنڌيين، ڪيائين ڳوڙنگ تي ڳل،
هڏا ڪنيان هليو، پري ترايون تل،
آلدئين آب آڇل، متي باغ بهار تي.

( ٥ )

آڄ رسيلا رنگ، بادل ڪڙيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄايئين برجنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون پدام تي.

( ٦ )

ميڻهان ۽ نينهان، ٻئي آڪر هيڪڙي،
جي وسڻ جا ويس ڪري، ته ڪڪر ڪنِ ڪيهان،
بادل ٿي بيهان، جي آڪر آڇڻ جا ڪرين.

( ۷ )

ڪَڪِڙڪَن ڪانڊَ چِتِ ڪِيو، جهڙَ ڀَسِيو جِهڄِڻِ،
وَرَ رِيءَ وانڍِيِنِ آڏِيا، ڀَڪا سِي ڀُسِنِ،
آتِر ڏاهِي آنِ جا، تَہ ڪَنهِن ڪي ڪارُون ڪَنِ،
وارِث وَرِي تَنِ، آڇِي شالَ اولو ڪَري.

( ۸ )

ڪَڪِڪَن ڪانڊَ چِتِ ڪِيو، جهڙَ ڀَسِيو جهِڪَنِ،
سِٽِيو رَڙِ رَعدَ جِي، ڪَلِيُونَ لِيون ڪَنبِنِ،
ڪَنِيُونَ ڪِينَ ڪَچِنِ، وِچارِيُونَ وَرِنِ رِي.

## وائي

ڪَرَ سَرَ ڪامِي، پَچِي، آئُونَ وِينِدِي دَرِ دوسِتَنِ جِي.
جِيائِين ڏِجهن تَڪِيو، سَجَڻَ تِسِيائِين آچِي،
آئُونَ وِينِدِي دَرِ دوسِتَنِ جِي.
نُورا پايو نِينهن جا، دَرِ پِلِي جي نَچِي،
آئُونَ وِينِدِي دَرِ دوسِتَنِ جِي.

## داستان ٽيون

( ١ )

ڳنيرَ ڳَتَ سِڪَنِ، ڇلڪَ جي ڇاڏَ ڇُٽي،
هِنڌَوا حيرت ۾ پيا، لاليءَ ڪيءِ لبن،
چمڪن چوڏس، چنڊ جئن، وِڄڙيون وسن،
لوچن تا لطيف چئي، پسڻ لئي پرين،
ڪيسر قريبن، منياري ميڊ چئي.

( ٢ )

منڊ ٿي منڊل وڄيا، ڪي اوهيڙن اوڪ،
چاچر ٿي چنن ۾، سينهنون چرن موڪ،
سرهيون ٿيون سنگهاريون، پويو پائن طوق،
ميها، چيڙ، ڦنگيون، ٿين سيپيءَ ٽوڪ،
لاهئين متان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

( ٣ )

منڊ ٿي منڊل وڄيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اَڄ ته منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

( ٤ )

مَندَ ڻِي مَنڊَل وَڇِيا، آهو جَهڙ جهاڻِي،
هيڪ آرزان آنَ ٿيو، پيو مَـڪڙ مَنجهِ ماڻِي،
ڪلمِي سين ڪاڻِي، لاٿِم ڪَٽ قَلوبَ تان.

( ٥ )

موٽ، مُنهِنجا سِپرين، آڻيڻي آللهَ،
توکِي ساري ساهَ، اَکَنڊِئو آهُون ڪري.

( ٦ )

آکَمَ ڪِيو آچِنِ، مَجَڻ مانُوڻَ مينهَن جِڻُن،
ڀاسِي تنِ وَسنِ، جِي سَپ ڄماندَ سِڪِيا.

( ٧ )

ڀاڇاڻِيان ڀڻِي، ٿيو آکِاڻِا آکِرو،
چَڪس سَپ چِڻِي، تَڏهِن مولِي مينهَن وَسائيا.

( ٨ )

اوچِڻ گهَرجِي آڄڪو، جهوڀو سَهِي نَه سِيءَ،
سٽائيڄ سُوَڙ ڪِي، حال سنهنجو هِيءَ،
آڳڻ آيو ٿِيءَ، تَه ڍولا ڪِنهن ڍَلـگِ ٿِيان.

( ٩ )

ڪانڌ! تنھنجي پالڌ ري، سنجھي مِيءَ مَران،
ڪامل! ڪپاھن ۾ پيئي تار تران،
تاريءَ تنھن تران، جنھن ور وِھائيءَ واريو.

( ١٠ )

ڪانڌ! تنھنجي پالڌ ري، ميءَ مران سڀ رات،
ڪامل ڪپاھن ۾، جھپ نہ آچي جھات،
آچين جي پريات، تہ آئون ميءَ نہ ساريان.

( ١١ )

سينڌ و سينھن پسائيو، سِري ٿيو سيلو،
پکي پيھي آئيو، رحمت جو ريلو،
ساڄن سويلو، پيچ پنيءَ گھر آئيو.

وائي

آکيون سيگھہ سلار، صورت تنھنجي سڀ جڳ سوھيو.
سجدو فيل في الحال، ڪيو ھئي مطلب نور نراڙ.
چاھن وقت چام جي، ڪريا ڪوٽ ڪفار.
آگي آسمانن جو، توکي ڪاريو سير ستار.

”وَلَسوفَ يُعطِيكَ رَبُّكَ“ تو مين قادِر ڪيا قرار،
آهين ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ آڌار،
اڪنڊِئا جي ابر کي، سرها ٿيا سنگهار،
موڪل ٿي مينهن کي، دوست ڏٺا دلدار.

## داستان چوٿون

( ١ )

موٽي ماندائِنِ جي، جُڙي ڪيائين جوڙ،
وِچون وسڻ آئيون، ڀَهَ ڀَهَ ڪري ڀوڙ،
اُنَ جا عالم ۾، ڪَرِنِ آندر ڪوڙ،
سارنگ لاٿي سوڙ ۾، ساندهه ٿِئو سُڪار.

( ٢ )

موٽي ماندائِنِ جي، پِري ڪيائين پيچ،
وِچون وسڻ آئيون، سارنگ چڙهيو سيج،
تنهن نوِڙيون نوازيون، ڏوٿان ڏيئي ڏيچ،
پيچ ڪٽي پِٽِ هليا، هاري منجهان هيچ،
راضي منجهان ريجِ، عالم سڀ آباد ٿيو.

( ٣ )

موٽي مانڊاڻن جا، پري ڪيائين پر،
وڃون وسڻ آئيون، کوڙئان ڪٽي ڪر،
مينهن پاڻ مراديون، تڏا ڇڙن تر،
وڏي اوهه آئيون، پٽيءَ لائي ڦر،
ساري آڇيو سامهيون، ڏين ڪير ڇهر،
ساڻ وانڍين، ور، ٻريون پرچڻ جون ڪيون.

( ٤ )

موٽي مانڊاڻن جي، واري ڪيائين وار،
وڃون وسڻ آئيون، ڇڳيءَ ٻت ڇوڏار،
ڪي آئيون اِستنبول تي، ڪن مڃيان مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقند سار،
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قندار،
ڪي دهلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪن جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڃائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،

ڪنھين آڇي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولھار،
سائينم! سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

( ٥ )

حڪم ٿيو بادل کي، سارنگ ماٿ ڪجن،
وڃون وسڻ آئيون، ته ته مينهن ٿمن،
جن مھنگي لئي ميڙيو، سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجھان پند رهن ٿيا، اِئَن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيھ مان، موڏي شال مرن!
وڍڪئي جن وره ٿيا، موٽيو مي مڙن،
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالھيون ڳنوارن،
ميد چئي مين، آه توه تنھنجي آسرو.

( ٦ )

واھوندان وڃون ٿيون، ڪڙيون ڏنهن ڪنيات،
ڪنديون ڪاهي ڳس ڪريو، وڃون حڪريو وات،
سنگھارن سڪ ٿيا، لٿي آڃ آمات،
جهڙ ڦڙ ڏيئي جهات، پسائيند و پٽيون.

( ٧ )

ڏِٺِ ڏيري ڀِٽِ پِيون ڀاسي ڀارڪر،
سيميُّي ڀِريا سر، ڀلر جي ڀالوٽِ سِھن.

( ٨ )

ڏِٺِ ڏيري ڀِٽِ پِيون، آيون عمرڪوٽ،
پسايائون ڀلر سين، سڪا ڀِٽ جي سوٽ،
چنچل ڏيئي چوٽ، سڀ ساماروسرِ ڪِيو.

( ٩ )

ڏِٺِ ڏيري ڀِٽِ پِيون، آئيون ڪاهي ڪاماري،
وٺا ڀِٽ ڀراڻِ جا، وٺيون ساماري،
ڪڪر ۽ ڪاري، وِچڙِينِ، پسوا ويس ڪِيا.

( ١٠ )

ڏِٺِ ڏيري ڀِٽِ پِيون، وِچون ويس ڪري،
مينھن وسي ملڪ جا، ڇڏيا تل ڀري،
قادر ڪرم ڪري، سڪا ڀِٽ ساوا ڪِيا.

( ١١ )

ڏِٺِ ڏيري ڀِٽِ پِيون، ٿِيا ولهارن ويءِ،
سورج قمر نہ ڀاڙيان، سِٽِن جي شبيہ،
جي جانب آندرِ جيءِ، سي ڀِرِين پيھي گھر آئيا.

( ١٢ )

ڏِٺَ ڏَرِي پَٽِ پِيون، وِڄُنِ ڪِيو واچُو،
مَڪو پَنهِنجي پِرينءَ لئِي، سِڀِي ڪَرِ ساچُو،
سَچُو سَباجهو، پِيچُ پِنِي گَهرِ آئيو.

( ١٣ )

ڏِٺَ ڏَرِي پَٽِ پِيون، وِڄُون ڪَري وارا،
آئا وَڏِي اورِ مين، ڪَڪَرُ جِي ڪارا،
واحِدَ وِسڪارا، چوڏارِي چَڱان ڪِيا.

( ١٤ )

ڏِٺَ ڏَرِي پَٽِ پِيون، وِڄُنِ ڪِيا ڏَرَمَ،
واحِدَ وَڏائِي ڪِيا، ڪَنڌِينِ ساڻَ ڪَرَمَ،
سَنگهارِنِ شَرمَ، رَکَ سَنهِنجا سِپِرِين.

( ١٥ )

ڏونگا آچِ مَ تِنِ کي، ڪاسا جَنِ جو ڪَمَ،
پَنندي پَرڏيهه ۾، تَنِ سودِينِ ٿئي شَرمَ،
آئينِ گهٽي آدَبَ مين، ڪپالهائينِ نَرمَ،
قادِرَ ڪَرَ ڪَرَمَ، تَنِ وَطَنِ ۾ وَسَ ٿئي.

( ١٦ )

سَچو صاف نہ آهِري، سَرلِي تِچان سِچَّ،
مَنهن چَڙهيو مائُهنِ کي، ڏي واڏايون وِچَّ،
هِينئَڙا کَپ م کِچ، سِگها مِلندءِ سَپرِين!

( ١٧ )

سَچَنَ ساوَڻ مينهنَ جِئَن، جهِٽکن پاسِي جهوڪَ،
ڏيندا پاهَ پَٽَنِ کي، مَنجهان مِينهنَ موڪَ،
لَسَ پِيارِينِ لوڪَ، آگَمَ کِيو آکِينِ سِين.

( ١٨ )

آندَرِ جهَڙَ جهورَ وَهي، پِهرِ بَرَسِي بوندَ آپارَ،
وَتِ جَنِين جي يارَ، سي اوڪائِينِ نَہ آکِيونَ.

( ١٩ )

آندَرِ جهَڙَ جهورَ وَهي، پِهرِ ڪَڪَرَ نہ ڪوءِ،
وَسائِيندي وِچڙي، حُبَ جَنهِين کي هوءِ،
لالَنَ جَنِينِ لوءِ، سي اوڪائِينِ نَہ آکِيونَ.

( ٢٠ )

آندَرِ جهَڙَ جهورَ وَهي، پِهرِ نہ بَرسي بوندَ،
سَچَنَ جَنهِين جي هوندَ، سي اوڪائِينِ نَہ آکِيونَ.

( ٢١ )

وَسِي ساري راتِ، صُبحَ جو ساهَ ڪَٽي،
سَنجهيئي سِينهُن پِرِينِ جو، جِي تَنَ ۾ هَئي تاتِ،
تہ وِهائِيءَ پِرياتِ، هوندَ بادَلَ بَسِ ئي نہ ڪَري.

( ٢٢ )

آڳَمَجِي آئِيون، آتَران ڪَري آورِ،
جي پِرِين هُئَڙا ڏورِ، سي مُون کي سِينهَنِ سِهڙِيا.

وائي

آئي مَندَ مَلارَ، ميگهہ مَلارَ، آئون ڪَنهنبا ڪَنديَس ڪَپڙا.
وَسَڻَ جا وَسَ ڪِيا، آجَ مُنهنجي يارَ،
آئـي مَندَ مَلارَ.
لارَ لائيندي وَڇڙا، پِنرِسِ پِنيا وارَ،
آئـي مَندَ مَلارَ.
هِڪي آءُ پِرِين تون، لَهہَ تُون سِيدَ سارَ،
آئـي مَندَ مَلارَ.

# سريراڳ

## داستان پهريون

( ١ )

مانَ پُڇَنئِي سِپرِين چِتان لاهِ م چَرُ،
آنين جا اَمرَ، ڪَنُ، تہ خالِي م ٿِيين.

( ٢ )

مانَ پُڇَنئِي سِپرِين، چِتان چَرُ م لاهِ،
پِرِينِ اڳِيان ڀاءِ، پَلَؤ مَڱَٽهار جِئَن.

( ٣ )

مانَ پُڇَنئِي سِپرِين، چِيتاريج چِتَ،
دائِما ڏوربِيءَ ۾، پسِين وِلاتَن وَتَ،
نيهَ نيڪاري نِتَ، مَلاحَ ڪَڏ مُعلِمَ سين.

( ٤ )

مانَ پُڇَنئِي سِپرِين، چِتَ ۾ رَکِج چِيتَ،
سِينو ڏوئِي صاف ڪرِ، صابڻَ ساڻُ سپيت،
سامُونڊِي سَچِيتَ، ٿِيءُ تہ ڀَڃَين پار ڪِي.

( ٥ )

مانَ ڀِڃِنئِي سِپرِين، چِتَ ۾ چِتاريجِ،
ڪَڏِج ڪانُي ڪَچ ڪي، ڪُوڙَ ۾ ڪَمائيجِ،
وَڃِج وِڃائيجِ، سَڀَ سوداگَر سَچَ جو.

( ٦ )

مانَ ڀِڃِنئِي سِپرِين، چِتان لاهِ ۾ چُور،
ڪَڍِي ڇَڏِ تون قلب مان، ماري ڪُوڙُو ڪُور،
هَن پِرِ سَندو هور، مَتان تو مَعاف ٿِئِي.

( ٧ )

ڪانُو ڪَمايومِ، موتِي مُون نَہ وَڻِجيا،
سِيهِي جو سَيَدَ چئِي، وَکر وِهايومِ،
هِهڙو حالَ سَندومِ، توهَ تَنهِنجي آبهان.

( ٨ )

ڪَچَ ڪَمايمِ ڪُوڙ، پَڪِيمِ عهدَ اَللّهَ جا،
ڀِيرو جو ڀاڻِ جو، سو چوني٘ تائين چُور،
معلومَ آئيِئي مَذڪُورَ، ڪُوڙها، اِنهيءَ ڪِالهہ جو.

( ٩ )

ڪوڙ ڪماءِ م ڪچ، آئي اور الله سين،
ڪڏ تون دغا دِل مان، صاحب وٺي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ پارج مچ،
ان پر اِئي اَچ، ته سودو ٿيئي سڦرو.

( ١٠ )

سودو جو سڦرو، سو مون پلئي پاءِ،
وس ويچاريءَ ناهِ ڪو، تون آڳا! عرض آگهاءِ،
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مورِ نه ٿئي ڪي ماءِ،
لطف ساڻ لنگهاءِ، لاهرو لهرن وچ مان.

( ١١ )

لڙ، لهريون، لس، ليٽ؛ جتي آنت نه آب جو،
الله! اتِ م اوليين، پيڙا متي پيٽ،
جر کو ٿئي م جهاز کي، ڦرهي آجي م ڦيٽ،
لڳي ڪا م لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

( ١٢ )

سڙهه سنوان، لاچو نوان، اولا سندن عاج،
سائي سفر هليا، پري جنگ جهاج،
حاصل ڪرين حاج، واحد! وڻجارن جي.

( ۱۳ )

سِڙهه سنوان، لاڄو نوان، مُهاڻا سندن مير،

ساٿي سفرِ هليا، ٿيا سٽاوا سِير،

جي آڇنِ ساڻ آڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

( ۱۴ )

منجهان پيٺي مڪڙيءَ، ڪا جا پاٽيءَ ڀڪ،

وکر هٽي ونڪ، ڪنجي ڪارو ٿيو.

( ۱۵ )

منجهان پيٺي مڪڙيءَ، ڪا جا پاٽيءَ بوند،

سيٺي ڏٺِ روند، وکر جنين وڃائيو.

( ۱۶ )

وهائيندڙ ويسرا، وکر ڏيرنون ڏير،

ڪنين وهائي وس ڪيو، وکر وڏيءَ وير،

ڪنين گهمندي سير، وکر وڪامي ويو.

وائي

مهسين شڪرانا، ڪوڙين پال ڪريم جا.

حمد ڇنج حڪيم کي، جورِ هٽي جانا،

ڪوڙين پال ڪريم جا.

تو ڏيکاري تو ڏٺي، باطن جا بانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
متان مردا! وساريين، صاحب جي ثنا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
دوست رکي دل ۾، پڙهه لالن ليسانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فڪر منجهه فنا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
تسي تو سين توهه ڪري، من آگو اِحسانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
ڪڏ ڦون دغا دل مان، پانهپ سين پانها،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
صاحب وٽي سچ سين، ٿيءُ دانـه ديوانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا.
جي تسليم سين تحقيق هئا، سي ڪِئن آمانا،
ڪوڙين پال ڪريم جا

جا ڪِما جي جَبارَ لئي، سيئي ستمانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
فَاذْكُرُونِيْ أَذْكُرْكُمْ، ڪَهِيو قرآنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
وَاشْكُرُوالِيْ وَلَا تَكْفُرُوْنِ، ڪَڍِ تو ڪفرانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
سَبِ سَنواريا سِپرِينِ، ڪَوَلَ تو ڪِنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
چَڱي چَئِج چاهَ مين، مَدحَ اِيءَ مَنا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
ثابِتَ ثِيو تَڪِڙا، جوشان، جَوانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.
تَه لَهِين تُون لَطِيف ڪان، اَمَنُ اِيمانا،
ڪوڙِين پالَ ڪَرِيمَ جا.

## وائي

سون ۾ تون، موجودِ! آءٌ آڳاهين آهِيان!
آءٌ اَسُونهِين آهِيان!

آڪِيون آڪَڙِين ڪي، سِڪيو ڪِن مَجوُدَ،
آءٌ آڪِاهين آهيان!

آءٌ آسونهِين آهيان!

تيلانهن رِسيون بوُدَ ڪي، جيلانهن ٿيون نابوُدَ،
آءٌ آڪِاهين آهيان!

آءٌ آسونهِين آهيان!

ماڙهِن جي موٽ جو، صاحب هِت مَجوُدَ،
آءٌ آڪِاهين آهيان!

آءٌ آسونهِين آهيان!

اِنَ دَرَ مِيئِي آڪِهيا، جِنِ وِڃايو وَجوُدَ،
آءٌ آڪِاهين آهيان،

آءٌ آسونهِين آهيان.

## داستان پهريون

( ١ )

جيڪي مَنجهه جهانَ، سو تارِيءَ تَڳي تَنهِنجي،
لَطفَ جي لَطيف چئِي، تو وَٽ ڪَمي ڪانَ،
عَدَلَ چِتَانِ آن نَه، ڪو قيِر و ڪِج فَضل جو.

( ۲ )

ساري راتِ سُبحانُ، جاڳي جَنِ يادِ ڪيو،
آنِ جيءَ، عَبداللطيف چئي، مَنيءَ لَڏو مانُ،
ڪوڙيين ڪَنِ سَلامُ، اچيو آڳهِ آنِ جي.

( ۳ )

سيوا ڪرِ سمنڊ جي، جِتِ جَرُ وهي نُو جالَ،
سئين سپجن سمنڊ ۾، ماڻڪ، موتي، لالَ؛
جي ماسو مِليئي مالَ، ته پوچارا ڀرِ تئين.

( ۴ )

سي پوچارا پرِ ٿيا، سمنڊ سيويو جنِ،
آلدائون عَميق مان، جوتي جواهرِنِ،
لَڏائون لَطيف چئي، لالون مان لَهرِنِ،
ڪانهي قيمت تنِ، مُلَّ مهانگو آنِ جو.

( ۵ )

سيوئو جَنِ سُبحانُ، وِيرِ نه وِڙهي تنِ سين،
توبهہ جي تاثير سين، ترِي ويا طوفانُ،
ڏيئي توڪل تَڪيو، آرَ لنگهيا آسانُ،
ڪاملَ ڪشتيبانُ، وِچ ۾ گَڏين واهرو.

( ٦ )

ساري راتِ سُڃاڻ، سودو ڪَنِ صاحبَ سين،
پانهپَ پَري پيڙيون، هَليا جوپَ جوانَ،
پائِي پِهلوانَ، لَحظي سَنجهِ لَنگهي ويا.

( ٧ )

پانهپَ جو پيڙيَن ۾، وَکَرَ وِڌائون،
موتِي مَعرفتَ جا، سَچا سودِيائون،
اَلتائِبُ مِنَ الذَّنب، اِيءَ ڪَتِ ڪَتيائون،
آنين جيءَ آئون، بَرڪتَ بارَ لنگهائيان.

( ٨ )

جَنين سَودي، سَچَ جو، وَکَرُ وِهايو،
بَحرو لَهَرالبشرِي جو، آنهين لَئي آيو،
آنِ کي لالَن لَنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

( ٩ )

اِيءَ گَتِ غَواصَنِ، جَنِ سَمَنڊَ سوجهيائون،
پِڌِي منجهِ پاتارَ جي، ماڻڪَ ميڙيائون،
آئي ڏِنائون، موتِي لالَ هَٿَنِ سين.

( ١٠ )

آچارا عميق جا، گَڏيا غواصنِ،
جهريون جهاڪي آئيا، ڪارونيار ڪننِ،
سمنڊ سوجهي جنِ، آئي آسل اوليا.

( ١١ )

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تنِ سِپون سوجهي ڪڍيون، ماناران پيهي،
ٻسندا سيئي، آملهہ آڪرينِ سين.

( ١٢ )

آڏو چڪڻ چاڙہ، منهنجي موج نہ سهي سگهڙي،
ميڙي مناينِ جو، بيحد چاڙهيم بار،
چوڻ چارو ناهِ ڪو، بديون بيشمار،
ڪپر ڪارونيار، آڪارئين اِحسان سين.

( ١٣ )

وير م لاهي ويهہ، متي آر اوڙاهہ جي،
ٻسي ٻاڙي واريون، ڪِج آنديشو ايهہ،
ويندو نہ ٻسين ڏيهہ، پتڻ هن پارِ متي؟

( ١٤ )

آئي پهر اوڙاهه تي، منجهه گهرءِ گهاري،
وس نه ويچاري، ته ڪا ماڪ ڏڪندي مڪڙي.

( ١٥ )

هڪي پانهي چت ۾، پي صاحب سنواري،
ڏنگي هن درياهه مان، هلائي هاڪاري،
ترازو تاري، ستر سيئي ڪري.

( ١٦ )

هڪي پانهي چت ۾، پي ميئي صاحب،
ڪڍي آونهي ڪن مان، اِي آگي جو عجب،
اِيءَ سائينءَ جو سبب، جنن پڏا آڪاري پار مان.

( ١٧ )

هڪي پانهي چت ۾، پي جا ڪري الله،
پاڻهين وِجهي ڪن ۾، پاڻهين آڪاري اوڙاهه،
تنهن واحد ڪي واهه، جو ستر سيئي ڪري.

( ١٨ )

هڪي پانهي من ۾، پي جا الله ڪري،
پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين ڪنڊيءَ نيي،
ستر سي ڏوئي، جي تر توائي مڪڙا.

( ١٩ )

ھِڪي ٻالهي چِتَ ۾، ٻِي ڪري جوڙ جبار،
سَڪِري آونهي ڪَنَ مان، اِيءَ آڪي جو آڌار،
جهاز جوڙِيِنِ جو، تنهن کي پُوڙ ذي پَتار،
ننڍا وَڏا سَڪَرَ، سَبِ پَسندا پار،
جيڏانهن منهن مَديني جو، سَچي محمد موچار،
سِپاجهو سَتار، سَترُ مِٺيئي ڪري.

وائي

ڪَنڌي سارِيان ڪانَ، يا آمِنَ آمانَ!

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلائِي پائِيان.

ڳَتَ ڳاٺيڙو ناهِ ڪو، آهِر تِيا عِصيانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلائِي پائِيان.

خَبَرَ نَاهِ قَبرَ جي، نِسورا نِسيانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلائِي پائِيان.

والِي! رَسِج وَهلو، آرَڪِ تِيا اِنسانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلائِي پائِيان.

سُڻُ سَپاجها سِپرِين! نَعرو، نِگهبانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلائِي پائِيان.

مَديون ڀَسي مُنهنجيُون، شرمايا شيطانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

هِن مُنهِنجي حالَ تي، هُئي هُئي ڪَنِ حيوانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

سائين! سُڪائِي آهِيين، ساموندي ءَ سُبحانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

تَرَهو ڇِنمِ تـارِ ۾، رَسِجِ تُون رَحمانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

ٻيلي جو ٻُڏَنِ جو، مون تي موٽي مانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

ويٺو ڀِنـي ڀِنٺُو، ڪَرِ ٻيرو مٿي ٻانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

خالِقَ تان خُوبُ ڪيا، گولَنِ جا گُذرانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

آئون ڀَڻَ آندو آنِ ۾، ويٺو ڀنان ڀانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهَ ڀِلاٺِي ڀائِيان.

سَپِ سُوالـيِ سَمَگِنا، داتـا ڏيئِي دانَ،
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.
وِليا سَپِ وَنِهِيان کِيا، تُنهنجِي جوڌ، جَوانَ!
يا اِلاهِي! ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.
مَتان مُون کي چَڏِيِن، پيلي سَندا ٻانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.
وِيرَ وَسِيلو آهِيِن، داڙُو ۾ ديوانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.
لاءِ ڏهارِيَنِ ڏِينهن کي، خِيمُون آڏِيو خانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.
آئِي عَبداللطِيفَ چَئِي، مَنجِ ڪا سُلطانَ،
يا اِلاهِي، ٻاجهہ ٻِلاڻِي ٻائِيان.

## داستان ٽيون

( ١ )

پيڙي پَرائِي، وَکَرَ ٻاءِ ۾ وِترو،
تَري ۾ تَنَ پِيا، پاسِئُون ٻائِي،
هيءَ، هَڏَ وِهائِي، کَڙهَ ڪالهوڻِي ڏِينهن کي.

( ٢ )

تري تن پيامِ، پاسنئون ہاڻي وهي،
ڪوهو جهر جهنو ٿيو، لاجو سڀ لڙياسِ،
جيلان سڌر سڪاڻياسِ، وهي تي وه سامهون.

( ٣ )

وِيڙو تن تنيڻسِ، مکِ ڏيهاڻي ڪڙي،
سنباهي سيد چئي، متي نيڊوء نينسِ،
وتاڻي وڏاندرا، لاجو لڳائينسِ،
آخرِ آهرائينسِ، ته جوکو ٿئي نه جهاز کي.

( ٤ )

تن تنيندو آهه، مکِ ڏيهاڻي مڪڙي،
سانباهي سمونڊ جي، منا مور م لاه،
اَجّ ڪِ سنجهه صباح، آهرندي آتانک تڙين.

( ٥ )

تانگهي ء تاڻي، پند پنهنجو ترهو،
اونهي ء آئي، سڪونه ڏيندء ڪو پيو.

( ٦ )

وَکَرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پراڻون نہ ٿئي،
ويچيندي وِلاتَ ۾، ذَرو ٿئي نہ ضاءِ،
ما ڪا ڏَڙَ هَلاءِ، آڳہ جِنهن جي آبهين.

( ٧ )

وَئي وِجهہ وَکَرَ جا، دَنگيءَ ۾ دانا،
وِير وِڙهنديئي، وِسرا، وَہ مَ، وِيگاڻا!
هيءَ نِنڊ، نہ جاڻان، ڪَڏهن هَٽنديئي تار ۾.

( ٨ )

وَڻجارا، وِيئي، تو نہ سرندي شاہ ري،
مَکِ پنهنجي مَکَڙي، چَڱي کرِ چِٽي،
پاما پاکڙينِ جا، سَمنڊ ٿو سيکي،
جي لَنڊا ۾ ليکي، وير وِڙهندي تنِ سين،

( ٩ )

وَہ تِکَ وَهَکَرا، جِت نَنکَرَ نہ ٿَهرَنِ،
وَڏاندريون وَہ سامهيون، جِجهي زورِ جَنبنِ،
نيڊوءَ ۾ ناتارِيون، وَڻجارا وِجهنِ،
مَلا مَعلمنِ، مون کري سَئي ڪالهڙي.

(١٠)

جَتو وانءُ، جَھازَ، ڳَڏِيو غَرابنَ سِين،
ھَورِينديءِ ھَنَ پارَ ڏِي، سَڌَرَ ڪَنِج سازَ،
آچِنِ ٽا آوازَ، سَٽائي سَمونڊَ جا.

(١١)

ڪُوھا ڪالھَ ڪَٽي، اَنِ وِڌا آتَرَ آسَري،
آلا! جُھري م اَنِ جي، اولي جِي آٽِي،
وَڻجارَن وِلِي، وَکَرَ وِڌو ھيڙِبِنِ.

(١٢)

ھيڙي تنھِنجي ٻاجھَ، وَکَرَ تِنھن وِصالَ جو،
ڪُوھا، اولا، تو ڪِيا، سَڀِ سونھارا ساج،
آتِ ڪا مُعلِمنِ حاجَ، جِتِ ھُورَٽَ وارو ٻاٽِھين.

(١٣)

جَرَ ۾ ڦوٽو جِئَن، لَھرِيون لَڳَندي آڏِ ٽِئي،
تُون ٻِنِ آھين تِئَن، دُنِيا ۾ ڪو ڏِينھڙو.

## وائي

مائِٽيِنِ نَندا بارَ، ووا تَنِ پاڻدَينِ نَندا بارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

پاتا ھاڙيواريِن، پَکَهَ مَنجهِ پاتارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

ھَتَن نو ھورَ ڪَري، آئي تَهجَڙي وارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

سِڄيون راتيون سَمهين، ڪيو منجهہ خمارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

ڪِ تو ڪَنين نہ سُئِي، هَلَنَ جي هاڪارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

تائِبَ تِيو تَڪِڙا، سِڄِي ايءَ سَنيارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

نِنڊَ نہ ڪَجِي ايتَري، سُڄِ، آدا يارَ،
توکي آرَسَ آکَڙيِنِ ھ۔

سائينءَ مڪئي سچ ڪئي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
توکي آرس آکڙين ۾.
ڪي تو ڪنين نه سُئي، ڪهر جي ڪوڪار،
توکي آرس آکڙين ۾.
گهڙان ٿي رڳيءَ گهڙي، الاهي ٿيهار.
توکي آرس آکڙين ۾.
هو جو شڪ شارڪ جو، تنان ترڪ، ستار!
توکي آرس آکڙين ۾.
ڪلّ نفس ذائقة الموت، پڙهو ايءَ پچار،
توکي آرس آکڙين ۾.
شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪار!
توکي آرس آکڙين ۾.
يوم يفرّ المرءُ من اخيه، جت پڄندا يار،
توکي آرس آکڙين ۾.
ترهو چنو تار ۾، آڇج تون، اوسار.
توکي آرس آکڙين ۾.

لَکَ پَڙِهَڻي لَڏيا، هُنهين وِيا هزار،
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.
ڏِنَئِي جي الله کي، هُونَد ٿيين پَرِيين پارَ،
توکي آرس آکَڙِين ۾.
جوڻِ مُٺان جَڳَ کي، ڏِني تنهنجي دارَ،
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.
جيڦو آهِ حَديث ۾، آندي اي آچارَ،
توکي آرس آکَڙِين ۾.
وَڻيَئِي کِينَ وِلهَنِ سين، کَنبي پَرِ قهارَ،
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.
سا ڪِهُن هلي توسين، جا پَڳي کان پَتار؟
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.
جِتِهِ جال نَہ نِبهِي، سَٽِجِ، ايءَ سَنيارَ،
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.
جِم وِساريين وِسرا، پَٽينِ جي پَلِڪارَ،
توکي آرس آکَڙِينِ ۾.

# داستان چوٿون

( ١ )

مون ٿي ڇپڻي ڪانڌ، پٽي پاڙ م مڪڙي،

سِڙه پراڻا پاند، لهريون سهي لڳنديون.

( ٢ )

آکين آتو ماڻهو، ته مک پنهنجي مڪڙي،

پورا شڪ م پاڻ ء، لهريون سهي لڳنديون.

( ٣ )

آڇي سو ڏئو ء، جو ڪپر سوء ڪنن سين،

ستي لوڪ، لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪئو ء،

غافل ٿي غراب ڪئي، اوڙاه تي آندو ء،

سو چتر چوهي ڪان رکين، جو پيو پراڻون پوء،

جهاز ضعيفن جو، پاڻيء م پرتو ء،

سيد! سات سندو ء، پر بندر پهچائيين.

( ٤ )

پاڻ پرائو چاڙهيو؛ وکر وڻجارا،

آڇي لهريون لڳيون، پيڙيء پيارا،

جاکو جي يارا، ته تڙ توائي نه ٿئي.

( ٥ )

لَهرينِ لِيکو ناهِ، ڪو، جِتِ ڪپر ڪَن ڪارا،
آچارا عَمِيق جا، آچنِ اوڀارا،
آئي آمارا، وِيرِ وِيڙهنديئي وِسرا.

( ٦ )

وِيرِ وِڙهنديئي وِسرا، آئي توهَ طَلَبِ،
سائرَ ڪنهن سَبَبِ، ڪالهَ نہ وِڌئِي ڪَنَ ۾.

( ٧ )

ڪالهَ وِڌائين ڪَنَ ۾، جاڏا جَنگ جَهازَ،
تنهنجي اَجَ تَرازَ، آهي آرَ آکِينِ ۾.

( ٨ )

آهي آرَ آکِينِ ۾، ناکُئا ڪِج نِگاهَ،
وَڏا ٻيڙا ٻوڙِيا، سائرَ ڏيئي ساهَ،
مَلاحظو ملاحِ، ڪِجِ ڪو انهِي ڪَنَ جو.

( ٩ )

ڏنگي وِچِ ڏَرِياهَ، ڪِي ٻُڏي ڪِي آيڙي،
هو جي واڍِي واڻِيا، سي سونهن سَپِ سڙِيا،

مُعلمِ ماڳ نہ آڳيين، ڦلنکي منجهہ ڦريا،
ملاح، تنهنجيءَ مڪڙي، آچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.

(١٠)

ٻيڙيا تا ٻيٺي، تو نہ ڦينديون ڪالهڙيون،
سچيون راتيون سمهين، پر سکاڻ ڏيٺي،
صباح سيپٺي، ٻار پچندءَ خبرون.

(١١)

بندر جان پٺي، تہ سکانيا، م سمهو،
ڪپر تو ڪن ڪري، جنن ماني منجهہ مهي،
ايڏو سور مهي، ننڊ نہ ڪجي، ناکئا.

(١٢)

سندي مُعلمِ آسري، ستا سڀ ٻڌي،
آئين ٻنِ سمهو ناکئا، بندر ناهہ پٺي،
جن جي لائق لڄ رکي، سي سڀ لنگهيندا لڪيرن.

(١٣)

اوريائين آئينِ، سيڙيو معلمِ خبرون،
سا تان سڌ نہ ڏينِ، جتي وه ويڌ ڪري

( ١٤ )

ناکئو نِگھبان، مُعلم مَنجھِي خبرون،
جنِ ماري کنيو سموند تي، سَفر جو سامان،
لطفَ ساڻ لطيف چئي، تنِ لنگھيو طوفان،
سَنياري سبحان، وچي عادَ نئون آکتا.

( ١٥ )

مَلاحِظو مِهراڻَ جو، مور م لاھِ مَناءِ،
ساموندِي سَنيال کي، سمھڻ آئِي ساءِ،
جاکِي جر مَتاءِ، تاري وانءِ تراز کي.

( ١٦ )

تاري وانءِ تراز کي مَنجھان موج ملاحَ،
داھون کنِ دَرِياهَ جِيون، آونھي جا آگاھ،
سونھنِ جِي صلاحَ، وٺ تہ وِيرِ لنگھي وَچين.

( ١٧ )

سونھان مَدِيون ڏينِ، هنَ ديواني دَرِياهَ جِيون،
کوڙ اوڏائِي کين کي، رکو سچ سودِنِ،
عِجزَ جو آڌ راتِ کي، وکَرُ وھائِينِ،
ساٿ نباهيو نينِ، ثابتِ اِنھين سيرَ مان.

( ۱۸ )

توُن وِسرو ويرَ، سائِينِ منِيتِ پنڌ جِي،
جوڙي جُنگ جهاز کي، ڪوڙِ هٿائِج ڪيرَ،
وَهي وَڻجارنِ جِي، بندر ڏانهن ٻهير،
گهرِ تنِين جي ڪيرَ، جنِ لاڪيدار لنگهائِيا.

( ۱۹ )

قرقلَ، قوُنا، پارِچا، پاٽِيتَ پاتائوُن،
ڪوِنيوُن قِيمتَ سنديوُن، تَر ۾ تاڪيائوُن،
لاچِنِ منجِهه، لطِيفُ چئي، ٻيڙا ٻڌائوُن،
نَذر نبيءَ جام جو، چڙهندي چيائوُن،
جي ڇهي ڇوڙِيائوُن، سي ٻيڙِيوُن رَکين پاڄهه ميِن.

( ۲۰ )

وِڇڻ جان وِيهي، جرِ هلڻو پائِيان،
”ترِ ٻيڙا، گهرِ ميرِين،“ اوسِدِ اي پيئي،
جِئَن وَڻجارو مين وَکرِين، سَرها سيئِيِ،
حُرمتَ سائُ حبِيبَ جِي، سونـگيا نَه ميئِي،
پاٺي آوءُ پيِهيِ، ڪَنڌ ڪيڙائو آئِيا.

## وائي

عُمر سَيِ عَبثُ، وِيل وِڃايم، وقت وڃايم پانهِنجا.

وِيٺي لِکيو لوڙيان، جيکين ڪِنڙو مَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهِنجا.

آڇي آپا ڪِيمَنِ ڪي رَمِجِ، آڇي رَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهِنجا.

حالَ مَنهِنجو هِهڙو جِهڙو، تان تون پِريم پَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهِنجا.

قَلبَ جو ڪارو ٿيو، ڪاتِبَ لاهِين ڪَسُ،

وِيل وِڃايمِ پانهِنجا.

## داستان پنجون

( ١ )

سَپيٺي سَٺينءَ ڪَرِين، ڪومَ مَنجهابين واٽ،

مَهڪِي ڪِجِ مَچا ڏَٺِي، سَچِي جا صِراطِ،

سَپيرِيان جي سات، لائو لَڳو ميڙِبين.

( ٢ )

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ٿ، لاهي غم وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ٿئي حاج تو.

( ٣ )

چڱن ساڻ چڱائيون، اين سڀڪو هوءِ،
تو جنن ڪري نه ڪوءِ، بڇن ساڻ ڀلائيون.

( ٤ )

چڱا ڪن چڱائيون، مٺائيون مٺن،
جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

( ٥ )

مين مٿي سمرا، ڪهين سڏ ڪرين،
مات نباهيو نين، اي پر منڍي سڄڻين.

( ٦ )

وت ويهي جو جي لهين، ته ٻي ڪار نه ڪرين ڪا،
سا پروڙج ڪالهڙي، وڻجارن وٽا،
موتي جن هٽا، آندئي گهٽي آدب سين.

( ٧ )

آملهه آچ ۾ آنِ ڪي، جي نه پروڙنِ مٽ،
جتِ ڳنڍجيئي جوهري، مائڪ تتهين سٽ،
جنين سون سين سٽ، تنِ هٿي ري رَدِ ڪيو.

( ٨ )

سونا! وانءُ صراف سينءُ، لڌو لاهه ۾، لڌ،
سودو سوئي ڇڏِ، جنهن ۾ جواهر ناهه ڪو.

( ٩ )

سونا! وانءُ صراف سينءُ، لڌو هڏ ۾ لاهه،
آهي تنِ آونداهه، جنِ جواهر ضايع ڪيا.

( ١٠ )

جو صرافنِ لڌيو، ته تون پڻ لڌج، سون!
قدر لهنده ڪون، نيئي ڳنڊيندئي ڳڏوءَ سين.

( ١١ )

وڃنِ ۾ وينجهار! پائيٽ جي پرکنا،
ڪنير پايو آکيين، لهن سيڪنهن سار،
موتيءَ جي مزاج جو، قدر منجهه ڪنار،
صرافنئون ڏار، مائڪ ملاحظو ٿئي!

( ١٢ )

جي نه سڃاڻن سچ کي، وهم م تنين وٽ،
اَملهه کي آڏ ڪري، ڀاٽا هَٽندا ڀٽ،
وڃي مهر تنين وٽ مٽ، جي ڀارڪو ڀارس جا.

( ١٣ )

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪٿا خريدار،
ڀاٽيت جي پرکڻا، ويا سي وڻجهار،
عينڪ ڀانئي آکين، لهن سيڪنهن سار،
صرافن ڏار، ماڻڪ ملا حظو ٿئي!

( ١٤ )

آگهيو ڪانئو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي!
ٻلؤ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران!

( ١٥ )

ويا سي وڻجهار! هيرو لعل وڻدين جي،
تنين سندا پونيان، سيهي لهن نه مار،
ڪنين ڪٽ لهار، هاٽي آنهين ويٺيين.

( ١٦ )

تا صَرافَ سَچِنِ، پاڻ ڪوٺائِنِ جوهري،
ماڻڪ ڪري سَتِ ۾، وانءُ وَٺِي وَتِ تنِ،
سندس ٺي سيد چئي، ڪِهڙو قدر ڪنِ،
ماڻيڪ ٺِي پرڪنِ، ڪِ ڪَنچل گَڏِن ڪچ سين؟

( ١٧ )

آمَلَ، آساري پئي، پوري! پڳئي جتِ،
ڪه نہ رَنئي تتِ، پَئي آڏَ هَٿِ ڪري.

( ١٨ )

آمَلَ، آساري پئي، پوري! پڳئي جيئن،
وانءُ صرافنِ سيئن، پئي آڏَ هَٿِ ڪري.

( ١٩ )

آمَلَ، آساري پئي، پوري پڳئي جانْ،
پئي آڏَ هَٿِ ڪري، سِري صرافنِ وانْءُ،
تہ سو تنهين تان، سَچو ڪرايين سيکهہ ۾.

( ٢٠ )

ماڻڪ، مَندَ هٽان، پيتيءُ ۾ پرزا ٿيو!
سَچو تان سيد چئي، لهي لَکَ سوا،
پڳي پچاڻان، پدماڻ ٺِي پري ٿيو!

( ٢١ )

جتي ماڻڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو،
سنئون تن سياڳ، آمل جن اوباهيو.

( ٢٢ )

چور آيو ايئن چوءِ، ته آءٌ آهوئي آهيان،
جي آسي آڪين هوءِ، ته لڪي ڪي ڪونه لهي.

( ٢٣ )

چوري پهت ڳجهه سين، پڌر ناهِ آرٿ،
پوءِ لڪائج وٿ، پهرين لڪائي پاڻ ڪي.

( ٢٤ )

جهنگ ڪاسي پٽ ٿيو، لٽي چوران لڪ،
ويٺي وجودان نڪري، جيڪا ڏڙي ڏڪ،
هيڪ سڄڻ پي سڪ، ٻئي پهتا پاڻ ٨.

وائي

جاڳو، يارا! جيڏيون! پاڻ پرنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون! پاڻ پرنجي.
هلندي حبين ڏي، ويلو وڃ نہ ڪجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

مَتان آهِن اَسِري، پتنگ جڻن پَڄي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
عَرض اَحوالَ اُنِ کي، چَگِيءَ پَتِ چَڄِي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
ڪري نِياز نِڪَٽون، واحِد ڏي وِرجي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
آهي موت مِڙنِ تي، گوڙيون ڪيو گَجي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
اَجَل اِيندءِ اوچتو، جو سَدا ٿو سَڄي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
اَکِيان اوندهيءَ جو، سَمَر ساڻ ڪَڄي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
ڪَڻ تون قوت قَبَر جو، گهڻو ٿو گهَرجي،
جاکو جوشان، جيڏيون!
آگو عيبَ آنهجا، ڍَڪيا کُجهہ بَجهي،
جاکو جوشان، جيڏيون!

جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آمن آهي اَن کي، جو منجهه الله آجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

## داستان ڇهون

( ١ )

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏينده ڪو پيو.

( ٢ )

تارو تريو وڃن، نندا وڏا واهڙا،
هئي، ٻرا! آتارن، جتن ڳرا مٿن مولهيا.

( ٣ )

ذوري لهه ذاتار، جم وهين ويسرو،
هيڪڙو هوج هشيار، ڪوڙ ڪونديي اوچتي.

( ٤ )

مٿين ڪهڙيءَ سار، وڃ ڪونديي ويسرا،
تو جيڏا تو ٻار، لهرين لهوارا ڪيا.

( ٥ )

سَتين سَنجهيئي، وِچ ڪوَنديئِي وِسرا،
وِير وَري ويئي، آسارَنِ تان اوچتي.

( ٦ )

ڪوڻِ ڪِوايو، آيَئي نِنڊَ آياڪ جي،
جنين نہ پيئو پانيو، ڪَري توائِي تَنِ ڪي.

( ٧ )

ساموندي تو سَنبهين، ساجو جهلِ سُڪاڻ،
لَڳي واءُ وَڏاندرو، مُنجهائي مِهراڻ،
جَنين پانيو پاڻ، ڪَري توائِي تَنِ ڪي.

( ٨ )

نَڪو مُڪُ نَسَڪتين، نہ وِساندِ نئين،
جيڪا آچِئي سامهين، پايين سا سئين،
موڙي ڪوھ مئين، جِنَ سَچيون راتيون سُمهين.

( ٩ )

آهُڪي راھَ، اللهَ جِي، آهُڪِي، آهُڪِي پَتِ،
هوءَ جي ڍِهائِي ڏيھ جا، تَنِ پَرِ مُنجهي مَتِ،
آچارانِ آبَتِ، گهوڙِجِ گهائي لينهن سين.

( ١٠ )

مَ ڪِينَ هيجِ، مَ هوجِ، تَرسُ مَ، تاڻِ جَهازَ ڪي،
چئو ڪَلِمون مُحَمَّدَ تي، تَہ آڪِيان اَچِيئي اوجَ،
سَهڪِيءَ پِتِ، سُبوجھ، تَنهِنجي مَڪِي ڏِکِي مَڪَڙي.

( ١١ )

تَنَ ۾ تَرازَ توھَ جي، گهٽُون لَهُ گهوري،
آدَبَ ۽ اِخلاصَ جا، سِڙھَ پَڌِجِ سوري،
وَکَرُ وِڻِنتِينِ جو، تِنهِن ۾ پاءِ توري،
تَہ عادِ نِٿُون اوري، تَنهِنجو توائِي نَہ ٿِئي.

( ١٢ )

ثابت لنگهيا مِيرَ، لَهرِنِ لوڏِيا ڪِينَ ڪي،
وَڃِي پهتا پارَ ڪي، نِرتُون مَنجهان نِيرَ،
ماءِ پهتا مِيرَ، پارِ لَنگهيائُون پاڄھ سين.

( ١٣ )

وِيهُ تُون وِساري، چَندا جي چِلڪَ جا،
جو لَڪَ لَهِريُون ڏي، ڪَرِ ساڃاھِ تِنهِن سَمُونڊَ جي.

( ١٤ )

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
ڇلر جي ڇوئين، تن سانگوڙا ۽ سِپيون.

( ١٥ )

توڙي تَوائي، توءِ تنهنجو آسرو!
سچو ڳر لائي، ڪيرو ن ڏيندين جيڏيين.

<u>وائي</u>

هي جي، هو جي لڪ، مون ماريندا لڪ،
مون ماريندا لڪ.
يا والي، ڪيچ نہ اوڏي ڇڪ،
مون ماريندا لڪ.
آنت نہ ڏجي عام کي، لوڪان ڪجي لِڪ،
مون ماريندا لڪ.
پاڻ ۾ ڀاريون ڪري، لينهن وهائجي نڪ،
مون ماريندا لڪ.

# سامونڊي

## داستان پهريون

( ۱ )

ڀَڳهه پاسي گهارِ، آيَلِ سامونڊينِ جي،
وِجهي جِيءُ جنجارِ، جِمَ وَڃِنئِي اوهري.

( ۲ )

ڀڳهه پاسي ڀَڃَ، آيل سامونڊين جي،
مَن ۾ ڀاري مَڃَ، جِمَ وڃِنئِي اوهري.

( ۳ )

ڀڳهه پاسي ويهه، آيل سامونڊين جي،
تُون ويسري وِکَ کٽين، هو ڀُوريندا ڀرڏيهه،
سمنڊ جنِ سازيهه، کوهَ نه وِيئين تنِ سين.

( ۴ )

جان ايندين تان آءُ، هٿِي هٿ ڀڳهه ۾،
لَڳِي واءُ سواءُ، سِڙهه سانباهي نه سهي.

( ٥ )

تَنگَرَ جان نہ کَتَنِ، وانءَ وَهِلِي نِڪري،
مَچُرَ ڏيهہ وَچَنِ، ناڙيون پوري ناکَنا.

( ٦ )

تَنگَرَ ۾ ناڙيون، پَڳهہ کَٽي پَنڌِ ٿيا،
بَندَرَ بازاريون، مَچا سامونڊِين ري.

( ٧ )

تَنگَرَئون نيٽِين، مَنَ اولِيءَ نَہ اوهَري،
سپاجهين سيٽِين، پائي گَڻَ گِهيو هينڻون.

( ٨ )

سيمِي جوئِينَ ڏينهن، جَڏهِن مَچُرَ سَفَرَ هَليا،
روئان، رَهَنِ نَہ مَپرِين، آيَلِ ڪَريان ڪيئَنُ،
مون کي چاڙهي چيئَن، وِيو وَڻجارو اوهري.

( ٩ )

نَہ مِي تَڙِ هوڙاڪ، نَہ وايون وَڻجارَنِ جون،
سَرَتيون سامونڊِينَ جا، آجَ نَہِ چِڪيرِ چاڪ،
مارِينهون فِراق، پاڙيچيون پِرِين جا.

( ١٠ )

وِيا اوهَري اوءِ، مون کي ڇڏي ماکهين،
جَڳنِ جا جَڳَ ٿيا، ٿِئان نہ مونيو کوءِ،
گونڌرَ مارِيندوءِ، ويچاري وِئَن جو.

( ١١ )

آونهي ۾ اوهَري، جڏهِن جي وِيا،
ساندارِي سَمونڊَ جي، نِهوڙي نِيا،
وَڃي تِت پيا، جِتِ نِهايَت ناهِ ڪا.

( ١٢ )

آونهي ۾ اوهَري، جڏهِن وِيا جي،
مونِي ماڳِ نہ آئِيا، ماءِ ساموندي سي،
ڪارو تَنِين کي، جيڪسِ وَهُ وري وِيو.

( ١٣ )

اوڙاهِ وِيا نہ وَرِيا، آءٌ تِنهن ماري وِئي،
ڪَري ساموندي سيڻ، جَسي جار پِرائِيو.

( ١٤ )

جي وِيڙَمِ آجَ، سي ڪَڏهَن اينداَ ماڻ کَري،
پِريان جي هَنَ پارَ ڏي، وَڃي دؤنڪي ڏَڃَ،
ساموندِيڪو ڏَجهِ، ماءِ مارِيندمِ ڪَڏهِين.

( ١٥ )

اوهرِيا جِتائِين، ڏِکن تنِ ترَنِ تي،
سامونڊين، سائين! واءُ مٽائُنو وارِيَنِ.

( ١٦ )

سامونڊي ساري، سڀي ترَ گُذاريان،
مون کي تِي ماري، آنهين سَندي ڳالهڙي!

( ١٧ )

سامونڊي ساري، ماءِ مُنهنجو جِندڙو،
بَندرِ وِيچاري، وَڃِي لايا ڏِينهڙا.

( ١٨ )

سامونڊيڪو سَنگ، آهي گونڊر ڳاڏئون،
آنکهن چاڙهي آنگ، وِيو وَڻجارو اوهري.

( ١٩ )

وڃيئي وِسري شال! جو تون سودو سِکيو،
آڄا آئين ڪالهه، مونيو سفر سنبهين.

( ٢٠ )

ڳرِيو جهَليو روءِ، سڀي مُهري هٽڙا،
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڏِوليا سِکيو.

( ٢١ )

اَلوڙڻ نہ ڏئي، وَرَ وِڏائِين وَنجھہ ڪي،
رَہَ آچوڪي راتڙي، لالَن! مون لائي،
وَڃَ ۾ ڦوڙائي، ايڏي سَفر، سپرين.

( ٢٢ )

مون جَهلِيندي نہ رَهِيا، جَڪَس لِہَرَ نِينهَن سندوم،
قادِرَ شالَ ڪندوم، وِيجهي وَڻجارَن سين.

( ٢٣ )

جَڪَس نِہَرَ نِينهَن سندوم، جِڻُ سونَ آئِي، هَنِ ٿيليو،
سَعيو سامونڊِيَن سين، آکِهين تان نہ ڪِيوم،
وِجهَن مَنجهہ هَٿوم، ہاڻ وَراڪي رَسِ سين.

( ٢٤ )

ٻيڙيءَ جي پٽن، نِينهَن نہ ڪِجي اَنِ سين،
اَپِيون ڏَنبِ ڏِسنِ، جهہ سِڙهہ ڏِٻِي سِير ٿِيا.

( ٢٥ )

هِيلڙو ٻيڙيءَ جان، ڏَتَرِ ہئي ڏِينهَن ٿيا،
ٻَچيو تان نہ ٻِريان، ڄهَرَ لاهوٽي ڪَڏِهِين.

( ٢٦ )

تن جنين جي تانگ، سي سجڻ سفر هليا،
لئج لات، لطيف چئي، ڪڏهن ايندم ڪانگ،
ڪنهن سڻائي مانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

( ٢٧ )

تان ڪِين لئج ڪانگ، ڪڏهن ايندا مون گهر ٻن،
پيئڻ ڪارڻ سانگ، مون تان گهٽيئي ڪيا.

( ٢٨ )

مر نسريا ھاند، آتر لڳا، آھ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

( ٢٩ )

مر، لوھيڙا ڳيا، ڪسر نسريا،
تو ڪِئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن آچڻ جا.

( ٣٠ )

جيڪر آچي هاڻ، ته ڪريان روح رچنديون،
آيل ڍولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي، ڳالهيون ڪريان.

( ٣١ )

آيل ڍولئي ساڻ، آچي ته جهيڙيان،
"لائي ڏينهن گهڻان، مون سين ڪئي تورڙا."

( ٣٢ )

ڊوليو وڏڙو ڏور، تي ٿي ميءَ گذاريان،
مادر مون م چور، نا ته پڌر ٿوندي پرينءَ ري.

( ٣٣ )

لاهيندا ٿي ڪن، ڳالهيون هلو سنديون،
ڏيندا مون ڏکن، وهه وڃهندا جندڙو.

( ٣٤ )

مون کي ڇياريو، پرين جي ڳالهه ڪري،
ڏنو آڄ آڏيو، هينڙو ڪوٽ برج جٺن.

( ٣٥ )

وانءُ وڃي وائٽ، هينڙا ماڳ پرين جو،
ڇميو، چم چائٽ، هوءَ جا سنڌي سجٽين.

( ٣٦ )

آئون جن آساري، متي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال م وڃن اوهري.

( ٣٧ )

آساري آهيين، مٿي تڙ گذاريين،
تون ڪئن وساريين، سنگت ساموندين جي

( ٣٨ )

منهي لڪ، نڪ مٿن، ڪجل ڀڃن نيڻ،
ساموندي، مون سيڻ، ڪ تو ڪالهه لنگهائيا؟

( ٣٩ )

هي سڄڻ سيٺي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندم جان پيهي، ته سڀ لاهيندم ڏڪڙا.

( ٤٠ )

چمڪيون چوڏار، ڏچون ڏاڙيچن جيون،
ماءِ ساموندي آئيا، مهسين ڪري منگار،
انهين جي ٻچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

وائي

( ١ )

ڪرهل هائي لڄ، ڪه نه ويئينءَ آن مين؟
آجاريائون اوليون، ڏناريائون ڏڄ،
ڪه نه ويئينءَ آن مين؟
ستان وهين ويسري، آئي پورل پڄ،
ڪه نه ويئينءَ آن مين؟
سيڻن ساجهر لڏيو، تون آئي نهارين اڄ،
ڪه نه ويئينءَ آن مين؟

ڪانھ سبائِي ڪنجرو، آنگون پاتِئِي آج،
ڪه نہ وِيئون آنِ سين؟
ڪير سٽندو تنهنجيون، آدورائون آج،
ڪه نہ وِيئين آنِ سين؟

## وائي
( ٢ )

وِيندي آئون هوتنِ وٽ، مون وَهه وَڻجارنِ سين.
پکَھ ڪَريَم، پاڻَئي، جاني مون لئي جٽ،
مون وَهه وَڻجارنِ سين.
وابون وَڻجارنِ جيون، آديون آج نہ هٽ،
مون وَهه وَڻجارنِ سين.
گَرهيان مون سفر جو، هلي پنهنجي آرٽ،
مون وَهه وَڻجارنِ سين.
پورِ يندِيس پرِينِ ڏي، ڪانہ ڪَرِيندِيس کهٽ،
مون وَهه وَڻجارنِ سين.
ڏيئي سڙهه سير ٿيا، پير نہ لائِيئون پٽ،
مون وَهه وَڻجارنِ سين.

## داستان ڀيو

( ١ )

پران، سان پچان، بندر سون ڏور ٿيا،
نہ مون ھڙ نہ ھنج ڪين، جو آئون چڙھان،
ايھين ڪج ھاٿي، جنھن ھر ڀرين مڙان،
ڪارون ٿي ڪريان، تو در آيي، نا ڪٿا.

( ٢ )

ھڙ ۽ ڪين ھيون، ھونھئين ھن نہ چاڙھيا،
سارو ڏينھن سمونڊ تي، لھي سج ويون،
جڏھ سائينءَ سڀ ڪيون، تڏھ سٽر ٿيا، سيڌ چئي.

( ٣ )

آسان آذارا، آئي آونگ چاڙھيا،
منھن ڏيئي مون آئيا، سمھان سيارا،
آيرن سيڪارا، پسيو ور بين جا.

( ٤ )

مون آيي تڙ وٽ، ڀرين پڳھہ ڇوڙيا،
ڪا منھين ۾ ڪھت، تات سچن سباجھا گھٽون.

( ٥ )

مون آيي ترُ هيٺ، برينِ ٻڪِي ڇوڙيا،
ڪا منهين ۾ ڏيٺ، نات سڄڻ سپاجها گهٽون.

( ٦ )

مون آيي ترُ جهل، برينِ ٻڪِي ڇوڙيا،
ڪا منهين ۾ آل، نات سڄڻ سپاجها گهٽون.

( ٧ )

مون آيي ترُ پاس، برين ٻڪِي ڇوڙيا،
هو الله هارا آهريا، آءُ دمدم دعا ڪنديَاس،
آهِ نه لاهينديَاس، موٽي ايندا مون گهرين.

( ٨ )

ڪيڙائن ڪارو، منجهيئي ماريو،
آيل آمارو، آهنِ برينِ پار جو.

( ٩ )

ڪاري ڪيڙائون، مٿي مٺي سونيا،
سودو ڪنِ نه سون جو، وڏا وهائون،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعون،
سامونڊي سائون، لنڪا لوپي آئيا.

( ١٠ )

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوھريا،
مٺي سون لنڪا جو، مڪ نہ ساموندين،
پرہ پڳہ چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڌي ڀاڳ ڀڙن، جي ڪنهيا ڪاروڻيار ڏي.

( ١١ )

وڻجارن وري، پرہ پڳہ چوڙيا،
اوليون ڀسي آن جيون، ڀڙم ڳچ ڳري،
ويندين ماء مري، ماري ساموندين کي.

( ١٢ )

وڻجارن واري، پرہ پڳہ چوڙيا،
ڪيڙانو ڪاري، سنيوڙا، سيد چئي.

( ١٣ )

وڻجاري وائي، سدا آہ سفر جي،
آيل ليهائي، مون ماريندي ڳالهڙي.

( ١٤ )

وڻجاري جي ماء، وڻجارو نہ پلين،
آيو ٻارھين ماہ، پڻ تو سفر سنبھي.

( ١٥ )

وَڻجاري ڪانڌاءَ، مون ورَ ويئي ڳهاريو،
لَڳي آترَ واءُ، ڍوليو هلڻ جيون ڪري.

( ١٦ )

جي تون وڻجارو ڪانڌ، ته مون هَڏَ م لائون لَڏيون!
پرڏيهه مٿي سانگ، آئي پهرَ جنهن ڪيو.

( ١٧ )

پرڏيهه پوريائون، سامونڊين مڙه سنباهيا،
مان تن ماريائون، پاڻان وِڇي گونڌرين.

( ١٨ )

ٿيا ڏياريءَ ڏينهن، سامونڊين سفرَ جي ڪئي،
مون سر وتا جيڏيون، ڏکن سندا ميينهن،
ڪيس نمائي نيهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

( ١٩ )

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سپرين،
رونان رهن نه لڪ سينءَ، جهليان جهل نه ڏين،
وره ويڌ ڪرين، آيل سامونڊين جا.

( ٢٠ )

ڏِٺي ڏِياري، ساموٺڊِينَ سِڙهه سنباهِيا،
وِجهيو ورَ وَنجهه کي، روئي وَڻجاري،
مارينده، ماري! پِره سوَر پِرِينِ جا.

( ٢١ )

ڏِٺي ڏِياري، ساموٺڊِينَ سِڙهه سنباهِيا،
اَنِ کي مَند اُتر جِي، اوچِتي آئي،
وَڻجارَنِ وائي، آهي پِرِيِنَ پار جي.

( ٢٢ )

ٿي ڏِياري ڏِيٺ، ڍوليو هَلڻَ جي ڪري،
مَکيو پنهنجي مَکڙي، چيٺي چِگَيءِ چيٺ،
روئان رهنِ نہ سِپرين، جانڪِينَ جهِليان ٻيٺ،
موَن سين ڪري ميٺ، سڄڻ سفر هليا.

وائي

( ١ )

آئين آچي ٻسو، جيڏيون! ووءِ! هي جو وه منهنجي جِنڊڙي.
ٻانٹي وِنڙا ٻِرِم، منجهان ڪَرِس ڪسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِنڊڙي.

ڏيئي وِنڙا ڏاهِ کي، سورنِ جو سرسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
آءٌ ڏورِينديِ اَنِ کي، ڏيئي تن تسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
ساءُ نہ آيان سورَ جو، هاڻي ٿيون هسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
ستان وهو، ويسريون! رڙهو تي رسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
منداڻتي مينهن جِڻن، ويروتارِ وسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.

وائي

( ٢ )

آئين مون کي، زورِ ۾ جهليو، جيڏيون،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.
اُونهي رنڙا اُوهري، ترازون تاري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.
مري رهنديس ماڪِهين، سامونڊي ساري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.

سور تنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،

ووءِ! آئون هندي هوت ڏي.

هاڻ نه جيان جيڏيون، آئون ڪنيس ڪوهياري،

ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.

وائي

(٣)

آيل ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

ويو ونجارو اوهري، مون کي ڇاڙهي ڇيئن،

منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

ساموندين جي سگ کي، روئان راتو ڏينهن،

منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

آڏو هيءَ جئن ڏکڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن،

منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

گوندر مٿاهه چندڙي، وريا ولن جيئن،

منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

سادر پائي منديون، وڃان هاديءَ سيئن،

منهنجو نينهن آپليو نه رهي.

## داستان ڏيون

( ١ )

جي ويا ڀريئين ڀور، آهيان گهوري آن جي،
سامونڊيڪو سور، ماءِ ماريندم ڪڏهين.

( ٢ )

سامونڊين سعيو، سدائين سفر جو،
ڪو ڏينهن ڇتايو، اوهي وڃن اوهريا.

( ٣ )

آج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
آئي پهر آئن، سعيو ڪنهن سفر جو.

( ٤ )

آج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
مون آپيئي هليا، بندر جن ترن،
سرتيون سور سندن، مون ماريندو جندڙي.

( ٥ )

آج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نه رهن،
آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين،
ڀڳهه چوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

( ٦ )

لاهيان جي نہ ڇتان، آلا! آن م وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءَ منهنجو جن سين.

( ٧ )

ڇتان جي نہ ڇرن، آلا! آن م وسران،
مون من آهي تن، مڙهيو منجهارا هينئين.

( ٨ )

تڙين تنوارين، ماءُ ساموندي آئيا،
مون کي جيارين، وايون ونجارن جيون.

( ٩ )

اولا ڪئي آءُ، سڳهہ ڇوڙي پند ٿيا،
آيل ساموندين جي، آءُ آڙانڪي جوءِ،
ڪڏهن ڏسنديس روءِ، وري هن آکين سين.

( ١٠ )

لڳي آتر هير، ساموندين سڙهہ سنباهيا،
ننگر ڪئي ناڪئا، ٿئا سٽارا سير،
هينئڙي نت اکير، ڪاري ڪيڙائن جي.

( ١١ )

لڳي آتر آهريا، واهوندن ورن،
آءُ ڪهٽوئي کهوريان، سان سودو ساموندن،
اڳئي جن آڇن، عيد ورتي ان کي.

( ١٢ )

اڳئين آيا جانءِ، ته سرتيون، مون مڪ ٿيا،
آسل پرين مٿان، پرڪيو پئن ڏيان.

( ١٣ )

آئي آنر منڊ، هينئين آڏو نه لهي،
ونين لاچو بنڌ، پيهر مکن پيڙيون.

( ١٤ )

لاچو ٿا لون، آڇن سڙه آهٽيا،
ڪارن تن پرين، ويئي واٽ نهاريان.

( ١٥ )

سڙه سچائيو چوءِ، "ماءِ، ساموندي آئيا،
سان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾".

( ١٦ )

مِڙہ ٿي مِيانُون، ٻندرجن ترّن تي،
مِڙہ مِيي ماچا ڪري، ڪوهہ ڪنيانُون،
ٻيرڦون ٻحرن ۾، چوڙي چڏيانُون،
لهرِيون لنگهيانُون، لطف ماڻ، لطيف چئي.

( ١٧ )

مِڙہ ٿي مِيانُون، ٻندرجن ترّن تي،
ملا معلم خبرون، پڇي پوريانُون،
سٽڙ سونيانُون، آونڙ ڪنهن نہ اوليا.

( ١٨ )

ٻندر ديسان ديس، مَل نہ ملي وارين،
فقيراڻي ويس، آمل ڏين آتورنا.

( ١٩ )

پتڻ پوءِ پچار، آن ڪي مِڙہ ويندا گڏيا؟
آڪنڊ مون آهار، شال منهنجا مونيا.

( ٢٠ )

آپيون ترّ ٻوچين، وهون وڻجارن جيون،
آئيو آڪا ڏين، ڪتوري سمونڊ ڪي.

( ٢١ )

جنين ڪارڻ مون، ٿي ترّ هوڄارا هوڄيا،
هنيم آميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

( ٢٢ )

وائڻيون ٿيون ورڪن، آجا سڙه نه پڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

( ٢٣ )

ڪوهن سر وانئيون، وائنين سر ڳنڍ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڍ، ماءِ سامونڊي آئيا.

( ٢٤ )

جر ترِ ڏِيا ڏي، وڻ ٽِڻ ٻڌي وائڻيون،
”آلا! ڪانڌ آڇي، آسائتي اهيان.“

( ٢٥ )

جا جر جاتون نه ڏِني، ڏيا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جيون.

## وائي

( ١ )

پرينِ جي پنڌان، مون کي جي جهلينديون،
مي نہ پڇنديون.

پلي ڪري آئيو، تانارو ڏيهان،
مي نہ پڇنديون.

پڳي ڪنِ مڃي ٿِي، لٿي جاڪ گِران،
مي نہ پڇنديون.

مرتينِ سور پرائيا، هالي هن هنڌان،
مي نہ پڇنديون.

تان ڪين واس وِهائيو، پاروچي سلان،
مي نہ پڇنديون.

تان ڪين ڏونگر ڏوربان، جان ڪوہ آندر ساہ،
مي نہ پڇنديون.

متيون موٽ سنديون، تون هڏ آچ م ماءَ،
مي نہ پڇنديون.

## وائي

( ٢ )

تَڙ تِهارِيان تِي، سَنهنجا بَندَرِ وِئڙا جِي،

مان سِڙه سَڄاڻان سڄڻين.

آئِي اوسَه پائيان، ڪارِڻ وِڻجاري،

مان سِڙه سَڄاڻان سڄڻين.

گهَٽون آڪنڍي آهِيان، پِرِينءَ پنهنجي ڪي،

مان سِڙه سَڄاڻان سڄڻين.

آسائتي آهِيان، آلا! ڪانڌَ آهي،

مان سِڙه سَڄاڻان سڄڻين.

# ڪاموڻ

## داستان پهريون

( ١ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽين.

( ٢ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي لِي لغار، متان ماڳر مٽين.

( ٣ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙ،
پسي ڪِکِي ڪوڙ، متان ماڳر مٽين.

( ٤ )

تون سمون، آئون گندري، عيب مون ۾ ويهه،
پسي مڻڪي ڏيءِ، متان ماڳر مٽين.

( ٥ )

توُن سَموُن، آئون گندري، مون ۾ عَيبَن لکَ،
هِنَ مَنهنجي حال جِي، توکي سَڀ ٻرکَ،
ڪارڻ رَبَّ آلکَ، مَتان ماڳَر مَٽيِين.

( ٦ )

توُن تماچِي، تڙ ڌَڻي، آئون مهاڻي مِي،
مون ڏهاڪَ ۾ ڏي، آئون جا نالي مَيس تنهنجي.

( ٧ )

توُن تماچِي، تڙ ڌَڻي، آئون گندري غريب،
تومين چام قَريب، ڪي ڏن چڏائي، ڏيج مون.

( ٨ )

ڪاجَ جَنين جو ڪِيون، مال جَنين جا مَڏ،
سمي سيئي سين ڪِيا، هيٺا جَنِ جا هڏّ،
چام پَرتَئي لڏّ، مانگين جِي سيڌ چِٽي.

( ٩ )

چارا ۽ ڪارا، مال جَنين جو مَڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪَيي، آجِن سوارا،
جي مِيءَ مڇيءَ مارا، سمي مِي سين ڪِيا.

( ١٠ )

ڪڪيءَ هاٿيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٿا ڇڄ،
پاند جنين جي پاند ۾، لڳو ٿيي لڄ،
سمون چام سهج، آيو ڪري آن ۾.

( ١١ )

ڪاريون، ڪوجهيون، ڪوڙيون، مور نه سوچاريون،
وٺي ويٺيون وات تي، ڪڪيءَ جيون ڪاريون،
آلهين جيون آريون، سمي ريءَ ڪير سهي.

( ١٢ )

چاريون، ڪاريون، ڇڄ، ڇپريون، جن جي محبت سچيءَ ساٺ،
رهن، وهن سر پانڌيين، سيپئي هڏيو هاٺ،
تڏڙن جئن لطيف چئي، پاڻيءَ وچهن ہاٿ،
تن ملاحن جو مان، سمي سر ڪيو پانهنجي.

( ١٣ )

گند سي جيءَ کوڏ ۾، ٻاهوڙا پوشاڪ،
لاهمين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

( ۱۴ )

گَند جَنِ جِيءَ گوڏِ ۾، پاپوڙا پينام،
آنِهين کي اِنعام، مَجر مِڙوئي ٿيو.

( ۱۵ )

گَند جَنِ جِيءَ گوڏِ ۾، مَٿَنِ تي موڙيون،
آڇِنِ سَنيوڙِيون، سَمي جي سَلام تي.

( ۱٦ )

ٿيا تَماچِيءَ چام سين، مَهاڻا مَحروم،
نَنڍِيءَ وَڏِيءَ گَندرِيءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏوم،
جي ڪِينجهر، جي روم، تہ سَبِ اِنعامِي ٿِيا.

( ۱۷ )

نَہ وَڏِي، نَہ وِڪَڻِي، نَہ مارِي، نَہ ڏارِي،
ڪارو وِڏائين کوهَ ۾، نِرتون نِهارِي،
مائِي پِرِ پارِي، جا گهرِ سَمي جي سَپِجِي.

( ۱۸ )

نَہ وَڏِي، نَہ وِڪِڻِي، نَہ کَٽِي ۾ ڪارِي،
آهِجَ، سَهِجَ، ماهِيون، ڏِريان نَہ ڏارِي،
مائِي پِرِ پارِي، جا گهرِ سَمي جي سَپجِي.

( ١٩ )

پاپوڙو پيش ڪيو، نوريءَ لئون لپئي،
حاضر هيون هڪيون، سميون سپئي،
نوازي نپئي، ڳاڏيءَ چاڙهي ڳنڌري.

( ٢٠ )

مهاڻيءَ جي من ۾، نه ڳيرب، نه ڳاهُ،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءِ،
سمون سين ملاءِ، هيريائين حرفت سين.

( ٢١ )

نوريءَ جي نياز جو، عجب آجهل هوءِ،
سمون سر سين ۾، ميءَ مورچيو سوءِ،
آڇيو آيين پوءِ، حجت پڳي راڻيين.

( ٢٢ )

ميءَ مڇيءَ ۾ هتڙا، وپئي ڪري ورن،
راءِ آکين رکيي، مهاڻي منجهه من،
تماچيءَ جي تن، ڳالهيون جيس ڳجهيون.

( ٢٣ )

هٿين، پيرين، لڪڻين، منھن نہ مھائي،
جٺن سڳو وچ مرندڙي، تٺن راڻين منجھہ راڻي،
آصل هٿي آن کي، آهل چاماڻي،
سمي سڃاڻي، پيڙو پڌس پانھن ۾.

( ٢٤ )

ٿهڙو ڪينجھر ۾، ڪين پيو، جھڙي سونھن سنڌياس،
مڏ، ميانيون، مڪڙا، ٻڙني معاف ٿياس،
مورچل مٿاس، هٿي چام هٺن ميں.

( ٢٥ )

تڙ تماچيءَ چام جو، تماچي تڙ راءَ،
تماچي جي تڪڻين، تون تماچي ڳاءَ،
تہ تون تماچياءَ، تماچي تڙ لهين.

( ٢٦ )

سپ سميون، سپ سومريون، سيني ڪڇيءَ هس،
پسن ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول تن جي ڪس، هيٺايون هلن جي.

( ٢٧ )

ڪوءِ سمِيون، ٻنِ سومِريون، جي ڄامن جيون ڄايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، آڳن ٿي آيون،
ڳولڊر ڳمايون، جھڙي سڀ جھڙپ سين.

( ٢٨ )

ڪوءِ سمِيون، ٻنِ سومِريون، جي آچنِ اونچي ڪاٽ،
ورَ مِي ڪِينجھر ڄائيون، جنِ تماچيءَ جي تات،
رائِين ملا رات، ماڻڪ ميءَ پرائيو.

وائي

هيري هٽ وڏائين، ويهي سائين وِچ ۾.
نوازش نوريءَ جي، آهي تماچيءَ تائين،
ويهي سائين وِچ ۾.
ڳنڊڳيءَ ڳوشو ڪيو، عطر اوتيائين،
ويهي سائين وِچ ۾.
آنڊا منڊا آئيا، سخا سڌ وڏائين،
ويهي سائين وِچ ۾.

پسو جود جوان جو، کو ھند کون متيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

قيمت ڪميڻ سين، جھڙي وت ونيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

سوتي مڇيءَ ھٿ تي، ڪوڏن جنّن ڪيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

سالڪ ميائين ۾، چيلن جنّن چٽيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

ڏيئي سون سوال ۾، رھي راند ڪيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

پائيت آئي پاڻ سين، لعلون سڀ لٽيائين،

ويھي سائين وچ ۾.

فيروزا فقيرن تان، گھوري سڀ گھوريائين،

ويھي سائين وچ ۾.

آئي عبداللطيف چئي، آڇلي آمل ڏنائين،

ويھي سائين وچ ۾.

## داستان پيو

( ١ )

سِر صَلابت، سَپرين! مَرڪڻ، تون م مَريج،
آهِين ناڙ اَکين جو، وَنان مون م وڃيج،
تَماچِي تَڪيج، ڪو ڏينهن ڪِينجهر ڪَنڌيِين.

( ٢ )

ڪو ڏينهن ڪِينجهر ڪَنڌيِين، تون تَماچِي تَڪ،
اَونچو نِيوم آڪ، مون ڪَر مَلاحَن ۾.

( ٣ )

هيٺ جَر، مٿي مَجَر، ٻاٻي ۾ وَڏَراءِ،
اَچِي وِچِي وِچ ۾، تَماچِيءَ جي ساءِ،
لَڳِي اَتر واءِ، ڪِينجهر هِندورو ٿئي.

( ٤ )

هيٺ جَر، مَٿي مَجَر، ڪَنڌيءَ ڪوڙَ تَرن،
ڏِرنِي واهوندَن، ڪِينجهر ڪٽوري ٿئي.

( ٥ )

هيٺ جَر، مَٿي مَجَر، ٻاٻي ٻِرين سندام،
ڪوڙيِين ڪاج سِدام، آن سِدو ڪون رَهيو.

( ٦ )

سميون ڪري سينگار، راڳ ريجھائڻ آئيون،
چام ھٿ ۾ چار، چلي چيرين وچ ۾.

( ٧ )

ميءَ ھٿ ۾ سڪڙي، چام ھٿ ۾ چار،
سچو ڏينھن شڪار، ڪينجھر ۾ ڪالھ ھيو.

( ٨ )

جيلانھن نوري نوازيئين، ٿيو تماچي تي،
گاڏيءَ چاڙھي گندري، ماڙھر ڪيو ئي،
ڪينجھر چوندا ڪي، تہ مڇ مياڻي ڳالھڙي.

( ٩ )

پڪن پوءِ پچار: "آڄ تماچي آئيو"،
مرڪن ملاحن جا، مٿي پانڌيءَ پار،
وڏي چام چمار، جنھن مياڻيون موڪيون.

( ١٠ )

ھڪا پڪاريو، چام تماچي آئيو،
گوندر لاھيو، گندريون! آتڻ اجاريو،
ڪينجھر قراريو، سمي سام بخشئي.

( ۱۱ )

ڪو جو ڪامڻ ميءَ، آهي آڪڙين ۾،
تن تماچيءَ ڄام جو، ناپون پايو ني،
عشق اِيئن ڪري، جئن ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو.

( ۱۲ )

ڄامان آڳي جي ڄائيون، تن جي نرت نوريءَ کي نانهه،
نه ستهون، نه مارڪي، نه وڃن ڪنهن وبهانءِ،
مي ڪينجهر ڪنديون ڪانهه، جن تماچي تڪيو.

( ۱۳ )

نه ڪنهن ڄاير ڄام کي، نڪو ڄام وياءُ،
نئڙيءَ وڏيءَ گندريءَ، ميين آه سياءُ،
"لم يلد ولم يولد" اِيءَ نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

وائي

تنهن کي ڪير چولدو ميءِ؟ آڙي! اِيءَ سمي جا سمنگي.
سمي جي سهاڳڻ جو، ميندو ڳتو ميءِ.
ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو، عشق ائن ڪري.
جن وهڻ نه ڏلي وٽ ۾، تيا ملامي مي.
عالم انعامي ڪيو، نوريءَ ناز ڪري.

# سسئي آبري

## داستان پهريون

( ۱ )

اَوّلِ آخرِ آءِ، هلڻ مُنهنجو هوتُ ڏي،
ٻو رهيو سندو ٻو رهيتين، والي! ڪيم وِڃاءِ،
تَڪيءَ نورو لاءِ، جڻن جهڙي ملي جت ڪي.

( ۲ )

ڏري ۾ ڏاري، سٽ سورن جي سسئي،
پيائي پنهونءَ ڏي، نرمل نهاري،
لالن جي، لطيف چئي، سونهن ستي ساري،
ٻرينتون پاري مارڳ ۾ منڌ مئي.

( ۳ )

جي سجهائي سڪ، ته ڇپن سڪي سسئي،
پيتائين پنهونءَ سين، هڏ نه پڳيس هڪ،
اِن تڙ منجهان تڪ، ڏني ٻانُ آءَ ٽٻي.

( ٤ )

پسي جهاجهہ جمال جي، جنين پيتي ڍڪ،
آهر آڳانجهو ٿيو، سور انهين کي سڪ،
هڏ نہ پڳين هڪ، مدا سائر سيرهہ.

( ٥ )

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اڄ جو، اڄ سين اڄ اتيار،
ٻنهون ٻاڻ پيار، تہ اڄ سين اڄ اجهائيان.

( ٦ )

محبت سندو من ۾، پر پيالو جن،
ٻيو ٻرچا ناهہ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهہ ڏين،
تنهن نهايت ناهہ ڪا، جنهن سچا سچ وڃن،
تيلانهن اڄ مرن، مدا سائر سيرهہ.

( ٧ )

مدا سائر سيرهہ، آندر لهي نہ اڄ،
پسڻ جو پرينء جو، سا سيائي سڄ،
تيلانهن مرن اڄ، مدا سائر سيرهہ.

( ٨ )

ساڄن ڪارڻ سچ، مر قبولي سسئي،
آندر جنين آچ، ڀائي اچيو آن کي.

( ٩ )

ڀاٽي مٿي جهوپڙا، موڙڪ آچ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نه لهن،
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جڻن.

( ١٠ )

سسئي ڪين سمجهيو، اوري آريءَ سان،
ڪري پيڪ پنهونءَ سين، ڀاڙاريائين ڀان،
جت وڃايو جاڻ، پاڻيڻ ڀاروچن سين.

( ١١ )

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مڙوئي لهسيو،
آيل منجهان آئيو، "هئي هئي" جو هڳاءُ،
طيورن تنواريو، پنهونءَ پڇاڻاءُ،
رسيو سور شبان کي، وحوشن وڻاءُ،
مروئن موت قبوليو، آپر آفسوساءُ،
برهن ڪن بڪاءُ، آڪنڊيا آريءَ لئي ڪهڻون.

( ۱۲ )

مهند محتاجي ڪري، اُنيءَ ٻير ڪنيج،
ڪِهليائيِ ڪيچ ڌي، حج ۾ هلائيج،
ٻاٿان ڏار ٻريتئون، سسئي! ساڻ ڪنيج،
اوڏي عزازيل کي، ويجهي تان ۾ وجيج،
ناامیدي نيج، ته اوڏي ٿيين اميد کي.

( ۱۳ )

مهند محتاجي ڪري، حج وڃائي هل،
عذرخواهيون، عاجزيون، سسئي ڪنهن ۾ سل،
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لنئون ري ڪونهي لل،
اِي پلائيءَ جو پل، جنهن ٻاسي ٿين ٻاڻ ڪان.

( ۱۴ )

وه ۾ منڌا ٻنپور ۾، ڪر ڪو واڪو وس،
ٻانهي ٻاروچن جي، ڪولي چڏ ۾ ڪس،
ڏورڻ منجهان ڏس، پونده هوت پنهونءَ جو.

( ۱۵ )

وه ۾ منڌا ٻنپور ۾، هاڙهي هڏ ۾ هل،
ڪوڙي ڪِج ۾ ڪذهين، سچي ڳالهه ۾ سل،
جانب لئي ۾ جل، سور وسار ۾، سسئي!

( ١٦ )

سَکين ٿِي ۾ سنري، پسي ڏک ۾ ڏر،
ٻِي ڪر ۾ پانهِنجو، گهوري! آڏ ۾ گهر،
ماري! هڏ ۾ سر، مڇن جِيءَ جيارِئين.

( ١٧ )

سَکين ٿِيي نہ سنري، ڏکين تان نہ ڏري،
اوري هڏ نہ آپيي، ٻري تان نہ ٻري،
سرتيون! ٿو نہ سري، ٻنهين ريءَ ٻالپڻ ڪي.

## وائي

( ١ )

تن من منجهہ تنوار، هو يار! سدا آهي سِک جِي.
تِنِ چِٽڪن چِت ۾، جِنِ سا گهنڊيءَ لار،
هو يار! سدا آهي سِک جِي.
لَڳِي اَڄ آڪين ڪي، سِکهو سوٽ، ستار!
هو يار! سدا آهي سِک جِي.
ٻِسان ڪِين ٻِريتُون، ڪاڏي ٻرت ٻچار؟
هو يار! سدا آهي سِک جِي.

بَندياڻي پَنهوَر ۾، آهِيان آهِيان ڏارَ،
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.
مُون کي ڇَڏِ ۾ ڇَپرِ بن، آريائي آڌارَ!
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.
ڏِيان خيز خِزان ۾، جي تو منجهه بهارِ،
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.
سِڪَ تان مُون کي ڪيا، حڪيمَ هزارَ،
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.
دَوا آهِين دِلِ جي، وارو واقف ڪارَ!
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.
آڻي ڏي عليلِ کي، مَعجُونُون سوچارَ!
هو يارَ! سَدا آهِي سِڪ جي.

وائي

( ٢ )

مُون کي تان جَهل ۾ پائيو، وو جيڏيُون!
آئُون هلندي هوت ڏي.

هِي جو بارَ پَنهوَر جو، لوليءَ تان سي لاهيو،
آئُون هَلندي هوت ڏي.

آهي عاجزن تي، پسڻ سنڌو ساعيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نه مون پوئي نه پايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

وهاري وطن ۾، شهدي ڪي م سڪايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪنلِ ڪجائن ۾، چاڙهي هيءَ هلايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

منهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي، ربئي تان م رهايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

## داستان پيو

( ١ )

هيج نه هوندو جن، سي ڪئن وندر وينديون،
وهو وچ رهن، سهسين سڏن واريون.

( ٢ )

سڏائتي سيڪا، بڪ نه بامي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي ما، جيءَ ملو جا نه ڪري.

( ٣ )

ڪيچ نہ جنبڻ جاءِ، تہ ڪا هلي هوت ڏي،
مون سين هلي ساءِ، جا جيءَ منو نہ ڪري.

( ٤ )

آتڻ ۾ پرياڻ، هو سپني جيڏيين،
مون سياڪيءَ ساڻ، ڪير چلندي چپرين.

( ٥ )

سڪن واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين آڌ، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

( ٦ )

پيرا آئون پوري، مون سگ سجائي نہ ڪيو،
ڏيندا مون ڏير ويا، جهجڻ ۾ جهوري،
لکي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

( ٧ )

آديون آئون آجاڻ، مون سگ سجائي نہ ڪيو،
هوند نہ سليم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ ي رهاڻ، جي آرايم جت سين.

( ٨ )

ڏونگر نہ ڏوري، سِڪن جيون سڏون ڪري،
ويئي گهر گهوري، متان پرين چنڊڙو.

( ٩ )

وريتيون ورو، آئون نہ ورندي ور ري،
جاڏي هِن جبل جو، تانگهيندِيس ترو،
جتِ ساڻ ڏرو، لينهن نبيرو نہ ٿيو.

( ١٠ )

وجو سي وري، آئين جي ورن واريون،
ڦوڙائي فراق جي، سڄي ڳالهہ ڳري،
ٻنيان جن پري، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

( ١١ )

وجو سي موٽي، آئين جي ورن واريون،
ڪان هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو م ڪوٽي،
ڪيرِ ڪاچوٽي، وڏم جوڳ جتن لئي.

( ١٢ )

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌ! سيئاني وڃ،
پريتئون م پڃ، ساٿ چڙهندو لڪين.

( ١٣ )

آءَ مِلنديس ماءِ، ڏاڍا ڪنديس ڪوڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م ماءِ،
هوت ھاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

( ١٤ )

سَنڌيون سور ڪرين، هڏ پڻ ڏکن هوت لئي،
ھرين جي ھاڻ ڏنا، ھي مٿي مڪ نہ ڏين،
جي ماڙهن کي مارين، تن سورن کي سڌ ڪريان.

( ١٥ )

مون کي پائي پاڄ، ڏير ڏوراٽا هليا،
آکيان آئي آن جي، خوب نہ پڪر ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڪاير ڪاڄ،
سا مون هتان نہ ٿئي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آئون آڪاڄ، ھول ھاروچي وترو.

( ١٦ )

تو جو ھول، ھروچ! ويھي ڪيو وڪار ۾،
سوئي ھارج، هوت! ولهيءَ مون معذور مين.

( ١٧ )

ڀرين تون پاريج، پارڻ پوءِ پنهونءَ تي،
ٻول م وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

( ١٨ )

جانساماڻيئن، مسئي! تان وس وڙن جو ڪر،
لاهي لڄ، لطيف چئي، ٿي ٻيڪارياڻي ٻر،
۽ ويندي ٻوئي ور، آڳيان هوت حضور ۾.

( ١٩ )

توسين ٻول ٻهون، سهسين ساڄن جي ڪري،
ڪنڌئين توءِ ڪهون، جي نالو ڳيڙءِ نينهن جو.

( ٢٠ )

مٺي ٻول سندان، جم سهين مسئي،
ڪنڌئين ڪهه ڪيٺان، جهڙ سي آن اورانگهيا.

( ٢١ )

سڄ الٿي مسئي، رت وڙتون روءِ،
ڀي نه پانڌي ڪو، جنهن ڪر پڇي لوءِ،
موڙهي وڃي توءِ، مونڻ جي ڪان ڪري.

( ٢٢ )

چِلان، سَنجهه نَ چاڪ، پِران پونءِ پَرڪَٽان؛
مَتان ڪا مَنڊ ڪري، مونءِ جي مذاق،
چِتَ سندو مون چاڪ، هاڻهي هِڏَ هَٽي ڪيو.

( ٢٣ )

پرين پيم پرڪٽان، رَهَ ۽ رَتَ رنوم،
ماراتو پرينءِ ڪي، تهي تان نہ ڏنوم،
چڪي تي چيوم، "سواهرو" سڄڻين.

( ٢٤ )

چڪيءَ ڪي چئي، ڪا جاڳائي جيڏيون،
ويڙو ساٿ وهي، تو ننڊائي نہ لهي.

( ٢٥ )

چڪس سڀ چئي، ماڻهو شهر ڀنڀور جا،
سا مونکي ڪيئن مئي، جنهن جو جاڳ جت وني ويا.

( ٢٦ )

مونءِ جا مذڪور، جانءِ ڪي چيس جيڏيين،
پريت ڀري پور، نيئي ڀڄائي ڀنهونءَ ڪي.

( ٢٧ )

مونکي جي مصلحت، مون کي ڏهو م جيڏيون،
نهاريندِيس نڪري، آرياڻي آلبت،
ڪنديس اوڻ عيب جي، لڪن ڏيئي لت،
سرتيون! شريڪت، آئون ڪئن آگن سين ڪريان.

( ٢٨ )

سوني مران م، ماءُ! مونکي ڪان آهي مران،
نجي لالن لاءِ، شال هونديس پير تي.

## وائي

( ١ )

معلوم حال، حبيب! مون کي درد قديمي، وو!
درد جديدي، حب حبيبي.
آلودي آزار ڪان، توري تيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
شادي ڏيئين صحت جي، غمي لاه غريب،
درد جديدي، حب حبيبي.

آهِئان ٿي آهون ڪريان، نعرو منجهہ نصيب،

دَرد جَديدي، حب حَبيبي.

ڪاهِل آهِيان ڪوڙي، رَسِي لاهہ رَقيب،

دَرد جَديدي، حب حَبيبي.

حاذِق آهِين هِن جو، آڇِين شال عَجيب،

دَرد جَديدي، حب حَبيبي.

دَوا آهِين دِل جِي، پَچ پَچ رَهِيس طَبيب،

دَرد جَديدي، حب حَبيبي.

## وائي

( ٢ )

ڳالهيون هوت ٻاروچي ساڻ،

وو! مُنهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

چِلي ٻِئِيس چِيرين، سَگ تُنهِنجي ساڻ،

مُنهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

ڇَڙهي ڏاڍين ڏونگرين، مُرزا ڪنديس ماڻ،

مُنهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

رلي چلي چڀرين، چام وچايم چاڻ،
منھنجي جيءَ جيون جيڏيون.
ھتان ھڏ نہ ڇڏيان، سندو نينھن نڏاڻ،
منھنجي جيءَ جيون جيڏيون.
نصيب ڪر مستيءَ ڪي، پنھون، آئُ، وٿاڻ،
منھنجي جيءَ جيون جيڏيون.

## داستان ڏيون

( ١ )

پسي ڏونگر ڏاهِ، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ، لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاهِ،
ٻچي هورجِ، مستي بلوچاڻي باهِ،
اِن وڙانتي ور جو، آسر هڏ م لاهِ،
جو آ ڪيئون اوڏو آهِ، سو پرين پراهون م چئو.

( ٢ )

هتان ڪٿي هت، جن رکيو، مي رسيون،
ساجن سولهن سرت، وِڪائي وبجهو گهٽون.

( ٣ )

جيڪس ياد ڪياس، ور وڃي وڻڪار ۾،
جلد جريدي پنڌ ۾، آديون آڄ ٿياس،
وڃي ڪيچ پنياس، ٻاروچاڻيءَ ٻاجھ مين.

( ٤ )

وڏا ونُ وڻڪار جا، جتِ جائو، جمرُ، جرُ،
ڪوسا تپنِ ڪڪرا، ٻي دمدمِ تپي ڏرُ،
ويچاري ڏي ور، پير نہ لهي پرينءَ جو.

( ٥ )

وڏا ونُ وڻڪار جا، جتِ نانگ سجنِ نيلا،
آتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، آت رهبر رسج راه ۾.

( ٦ )

ويچاريءَ وڻڪار، آڳ نہ ڏٺو هو ڪڏهين،
مهر نہ هئي ماڙهئين، هو سڀ هندوڪار،
جت ڪيائون يار، سورنِ ڪارڻ سرتيون.

( ٧ )

واقِفَ نَہ وَڻِڪارَ جِي، جِتِ جَبَل جوراڻون،
آئي عبدَاللّطيف چئي، سَجي سفر سڀاڻون،
ڀِھروئي ھاڻون، سولو ڪريِن سانگ جو.

( ٨ )

واقِفَ نَہ وَڻِڪارَ جِي، ھاري سَڄَڻ ٻر،
وَڻ، وسيلا سڀِرِينِ! ٿڪيس ڏوري ڏَر،
لھجِ، لَعلَ لَطيفَ چئي، ڪانڌَ مَٿي جِي ڪَر،
وِلھي ڪري وَر، مَڇِڻ مارڳ ڇڏيِن.

( ٩ )

واقِفَ نَہ وَڻِڪارَ جِي، آڳ نہ ڏِيھ ڏئوم،
ڏونگرَ ڏوراپِن سين، ڪاتيءَ ري ڪَٽيوم،
جيلانهن محب ملوم، تي ڇِلون ڪريان ڇِپرين.

( ١٠ )

واقِفَ نہ وَڻِڪارَ جِي، ھاڻيءَ ڪَندمِ نہ ھاڻ،
جَبَل جَلدايون ڪري، تڪ ڏيڪاري تاڻ،
لَڳي لَڪ، لطيفَ چئي، مَعذورِن مَٿاڻ،
آئي اوڏو آڻ، جِتِ ھوت! ھيڪلي آھيان.

( ١١ )

سسئيءَ کي سڏ ٿيو، آسان اولاڻون،
پنڌ نہ پڄاڻون، آڻ ڪونِي ڪان ڪري.

( ١٢ )

پسو! پرائنِ، سورنِ آڏي سسئي،
پرايا پهچنِ، وِجهنِ ويچاريءَ تي.

( ١٣ )

منڌ نہ منجهان تنِ، پسي لڪ لڏنِ جي،
جا پرِ ڪاهوڙينِ، سا هِر سِکي سسئي.

( ١٤ )

منڌ م منهن وِجهہ، آيي اوسر آس ۾،
تو سيئي سِڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهہ،
ٻاڙي ٻاڙي ٻيهہ، وٽ پڄندي پرينءَ کي.

وائي

( ١ )

هوجي هليا هوت، سونهارا، مون نہ وهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.
سسئي اچي ساٿ جا، اوطاقون اوتارا،
مون نہ وهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.

آنَ کي ويندا کَذيا، آرياڻي اِهه پارا،
موُن نہ وَهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.
موُن کي نيندا پاڻَ سين، ڪامل ڪَر آجارا،
موُن نہ وَهيڻان، پنهونءَ سگيڻان.

## وائي

( ٢ )

ڪَرَها مَ ڪاهيو، ميان ڪيچِي!
آئون آرياڻي عرض ڇوندي:

ڪَري هوت هلڻ جي، لوليءَ کي مَ لَڄايو،
وَسيلو وِلهيءَ جو، آڪاندو آهيو،
هاسي ھہ پِريَتِ جي، جهيڪي آنَ جهڪايو،
وِلهيءَ جي وِهانءَ ۾، واجت سڀ وڄايو،
آگهاڙيون آئين ۾، پنهنجيون پاڻَ پراهيو،
مائينءَ ڪارڻ، سپرين! صورت کي مَ سڪايو،
ماڪن ٿي شَهر جا، معذور کي مَرڪايو،
پنهون جام پِريتَ سين، ويهي مُور ورِاهيو،

لاهي بار پنهور ۾، ويندو ڳهوٽ وناهيو،
پنهونءَ جاچيڙن کي، رڌي ڪين ڪارايو،
پرڻائي پنهونءَ کي، نيڪيئي نڪرايو،
پيلي ٿي پانهنجي سين، ڏکيءَ ڏيج ڏيکاريو.

## داستان چوٿون

( ١ )

جدائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منڪل منهنجي من ۾، پاريو هوت حمام،
آرڪ ٿيو آرام، ڪاڪل هئي ڪانڌ جو.

( ٢ )

درد نہ لهي دارئين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪاله ڏٺوم، رخساري تي روپ سين.

( ٣ )

پنهو جو پنهور ۾، ڪاڪل ڏٺم ڪاله،
هٿي تنهين جي حال، زلف جي زاف ڪيون.

( ٤ )

پرينديئي پاڻ ويو، زلف ڪيس زاف،
سندو ڪاڪل ڪاف، ماري معذورن کي.

( ٥ )

هاڻ نہ جيان جيڏيون، زلف زاف ڪياس،
ڪاڪل آئون ڪيياس، پنهو جو پنهور ہو.

( ٦ )

ڪاڪل ڪلي جا، ڪفن تنهن ڪبن ٿئي،
منجهہ شهادت سا، لذي ۽ لاڏ ڪري.

( ٧ )

ڏکا ڏونگر چام، م ڪر معذورن تي،
توتي لڄ لطيف چئي، آهي سندي عام،
مار م، چئي معذور کي، وهيان ڪاند ڪلام،
مرچج پيادين مين، الله لڳ، غلام!
جا لوازي آهنجي نام، سا هوت م ڇڏج هيڪلي.

( ٨ )

ڏمر، ڏونگر چام! سڪر پاڻ شريڪ مين،
ڪيهي ڪلفت تنهن مين، جا گولي آهنجي گام.
ورج وير وريام، منهنجو آهن آن ڪري.

( ٩ )

ڏکا ڏونگر لاه، آئون آڪ مٿي آهيان،
آرياڻيءَ مين آه، ذاتي مگ، ضعيف جو.

(١٠)

پيرَ ڀَنائين کونڊرا، ڏونگر مٿي ڏي،
ڦَٽيا ڦِڙ فقير جا، ميرون ٽيڙا سي،
جهڙي تهڙي حال سين، پرڀي پنهونءَ ڏي؛
وڃي مان وري، پانهيءَ پنڌُ جنهن سين.

(١١)

پيرَ پَنائين کونڊرا، ڏونگر مٿي ڏي،
پاڻ نه پسي ڦَٽيو، ڪرڙهي ڪيچين ڪي،
هاڙهو هوت پري، ڪهه جاڻان، ڪِئن لنگهيا.

(١٢)

سمهڻان ساڙو، جيڏيون جيڏوئي ٽيو،
پرين جو پاڙو، مون سين اِنڌ نبيريو.

## وائي

(١)

مون آنديءَ ڏي اِيندا، هوت سلامت سپرين.
پلءَ لائي پانهنجي، نِي ڪي آتِ نيندا،
هوت سلامت سپرين.

مَگَ نَہ ڪندا مَڪ سين، سَوَر سگَيٽا ٿيندا،
هوت سَلامَت سپرين.
رَکِي کَہل کَلِن تي، نينهن نياپو ڏيندا،
هوت سَلامَت سپرين.
پَرِيَت نيندا پاڻَ سين، چوري تان نَہ ڇَڏيندا،
هوت سلامَت سپرين.

وائي

( ٢ )

ادا ڙي ڏوٿي! آئون پڇان تو ٿي:
ڪيچ رَمَنديس ڪَئن، ڏَس مون ڏي.
نَہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، اوٺي،
آئون آنهين مان آهيان، جي بانيڻ پڙهن پوٿي،
پرت ٿيندِيس، پرين پچنديس، ڇاڙيندِيس پوتي،
منجهي وِنڙو سپرين، ماڇن پڇان سو ٿي،
ماجهر ماٺ ڀلائيو، تو ڀلائيو ڀوءِ ٿي،
هتان ٿي هوت ويو، جت پچين جو ٿي،

ھاجِ ھوتَ پنھونءَ ڏي، منجھان نينھن نِڪو ٿِي،
آتَنَ وِجھِي آڳ ۾، مَنجھان جوٿن جوءِ ٿِي،
سَنجھي سات سِڌارِيو، پنھون پَچان پوءِ ٿِي،
رو يو رُئان رَڃنِ ۾، ھئي ھئي! آنون ھت ڪوه ٿي؟

## داستان پنجون

( ١ )

ڏورِ م ڏيھہ وِيو، ھيرَ تنھنجي پِرينءَ جو،
وھنَ وانڙِين تِي، ڪيچِين ري ڪِھو،
وِندرِ جو وِيو، سو، اللهَ! واري آئين.

( ٢ )

وِندرِ جي وَڃِنِ، سي مَرَ ھِنڌَن سَندرا،
ھِيون ڪوهَ ھِنڌَنِ، ڇورِڙي جي ڇڏِينديون.

( ٣ )

ڏيھہ ڏيھائين ڏورِ، ھرَڏيھان ھِري ٿِيا،
ميڻِ ڪارڻِ سسئِي، پيئي ھِراھين ھورِ،
تون وَڃين ھوت حضورِ، مَنھنجو جِئُہ جيلاھِين ٿِئي.

( ٤ )

هيڪانديءَ هوئي، آئي راتِ روان ٿيا،
ساهُ سگهيءَ سوڙ جي، پنهون ويو هوئي،
رهُ، قضا! دم ڪوئي، تہ هيڪر هيڪاندي ٿيان.

( ٥ )

هڏ نہ ساهُ سڌير، دل درماندي دوس ري،
پائي وڻڙا پرت جو، زوراور زنجير،
جي، جسو جاڳير، هاٿي ملڪ هوت جي.

( ٦ )

عمر سڀ عشق سين، پنهون جي پڄڻ،
ريس ريزاليون تن سين، ڪچاڙي ڪي ڪن،
مارڪ جي مرن، وڏا طالع تن جا.

( ٧ )

وڏو طالع تو، جڻن لڳيئين پير پنهونءَ جي،
مسئي! ان ستون ڪي، رويو رويو رو،
ويئي هت م هو، هلين تہ هوت لهين.

( ٨ )

ويٺين ناهِ وراڪو، مٿين ڪونهي مڱ،
هوت هلندين ڪئيو، جنِ آنڱنِ چاڙهيو آنڱ،
مي ٻاسي ٻئي ڀنڱ، رڙهي جام رسيون.

( ٩ )

ويٺي ور نه ٻون، مٿي ملنِ نه سپرين،
جي مٿي رندن رون، ساجن ملي تن کي.

( ١٠ )

ڪڙهي ۽ ڪڙي، ٻرِ ٻر ٻير ٻنهونءَ جو،
مڪ ٻڏائين مندرو، جانب لئي جڙي،
لڪنِ مرِ، لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پٺيءَ تان نه ٻڙي، جي عمر سڀ ايئن ڪري.

( ١١ )

ڪي ڪي ڪڙيان پير، ڪي ڪڙهان ڪيچ ڏٿين لئي،
اي ڏٺون ڏيٺي ڏير، ٻاٽان ٻراهان ويا.

( ١٢ )

ڪڙه ٻن ڪيچ ڏٿين لئي، ڪڙ ٻن ٻير سندان،
انهين ٻرِ آتان، ٻوندئن منڌ! ٻهاڙ ٻ،

( ١٣ )

سورن سجهائي، چيلهه ٻڌيو چونيين چڙهي،
مڱ پريان جي سسئي، ميڙي ملائي،
لڌائين، لطيف چئي، لالن ليلائي،
ٻانهن ٻاڏائي: "حبَّان واريو هوت کي!"

( ١٤ )

رائي ڪي رنجور، ٽڪر توءِ ٽانڪيو چڙهي،
لانچي لڪ لطيف چئي، هلي ڏانهن حضور،
رهيا سڀ رڃن ۾، سسئي جا سالور،
ساجن ميڙيس سور، سک نه ميڙيس مهرين.

( ١٥ )

منجهان ڀنن پرورڻ، سڀ ۾ ٻچج، سسئي!
وڃي وڏي ڏک مان، ڏئي وجهج ڏوڙ،
ته تون ماڻيين موڙ، جي ڀند اِهائي ٻارين.

( ١٦ )

لڇي، ڪين ڪڇي، آئي منڌ آندوه ۾،
هر ۾ پير ٻڇي، لالن جو، لطيف چئي.

( ۱۷ )

پرياڻي ته پار، ڦوڪ ته لڳي آنبرين،
هٿي جي هڻ جيون، وٺون سڀ وسار،
سوري سرڪار، نيئي رکج ناه ۾.

( ۱۸ )

ڏڪ پڌري، تون ڪين، پهچندڻن پنهونءَ سين،
جڻن ميٺون ماهين، سسئي! ٿئين ٿهوارون تيڻن،
مٿي ٿي مسڪين، همت هوت وڃائيو.

( ۱۹ )

ٻئر لڳو ٻاڻ، سوا جوءِ جرا ٿيي،
سا منڌ مري نه جئي، پيئي اڇاڙي پاڻ،
سسئي سورن ساڻ، سنيوڙي، سيد چئي.

## وائي

( ۱ )

باروچان باجهه ڪهڙي، آن ٿي چلان چيرين،
آئون پنهنجي پرينءَ سين، ويندس واڳ وٺي،
آن ٿي چلان چيرين.

مر تان ڀوڀم منهن ۾، سنڌي ڀي ڀٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
ڪونهي هن ڀنڀور ۾، ڏاران دوس ڏٺي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
هٿان هڏ نه ڇڏيان، آريءَ ڄي ٻ آٿي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
آهي هوتن هٿ ۾، سنڌي جيءَ جٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
ڪين وري ڪٿهين، ڇليا ڇڻ هٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
مون کي ڪونيو هاڻ ڏي، هادي هٿ ڪٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
پنهونءَ ڏاران پب ۾، ٻيلي ناهه ٻٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.
توريءَ تيل نه پاڻيان، نڪا سيند ڦٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

## وائي

( ٢ )

کهڙو سَڱُ سياڪو، هاريءَ مون هوتن سين.

آئون هيڪلي حَب ۾، نہ مون ڀَتِ نہ ڪاڪو،

هاريءَ مون هوتن سين.

مَندَ پيادي، پَندَ گهڻون، نہ مون آٽ، نہ ناقو،

هاريءَ مون هوتن سين.

چَڙهي نہ سگهان چوٽيين، ڏونگَر ڪونهي ڏاڪو،

هاريءَ مون هوتن سين.

ٻرين ٻچَنديس ٻَپَ ۾، وَڻ وَڻ وِجهنديس واڪو،

هاريءَ مون هوتن سين.

هوءَ جا ٻِڪَ ٻَنهونءَ جي چَٽيان تنهن چَٽاڪو،

هاريءَ مون هوتن سين.

ٻَسَنَ ڏاران ٻِريَنءَ جي، فَقير ٻوءِ ۾ فاقو،

هاريءَ مون هوتن سين.

وِچ ۾ ٻـوءِ وِصال ۾، لِـڪ ۾ ٻـوءِ لـيـاڪو،
هاريءَ مون هوتنِ سين.
آتـڻ وِجهي آڪــ ۾، ڀَنڌيس ڀـوءِ ڀـهـاڪو،
هاريءَ مون هوتنِ سين.

## داستان ڇهون

( ١ )

آڏرِ، ڀِڏرِ، آيري، آسونهين آهيان،
لڙڪ لعل، لطيف چئي، ورلئي وهايان،
هيجان هنجون حب ۾، هوتنِ لئي هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين، پنهون پهايان،
پيهان، پچايان، جي مانڊ نيو ماڻ سين.

( ٢ )

آڏرِ، ڀِڏرِ، آيري، آسونهين آئون،
چيٽا، چور چنجنِ ۾، ٻرر ۾ ٻلائون،
موٽ پنهون پاهون، متان محب مري رهان.

( ٣ )

آڏرِ، نِڏرِ، آيري، آهيان آسونهين،
پرڏيهي پرين ڪيا، مرڻ لئي مونهين؛
سسئي ڪي سيد چئي، تنگن ۾ تونهين،
هاري! ڪِئن هونهين، ري سمر سڏون ڪرين.

( ٤ )

آڏرِ، نِڏرِ، آيري، اوکي، آوائي،
ڪين نهاري نڪرين، سائِس سڳائي،
لاڳاپن، لطيف چئي، منڌ رائي رهائي،
جلڻ جڏائي، آري! لاهہ آصيل تانءَ.

( ٥ )

آڏرِ نڏرِ، آيري، گمن گمائي،
ما ڪئن وهي ويسري، جا کهائي، کهمائي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، آمن ۾ آئي،
جا لڪن لوسائي، ما سيج چڙهندي سسئي.

( ٦ )

آڏرِ، نڏرِ، آيري، ويچاري نہ وري،
لالن لاءِ لطيف چئي، ٻري ٻير ٻري،
ڪميني ڪري، ڪارون ڪيچ ڏٿين ڪي.

( ٧ )

آچي عِزرائيل، مَتي جاڳائي مسئي،
نِي دوڙائي دَليل، تہ پنهون ماڙهو موڪليو.

( ٨ )

مُنڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏٺائين،
آکيان آئي آن کي، پنهون پڇيائين،
آدا! اهائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

( ٩ )

ڍاياڻِي نِي ڍور، هُئي ڪيچين ڪَڪرا،
رانو مڙوئي رت مين، ڪارڻ ڪانڌ ڪڪور،
لانچي لڪ لطيف چئي، آئي ڏونڪر ڏور،
جت وڃي تو زور، اُهڙ تان اوڏي ٿيين.

( ١٠ )

هئي نِي ڀمال، سا منڌ مري، نہ جئي،
ٻري هن ڀنڀور سين، هڏ نہ ڳرهي حال،
لالن جو لطيف چئي، وساري نہ وصال،
پري ڪجاه پال، هي ڏاه ڏوريندي ڪيترو؟

( ١١ )

جھٽ ٻڌي، ٻهہ، جھنگ، هاڙهي پچُ م هوت کي،
سور سهيلي، سسئي! لڪ تنهين سين لنگھہ،
تہ سپيريان جي سنگ، منڌا! ميڙائو تو ٿئي.

( ١٢ )

ٽڪيائي، اُر ٽيل، چڙهہ چڪيائي، جوٽين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ٻوُ مڙيئي پيل،
آئي رائو ريل، ويئن تان واري وري.

( ١٣ )

هيءَ ڪِسي، هيءَ ڪَسَ، هيءَ پٻڻ، هيءَ بيچرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، ويندن ٻئيءَ وس،
ليڙن جو، لطيف چئي، ڏونگر آئي ڏس،
جڳ ۾ رهيس جس، سگر ٿي مردار جي.

( ١٤ )

ميٺن ڪارڻ، سسئي! وڃي ڪڇي وس،
جم ورڇي ڇڏيئن، سندو ڪنگن ڪَسَ،
ڏوٿي ڏيندءِ ڏس، آکيان ٻاروچن جو.

( ١٥ )

هلَ تہ هيڪاندي نيين، وبهي وڄهہ ۾ وير،
دل ۾ آڻ ۾ دور تون، ڦرڻ سندو ڦير،
توڻي لهين نہ پير، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

## وائي

( ١ )

هوت سي هلڻهارا، ووا جيڏيون!
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
ڪوءِ پلنگ، پنِ ماڙيون، ڪِيڻ سي تيڙ ۾ ڪارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
سونهن سپيرين جا، آتڻ وٽ اوتارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
ونئو ڏي ڏکين کي، پنهون چام پوچارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
آهيان نہ پٺ پنهونءَ جي، ڪنديس ڪٺر ڪارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
پير ۾ ڇڏج پرينءَ جو، هئي هئي! هٿ آسارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.

ڪيچين ڪرہ ھلائيا، ميا ڏيڙم سارَ،
ڪِٿَن ڪِريان آئون اُن سين.
آنديون آھين آسرو، سونيچ، ڪجب موچار،
ڪِٿَن ڪَريان آئون اُن سين.

## وائي

(٢)

جيڏيون! آئون تان نہ چوندي، لوا
ڏَکَ ڏوراھو سيٽَنِ کي ضَرِيحَ، لوا
سگ نہ وَرَنِ سپرين، مِنت مونِ مانَ،
پينرا! پيٽي حج جي، ڪوھياري سين ڪانَ،
سو تون صاحب آھين، جو نہ پيرايين پانَ،
سٺين سوالي سمڪيا، تو، داتا! ڏيٽي دانَ.

## داستان ستون

(١)

آءٌ اوراھون، سپرين! وَجَ م آڳاھون،
تڪي ڪٽي تُرنِ ۾، پاڪاريو پاھون،
درد جيون داھون، مون مارينديون، موٽ تون.

( ٢ )

آءُ اوراهون، سپرين! وڃ ۾، ٻيءَ! ٻري،
سون ڏٻي، مون وسهو، ورچي تان نہ وري،
ڌاران منهن مري، ڏکيءَ جي ڏيکارين.

( ٣ )

آءُ اوراهون، سپرين! آري لڳ الله،
توکي ساري ساه، آڪنڊيو آهون ڪري.

( ٤ )

آءُ اوراهون، سپرين! ٻري وڃ ۾، ٻيءَ!
موٽ مرنديس چپرين، تون جيارا جيءَ،
هوت! ۾ ڇڏج هيءَ، پنهون! پيادي پنڌ ۾.

( ٥ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏيج ۾ ڏاگهه،
وٽ ڇڏي مون واگهه، آري! وٺين عشق جو.

( ٦ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءَ ڏاگهه ۾ ڏيج،
پيهي گهر پچيج، تہ هوت! هلاڪت نہ ٿئي.

( ٧ )

مَچَنِ، وَرَا وِسارِيِنِ، آري! لـَگـِ آلله،
توکي ساري ساهه، اَکَنڊِيو آهون ڪري.

( ٨ )

مَچَنِ وَرَا وِسارِيِنِ، صبر نہ سارِيان،
توکي نِهارِيان، آءٌ مَنهنجا سِپرِين.

( ٩ )

هٿان هَڏِ نہ ڇَڏِيان، صَبُر شُڪرانو،
ذوق زمانو، مَون وَرَا وِيو وِسري.

( ١٠ )

صَبَرَ ۽ شَڪَرَ کي، ڪاڏِي آئون ڪندي،
آهِيان جِنهن مَندي، سو تہ گهَرِجي سانُ مَون.

( ١١ )

صَبَرَ ۽ شَڪَرَ کي، وِٺي آئون وِيٺي،
ڏَکِيءَ سِين ڏِيٺِي، ڪا ڪِج آچِي ڪَڏِهين.

( ١٢ )

صَبَرَ ۽ شَڪَرَ کي، هَٿِ ڪيو مَون هاڻِ،
پِرِيرا! آچِي ڀاڻ، ڀَٽِيءَ کي ڀَڃِيجِ تَون.

( ١٣ )

ناهِ جميعت جانِ ڪي، هوت پهچاڻان هاڻ،
الله! سيڻي آڻ، جنِ ساڻ چڪايم سڪ جو.

( ١٤ )

ناهِ جميعت جانِ ڪي، هوت پهچاڻان هتِ،
پنهونءَ جيءَ پرتِ، ساڻ چڪايم سڪ جو.

( ١٥ )

ناهِ جميعت جانِ ڪي، پنهونءَ پهچاڻان،
سي مون سيباڻان، جنِ ساڻ چڪايم سڪ جو.

وائي

ملڪ نه رهي دلِ توري، ور ميان خان بلوچا!
آڻ چاريندِيس آنِ جا، مٿان نڪر نوري،
ور ميان خان بلوچا!
ڏيندِيس ساهه مرن ڪي، مٿان ڪلهنِ ڪوري،
ور ميان خان بلوچا!

ڪانگ ڪِينءِ ڪيچ جا، سَاسَ چنجن سان چوري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!
ڏَکَ لاهيندِيسِ ڏيل جا، ساڻ عجيبن اوري،
وَرَ مِيان خانَ بلوچا!

## داستان اٺون

( ١ )

ڪَنَ ٻِي، ڪيچِنِ ڪَچيو، ڪَڇَ مَ، ٿا ڪَچِنِ؛
اِشارَتُون آنِ جيُون، سَڪُوتان سَچِنِ،
وٺان ويهِي تَنِ، سَنَ تَہ سوز ٻرائيين.

( ٢ )

سَنَ تَہ سوز ٻرائيين، "آءٌ" چيائُون آجِ،
ٻولِي ٻِي نَہ سِکيا، "هاڻان"، چوندءِ، "ٻَڄ"،
واچِي وَٺِ مَ وَجَ، ٻَڌَ تَہ ٻيائي لهي.

( ٣ )

ٻَڌَ تَہ ٻِيائي لَهي، "آئُون" اِتِ نَہ آهِ،
ڪَچِنِ ڪَنڊي لاهِ، ڪَنَ ٻِي، ڪيچِن ڪَچيو.

( ۴ )

ڪن نِي ڪيچن ڪچيو، ڪچ ۾، ڪچيائون،
رهي نہ رتيءَ جيتري، اُنهين وٽ آئون،
وڃي وڃائون، هو جو وٽ ’هٿ‘ جو.

( ٥ )

ڪَڏهن پنجي ڪن نِي، ڪَڏهن ٽيجي وات،
ڪَڏهن ٽجي ڪات، ڪَڏهن نجي ٻڪرو.

( ٦ )

ڪنارو ۾ ڪوس، آڳِ آريءَ ڄام جي،
ڏيت آهي دوس، مارڪ ۾ مين جي.

( ٧ )

ڪامون ڇيجاه، ڪهيون گهرجن اوليا!
هي وٽ نہ لهنداه، هو وٽ اوڏاهين گهٽا.

( ٨ )

آ ڪيون لٽ اوراٽيون، ڪنهن پر ڪڙيان پير،
لٽ لاهيندو ڪير، مون جيهيءَ معذور ڪان.

( ٩ )

آڪيوَن آريءَ جامَ جيوَن، آنديءَ سين آهينِ،
هو ٻي وَٽ وِندرَ جا، ٻي موَن سولهائينِ،
ڏِسيو ڏيکارينِ، پيشانيِ پنهوَنءَ جيِ.

( ١٠ )

آڪيوَن آريءَ جامَ جيوَن، آهينِ آنديءَ ساڻ،
پَسي ڪَنديوَن پاڻ، پيشانيِ پنهوَنءَ جيِ.

( ١١ )

سَڏَ مَ ڪرِ سَڏَنِ ري، هَلَڻ ريِ مَ هَلَ،
جَلَڻ ري مَ جَلَ، رَئَڻ ري مَتان رُئين.

وائي

( ١ )

دَردَ مَنڍيءَ جا دارون، ووا موٺ، سَپاجها سِپرين.
موَن لَڳيوَن، موَن وِسهو، مَحَبَتَ جيِوَن مارون،
ووا موٺ، سَپاجها سِپرين.
مائَٽَنان موَن سين کهٽا، کَسَڻ کيا ڪاروَن،
ووا موٺ، سَپاجها سِپرين.

سکن سون سين کين کيو، سورن لذيم سارون،
وو! موٽ، سڀاڄها سپرين.
منهنجيون شهر ڀنڀور ۾، ڀلپل ڀون ڀچارون،
وو! موٽ، سڀاڄها سپرين.

وائي

(٢)

آتڻ ۾ ويهي، سڀ دعا ڪريجاه، جيڏيون!
ڪانهي بس ڀير ڪي، هل چل ٿي ڀئي،
راه مسافر سيڪو، ڪون ڏٿوسون هت ڏيهي،
ساريندا صلوات ڪي، منجهه قبر سڀ ٻيهي،
ڪونائو ڪريم جو، ڳالهه ڀچندم ڪيهي،
نوازيندو نور سين، ناقص ڪي آت نيئي،
"الله هيڪ، محمد برحق"، شال چئان سان حرف اهيئي.

داستان نائون

(١)

وه ر وساري، ڀچا ڪرم ڀنڌ جي،
نرمل نهاري، هلنديِن تان هت ڪيو.

( ٢ )

آوجهڙ آسونهن، ڏيهہ گهٽوني ڏوريو،
سگر ريءَ سونهن، پهتي ڪانہ پنڌ ڪري.

( ٣ )

واءَ! وڃاءِ م سو، پٺيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
چنا! چپر پرينءَ جو، پير ٻرنيان تو،
ٻر بورائو جو سو، لڳي، متان لڙئين.

( ٤ )

واءَ وڃائم ڪالهہ، پٺيءَ جنهن پنڌ ڪريان،
وڃڻ مون وانئي پيو، هوتن ڪارڻ حال،
جبل ڏوريان جال، ڪارڻ پير پنهونءَ جي.

( ٥ )

ڪهج م، آجها ڪيهہ، گرد پس گنگن جي،
ڏکي! اسنجهان ڏيهہ، نڪر نانهن ڪاهي ڪري.

( ٦ )

ڏور م تون ڏوريج، صبر ڪر م، مسئي!
ٻرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سکن جا سيد چئي، لاڪاپا لاهيج،
هينئين ساڻ هليج، تہ پنڌ پاسي پر نيري.

( ۷ )

وينيس، وِکَ نہ اپڙي، تون آريائي آءٌ،
چکيءَ تو سين چاءُ، ڀامي ٻرِ ٻيئي رِڙهي.

( ۸ )

کَهي جا کَنيائين، وِکَ تَهين ويجهي ڪئي،
چکي چِنائين، ٻَنڌ مِڙوئي ڀَپ جو.

( ۹ )

ـڙ کوه ڪري سيڪا، تون، کَهي کَنج وِکَ،
تائِج مَنجهان تِکَ، تہ ٻَنڌَ ڀامي ٻرِ نبري.

( ۱۰ )

ويو جاڳائي جتَ، ويري کِنهن وِلاتَ جو،
سندو سَورن خطَ، ڏٺم هوت هٿن سين.

( ۱۱ )

ڏهلا مون ڏينهن ٿيا، پيم، جام چيون،
ڪندي ٻَنڌ ڀهاڙ ڏي، ٿيڙم روح ريون،
لَچيو ٿيان، لَطيف چئي، ڪارڻ دوست ڏهيون،
ياپان لَک ليون، جي سَور ڀريان جا ساڻ مون.

( ١٢ )

هيڪليائي هاڻ، پورِينديس پنهونءَ ڏي،
ڪنديس ڪوهيارل سين، رڇي روح رهاڻ،
رلي چلي چيرين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهٽون آڇاڻ، پر سور پريان جا ساڻ سون.

( ١٣ )

هيڪليائي هيل، پورِينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لڪيون، سوريون سڄڻ سيل،
تہ ڪر بيلي آهِن بيل، جي سور پريان جا ساڻ سون.

( ١٤ )

دوست ڏنائين دِل سين، ورچي تان نہ وهي،
لانچي لڪ، لطيف چئي، هٿن منجهہ پهي،
سندي لينهن نهي، ڪي سرفراز سسئي.

وائي

وڃي وڃي نينديس ويجهي، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
آڏا ڏونگر، لڪيون، مونکي محب مڃيجي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

ھريـن، ھـھنـوار تـو ڇـٽان ٻـيـر آھيان ٻي جي،
ھـن ڪارڻ ٻرين ۽ جي.
نـم کھرجي نينھن جي، آھيان آئون آريـجـي،
ھـن ڪارڻ ٻرين ۽ جي.
ھا نـ ھلندي ھـوت ڏي، ٻي تنھين جو ٻاجي،
ھـن ڪارڻ ٻرين ۽ جي.

## داستان ڏھون

( ١ )

پنھون ڇڏيو ٻوءِ، تون جانب جبل ڳوليين،
تيلاھين تنگون ڪريين، جيلاھين تون جوءِ،
ساجن سڄ نھاريين، ڏکي کھڙي ڏوهِ،
ھاڙھي ھوت نہ ھوءِ، وري ٻڇ ويئين ڪان.

( ٢ )

وري ٻچ ويئين ڪي، سندا پنھون ۽ ٻار،
ساجن سپ ڄمار، ڏکي ڏورج ڏيل ۾.

( ٣ )

ڪونهي آتِ ڪوهيارَ، جتِ تو پوري پانئيو،
پنڌُ مَ ڪرِ پهاڙَ ڏي، وَجوَدِ نِي وَڻڪار،
ڏاريا پانئِجِ ڏار، پَچَ پرِيان ڪَر پاڻ تون.

( ٤ )

سَيئِي ساري، مَسَئِي! گهرَ ڪَندوَن تون گهورِ،
وَڃِي ڏوَرِ مَ ڏورِ، دَران مَنجهِ دوستَ ٿِيو.

( ٥ )

دَران مَنجهِ دوستَ ٿِيو، موٽِي پَچَ پاهين،
عبث آڳاهين، وَڃِيو ڪَوڪِين ڪانڌَ کي.

( ٦ )

هَرگهران پاسو ڪَري، پَچَ پرِيان ڪَر پاڻ،
سو تان تونهِين ساڻ، جنهن لئِي جفائون ڪَرين.

( ٧ )

سوئِي ڪَٽيو ساڻ، سوئِي ڏوريين، مَسَئِي!
ڪَڏهن کهين نَہ ڪيو، چلڻ مَنجهان چاڻ،
پَچَ پرِيان ڪَر پاڻ، تہ تون تِنائين لهين.

(۸)

جو تون ڏورين ڏورِ، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئي لطيف چئي، منجهي ٿئِ معذورِ،
مجهان پاڻ پروڙِ، تو منجهِ آهس تڪيو.

(۹)

وڃين جو وڻڪارِ، هتِ نه ڳوليين هوت کي،
لِکو ڪين لطيف چئي، پاروچو پٺي پارِ،
ٿئِ متي پڌ سندرو، پرتِ پنهونءَ سين پارِ،
پاڻي نيڻ نهارِ، تو ۾ ڏيرو دوست جو.

(۱۰)

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪهه پريانِ،
"ونحن اقرب اليهِ من حبلِ الوريدِ" تنهنجو توهين ساڻ،
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن کي.

(۱۱)

ڪوڙين پڇن ڪيچ، هوت نه پڇن هتهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وساريو.

( ١٢ )

ھَل ھِينئين سين ھوت ڏي، پيربن ھنڌ وسار،
قاصداڻي ڪار، ڪين رسائي ڪيچ ڪي.

( ١٣ )

ھَل ھِينئين سين ھوت ڏي، پيربن ڪر ۾ ھنڌ،
راڻي پيچ ۾ رنڌ، رڙھ، روحاني سسئي.

( ١٤ )

ھَل ھِينئين سين ھوت ڏي، ڇيرَ ھڏ ۾ ڇل،
آرياڻي آمل، ڪايا ۾ ڪانڌ ٿيو.

( ١٥ )

ھَل ھِينئين سين ھوت ڏي، ڇيرَ ڇل ۾ تون،
منجھان لڏو مون، ڪوھيارو ڪيچ ڏئي.

( ١٦ )

ھَل ھِينئين سين ھوت ڏي، سسي ڪن ۾ ساڻ،
جنين پانيو پاڻ، سي آرياڻان اوري رھيون.

( ١٧ )

ڪجي ھنڌ، پچان تو، ڪيچن ڪارڻ ڪيئن،
بيخود ھلج بر ۾، آئون تو ڇتاڻ اھئن،
سڪن ساڄن سيئن، متان مُني ڇڏين.

( ۱۸ )

متان مٺي ڇڏيين، پريتڙون پاڻان،
جاڻن جڻن چاڻان، تون پڻ هونج تن جڻن.

( ۱۹ )

متان مٺي ڇڏيين، پاڻان پريتڙون،
ڪتوري ڪٺون، مڙهي مڙهج منهن ۾.

## وائي

غفلت يار گنوايو، ٻڙي! جيڏيون،
ڪئن ڪريان آئون، ڪه ٿيو.
متيس تان سات ويو، آئيس تان ڏک آئيو،
ڪئن ڪريان آئون، ڪه ٿيو.
پچان پوءِ پنهونءَ کي، عبث تان آن ڪائيو،
ڪئن ڪريان آئون، ڪه ٿيو.
هوت هلندي جا ڪئي، سا مون ڳالهه ستائيو.
ڪئن ڪريان آئون، ڪه ٿيو.

## داستان ٻارھون

( ١ )

پيچي جان پنهور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رسيس ڪيچ کي، جتي ٻاڻ پنهون،
سيت آھين تون، قضا ڪنديس ڪنهن سين.

( ٢ )

ڏنا جئن لئي جيڏيون، ڏيرن مون کي ڏک،
پکيس جان پنهور ڪان، تان سور مڙيئي سک،
لئي مون تان لک، پنهون ٿيس ٻاٺهين.

( ٣ )

پيهي جان ٻاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس ٻاڻ، سسئي تان سور هٿا.

( ٤ )

پنهون ٿيس ٻاٺهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلڻ جي، پچي تن پرم،
جو وندر ۾ ورم، سو سودو سريس هتهين.

( ٥ )

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو مستيءَ جو ميڪار،
”من عرف نفسه، فقد عرف ربه“ اِهوئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سربس هتهين.

( ٦ )

پنهون ٿيس پاڻهين، ويئي مستي جي سونهن،
”خلق آدم علیٰ صورته“ ايءَ وٺ منجهه ورونهن،
چريءَ منجها چونهن، ڪٿي هوت هنج ڪيو.

( ٧ )

ويئي سونهن مستيءَ جي، پنهون ٿيس پاڻ،
تن جي سيد چئي، آهي اَن اَساڻ،
پنيور جا پاڻ، آڏا عجيبن ڪي.

( ٨ )

وهم ورماياس، لاٿ پنهون آڏون پاڻ هٿي،
پاڻ وڃايم پانهنجو، پئي پريان جي پاس،
رتي علم نہ راس، ڏاران پسڻ پرينءَ جي.

( ٩ )

وَاڻيُون ڪاهِينديِاس، موٽان تان ڪَر منهُون،
ٻانهِي ٻاروچنِ جيِ، سَڳ نَہ ساهِينديِاس،
"اَلْفِراَق اَشدُّ مِن المَوتِ"، هِتِي نَہ هونديِاسِ،
آه نَہ لاهينديِاسِ، جِيَري جِتَ ڏِسِي مران.

( ١٠ )

جِتَہ جِتَ ڏاران، مَعذُورِ جو مَس ٿِئي،
چانگنِ سِر چڙهِي وِيا، سائِي سوارا،
آکِيون اوتارا، پِسيو رُونِ ٿَهونءَ جا.

( ١١ )

هيڪَر هَٿَ چِڏِ، تہ اوڏِي ٿِيِين عَجِيبَ کي.
"مَارَاَيتَ شَيئاً اِلاَّ وَرَاَيتَ اللّهَ" نيٺِ آجها اوڏهين آڏِ،
تہ هوتَ تونهين ڪان هَڏِ، ڀِرين ٻاهِي نہ ٿِئي.

( ١٢ )

هوتَ تنهنجي هنج ۾، ٻچين ڪوه ٻهي،
'وَ فِي اَنفُسَڪُم' اَفَلاَ تُبصِرُونَ، سوجهي ڪَرِ سهي،
ڪَڏهِن ڪانہ وَئي، هوتَ ڳولَڻَ هَٿَ تِي.

( ١٣ )

ووڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جت جي،

الله بڪل شيءِ محيط، اِيءُ آريانيءَ اُهڃاڻ،

سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهين پيو پروڄ ري.

( ١٤ )

جاني سڃاڻي، وهان ڪئن مات ڪري؟

اندر آڳ عشق جي، آهِ اَدانِي،

"العشق نار الله الموقدة،" ڪوري جڻ ڪاني،

آهي آريانيءَ پيو سرتيون سڃي ڪين ڪي.

( ١٥ )

ڪيو پنهونءَ ڏي ڪاهي، جانيءَ روح جريو ڪيو،

آئي ويئي اوڏهين، سٽي پڄ ساهي،

"العشق حجاب بين العاشق و المعشوق،" لاشڪ ٿيءَ لاهي،

آرياڻي آهيءَ پيو سرتيون سڃي ڪين ڪي.

( ١٦ )

سرتيون سيوئي ٿيو، آندر آرياڻي،

ويئي پسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏيهاڻي،

هيس هوتن هاڻي، ٿي ڪيڇي ڪڏيم ڪم ۾.

## وائي

ڪا جا ڳالهہ هُئِي، سا جي لوڪ مُئِي،

لو ڀاروچي جي من ۾ •

سِر سگهر، ڀر ڀيڄري، تون جا لوڪ سُئِي،

مسئي سگهر ڀنڀين، ڪهڙ چوندو سُئِي؟

پنڌ ڪريندي ڀرين ڏي، ڪڏهن ڪانَ ڪهِي،

آن ڪا ڏٺي اوٺيا، هوتن وٽ هُئِي•

# معذوري

## داستان پهريون

( ۱ )

هلندي هوت پنهونءَ ذي، ڪهجن ڪي ڪوئيون،
پانهن تن ڀت ٿئي، جي لئي لالن لوئيون،
سڀ سهيليون سڪ کي، ڇنجهون ۽ چوئيون،
پانئين! ٿي پوئيون، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا.

( ۲ )

ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
اکين هوند، آسونهن جي جانارن ياد پئين.

( ۳ )

تن پيئي جانارن ياد، جي هارئل پنهونءَ چام جا،
سندي لالن لاڏ، ميان پوء منڌ ٿئي.

( ۴ )

جاکُياسِ جنبورَ، ڪَتي قَريبنِ جي،
ڀَي ڀَڪَي آئيو، ڪِهڙي منجهان ڪُهورَ،
سڀِ لاھيندو سورَ، ڪِري ھِن غَريبَ تان.

( ۵ )

نَڪين آھيون چُوھڙا، نَڪين آھيون چورَ،
ھانڪاما ۽ ھورَ، ڪُتا! ڪَرِئين ڪَنِ تي.

( ۶ )

ڪُتو چئي قَريبَ جا، آھيون ساڌ سڀي،
ڀَرين ڀاتِ ڀَڳي، ڀڄُون ڀوء ڀانڊين ڪي.

( ۷ )

ڪَھين، تان تون ڪَهي ڏَسِ ۾ چوھڙيان،
سَندا آھيڙيان، آنۡ نہ سهَندي هَتَڙا.

( ۸ )

ڪُتو طالبَ ڍونڍَ جو، آسين ڪَتي ڪيڙ،
جهَڻي آھي چيڙ، ڪارايل جي ڪَن ۾.

( ٩ )

ڪتو ڪرڻي هڏيون، جوانمرد جگر ڪاءِ،
"آلدنيا جيفة و طلابها ڪلاب،" ايءَ هنئين سين لاءِ.

( ١٠ )

جي يار ڏنائون يار جو، پڻيءَ پير ڪرين،
ڦريا نہ فرمان کان، انهيءَ ۾ آهين،
ڏسي نہ ڏاڙهين، شبان جي سک ڪي.

( ١١ )

سگهان سينڌاريا، بچيا، تي بهن؛
ڦريا نہ فرمان کان، ملهہ نہ موتيڙن،
ڪونهي ڏوہ ڪتن. ڏاڪاريا ڏاڙهين ٿا.

( ١٢ )

ڏکا، نہ ونگر جا مرون، مر ٿا مون تي ڪن،
پڙندا ڪين پريت تي، هن جا سڏر ٿا سڄن،
سگهائيءَ جي، سيد چئي، آهي سڌ سين،
هوند نہ هٿ ٽرن، پر قرابت ڪم ڪيو.

( ۱۳ )

ڪم قرابت جن جي، هتي آيم هيٺن،
رفاقت راڪن جي، پهتيس ماھڙ ميٺن،
ماڙهو ملاحظو تنهن جو، ڪيچ نه ڪندا ڪيٺن،
ذات نسورياڻي نيٺن، پر سڏر سين سڱ ٿيو.

( ۱۴ )

سڏر سين سڱ ڪري، پر ڪنڊين پيياس،
ڪير برهمڻ ڪن جي، ڪير جاٽي ڪيٽاس،
هوند نه سنڌ سياس، هن پرٽين ڪيس پڏري.

واٽي

خوبي منجهه خفت، اي دوست دقت،
آهي عبداللطيف ڪي.
مدح مون ڪان نه ٿئي، سندي سور صفت،
آهي عبداللطيف ڪي.
هجي ڪرهان هيج مين، مطالع محبت،
آهي عبداللطيف ڪي.

حزن هوت پنهونءَ جو، رکيائي راحت،
آهي عبداللطيف کي.
پريان جي پستان جو، فاقوئي فرحت،
آهي عبداللطيف کي.

## داستان پهريون

(۱)

ڏکيءَ ڏمر ناهه، ٻکيءَ ڪل نه آڇهي،
آگهاڙيءَ وهانءَ، ويو وچاريءَ وسري.

(۲)

ڏکيءَ ڏورڻ هاڻ تي، وچاريءَ وڏو،
ڏيل تنهين جو ڏک سين، سيوئي سڏو،
هنڙس آڳ لڏو، پوءِ ٿي ڪري پنڌڙا.

(۳)

ڏکي ٿي ڏڏور، لهسي لنئون پنهونءَ جي،
ڏيٺي آڳ آتور، سي نه ساڙي سسئي.

(۴)

ڏکي! ڏک وسار، سيج ڦٽي ڪر، سسئي!
هيين پير نهار، ته آريائي آتان لهين.

( ٥ )

ڏکي! ڏک مٿي ڪري، وانءِ ڇپر ڀيهي،
ڪڏ بئي ڏيهي، سوڏيون ڏيندءِ خبرون.

( ٦ )

ڏکيءَ ڏيهائي، مٿيءَ مٿي هٿڙا،
تنهن ۾ نه ڪائي، جنهن ۾ جئي، جيڏيون!

( ٧ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آمرن ڀون،
ڏاري جو ڏونگر ڪي، سو ڪين جيو چون،
آري جي آفسوس ۾، ماڙهو مرون رون،
ان ۾ سيئي هون، هينئڙا جن هڃي ويا.

( ٨ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، ڀسوا پٽون ڀون،
مٿي پڇاڙا منڌ ڪي، روجهه ڄڃن ۽ ڙون،
پٽا ايهين چون، ته ”مٿيءَ آسان ڪي ماريه!“

( ٩ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، اوچنگارون آڇن،
هٿي سانگ مسئيءَ ڪي، ڪلو ڪنو ڪيچين،
جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾.

( ١٠ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون، وڻ ٽڻ وايون ڪن،
وٺان ويهي جن، وڏيءَ سي واڍوڙيا.

( ١١ )

وڏيءَ سي واڍوڙيا، رت نہ ڏنو جن،
موت قبوليو تن، ڏنو جن ڏکيءَ کي.

( ١٢ )

ڪنهن جنهن ڏکان ڏي، ٻارانيا کي ٻانڌين،
سور پريائين سي، ڳالهہ ڪيائين جن سين.

( ١٣ )

ڪوجو وڏي وڏ، جٺن وڻ وڌيائين وڏ سين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏي، جن ڏٺي سي ڏکيا ٿيا.

( ١٤ )

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪٺل ڪوڪاري،
هن ٻن ٻنهنجا سارِيا، هيءَ هنجون هڏن لئي هاري.

( ١٥ )

ڏکيءَ توءِ ڏکار، توٽي وسن مينهڙا،
صاحب همت سکار، هن وس آهين هتڙا.

( ١٦ )

ڏکيءَ توءِ ڏکار، سيڻن ڏيهه سکاريو،
پاروچانون پار، سپرين سواءِ سين.

( ١٧ )

اولاکن اچي، معذور تي مارو کيو،
متان ور وسارئين، منجهان ڪر ڪچي،
سپک ڏي سورن سين، پهچندئن پچي،
لاهي لاکاها لنگهه تون، سيڻن ڏانهن سچي،
منجهان راهه رچي، ڏيندئن لال لطيف چئي.

## وائي

آچي لالن! لٿ، سيان! مي جو لوڙهه لکن ۾.
هوکان کٿوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ جٿ،
مي جو لوڙهه لکن ۾
آرياڻيا آچي ڪري، ڪا گهڙي مون وٽ جٿ،
مي جو لوڙهه لکن ۾.

ڪٿوري ڪشبوءِ سين، هاريائون هٿ هٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.
دردَ منهنجي دل جو، تون، ڪامل آچي ڪٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.

## داستان ٽيون

( ١ )

جهلي تان نه رهان، پسو ڏاران پرينءَ جي،
آءُ عاجز آهيان، لالن جان نه لهان،
فردا مون ڦٽي ڪي، وعدي ڏي نه وهان،
صباح سينءَ نه سهان، خواه ميڙين خواه مارين.

( ٢ )

صباح سيڻن تان مون، سهي ڪير سرتيون!
ڪهڻيان رهن نه ڪهت ۾، پيغامن جا پور،
مٺيائي منظور، هير هلنديس هوت ڏي.

( ٣ )

هير هلنديس هوت ڏي، پيون وجهي پن،
جثو و جان فدا ڪريان، مٿان تن پرين،
آيا آڄ ڪهرجن، فردا مون ڦٽي ڪئي.

( ۴ )

فردا منڌ ڦِٽي ڪٽي، تنڌ ڪنيو نارِ،
هِيءَ جا واڳ وِلهيءَ جِي، ويرم ڏِي م وارِ،
جيڪين مٽيءَ مارِ، جيڪين ميڙِ مٽيءَ کي.

( ۵ )

مٽي ٿِي مدعا گهري، موت ٿيو موجود،
آڇين تہ آڄ ڪِريان، صباح جو سجود،
جيڪين ٿي وجود، جيڪين ميڙِ مٽيءَ کي.

( ۶ )

جيڪين ميڙِ مٽيءَ کي، جيڪين مٽيءَ مارِ،
جيرو ٻنهين ڪنڌين، ٻنهين هارين ٻارِ،
ڏکيءَ کي ڏيکارِ، هيڪر هوت آکين سين.

( ۷ )

سَنَ ڏِکان آکرو، مسٽي! آنِ م شڪ،
ٿيءَ ٻانهِي، پر اوٺيون لڏّ م، ٻسي لڪ،
ور ٻنهونءَ سين ٻلڪ! ڪوہ ٻارهن ماہ ٻين سين!

( ٨ )

هردم هوت پنهونءَ جو، ڏسڻ پانئج ڏک،

ور پنهونءَ ساڻ پلڪ! ٻن پارهن وره پين سين!

( ٩ )

نور ڏيرمي ٿيءَ، وجڻ ويرم نہ سهي،

ڏيٺي مرج ڏونگرين، جتن ڪارڻ جيءَ،

هڏ نہ هوندو هيءُ، ساه پريان تان صدقو!

( ١٠ )

آڏيون! ور آگهاڙ، وهانءَ جنهن وساريو،

جيڏيون! چڏي جاڙ، سڀ ننگيون ٿي نڪرو.

( ١١ )

سڀ ننگيون ٿي نڪرو، لالچ چڏي لوڀ،

سپريان سين سوڀ، ننڍن ڪندي نہ ٿئي.

( ١٢ )

سڀ ننگيون ٿي نڪرو، برهه چڏي پوءِ،

مهند مڙليان هوءِ، ڪهي جا ڪين ڪٿي.

( ١٣ )

ڪهي جا ڪين ڪٿي، پرينءَ نهتي سا،

وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وچائيو.

( ١٤ )

وصل تنهن وِڃائيو، سِينڌ سرمي سين،

سا لوئي ليلان جين، مٽيون جنهن مِٽ ڪيو.

( ١٥ )

هوندئان هوت پري، اوڏو آڻ هوند ڪي.

ساڄڻ تنِ سري، 'لا' سين لڌين جي.

( ١٦ )

لائي خنجر 'لا' جو، هـِن خچر ڪي هڻ،

سڌن جِيون، سيد چئي، وتون سڀ وڪڻ،

پير پروڙي ڪڻ، ته هلڻ ۾ هوري وهين.

( ١٧ )

هورنِ هاڙهو لنگهيو، ٿِيءُ جريدي جوءِ،

هوند جنين سين هوءِ، هوت نه هوندو تنِ سين.

( ١٨ )

هورنِ هاڙهو لنگهيو، مَنِي! موسَٽ چڏِ،

'لا' سين آئي لڌ، 'ڪين' رسائي ڪيچ ڪي.

( ١٩ )

هورنِ هاڙهو لنگهيو، ڪوريون پاسي ڪوٽ،

ڪيچ تنهين کي ڪوٽ، "ڪين" جنهين جي ڪڇ ۾.

( ۲۰ )

هورِ هاڙهو لَنگهيو، ڳوريون ڏيون ڳَمَن،
هاڃي تنهن هڃنِ، ڏاران سڪ سيڌ ڇڏي.

( ۲۱ )

نڪا هتِ، نَ هتِ ڪا، ڳوريءَ سندي ڳالهه،
ڪين ڀِتي مالِ، حالِ ڀِتي هوت ڪي.

وائي

هَلُ هوتنِ ڪارڻ حالَ، شالَ سگهِرَ ڏينديئن ساٿ جي!
پير پنهنجي پرينءَ لئي، ڪوڏ رتائين ڪالهه،
شالَ سگهِرَ ڏينديئن ساٿ جي!
ڇڙهندي سِر چوٽيون، لَڪنِ ڪيڙس لالَ،
شالَ سگهِرَ ڏينديئن ساٿ جي!
ڄي ڀائين جتنِ جي، ويجهي ڏيان وصال،
شالَ سگهِرَ ڏينديئن ساٿ جي!
ٻري ٻپ وٽنِ ۾، وِجهج ڪا وڙالَ،
شالَ سگهِرَ ڏينديئن ساٿ جي!

ڪيچان آيو قافلو، ميں منجهي مال،
شال سڱر ٿيندين سات جي!
ايندي ٻوءِ ٻوتن جي، تون جهلج پڀ پال،
شال سڱر ٿيندين سات جي!
جتي جمازن کي، جبل ٿين جنجال،
شال سڱر ٿيندين سات جي!
اڃي ڀياڊين کي، آت آريائي احوال،
شال سڱر ٿيندين سات جي!

## داستان چوٿون

( ۱ )

ملندي ماڙهو منجهي، ڪرڻ ڪوه ڀيام،
آرڏا آري جام ري، گوندر گذريام،
لڪيون، لڪ لطيف چئي، اورانگهڻ آيام،
ٻرڻ ٻنهونءَ ٻٽ ۾، ايءُ سعادت سنديام،
منهن ڪم وڏام، وهان تان نہ وس پيو.

( ٢ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڏکن منهنجا ڏوهه،
هو اوچو سر آئن ٿي، هيءَ هند ڀڄاڙي هوهه،
ليڙن ري، لطيف چئي، ڪئن ڪرينديس ڪوهه،
اکيان رائو سڄي روهه، وهان تان نه وس پيو.

( ٣ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڀيسي ڏينديس ساهه،
لڳن تان لطيف چئي، ٻاري نير نپاهه،
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس پيو.

( ٤ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڪسان تان م ڪسان،
لکن تان، لطيف چئي، رڙهي مان رسان،
ٿنهون شال پسان، وهان تان نه وس پيو.

( ٥ )

ٻائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سور سلان،
ڪٿيو لڄ، لطيف چئي، لکن منجهه لڄان،
ٻانڌي ڪير ٻڄان، وهان تان نه وس پيو.

( ٦ )

وڏو ڪير وٿاه! آونچا، ڏونگر م ٿيو،
نمو م، نيٺاه، ته پير نهاريان پرينءَ جو.

( ٧ )

وارو مون وٿاه، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏيو،
ايءَ اھائي ڪالهڙي، شجر سٿيجاه،
جونيءَ چاڙهيجاه، ته موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

( ٨ )

وارو مون وٿراه، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏيو،
وجهي وراڪن ۾، معذور ڪي م منجهاء،
منجهان پاڻ پياديون، هادي ٿي ملاء،
ٻريان ڪي ٻهڇاء، ته لڳي لوئو نه ٿئين.

( ٩ )

وارو مون وٿڪار، ڪا سڌ سونهپ جي نه ڏيو؟
آهي آسونهين جي، مٿي تو ميار،
وڙهيا وبراڪن سين، لڪن جا ليار،
ڪريان ٿي ڪوار، ڪنڌن، ڪانڌين جي.

( ١٠ )

ڪَنڌا مون پيرَنِ ۾، توڻي لَڪَ لَڳَنِ،
آڱرِ، آڱوٺي نَ مڙئي، ڇِپون پير ڇِنَنِ،
وِيندي ڏانهن پِرِينِ، جَتِي جاتِ نَ پائِيان.

( ١١ )

جَتِي مِي پائِينديُون، جَنِين پير پِرِينِ،
لائِيون سِپِ پِرِينِ، مَسَتِي سِپيرِينِ کِي.

وائي

جيڏيون! جا جَڙ لائِي، جِيءُ جَتَنِ سين،
سا مون مَرتيون! سيباڻيام: تنهن جَتَنَ جال ڪيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيون!
سَهَرَ جا سَيَنِ جِي، سَنجهي هَٿَ هيامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيون!
صُبحَ سَنبي سَنگَ ۾، ويسلي ويامِ،
جِيءُ جَتَنِ سين، جيڏيون!

هَڪل هوت پنهونءَ جي، سَگَر منجهه سيام،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، نهر نوءِ نيام،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
ڪوڙين پال ڪريم جا، ڳَنجي منجهه ڳهريام،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
سَتي سَگَر ڀنڀين، سگهڙي سار لڌيام،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
ڪيهون ڪوهن ڀنبين، ڪوڪون جمازانِ،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
هوتاڻي هٿ ڪٽي، پنهون پيادِيانِ،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
ڏکون، ڏکون، ڏاڪڙا، ڪارڻ جن ڪيامِ،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!
سوڻي ساءِ! ڀنڀور ۾، آڳِ مي آيام،
جيءَ جَتَنِ سين، جيڏيون!

## وائي

وِڇڙي وِندر جي وڻن،

اي اوڏي آيس، جان پِربان جي پيچري،
جي تو اوڏا پانئيا، سي ڏونگر ڏورِ ڏسنِ،
مدي نہ هينِ من ۾، تہ ڪيچان ڪوہ آچنِ؟
سرڻ منهنجي ڪي ڪيو، هي ٻہ ٻاروچنِ،
سونهن سگهر پُنهين، منهن سعدورنِ،
وِندر وائي جا وهي، سون ڪي سا نہ سلنِ،
آئي پڌا اوٺيين، سوٽيي ڪي ميہنِ،
لاٽائون، لطيف چئي، لڏون سر لڪن.

## داستان پنجون

(۱)

هٿين پيربن، مونڙئين، هلج ماڻ هيٺئين،
عشق آريءَ جام جو، نباهي نئين،
جانءِ جانءِ ني جئين، تان پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

( ٢ )

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪَهِج پر ڪپار،
مَتان، چوري! ڇڏين، پرِيتَ ۾ پچار،
توکي سند، سسئي! سندي لنئون لغار،
جي هوندءِ هوت هزار، ته پاڙج ڪوه پنهونءَ سين.

( ٣ )

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪَهِج پرِ قدام،
وِجِ وسيلو ناهِ ڪو، اوري آريءَ ڄام،
هينئين لائي هام، پاڙج ڪوه پنهونءَ سين.

( ٤ )

هٿين پيرين، مونڙين، پري ڪَج پرک،
قدم ڪيچ ڏئين ڏي، پاءِ وڃندي وک،
جي هوندئي هوتن لک، ته پاڙج ڪوه پنهونءَ سين.

( ٥ )

هٿين، پيرين، مونڙين، سِرج ساهه سماهه،
هوت ڳَڌئي حب ۾، رهبر منئي راهه،
جانءِ جانءِ سانءِ ساهه، ته پاڙج ڪوه پنهونءَ سين.

( ٦ )

جڙ جا هنير جت، تنهن ڳجهي ڳاريبر جندڙو،
آئي آندر ڪوڙيا، ڪوهياري ڪروت،
سورن ساڙي آهيان، سڪان ڪي صحت،
آندر ريلا رت، پاهر پاڻ نه نڪري.

( ٧ )

تتي ٿڌي ڪاه، ڪانهي ويل وهڻ جي،
آسر هڏ م لاه، چڱو ڳنڍڻ آڻ جو.

( ٨ )

ٿڌي ٿڪي نه وهي، تتي ڪري تاڻ،
وڏائين وٺڪار ء، سسئي هاڻ سڪاڻ،
پڇي به پکين کي، پيئي منڊ پرياڻ،
ڏنس ڏيه وٺن جا، تن الله لڳ آهجاڻ،
مان پرچي هاڻ، اچي آرياڻي وري.

( ٩ )

توڻي ولاڙون ڪرين، توڻي هلين وڪ،
لڪئي منجهان لڪ، ڏرو ضايع نه ٿئي.

( ١٠ )

لکيو جو نراڙ، سو آنگ ڪياڙي نہ ٿئي،
ماڙيو ويٺي ماڙ، جيڪين لالن لکيو لوح ۾.

( ١١ )

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

( ١٢ )

ڪيائين ڪيچين لئي، جسو جلاوت،
چڏي، ھيٺي چپرن، ھاري سڀ حجت،
ھٿي نماڻي نست، ھنڌ وڌائين ھاڻ تي.

( ١٣ )

ھنڌ نہ پنڌن جيترو، ڪٿن سجندي ڪيھ،
جيڪر ڪريان ريھ، ھر چولڊا منڌ چري ٿي.

( ١٤ )

چوندم مر چري ٿيي، ھر جي سڌ سٽين،
مر منهين کي ڏين، ماڙھو آچيو مهٽان.

( ١٥ )

ماڙھو ڏيٺي مهٽان، مون کي ڪندا ڪوھ؟
جنهن چوريءَ ۾ چوھ، سا ھٿون ٿيندي ... تي.

## وائي

توڏن تان نہ تنواريو، منهنجو لالن واريو،
الله ڪارڻ، ميان اونيا!
شرف لهي سنئي، ڪنل کي ڪم ڪاريو،
منهنجو لالـن واريـو.
ميندي مور ملير جا، چانگن کي سڀ چاريو،
منهنجو لالـن واريـو.

## داستان ڇهون

( ١ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، نورا ڏينهن ٿيا،
راتين روز ويا، عبث آريءَ چام ري!

( ٢ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، سهسين سج ويا،
هلڻ وير هئان، ديکي شال دم ڏيان!

( ٣ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، تون تو لهين سج،
آئون جي ڏيائين منيها، نيئي پريان ڏج،
وجي ڪيچ ڇنج، تہ "ويچاري وات مئي".

( ۴ )

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، ھوبون ٿيو ھساھ،
سڪان ٿي سڪرات ۾، رويو ھجان راھ،
شال م وڃيم ساھ، ڏاران ھسڻ پرينءَ جي!

( ۵ )

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، عمر تان وئي،
ولھيءَ ڏينھن وڃائيا، سرتيون! سيئي،
پيريءَ ۾ پيئي، آکيون آريءَ ڏي ڪئي.

( ٦ )

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، جوڀن ويو جاڙ،
آڏا آريجن کي، چاڙھيڪا ۽ چاڙ،
مون مٺيءَ ڪان نہ ٿئي، وڏي پڻ منجھ ولاڙ،
عمر سڀ آواڙ، ويئي! ٿي واڪا ڪريان!

( ۷ )

آئون نہ گڏي پرينءَ کي، ھيءُ پڻ ڏينھن ويو،
ٿورڙي نائين سين، مون کي نيھن نيو،
مٺي موت ٿيو، "ھي، ھي" ڪندي ھند ۾!

( ۸ )

آئون نہ ڪڏي پرينءَ کي، آيو عزرائيل،
جورائي مين جيڏيون، نڪو قال نہ قيل،
آيو موت دليل، ماريندو مراد کان!

( ۹ )

آئون نہ ڪڏي پرينءَ کي، متان آيو موت،
واجهائيندي ورہ ٿيا، هڏ نہ ڪڏيم هوت،
جيڪس ٿينديس فوت، فنا هن فراق ۾!

( ۱۰ )

ولاڙيو وٺين چڙهي، ڪجهن ٿينٖدي ڳاهہ،
مسڻي سوريءَ چاڙهيو، پريان لٿي پساهہ،
هو مرون، هيءَ ماہ، ڪين ڪميڻيءَ رکيو.

( ۱۱ )

ولاڙيو وٺين چڙهي، رني پسيو روءِ،
وچان جو وڃ پوءِ، سو ڪنهن پر ڪهي لاهيان!

( ۱۲ )

ولاڙيو وٺين چڙهي، انچن مٿي آڄ،
لالن ڪارڻ لڄ، پاسيائين بردار جي.

( ۱۳ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڏيو ھنڌلي لانگ،
ٺاريءَ ٺاريءَ چانگ، مسئيءَ، سور ھچن جنن.

( ۱۴ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڪي جو ڏٺائين،
موت ۾ ماريائين، پاڻ تنهين جي پٽ ۾.

( ۱۵ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ھسو! سکھ سنڌياس،
آڏيءَ وڄيو آڪڙي، نڪو ھي نہ ماس،
سوئي سو سِٽاس، ھري ھڙاڏا ڪري.

( ۱۶ )

وِلاڙيو وٽين چڙهي، ڏاڍو ڏوري ڏور،
سپيريان جي سور، ھري ھڙاڏا ڪري.

( ۱۷ )

ھري ھڙاڏا ڪري، اوري نہ آهي،
ڪمتر ڪا ڪاهي، ھچي ھن ھنيءَ ڪي.

( ۱۸ )

رڄن ۾ رڙ ٿي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، ايءَ تان آھ عشق جي.

( ١٩ )

رڃنِ ۾ رڙِ نه ٿي، ڪر چتونءَ جي چانگار،
اِيءَ عشق جي اُپڪار، نعرو آهي نينهن جو.

( ٢٠ )

رڃنِ ۾ رڙِ نه ٿي، جهڙي ڪري جوءِ،
اِيءَ نه عورت هوءِ، اِيءَ تان آه عشق جي.

( ٢١ )

رڃنِ ۾ رڙِ نه ٿي، ڪر ڪرڪي ڪونج،
نعرو منجهه نڪونج، اِيءَ تان آه عشق جي.

( ٢٢ )

رڃنِ ۾ رڙِ نه ٿي، ڪر سارنگيءَ ساز،
اِي عشق جو آواز، ماڙهو رکن سنڌ تي.

وائي

هيءُ گهايل هڏ گهوري، وو! آلا ميان! ڪيچي مون نه سگهيان.
عشق آريءَ چام جي، هيءَ جهونڙي هڏ جهوري،
وو! آلا ميان! ڪيچي مون نه سگهيان.

رهـي جا رڃنِ ۾، سا ڇپر ڇڏيـوم ڇوري،
وو! آلا ميانْ! ڪيڇي مون نہ سگهيان.
آديون آريچنِ لئي، ڏونگر ٽيندس ڏوري،
وو! آلا ميانْ! ڪيڇي مون نہ سگهيان.

## داستان ستون

( ١ )

مري، جيءُ، تہ مائين، جانب جو جمال،
ٿين هوند حلال، جي ٻنڌ اها ٻي پارين.

( ٢ )

مر، تہ موچاري ٿين، آجلان آڳي اَڄ،
جانْ ڪين هٿين جِنّري، تہ منڌ ٻنيوران ٻڄ،
ٻنهونءِ سانڻ ٻهڄ، تہ ملڪالموت مائين.

( ٣ )

مر، تہ موچاري ٿين، جِئَو آڏو جت،
هاري ڪر همت، تہ ڏيئي دم دوس لهين.

( ۴ )

مَرُ، تَہ موچاري ٿِيِن، وِيھي وِجھہ ۾ وِيرُ،
دِل ۾ آڻِ ۾ دَورُ تون، ڦَرَڻ سَندو ڦيرُ،
توڻي لھين نہ ھِيرُ، توءِ راحت آہ رِڙھڻ ۾.

( ۵ )

مَرُ، تَہ موچاري ٿِيِن، وِيھي جِي ۾ جوءِ،
مَندا مرڻا ھوءِ، ھچندُن ھنھونءِ کي.

( ٦ )

آجلان اکِي، سَسُئِي! مَنڌَ، جِيرِيائِي مَرُ،
نولڻان تِنھن ۾ نَرُ، جنھن روحُ وِڃايو راہ ۾.

( ۷ )

مرڻا آکِي جِي مَنا، سِي مَرِي ٿِينِ نہ مات،
ھوندا سِي حَيات، جِيڻان آکِي جِي جِيا.

( ۸ )

جِيڻان آکِي جِي جِيا، جُڳ جُڳ سِي جِيِن،
آءِ مونِي ڪِين مرن، مَرڻا اکِي جِي مَنا.

( ۹ )

تو سامائي، سَسُئِي! مرڻ ڪيو مَردار،
ڪَپرِ سين ڪوھِيار، لوڻِي! تو لَڇائيو.

(۱۰)

اونچو آتاھون، ڪهڻون، جيئن ڪي جبل،

مرڻ! مون مين هل، ته پئيءَ تو پنڌ ڪريان.

(۱۱)

تو مڱڻ، ماه! ڪهڻ مين، جئن! گوشي جاءِ،

مرڻ! مون مين آءِ، ته پئيءَ تو پنڌ ڪريان.

(۱۲)

وڏا طالع تن جا، جي مارڪ منجهہ مرن،

پيون چاڪي ڪن، ڪوڙي دعوىٰ دوست مين.

(۱۳)

سڏ سچائي پرينءَ جو، واڪي جي نه ورن،

ڪچاڙي ڪي ڪن، ڪوڙي دعوىٰ دوست مين.

(۱۴)

مين جي مارڪ مر، چير چلي جي،

ته قدر ڪيچين ڪي، هولڏ پوءِ تنهنجي پنڌ جو.

(۱۵)

پر مر ٻچي پرينءَ ڪي، مري نه جاتوءِ،

"مرتوا"، منڌ نه سوءِ، ڪنڌ ڪچاڙيان ڪائين.

## وائي

وِهه م واٽ وِرچي، هوا آلا ميان!

جِئَن کهندِئَن تِئَن لهندِئَن.

ڪِنين آچي ڪا کهِي، ڪنين آچي ڪا چِئِي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

آمل پانيان اَن کي، ساڄن مون کي جا چِئِي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

ٻير ٻئائين ڪونڌرا، رائي ڪيس رچي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

مُنهن ڪر معذورن ڏي، ٻنهون چام! ٻرچي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

مون کي تنهين ماريو، جِتَن جا چِئِي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

وِنڌر واڙِين تي، ڪانڌي ٿيندم ڪِچِي،

جِئَن کهندِئَن، تِئَن لهندِئَن.

# ديسي

## داستان پهريون

( ١ )

سئيس! جهل مهار، ڪنيس! ڪاهه م ڪرهو،
مون لماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪج پتار،
ساجن توهان ڏار، ڏنم ڏينهن قيام جو.

( ٢ )

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏنم ڏک،
سي سڀ پانيم سک، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

( ٣ )

ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهين ڏک ڏنام،
لڪن لوسائيو هيٺئون، ڇپن ڀير ڇنام،
رنڌين رت رنام، پرنڌي پار پنهونءَ جي.

( ۴ )

ڏاکڻ، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڌي،
ڀچان پير پنهونءَ جو، وِجهان وِک وڌي،
لِکئي آئون لڌي، تات ھٿن ڪير پنڌ ڪري.

( ۵ )

ڏاکھا ڪيم ڏرو، آڄا آرياڻي آکي ٿيو،
موڙي مچر ٿاريون، چانگا ٿا چرو،
آن تان حرف ھرو، موراڻين معاف ٿيو.

( ٦ )

آڳو مٿي اوپرا، جڏھن ڏاکھا ڏٺي ڏينهن،
وٺي سڙڪ سسئي، وبھ وھاڻيءَ سيڻن،
چوٺي سين چانگن ڪي، جڙ زنجيرن جيڻن،
تہ ھوت تنهنجو هيڻن، پنهون نياڻون نہ ڀاڻ سين.

( ٧ )

آڳو مٿي اوپرا، جڏھن ڏاکھا ڏينهن ڏٺاءِ،
ڪنجون جي قفلن جيون، تان ڪنهن لِلِ لڪاءِ،
تہ سياڻي سندباھ، ٿئي ساروڻي سسئي.

( ٨ )

آڳڻ مٿي او ڀرا، جڏهن ڏٺئي اٺ،
ڏاڍي نه ڏاڪڻ ڪي، اوکي ساڻ آکٽ،
ته هوند نه تنهنجي هٽ، سور ڀرايا مسٽي.

( ٩ )

آڳڻ مٿي او ڀرا، جڏهن ڏٺئي توڏا،
ونگيئي نه وارن سين، تن ڳورن جا ڳوڏا،
ته لڪن جا لوڏا، هوند نه سٺئي مسٽي.

( ١٠ )

ڏاڪهنئون ڏيرڻ، جي آندا ٻرد پنهور ۾،
مٿي چيل چرا ڪيا، وه پٺي وهڙن،
ڪڙيءَ ڪڙڪو آن جو، هوند متي سو سين،
ڏاندن ساڻ سيد چئي، ڀاديون ڀهچن،
جن جو پير نه لڳو پٽيين، تن آير ساڻ آئن،
ڳنگن ۽ جنگن، منڌ آسونهين ميڙيين.

( ١١ )

آڳي اٺ رڙن، مون پيري ساٿ ٽپي،
ڀلاڻيندي ڀاڻ ۾، ڪچيو ڪين ڪئن،
ڪا جا مام مٿن، هن ڀڻ هٽي هن سين.

( ۱۲ )

چا جي ڏِنڪا ڏِير، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنڪو مَ ٿِئي،
آئِن، اوٺيڙنِ جي، چا وَهيٽو ويرِ،
هِيءَ ڪميٽِي ڪير، جا آسَر کي آڏو اَچي.

( ۱۳ )

ديسي سِيڻَ ڪجن، پرديسي کهڙا پِرين،
لَڏيو، لاڏوٽا ڪيو، پنهنجي ديس وڃنِ،
پڇاڻا پِرين، ڪجي ٻِيءَ پنهور ڪان.

( ۱۴ )

ڌِريائين ڌارِيان، مِٽ مَٺيءَ جا نَہ ٿِيا،
مَدي ڏيرنِ مَن ۾، کِليو کِيڪارِيان،
صُبحَ ٿِي مارِيان، تہ آءٌ نہ اوطاقنِ ۾.

( ۱۵ )

آءٌ مَ اوري آئِ، ڏاکهنِ ڏَڌي آهِيان،
هُٿي هٿَ هَينِ کي، ٻري نيٺي ٻلاڻِ،
هوت مُنهنجو هاڻِ، پنهونَ نِيائون پاڻ سين.

( ۱۶ )

جتا! ڇال جِيوا جيو تان جاڙون ڪريو،
ٻانهن ڪي ٻروچ ري، ٻيلي لاهِ ٻيو،
چِنو تان نہ ٿيو، هي سگ نہ چِنن جيهڙو.

( ۱۷ )

جَتن جا جيلان، ني سات ٻجائي سسئي،
آيس آريءَ ڄام جا، تر توڏا تيلان،
اِن کي لاڪيليون نکن ۾، ڏهريون ڏيلان،
سر هٿيو سيلا، لايو نينهن نِنڊون ڪرين.

( ۱۸ )

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪي اهندا،
وني پنهون پانهنجو، وتان تو وِيندا،
دم نہ ڏميندا، سڏاريندا سائيهہ ڏي.

( ۱۹ )

جت هذهين هت، سون هت هينئڙي ۾ حل ٿيا،
چنگل جنين چوڙا، راحت تن جي رت،
ڳنگن جي ڳپت، ڇيڙي وڏيس ڇپرين.

( ٢٠ )

جتِ وِڏيس جارِ، نات هيس نِمائي نِڪتي،
ٽيڙا ڀاڻ قرار، موُن مَن ڳَڌي گوندرين.

( ٢١ )

جي جاڻان جتن، ڀوءِ ڀانَدر هيترو،
آءٌ کڻن ملا تن، سرتيون سور ڀرائيان.

( ٢٢ )

هي جي آيا هير، مون آڳ نہ ڏٺا ڪڏهين،
آنون ترمان، هو تڪڙا، هٿ نہ لائن ڀير،
ڀنڀوليس ڀرن ۾، ڀسي ڀيندين ڀير،
آءُ آرياڻي آسري، ٿي واهر جي وير،
هيءَ ڪميڻي ڪير، تون پارس رسج پيءُ ۾.

( ٢٣ )

جتن يارانون، ڪيچين مون سين ڪونہ ڪئو،
نالي سيس هوت جي، مٺو يارانون،
تيلاهين طعنون، ڏيندا سون ڏير ويا.

( ۲۴ )

کورا وَڄَنِ ڪامَ، ڏيرَنِ سَندا ڏيھَ تي،
توڏَنِ جِيون تَڙِپيڙ ۾، تِريون تِرڪَن تانْ ۾،
اونيڙا آرامَ، لنگھي لَڳَ ٻَري ٿيا.

( ۲۵ )

گھَ مِر ٿِئي ۾ ڪَسَ، ٻِٽي ٻوءِ ۾ ٻِرينءَ تي،
جِنھن مِر ساڄن ميڙين، تِنھن اُٿ ۾ لڳي آس،
ٻنھون ٻاڪ ٻِرس! ھوت نہ ڪڄن ھيڏيون.

( ۲٦ )

آس ۾ لڳي اوٿِيين، ليڙان لَڪ ۾ لڳ،
اللهَ! آرِيڄنِ کي، ڪوسو واءُ ۾ وڳ،
ڄت ڄڄھا ۾ ڄڳ، منھنجي پِرت ٻنھونءَ سين.

( ۲۷ )

لڏيندي لِباسَ، ڄتن جيڏو ٿي ڪيو،
آڇي آريءَ ڄامَ جو، وَٽَ وَٽَ منجھان واسَ،
مِرون ڪينم ماسَ، ھڏَ ھلندا ھوتَ ڏي.

( ٢٨ )

آٺ ويري اوتار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٿيا پنهون پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن آلهي ڪئي آوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سوان نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نہ وڏي وير،
واهيري جي وير، ڇاون ڪريان ڇپر بن.

وائي

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيچين ساڻ،
مٽان ڪا ٻي لنؤن لائي!
آئون ستي، هو هليا، وڃڙا ڪرهل ڪاهي،
مٽان ڪا ٻي لنؤن لائي!
آسون آڪيان آن جي، "ٻر ٻرا" ڪيو ٻاڏائي،
مٽان ڪا ٻي لنؤن لائي!
جتر ڏيٺي چت ڪي، وڃڙا هوت ڇپائي،
مٽان ڪا ٻي لنؤن لائي!
جيڪا هين مَن ۾، وڃڙا پنهنجي پڄائي،
مٽان ڪا ٻي لنؤن لائي!

# داستان پيو

( ۱ )

اَڄ ٻه وساڻي اولين، مٺي مارڪ ماڪ،
ٻنهون نياڻون ٻانهن سين، تاڙيون ٻڄي طاق،
"هيهات هيهات لما توعدون،" سڄي ٿي ارطاق،
ڇڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

( ۲ )

مڙي منڌ ڏي آئيون، ساهيڙيون سهڄان،
"السفر قطعة من النار"، هاري! موٽ هتان،
سڱ صراط المستقيم جو، اٿي تان آڪيان،
سي ڪيڇي نينداءِ ڪٿان، تنهنجو نينهن نفاق سين.

( ۳ )

جڏان ڪن نيڪون ڇٿي، نيو آرياڻيءَ آرواح،
آنڳ آڳهين لکيو، منهنجو ميثاقاء،
"من طلب شيئا وجد وجد"، آتو علي شاه،
آڄا هن حديث جو، مون آسرو آه،
ٻنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موت مباح،
سرتيون! دعا ڪجاه، ته ميڙائو مون ٿئي.

( ۴ )

صبح سياھي، آھي آريءَ ڄام ري،
ڪڏھن پسي ڪا ، ڪا، ري لالن لالائي،
ڏود دل تان ڏور ڪري، ڪر ساڄن صفائي،
"من لا شيخ له فشيخه الشيطان"، اِن ري آونداھي،
ھوءَ ڄا ھلي ھيڪلي، سا ڳيرب ڳمائي،
"بلا شيخ من يمشي في الطريق"، اھڙي آوائي،
تنھن ري توائي، ڪوڙين ٿيون ڪيتريون.

( ۵ )

بر وڏو، بار ڳھٽون، ويجھو نہ وٽڪار،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪنيو منڌ مدار،
وٽندن تہ وڙ ڪندا، نات آڳين جي اختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوھيار، ڪاڏي ٿي ھٿ ڪٿي.

( ٦ )

ڪيڙي ڪيچاين، ڳوُرا ڳس ھلائيا،
لڙيو، چڙھيو چوٽيين، ڪريو ڪوہ ڪڙن،
سونھن جي سردار سين، سي توڏ م ترنجن،
لطف ساڻ لطيف چئي، لنگھيو بر ھوتن،
تن ڪھڙو غم ڳنڪن، ھوت حمائتي جن جو.

( ۷ )

جاڳائي جتن، ڳورا ڳس هلائيا،
ڀُٽي ري ڀهاڙ ۾، اُٽ ۾ آگهنجن،
لُٽاڙي لطيف چئي، لنگهيو بر بوتن،
تن کهڙي چڪ چانگن، هوت حماڻي جن جو.

( ۸ )

پني تا پرين، سائين سنڌ هٿن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مون کي منجهه نه ڏين،
هوت پنهون تا نين، آسونهي جو آجڪو.

( ۹ )

اوڳارين نه آنرا، ٻڌا چرن نه پور،
ليڙن کي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور،
مين ڪي مامور، آهي آنٿئ اڳين پنڌ جي.

( ۱۰ )

دوڪ دهليا جت، ڳورا هلن نه ڳس ۾،
چؤ سال ئي نه چلئا، ئي تنگ نهاري تت،
سوڏي آنهين سيد چئي، پوء ٻانچارئن پرت،
اِن آڙانگي پنڌ جي، ڪا ليشن پوء نرت،
سيني وڏي ست، جا اهڙيءَ پر پنڌ ڪري.

( ۱۱ )

ٻنِ ٿا ٻلائينِ، اوٺي آج آيڪڙا،
پهَ، ٻارسيون ٻاڻ ۾، ڏير ڏيهاڻي ڏينِ،
هوت پنهون ٿا نينِ، ٻاروچي ٻولي ڪيو.

( ۱۲ )

ٻنِ ٿا ٻلائينِ، اوٺي ڳهٽون آباهرا،
هوءِ جي هلڻ سنديون، ڳاهون ڳالهائينِ،
سون ڪي ٿا مارينِ، سجڻ سانباهي ڪيو.

( ۱۳ )

"هَٻي هَٻيا" ڪيو "هاءِ!" ٿي ٻاڻ هٻي سِر ٻاهٽين،
لَڏائين لطيف چئي، جتنِ سندي جاءِ،
شڪر ٻارِ سنداءِ، جئن سٽائي سانت سڙي.

وائي

لالن آيڙو ٻهي، وِنڙا سور سيٺي،
جيسِ جيسِ ا وو جيڏيون، منهنجو لالن آيو ٻهي.
ڳالهيون ڪنديس ڳجهيون، منهن مقابلِ ويهي،
جيسِ جيسِ ا وو جيڏيون.

ڪتوريءَ بار پري، آيو ڏونگر ڏيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
سرڪشي سردار سين، سون ڪميٽي ڪيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
هٿي شڪستي سٿي، راز ٻنهونءَ جي ريهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.

## داستان ٽيون

(١)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ڪرها م ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، آڳانڊو آهيو،
لاڳاپو لاهيو متان منهنجو سپرين.

(٢)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ليڙا نيو م لڙ،
نيو نمائي ٻاڻ سين، ٻانهيءَ جهلي ٻر،
سون کي ماري منجهه ٿي، سندي هوتن هڙ،
ڪڇو لائيان ڪر، ڪيڇان اوري جي وران.

( ۳ )

ڪيچان اوري ڪٿيين، وڻ نہ ويساهين،
ڪيڏي ڪيچين لئي، ٻورج پراهين،
تاڻيج تيڏاهين، وارج ڪام ورڻ جي.

( ۴ )

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون سيون،
واٽون ويہ ٿيون، ڪہ چاٽان ڪيهي ويا.

( ٥ )

الا! آچن آوءِ، جن آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پر ڪهين، جتن سندي جوءِ،
انگهي لڪ، لطيف چئي، مٺيان هوتن هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ، جي سچانان سات ڏٿي.

( ٦ )

ڪيچان آيو قافلو، عطر آنداٿون،
ڪتوري خوشبوءِ ميں، وڻ ٽڻ واسياٿون،
پسنديئي پنهونءَ جام کي، وسريون وچاٿون،
خيما کوڙياٿون، وريو بخت ڀنڀور جو.

( ٧ )

ڪيچان آيو قافلو، ساٿ ڏٺي سرواڻ،
وار وڏي واڳون ڪريان، پٺان هوند پلاڻ،
جهڙو پنهون ڀاڻ، تهڙي سِنا ساٿ جي.

( ٨ )

ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاريءَ توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ،
لڪ لهي نِي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

( ٩ )

ڪيچان آيو قافلو، جنگ سونهاريءَ جوڙ،
تليارا توڏن ڪي، ڪچيءَ سونهن موڙ،
دولت چايان دوڙ، جي مون نيو پاڻ سين.

( ١٠ )

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاريءَ رهڻ،
بوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي پسان روءِ،
لنگهي لڪ لطيف چئي، پچان ڪيچين ڪوٽ،
ڪولي ٺيان ڪلبوءِ، جي مون نيو پاڻ سين.

( ١١ )

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پايان،
پٽي جا پيرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون ليو ھاڻ سين.

( ١٢ )

ڪيچان آيو قافلو، چامڻ منڊ ر چام،
پسندي پنهونءَ کي، آڪن ڪيو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نيو ھاڻ سين.

( ١٣ )

مزمانن مهري، آئي جهوڪيا جهوڪ ۾،
چانئي چنبن ۾ ويا، جڻن ھاز سٽي بحري،
کوهيارو قهري، ويو نهوڙي ننڊ ۾.

( ١٤ )

ڪيچي ڪالهہ ڪهي ويا، آديون آڌيءَ رات،
جاڳان تان جيڪين ٿيو، ومائيءَ پريات،
قوڙائو فقير کي، ڏنو جتن ذات،
رفيع الدرجات، پرمل پنهون ميڙيين.

( ١٥ )

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا پرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ڀري ويا هٽ،
ساه جنهين جي سٽ، وڪيم تنهن ونڪار ۾.

( ١٦ )

مون پانيو مزمان، هميشه هوندا پرين،
کِهي ڪميٽي هليا، کهل ڪيائون ڪان،
ڏيئي ويا ڏاه کي، سورن جا سامان،
جورو رات جوان، جيڏيون جت ڪري ويا.

( ١٧ )

پانهنجي سروان، چلائيندم چير ين،
ڪانئم هوند پلان، آءُ ڳڏايم آن جا.

( ١٨ )

سائيڙن سوير، آئي آءُ جهڪائيا،
هيئڻن نه پانهنجي جيڏيون، نه ڏاڍي ڪندا ڏير،
آئيس آئون آوير، ڪري سج سنجهي ويا.

( ۱۹ )

جهوڙا جن جهان ۾، هيري لک هزار،
لکيا وات وڻن جا، ننهونءَ کي ٻالار،
آن کي ويندا ڪڍيا، اهڙيءَ سٽ سوار،
لنگهي ڪاله قطار، تون، اُني آڄ نهارين.

( ۲۰ )

ڪاڏي منهن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو،
هڙو سات پنيور تان، ڪڏهين ڪونہ پيو،
ڪوهيارو ڪام هٽي، چوري چت ويو،
جنين جت نيو، تن آئن گهوري آهيان.

( ۲۱ )

بره مٽايس بر، نات سگي ڪير سڏون ڪري،
گهڻون ڏوريان ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آيس ور، سفر سي جا ساب پيا.

( ۲۲ )

ور ۾ ڪونهي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو،
نهاريندس نڪٽي، بوتن ڪارڻ بر،
اڏو ٽکر تر، متان روه رتيون ٿيين.

( ۲۳ )

وَر وَراڪا وِچ ۾، لَڪِين آڏا لَڪَ،
هو جي آڏا حَق، مي ڪَندا ڪوهُ ڪَئي ڪي.

## وائي

هوت! نَہ ڀانئِم هِيئَن، آئون جا ماري، سَجَڻ تَنهنجي نِينهن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.
لَکون لَڳِنِ ڪوسِيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.
عِشق آريءَ جام جي، ڪِيس لَمائي نِينهن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.
جهونڪاريندي جهنگ ۾، ڏونئين ڏئُري ڏينهن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.
آنءَ جا چَڏي ڇپرين، ڪيچ رَسندي ڪِيئن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.
وِلهيءَ هِت وَسائيا، سَندا محبت مِينهن،
وا! چَڏي تون کو ڇَپر وِيندين.

## داستان چوٿون

( ۱ )

وارو! وَرَ وَلِي وِيا، آرِيچا آظلام،
آندائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغام،
پَهَه ڪيائون پاڻَ ۾، سوُنهان مخفِي مام،
سنيوڙا ساڻ ڪَٽِي، وِيساهي وَرِيام،
ڪاڪيون! راتِ قيام، جيڏيون! جَتَ ڪَري وِيا.

( ۲ )

وارو! وَرَ وَلِي وِيا، ڪَرِي ڏيرَ ڏِنڪِي،
مون وِلهِيءَ ڪِين وِنڪِي، سام پروڙِي منجهِ جِي.

( ۳ )

وارو! وَرَ وَلِي وِيا، هاچون هوتَ ڪَرِي،
آڏيءَ اَئِي هَلِيا، سچون شهر ڏَرِي،
هيءَ ڏَڪِي هِتِ ڏَرِي، هوءَ وَجِي ڪيچِ قَرارِيا.

( ۴ )

وارو! وَرَ وَلِي وِيا، جابرَ ڪَرِي جوڙ،
بيدي ٿيو پنيوڙ، حشرَ ڪَرِي هَلِيا.

( ٥ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ڪَري ڏير ڏمَرَ،
هاڻي ٿيو حشر، ٻنان قول قيام جا!

( ٦ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ڏير ڪَري ڏورو،
ساجن ري، سرتيون! آتڻ آڏورو،
ني سين نسورو، حشر ڪري هليا.

( ٧ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، جوري سين جابر،
صبر ڪِئن صابر، آچي عجيبن ري.

( ٨ )

وارو! وَرَ وَنِي وِيا، ڏاڙهيءَ ڀنيا ڏير،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، انهين لئِ الير،
ڪيچ پهچي ڪير، وچڻ سين وس ڪريان.

( ٩ )

منجهي مون نه منياليو، ته ڪي اوني ڪندا ايئن،
ڪهي ڪميٽي ڪئن، جڏي رات جتن ڪي!

( ١٠ )

سَنجهي مون نہ سَنپاليو، صُبحَ مارِيمِ سور،
جَتنِ لاءِ ضَرور، گهٽا گهارِيمِ ڏينهڙا.

( ١١ )

سَنجهي مون نہ سَنپاليو، صُبحَ مارِيمِ سور،
آڌيءَ راتِ آڌَميو، ڏينِ هَلَتيو پور،
جَتنِ جي ضَرور، مادرا ماري آهيان!

( ١٢ )

سَنجهي مون نہ سَنپاليو، ماريس سور صبوح،
نيڻ هيرايٺي ننڊ سين، جَتنِ لَنگهي جوءِ،
هاچو ڪري هوءِ، آڌيءَ راتِ آئي ويا.

( ١٣ )

آڌيءَ اوءِ آئي وِيا، ڪر رِکيائون ڪيچ،
باروچاڻي پيچ، مُنهنجو مَن مَنجهائيو!

( ١٤ )

جَڏيءَ وَٽ جاني، مانَ لِلهِ ڪارڻ لِڪَ مينءِ،
آهي آريءَ ڄامِ جي، هِتَ هَتَ حوالي،
عيبَ مون ۾ آڳرا، مانَ نِرملَ نِڪالي!
پرِئياڻي پالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي.

( ١٥ )

پريَنِ پاليا سِ، پانِيڻِ پيٽِي آهيان،
حسنُ هوتَ پنهونءَ جي، ماري موت وڌِياسِ،
جانڪِينُ تان جيندِياسِ، پِس وِر وِصال جي.

( ١٦ )

پرِيَنِ جي پاڙي، جاڙ گُذارِيمِ، جيڏيون،
جنهِين مون کي مارِيو، سورنِ سين ساڙي،
ارادي آڻي، سانگين سين سڱُ ڪيو.

( ١٧ )

آسين پاڻ پرڪ، پورهيت پنهونءَ جام جا،
هوتَ ڪتوريءَ ميرُنون، مون ۾ صابڻ چٽ،
آتڻ منجهہ آڪِنتَ، ڪانڌ ڪهين جي ۾ ڪري!

( ١٨ )

گڏيو ڏوهين ڏوءَ، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
آني آريءَ جام جو، قاصدُ آيس ڪوءَ،
”اِيءَ ڪامل ڪم نہ سندو ءِ، جئن پهس پڇاڙين هوتين.“

( ١٩ )

نَڪو ڪيچ پنهورَ، نَڪو مائٽ مَنڌَ جو،
هورَ مِڙوئِي هِنَ کي، هوتَنِ ڪونهي هورَ،
زاريءَ ڌاران زورَ، هَلي ڪونہ حَبيب سين.

( ٢٠ )

چوري، نِدوري، نَڪو مائٽ مَنڌَ جو،
سوين هَلَنِ سات ۾، ڪَمي ۽ ڪوري،
آئون پِڻِ آهيان اَنِ ۾، لَنگهي ۽ لوري،
لَنگهائيين، لَطيف چئي، ٿَرَنِ جا ٿوري،
آهِيان آزوري، تنهنجي جوري جَبلَ لَنگهيان.

وائي

چا ڪي تا ڪَرہ قطارِيو، ووا مونَ نِمائِيءَ تان ڪي نہ چيو.
لله ڪارَڻِ اوٺيا، آئين واڳ وَئِي وَرَ وارِيو،
ووا مونَ نِمائِيءَ تان ڪي نہ چيو.
رَهو رات پنهور ۾، تان ڪا گھَڙِي هِتِ گهارِيو،
ور مونَ نِمائِيءَ تان ڪي نہ چيو.

سڪِي جنهن سَڱ ڪِيو، تنهن مَعذُور ڪي مَ مارِيو،
ووا مون نِماڻِيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! دوست دَرسَن ڪارِيو،
ووا مون نماڻِيءَ تان ڪي نہ ڇيو
موڙي مَجَر ٿارِيون، ڇانگن ڪي آئين چارِيو،
ووا مون نماڻِيءَ تان ڪي نہ ڇيو.
آيَري عَبدَاللطيف ڏي، واڳ وَنهيل آئين وارِيو،
ووا مون نِماڻِيءَ تان ڪي نہ ڇيو.

## داستان پنجون

( ١ )

نين نِهارا مون ڪيا، مٿي واٽڙين،
ايندا مان هسن، اوڻي آريءَ جام جا.

( ٢ )

نين نِهارا مون ڪيا، ڪيچين ڪارڻ ڪالھ،
ايندا هسان شال، اوڻي آريءَ جام جا.

( ٣ )

لِڱ نِھارا مون ڪيا، اولِڱ ڪارڻِ آجَ،
پَنھون جاما پھچَ، تہ، آري! اولون نہ ٿيان.

( ٤ )

لِڱ جي نِھارِين، سي آجَ نہ اولي آئيا،
ھنجون نہ وسائينِ، ھاڻي پَنھون جام ري.

( ٥ )

نيڻ نِھاري مَنھنجا، روئِي ٿيا رَتَ،
پَنھون ھوءِ پھتَ، تہ ھاري نينِ ھاڻ سين.

( ٦ )

نيڻ نِھاري مَنھنجا، رَتَ ٿيا روئِي،
ڏکَنِ جي ڏوئِي، آھي ھتَ آسونھنِ جي.

( ٧ )

آجَ آڱڻ ڪيٽانِ، آسَ لڳي سوريان،
ڏونگر ڏينھن لڳانِ، مانَ وَرِڪنِ مَيرِين.

( ٨ )

ڏونگر لڳن ڏينھن، مانَ وَرِڪنِ مَيرِين،
ڪوس نماڻي نينھن، آيل! ھاروچنِ جي.

( ٩ )

نيہ نهاري سَنهنجا، روئي رتَ ڳيا،
جي هئان هوت ويا، سي آڇن ته آڇي ٿيان.

( ١٠ )

جڻن سو هرڻ هماءَ، سرگردانُ سنسار ۾،
هيءَ هڪَ نه کوڙي ٻين، هو ڏڙ سر ڏري نه ساه،
جيکس تن ملاءَ، سسئيءَ سور پرائيا.

( ١١ )

رات ڏنائين روجهه، پانءَ ڪ اوني آئيا،
پريتني پرين جي، سکڻ ڪي سوجهه،
هئي گهٽون آبوجهه، سورن سونهائي سسئي.

( ١٢ )

روجهه ڏنائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توءِ تنين جي تات،
پاروچائي ذات، منان سي نه وسري.

( ١٣ )

جبل ۾ جانار، سره گڏ ٻئي سسئي،
پنيءَ پوءِ پوارڻي، پاڻيہ جي پاڪار،
هوتاڻي هبڪار، مؤلا! مون کي ميڙيين.

( ١٤ )

سَرَ ڪَنڌِ ٻِئي سَسُئِي، سوڙهي مَنجهه سَبيلَ،

ڪاهي رَسندا ڦَهِريا، جت تَڪڙا سِين تَعجيلَ،

آرِياڻي آصِيلَ، آتِ پِيادِيءَ کي ڀَڄ تون.

( ١٥ )

سَمرَ جَنهِين نه ساڻَ، هوتَ حِماتِي تَنِ جو،

ڪَري ڇيڇ ڇپر ۾، پَنهون ايندو پاڻَ،

ڏِيندي رِيجهه رِهاڻِ، لَحظِي مَنجهه لَطيفُ چئي.

( ١٦ )

ڀِڃي ڀِي سَرهِي ٿِئي، جِي مِينَ لَنگهيا مَس،

تَنَّ تَنهن کي ناهِ ڪو، لَڪَ مِڙيئي لَس،

حُبَ جِنهِين کي هوتَ جِي، وِندُر تِنهن کي وَس،

سَندِيءَ چانگن چَسَ، پير نَرندءِ پَٻَ ۾.

( ١٧ )

سَسُئِي لَنگهيو سو، مَرد جِنهن ماتَ ڪيا،

جَبَلَ وَڏو جو، اونِ مِڙوئِي نِينهن کي.

( ١٨ )

جبل ماري جڪ، جو آڏو آريچن ڪي،
توڙي لڪن لڪ، سي لنگهيندين سڪ سين.

( ١٩ )

جبل جيڏو ئي، جو آڏو آريچن ڪي،
وٺي ور واٽ ويا، برفت بروهي،
رڃن ۾ روئي، پسان شال پنهونءَ کي.

( ٢٠ )

جبل سڃن جال، آڏا آريچن ڪي،
هاڙهي ڏانهن هٿ ڪئيو، ڇپر مڙان شال!
ڪيچي ونڙم ڪالهه، تي ٿي ڏونگر ڏوريان.

( ٢١ )

ڇپر ڇمر پانئيان، ڪانيو ۾ ڪارو،
پب وجهنديس پٽ تي، صبح سوارو،
وڃڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.

( ٢٢ )

ڪين وهنديس وچ ۾، هلنديس ڪري هاءِ،
ساڄن سندي ساءِ، ڏونگر ڏورڻ مون پيا.

( ٢٣ )

چپر ۾ چمر، تا لڳہ لڳن پاڻ ۾،
آڏا ڏونگر ڪرڪرا، ويڙ، ونڪايون ور،
آئون پيادي پنهين، نماڻي، نڌر،
سوريون جت سگهر، آت پاتاڙيءَ پيلي پنهين!

## وائي

هينئڙو ته مڻ ساري، منهنجو ساهُ سيدُ ڪي ته ساري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي.
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
هوتن هلڻ مون ۾، ڪير گهڙي هت گهاري؟
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
آسر پري آهيان، مان واحد آئين واري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
پنڌ آڙانگا پنهين، مون کي ڪوهيارو ته ڪاري،

جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

سچو سخن سپرين، مان پنهل پنهنجو پاري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

چيرو اندر چندڙي، وبو پاروچل پاري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

وڏا ڪم ڪريم تي، هن ويچاريءَ واري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.

## داستان ڇهون

(١)

آڏ تراچا، آهوا، ڏاڪا ڏونگر ڪي،
هو جي ور وندر جا، ماريندا مون ڪي،
ماڙهو هيڻيءَ ڪي، لنگهائج، لطيف چئي.

( ۲ )

آڏ ترا ڇا، آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪِيم آهه عجيب ڪي، مِڪ منجهان ساڪا،
پيئي هٿيڪِي هوت ڪي، ڪوڪ وڃي ڪن ڪا،
منهنجو وَسُ واڪا، پڌڻ ڪم پروچ جو.

( ۳ )

آڏتراڇا، آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
وٺي ور واٽ ٿيا، بر چڙهي بانڪا،
قتيا پير فقير جا، چڙهندي چڙهاڪا،
هين جيءَ اندر جاڪا، ويا ڇڏائي پانهنجي.

( ۴ )

آڏتراچا، آهڙا، وندر وراڪا، ورُ،
حب جنهين ڪي هوت جي، سا ڏوريندي ڏونگرُ،
ڀڃايين، پرور! لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ۵ )

آڏتراچا، آهڙا، وندر وراڪا، واڪ،
اجهاڻيو اُنِ جي، قوڙائي فراق،
پنهون پرمل پاڪ! واحد لڳ، وربيح تون.

( ٦ )

آڙتراچا، آهڙا، ونگا ور وانِ،
جيرا، جگر، ٽڪيون، آريءَ لئي آنِ،
ڪسي ڪنوانِ، سنيوڙا سيدّ چئي.

( ٧ )

ڪوڙ نہ ڪاتي، جنهن سان ٽڪر ڏانڪيان،
جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاڻي،
پرين جا ڀاتي، سا جڙ جٺري نہ لهي.

( ٨ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي، جت برپٽ، بيران،
ڏاهن ڏاهپ وسري، ٿيا حريف ٿي حيران،
سسئي لنگهيو، سيدّ چئي، محبت سين ميدان،
جنهن جو آرياڻي اڳوان، تنهن جي ڪانهي ڀاڪ ڀهير ۾.

( ٩ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪه گهٽي، جت وانِ تي واري،
آڏا لڪ، لطيف چئي، بر سجن باري،
جا منزلن ماريءَ سان، قادرا ڪيچ رسائيين

(١٠)

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت جبل گونا گون،
ليڙن جيون، لطيف چئي، تنگ تنواروں پون،
جن ڏِنو پير پنهون جو، سي نہ ڪي رون نہ چون،
هوندن مٿي هون، لا ڳاڻا هن لوڪ جا.

(١١)

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت ماتر مٿا هين،
سجن ٿا، سيد چئي، آت مرون مھائين،
تون آرياڻي آهين، منهن معذورن جي.

(١٢)

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت ويا روڏا رنڪائي،
اڳاهي سيڻن جي، ٿي ولڏر واجهائي،
رهيس، رس، لطيف چئي، تنهن ڪميڻي ڪاهي،
آرياڻي آهي، منهن معذورن جي.

(١٣)

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت رڻ تتو راڻو،
تتر ٿئي م تن کي، ڏونگر ڏاڻو،
جڏهن جام پنهون جاڻو، تڏهن ٿي وس ونڪار ۾.

( ۱۴ )

ماڻڪ مٽ سندومِ، آونداهِيءَ ۾ سوجهرو،
حشر وِيل حِساب ۾، ڇڏي نہ ويندومِ،
سارِيو سڏ ڪندومِ، ڪوهيارو ڪيچ ڏِئي.

## وائي

( ۱ )

وِينديس ڪيچ ڪهِي، سِپَرِ ساڻ سهِي،
وو! پينرا آئون جِينديس تان نہ جتنِ ري.
وِهان ڪِٿَ ماڻ ڪري، هيڏو سور سهِي،
وو! پينرا آئون جِينديس تان نہ جتنِ ري.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، سارِيان ڪونہ سهِي،
وو! پينرا آئون جِينديس تان نہ جتنِ ري.
صبح ڏونگر ڏورِيان، ڪِنهن پرِ راتِ رهِي،
وو! پينرا آئون جِينديس تان نہ جتنِ ري.

## وائي

( ۲ )

گهمان جبال جبل، مِيان، جيڏيون جانب جت لئِي،
ڏورِينديس ۾ ڏونگرين، ڪنديس آئون آچل،
جيڏيون جانب جت لئِي.

هيڏي شهر ڀنڀور ۾، رهان نا هڪ پل،
جيڏيون جانب جت لئي.
ڀنهون پاڻ نه وڃڻو، ڪو مونهين ۾ ول،
جيڏيون جانب جت لئي.
اوڏي ٿيي، عبداللطيف چئي، هوت ڪارڻ هل،
جيڏيون جانب جت لئي.

## داستان ستون

( ١ )

ڀنهونءَ سين ڀريت جو، ڪو جو ٻيچ ٻيوم،
ڀنڀي هن ڀنڀور ۾، وهن وه ٿيوم،
متيون مونکي منديون، ڪاڪيون ڪيم ڏيوم،
سرتيون ساه سندوم، لبو حوالي هوت جي.

( ٢ )

ڀنهونءَ ساڻ ڀريت جو، ڪو جو ٻيڙم ٻيچ،
ڪنديس ڪشالا ڪاف جا، هاڙهو پائيان هيج،
ڪاهي مٿڌيس ڪيچ، ديرو دوست ڀنهونءَ جو.

( ٣ )

ڪجاڙنان ڪاهي، شتر آن سينگارِيا،
تلبون، ڏونر، هلوِيون، وِيا چيرون چمڪائي،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، وِيا ڪرهل ڪڏائي،
ٻانيءِ ڪي ٻروچ جو، آسرو آهي،
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير تي.

( ٤ )

ڪو منهن ڪنلِ آئيو، وس نہ ويچاري،
هوت تنهنجي هٽ ري، ٻچي نہ ٻاري،
آچين جي آري، تہ ٻاند ٻچي، لڪ لنگهيان.

( ٥ )

ڪڏهن تان ٻاجهہ ٿئي، ساڄن مچ سلام،
سِڪ تنهنجي سپرين، ڪيو تن تمام،
هٿين حاج وہ ٿِيي، نيٿين ننڊ حرام،
د وس نہ سهان دام، تون ولڊر نو ويلا ڪر ٻن؟

( ٦ )

ڪو منهن ڪنلِ آئيو، ذاہ ويچاري وس،
هوت! تنهنجي هٽ ري، گولي ٿئي م ڪس،
ڏک ڏکيءَ ڪي ڏس، تہ موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

( ٧ )

سَرهي مَنجهان ساٿ، آئي بوءِ پنهور کي،
ٻيئا بازارِ ۾، لائي جت جبات،
سنڌيءَ هوت حمات، ڪيچ ڀِٽو قافلو.

( ٨ )

بر مِڙوئي بوءِ، ڇپر ڇانُون مَڪيون،
ڀِهِ ڀِهِ ٻِي پنهور ۾، هنڌَ مِڙيئي هوءِ،
راتِين وَري روءِ، گونڊر لتا گوليين.

( ٩ )

جڏهِن ڀِٽيي ڇٽ، ڇپر هوت پنهونءَ جي،
ڀرهي وِٽيون پٽ، گونڊر لتا گوليين.

( ١٠ )

جڏهِن ڀِٽيي باس، ڇپر هوت پنهونءَ جي،
آديون آريچن جا، وَٿن مَڪا واسَ،
آيل! ٿِني آس، پنهون آيو ڪيچ ۾.

( ١١ )

آيَل! اوطاقون، ڪري ڪيچي هليا،
سَڪيون نہ سيٽَن جي، ماڪَن تان ماڪون،
نِسوريون ناڪون، سڃي هليا سور جيون.

( ١٢ )

جتن سان جانکون، سرتيون! مون سگ ٿيو،
کري کوهيارو ويو، تن چني تانکون،
آن ٻن تڏاکون، آڏ ڏکوئي آهيان.

( ١٣ )

متان کا ٻڙي، ٻول ٻاروچي وسهي،
هوند نہ متيس سرتيون، وٿي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوء ۾، گهارن مان گهڙي،
کيچين آن نہ کڙي، کنهن ڏکيءَ ڏاوڻ ڏائيو.

( ١۴ )

سکي جان ستياس، تان سِک سمهڻ نہ ڏئي،
جاڳي ستيس جن لئي، سي آيا تان نہ اٿياس،
پينر آئون پلياس، نت سِک سمهڻ چا لڳي.

( ١٥ )

ڏيرن ڏوه نہ جيڏيون، ماءُ، مڙيوئي مون،
آئون آسونهين، او سونهان، پرين سندا ٻريون،
اصل آريءَ چام جو، ٻاند نہ ٻجتوسون،
جنهن جو تونهين تون، سي پيادون پهچائيين.

( ١٦ )

آديون آئون نه تِلن، جِلن ڀِريتئون ڀِرين سين،
ٻڏي سَتيس سوگهو، چلور چاتيءَ سِيڻ،
تہ ڪيِجي ڪاهي ڪرها، مونهان وَجن ڪيڻ،
ڏوه مَنهنجي ڏينهن، پنهونءَ کي ڪا مَ ڇِني.

## وائي

( ١ )

لَڳِڙي آه لَغار، وو يارا لَنءِ لَنءِ لالَن جي،
سَنڌ سَنڌ ۾ ساجن جي،
آئون سُتي، هو هَليا، سَنجهي ڪري اُٺ سوار،
وو يارا لَنءِ لَنءِ ۾ لالَن جي.
جيڪين اورڻ پِرينءَ سين، جيڪين پِرينءَ ٻچار،
وو يارا لَنءِ لَنءِ ۾ لالَن جي.
ڪوه سي جيئن ڏينهڙا، جي هون پرينئان ڌار،
وو يارا لَنءِ لَنءِ ۾ لالَن جي.

لَڳِي آهي، نہ لَهي، سندي عِشق ھچار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.
ڪَهُڙن اَڪندي آهيان، تَنِ جَتنِ جي جِنسار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.
گَڏي وِيندِيس ڪَن ۾، ڪاڪيوڙن! سانڍ قطار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.
ميخون مَحَبت سنديون، هِينڙي مَنجهه هزار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.
ڪانگَنِ قَطارون ڪِيون، ڇَڪيءَ ڪي چوڏار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.
آئون نِماڻي نِڪتِي، دَمِج تون دِلدار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَنَ جِي.

## وائي

( ۲ )

هوتَنِ بِنا نِي، مِيان! دَرد فِراق نِي، مِيان!
ٻُهونءَ مائيءَ، جيڏيون! آلولا ماري آهيان!

آديون! آريچن جي، آئون نهوڙيس نفاق،
هوتن بنا ني، ميان!
ڏونگر ڏوريو نہ ٿي، مون ولهيءَ کان واڪ،
هوتن بنا ني، ميان!

## وائي

( ٣ )

تن ٻرين کي آکنڊي آئون، لک لنگهيائون،
ڏير قراريا ڏيهہ، تن آئن کھوري آئون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻانهن آچلي ٻانهون،
ڏير قراريا ڏيهہ.
هيس ٻاس ٻرت جي، ٻانهن ڏيءَ نائون،
ڏير قراريا ڏيهہ.

## وائي

( ۴ )

چوري چڏم چيرين، ٻاروچل! ٻانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
چوري چڏم چيرين.

ٻنهل ليو هاڻ مين، ٻورهيت ٻرنياٽي،

چوري چڏِ ۾ چپرين.

ٻورهيو ڪنديس ٻر جو، پرينديس پاٽي،

چوري چڏِ ۾ چپرين.

هوت! ۾ چڏيو هيڪلي، هيءَ ونڌر وڪاٽي،

چوري چڏِ ۾ چپرين.

# ڪوهياري

## داستان پهريون

( ۱ )

ليل نہ جاڳئن لڪ سيئن، کلي نوم ڪياءِ!
قسم نہ پهچ قريب ڪي، اجلس تو نہ جڳاءِ،
منيا مهمانن سين، ويهي رات وهاءِ،
جيلانهن لنذ ڪياءِ، تہ روز رهين نہ راهه ۾.

( ۲ )

ليل نہ جاڳئن لڪ سيئن، شام ستيئن سڀ رات،
اوڪي اوليون جا، تہ ههہ پچين پريات،
تہ سگهہ تنہ جي سات، تہ پوري ڪنهن پال مرين.

( ۳ )

ليل نہ جاڳئن لڪ سيئن، ستيئن رات سجي،
هتان هوتائين جيون، ويون خرزبنون ڪجي،
پوري تون پجي، سگهہ ليئن نہ سات جي.

( ۴ )

اِجلس ڪري آئيا، تنوارِيو توڏَنِ،
نوم نوازئن، آنِ کي، مرحبا موڏَنِ،
رِڙهي رمن روڏَنِ، اَليوم مِيروا، سبڻيِ!

( ٥ )

غافِل! غفلت چوڙ، تون ڪِئن، آئاسِي اوجهرين؟
چِپاٽا چڙهي وِيا، وَڃِي پهتا توڙ،
نيڻين نِنڊ آکوڙ، جِم ورنِ واڪا ڪرين.

( ٦ )

نِنڊ وِيرياڻي هوءِ، جيڏيون جِم سمهو،
متان مون جِئن پوءِ، ورنِ واڪا ڪريو.

( ٧ )

الوڙو آکِين، آيم نِنڊ آياڳ کي،
هاڻي هِن پنيور، گهاريان ڪارڻ ڪَنِ،
آڏيون! اولِيڙنِ، هينئين سين هاجو ڪيو.

( ٨ )

جڏهن سَتِيون جي، پئرِ پير ڏکها ڪري،
تڏهن تنين کي، ساٿ سَتِيئي ڇڏيو.

( ۹ )

سَتيئَن ٻير ڏِکَها ڪَري، وَڏي جاڙ ڪياءَ،
دَرَ پِرِ آيِئَن دوسَ جي، تہ سَرِ،رِ هوَندَ ٿياءَ،
آصل آريءَ جام جي، ڪَجِي تون نَہ سياءَ،
پَنهون مين پياءَ، نِي نياڪِي نِندوُن ڪرين!

( ۱۰ )

اَي ڪَمَ ڪَميئَنِ، جِنَ سَمهَنِ پير ڏِکها ڪري،
لوچين چو نَہ، لَطِيفُ چئي، هاري لَئي هوتَنِ،
ننڊان نِياڪِنِ کي، اوپالا آجَنِ،
سِي پَنهون ڪوهَ پَچَنِ، جي سَنجهي نِي رَهَنِ سَمهي.

( ۱۱ )

سَتيئَن سَواري، سَنهَن ويڙهي مَٿَنِ جِئَن،
اوجاڳو آڪينِ کي، جاتوءَ نَہ ڏِيئي،
هَٿان تو پيئي، تِي ڪَچو ڪيچِنِ کي ڪَرِيين.

( ۱۲ )

سَتيئَن سَواري، سَنهَن ويڙهي مَٿَنِ جِئَن،
ڏِنَئي نَہ ڏيرَنِ جا، چوڏاري چاري،
تيلان ويچاري، ساٿ سَتيئي لَڏيو.

( ١٣ )

اوجاڳو، آڇاڻ! ڪيئي نہ ڪميئين جنّن،
آساري آهڙيءَ پر، پيئي ڪيچين مين ڪاڻ،
پانهي ڇاپو پاڻ، ٿي سچيون راتيون سمهين!

## وائي

ڳالهه ڪا ۾ ڪري، ليکيو تان لہ نري،
پڙي! جيڏيون! منهنجي، ووا شهر پنيور ء.
جو سينگار مرتيين، سو سون ناہ ڳري،
منهنجي، ووا! شهر پنيور ء.
جهڙي تهڙي حال مين، وڃان پير پري،
منهنجي، ووا! شهر پنيور ء.
جنهن وڻ هيٺان هليا، سڄو سانگ ڪري،
منهنجي، ووا! شهر پنيور ء.
لاءون تنهن وڻ منديون، لوڏيان، لايان ڳري،
منهنجي، ووا! شهر پنيور ء.

قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پوڙي؛
منهنجي، ووا شهر ڀنڀور ۾.

## داستان پيو

( ۱ )

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات ڀٽر ڪير ڀنڌ ڪري.

( ۲ )

ڏونگر ڏک سنداءِ، ڀرينءَ ڪڏجان تہ چوان،
ڀنيءَ ٽيبن ڀوارئون، ڀيا ونگا ور سنداءِ،
ڇگي ڪان ڪياءِ، ڀير وڃائي ڀرينءَ جو.

( ۳ )

ڏونگر ڏس ڀرين جو، تاف تہ ڏيين ڪو،
قطاريا ڪالهہ وڀا، توڏا وٿان تو،
هوت مٿي جو هو، ڪو ساڄن آنهيءَ ساٿ ۾.

( ۴ )

ڏونگر ڏس ڀرين جو، ڪاف نہ ڏيين ڪل،
قطارَ ڪالهہ وَيا، توڏا توهين جهل،
سٽي هوت هڪل، سان پڌي پاروچو وري.

( ٥ )

ڏونگر ڏوراهو، ڀرين جونديس ڀرين[4] کي:
"پهڻ پير ڀٽون ڪيا، ترٻون چنيون تو،
رحم نہ پيئي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس، وو، مون سين جبل توجاڙوڻ ڪري."

( ٦ )

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آئون آڳ ڏکوئي آهيان.
سارِيان ڪون سکوءِ، سور ڪهڻي سنيران.

( ٧ )

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
کهٽون پيچڇي تن کي، جن وڻان هوت وڃن،
تون ڪئن سندا تن، پهڻ پير ڏکوئيين.

( ٨ )

ڏونگر ڏک ٿئي، ڪيم تو سين ڪالهڙي.
ٻاٽان آئون مٿي، سور سٽائي پرينءَ جوا

( ٩ )

ڏونگر مون سين رو، ڪڏي ٻار ٿنهونءَ جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوهه، مون سين ايرادي اٿن ڪيو.

( ١٠ )

ڏونگر ڏکويون، تو ۾ اورڻ آئيون،
جي آڇن ڦوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

( ١١ )

ڏونگر ڏکوين کي، ڳلِ نه سڪا ڳوڙها،
هو جي ٻهن پٻ جا، پڇي ٿيا پورا،
ڪونڌر جا گهوڙا، وڃن جانِ جدا ڪيو.

( ١٢ )

ڏونگر ڏيهاڻي، ٻاڻ مٿان تو گهوريان،
تو منجهه رهاڻي، سدا ٻاروچن جي.

( ۱۳ )

ڪِي جِي ڪَڍِيا ہارَ، ڏَڪِيءَ ڏُونگَر ہاڻَ ۾،
مَٿِي سا تَنوارَ، مِرُون پِيا ماٻري.

( ۱۴ )

ہِٿِي وِيَنا رُونِ، ڏَڪِي ڏُونگَرَ ہاڻَ ۾،
ڪنھن کي ڪِينَ چُونِ، مَنجھنِ جو پِرِيَتُونَ.

( ۱۵ )

آجَ ہَنِ وِينو روءِ، ڏَڪِي ڏُونگَرَ ہاڻَ ۾،
ڪوهِياري جو ڪوءِ، آچِي سور آڏمِيو.

( ۱۶ )

ڏُونگَرَ پُونِين ڪير، سَجھَ مِيخُون ڏونگرين،
هِهڙا سِيھَ سَڏِيرَ، ڪِينَ لَهَندِيئَن ڪِي پِياه.

( ۱۷ )

تَپِي ڪَندبِن ڪوهَ، ڏُونگر ڏَڪوِين ڪي،
تون جي ہِھَن ہَپ جا، تہ لِگ منھنجا لوهہ،
ڪنھن جو ڪونھي ڏوهہ، آمر مون سين اِئين ڪيو.

( ۱۸ )

ڏونگر، تہ ڀلي، ڏجي ڀنِ ڀلينِ ري،
ڪان چلندي چڀرين، سانئِس سهيلي،
چوليون چنبيلي، جتن تلن جهاڳي آڪتي.

( ۱۹ )

ڀڙي! تہ ڀلي ڪهٽان، سانئي اچي سڪ،
رفاقت رجنِ ء، ڏونگر ڪاري ڏڪ،
آريءَ جو آهڪ، مون رهنما راه ٿيو.

وائي

آهيان جنِ سندي، ڙي آڙي ميان!
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڀهائيندِيس ڀنهونءَ ڪي، آئون ڪِچيءَ پائي گندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ويني آهيان وات تي، آهيان آسروندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.

ٻرينءَ ٻجاڻان هتهين، آئون رتي تان نہ رهندي،
مون کي تانڻ، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڪرم ساڻ ڪريمَ جي، آئون ٻرينءَ ملندي،
مون کي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.

## داستان ٽيون

(۱)

رويو ويٺي راڳ، آمرِ اوريان نجهري،
لاٿو مون ڏيهہ، وٽن ساں، لاڳاپو ۽ لاڳ،
ڏونگر سي ڏوريندي مون، جن اندر ٻري آڳ،
هوتاڻي هن ساڳ، مون کي ڇڏِ ۾ ڇپرين.

(۲)

مون کي ڇڏِ ۾ ڇپرين، هتِ، هوتاڻي هاڻ،
اوڏي منڌ انن کي، الله ڪارڻ آڻ،
ٻورهيو ڪنديس پاڻ، آڪيان آريچن جي.

(۳)

مون کي ڇڏِ ۾ ڇپرين، هوتاڻي هن هنڌ،
تو مين ٻونديس پنڌ، ڏينديس باهہ ٻنڀور کي.

( ۴ )

مون کي ڇڏِ م ڇپرين، هاتڪ هوتاڻي،
توهين لئي ڪاڻي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

( ۵ )

مون کي ڇڏيائون ڇپرين، پوءِ رهايس ’پاڻ‘،
جي پلايون پاڻ، تن کي رمز رسيلا راهه ۾.

( ۶ )

سَتي هون ڇرڪ، آيل، پاروچن جا،
وَمِ وهائي، ووءِ ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوٽيو تنهن ڏڪ، جڏهن جيئن نه ٿئي.

( ۷ )

سَتي هون ڇرڪ، آيل! پاروچن جا،
پنهونءَ جي پيڪان جيون، راسيون منجهان رڪ،
هنيم هوت ڪرڪ، لوچان، لوهه نه نڪري.

( ۸ )

جيهي جي تيهي، تپ پانهي پاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،

آصلِ آريءَ ڄام جي، ٻلءِ آئون ٻيٺي،
هوءِ جا ٻانِ ٻير ۾، تنهن جتيءَ نہ جيٺي،
وساري وٺي، تن ڪيچين ڪي ڪٿن رهاڻ.

( ٩ )

هئي، جي نہ هئي، تپ ٻانهي ٻاروچن جي،
اِن مگ مقابل مستي، سنڌين ٿي سٺي،
هن تان لڄ لٿي، هن جو هلڻ هوت ڏي.

( ١٠ )

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهي، ٻانهوٽي،
پئي ٻاروچي هٿ ۾، ڇڪن مير چوٽي،
ٻانهن ڪي موٽي، ٻانهي پچندو ٻپ ڏئي.

( ١١ )

ڪنيزڪ ڪيچين جي، ٻانهوٽي، ٻانهي،
مي ڪٿي وڃن وسري، جي جيءَ آندر جاني،
اڳئين آماني، شال ڪيچين جي ڪام ٿئي!

( ١٢ )

صدا وڏيو سور جي، اکيان ڪوهياري،
جو نجس نڪاري، سو ٻنهون وڏو ٻاند ۾.

## وائي

مون کي نيندا ماڻ، پاروچا پاجهه پئي، آلوا آلوا
ڏيندا سون ڏکيءَ کي، الله لڳ آمچاڻ،
پاروچا پاجهه پئي.
لاتقنطوا من رحمة الله، پرين چيو پاڻ،
پاروچا پاجهه پئي.
إن الله يغفر الذنوب جميعاً، سچو اي پرياڻ،
پاروچا پاجهه پئي.

## داستان چوٿون

( ١ )

ڪانو، نہ وائو، آديون! آريچن جو،
لکي پٻ پري پيا، چڏي رڻ رائو،
ڏيئي ڦوڙائو، ويا ويچاريءَ سپرين.

( ٢ )

ڪائي، نہ وائي، آديون آريچن جي،
ڪنهن پر ڪهي لنگهيا، جبل جهاجهائي،
جيڪس واجهائي، هائي مرنديس هوت لئي.

( ۳ )

هَلَڻَ سهان نہ هوت جو، وڃڻ آئون گهوريان،
هون هميشه هتهين، ته ڏونگر ڪه ڏوريان؟
آڪين سين اوريان، پسان شال پنهونءَ کي!

( ۴ )

هَلَڻَ سهان نہ هوت جو، وڃڻ مون نہ وس،
الله! آريچن جي، گولي ميڙبين گس،
پربن، پنوار تو پچان، ڏونگريا مون ڏس،
آڪين جي آرس، منڌ ڄيهائي جوڙ کي!

( ۵ )

هَلَڻَ سهان نہ هوت جو، وڃڻ م واريو،
رهو رات پنهور ۾، ڪا گهڙي هت گهاريو،
معذور کي م ماريو، سڪي جنهن سگ ڪيو.

( ٦ )

مون کي جنهين ماريو، آنءَ کي گڏيا سي،
تن ۾ طاقت ناهه ڪا، آدا آنهين ري،
سوز مليتم تي، جيلانهن ڳالهه ڳري ٿي.

(۷)

مون کي جنين ماريو، سچاتر ميئي،
پنهونءَ ڀيڪان پچنديا، پلن تان پيئي،
وڃنئون ويئي، ٿي وهيئي مڃئين.

(۸)

مون کي جنهين ماريو، سچاتر پاٿان،
لوهو لڳن ناهه کي، سند پڙئي ساٿان،
دارونءَ جا داٿان، ڏنم هوت هٿن سين.

(۹)

پرتوو پنهونءَ جو، کي چاڻئين کي آس،
قريباڻي کس، آهي کر پکرڙي.

(۱۰)

پرتوو پنهونءَ جو، سهائي، سياهه،
منهن ڏيئي مون آئيو، رنگارنگي راهه،
پهرين ڏيندا پاهه، پوءِ رگيندا رگ سين.

(۱۱)

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جڻ جهالا ڏي،
آئون تنهن آريءَ کي، ونيو راهه، رناڻ گهٽون.

( ١٢ )

پرتوو پنھونءَ جو، رکياڻي راحت،
پاپان ڏينهن پوارنون، ساجن لاءِ صحت،
مٿي مصيبت، آهي آريءَ ڄام جي.

## وائي

ٻاروچي ساڻ، ٻڙي! اي جيڏيون! هيڪر ڏيان هيڪاندي.
چڙهي نہ سگهان چوٽين، يار ٻنان، دل ماندي!
هيڪر ڏيان هيڪاندي.
پهچائج پنهونءَ کي، هيءَ پيادڙي، پانڌي،
هيڪر ڏيان هيڪاندي.
پيئڙ هن پنيور ۾، آئون ايرادي آندي،
هيڪر ڏيان هيڪاندي.
پورهيت پنهونءَ ڄام جي، پاندين جي پاندي،
هيڪر ڏيان هيڪاندي.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، ڪيچي ٿيندم ڪاندي،
هيڪر ڏيان هيڪاندي.

## داستان پنجون

( ١ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، وينئي وره ڇران،
اِنَ عذابان آگهين، مادر چو نہ مران،
آديون! جو نہ اوهان، سو مان سور سرتيون.

( ٢ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، وره ڇران وينئي،
هانئن کي هروڄ ري، ني ڏکن سين ڏينئي،
تو پڃاڻان، سپرين، آئون مورن سانهينئي،
جا مرضن مروني، سا سرتيون ڪئن سکي ٿئي.

( ٣ )

سرتيون! ڪئن سکي ٿيي، ويڙهي جا ورهن،
چت جنهن جو چور ڪيو، ڏکويو ڏکن،
پڃاڻان پرين، آديون آگهي آهيان.

( ٤ )

آديون آگهي آهيان، پرين پڃاڻان،
سي ڪوهيارا ڪيڏ ويا، ساجن سياڻان،
جي مسئي سياڻان، سي وجي ڪيچ قراريا.

( ٥ )

حَقيقَتَ ھِنَ حالَ جِي، جي ظاھِرُ ڪَرِيان ذَرِي،
لَڳِي ماٺِ مِڙَن کي، ڏُونَگَرُ پوَنِ ڏَري،
وَڃَنِ وَڻَ ٻَرِي، اوڙ آيڙِي ڪِين ڪِي.

( ٦ )

حَقيقَتَ ھِنَ حالَ جِي، جي ظاھِرُ ڪَرِيان زبانَ،
لَڳِي ماٺِ مِڙَن کي، رَھي سُورُ شَبانَ،
تاڪَرِ ٽِڪِي ڪانَ، جَبَلَ سَڀِ جَلي وڃِي.

( ٧ )

جِي حبِ نَہ ھَلَنَ ھِيڪِيا، ٿِي جُدا ميڙِ جَليلَ،
لَنگھائِي لَطِيفُ چَئِي، نِجَنِ ڪيچِ قَلِيلَ،
وِساري وَسِيلَ، مَتان مارڳِ ڇڏِين!

( ٨ )

ساريان ٿِي سَبِيلَ، ھِرِ تقصِيرُون ھانُ ڏِي،
مَتان مون کي ڇڏِين، آرِي جامُ آصِيلَ،
وَرِ، وِلهِنِ جا وَسِيلَ، رَسُ رَھبَر راہ ۾.

( ٩ )

آچيو آچيو چونِ: "وِهُ، وِيا تان گهوريا،"
سرتين سانگ سڪن سين، مون جئن رت نہ روُن،
او مر ويٺيون هونِ، مون ساگاتو سور ٿيا.

( ١٠ )

سرتيون سوراتين جي، ڪوه ٿيون هٿر پرنِ،
کهاٹ نہ لکن کهٽ جو، ريا مان ٿيون روُن،
چيتاريو نہ چونِ، پار منهنجي پرينءَ جا.

( ١١ )

ڪڏهن ڏينم ڪانڪا، سرتيون ا سراهي،
ڏيهاڙي ڏينِ ۾، وڃڻ جي وائي،
جي آئون نہ جائي، تہ عيب نہ لڳو هوند اوٺين.

وائي

توٽي نينِ، نہ نينِ، آلوا ميان! آئون انهين جي آهيان.
زورو هن ضعيف سين، ڪامل ڪوه ڪرينِ،
آلوا ميان! آئون انهين جي آهيان.

جت ٻنھنجي جُوءِ ۾، جانب سان جمين!
آلو! ميان! آئون آنھين جي آھيان.
ڪِ ٻَدَمنئا آڪري، سَرڪي سان سجين!
آلو! مِيان! آئون آنھين جي آھيان.
ٻانھي ٻاروچا ٻانھنجي، ھَڪَرِ سان سڏين!
آلو! مِيان! آئون آنھين جي آھيان.
ٻِرين آئون نہ ٻجَنِي، ڪرھلَ ھو نہ جھلين،
آلو! مِيان! آئون آنھين جي آھيان.

## داستان ڇھون

( ١ )

ڪنھن پرِ رئان ٻرينءَ کي، روئي نہ ڇاٿان،
مَتي ڪيو پٿان، ھنجن ھاٿان ھتڙا.

( ٢ )

ڪنھن ٻرِ رئان ٻرينءَ کي، آندرِ ناھ آساٿ،
لوھو ڪا لَدڪن ۾، ويري مَتي واٿ،
ڇپر ۾ ڇونچاٿ، ڏاڍ ڏکوين جاھ

( ٣ )

ڪنهن پر ڏٺان پرينءَ کي، ٻجهڻ ناهه ٻچار،
اندر ئي آهون ڪريان، ڪاٺي منجهه خمار،
ڪرڻي جي گفتار، ٻيءَ پت ٻاروچڻ ٻ.

( ٤ )

ڪنهن پر ڏٺان پرينءَ کي، ٻار نه جاڻان ٻنڌ،
ڪيچين ڪارڻ ڪنڌ، نابو ئي، نسرو هٺان.

( ٥ )

ڪنهن پر ڏٺان پرينءَ کي، ٻار نه جاڻان پير،
پنڌ مون پڙو ٿيو، سورن لايو سير،
آريءَ لئي آئير، رقص ٻاگهي رن جي.

( ٦ )

ڪنهن پر ڏٺان پرينءَ کي، ڏٺم مون رياءُ،
ٻرڻ منجهه ٻڪاءُ، ٻيءَ پت ٻڌم جيڏيون.

( ٧ )

سيج وسندي تن کي، جرش جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نينهن تنهين وٽ ني،
ٿيڏي ٻسي ني، هو تان آهي هيڪڙو.

( ٨ )

پيون ڏيئي ٻن کي، هلج پاسي هيڪ،
ور نہ سهي ويڪ، ٻنون نيڌي نٿايون ڪرين.

( ٩ )

آجان تون آوات، واڻان پاسي ويسرين،
سونهين ٿي سوات، تہ منجهان دل دکڻ لهين.

( ١٠ )

پانهين، پسي پب، متان ڪها، منڌ ڏيين،
آکيان ڪؤ م ڪب، اِئي قالي آڏو ڪيچ کي.

( ١١ )

ڏادي لڪ لکن جي، پنّن پوءِ پچاءُ،
چپرِ ڪوسو واءُ، هريا تو نين ڪيا.

وائي

( ١ )

زاري سا زاري، آلوا پلوا ڪوهياري سان،
آنون جا ڪنديس زاري.
ڪين جيئنديس، جيڏيون! سور پريان جي آنون ماري،
آنون جا ڪنديس زاري.

آءُ ڳنڍائي هليا، بوتا هئڙن ساري،
آئون جا ڪنديس زاري.
ڪري ڪوهيارو هليو، مون سين قيامت ڪاري،
آئون جا ڪنديس زاري.
سان ورمن وچ ۾، اولاڻي، آري،
آئون جا ڪنديس زاري.
هندوئن جئن هولي ڪري، مون ڏوڙ مٿي تان واري،
آئون جا ڪنديس زاري.
لالن لڪ، لطيف چئي، واجهائي ٿي ويچاري،
آئون جا ڪنديس زاري.

## وائي

( ٢ )

جنهن جي آهيان ڏونگر ڏوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!
آئون تان ڳهوري ڳهوٽ جي، ماڙهو چوندم پوري،
تنهن ڪوهياري کي ڪهل پوي!

لِيو نِماڻي ڀاڻَ سين، ڇَپَر ڇَڏِيو مَ ڇوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪهل پوي!
روئي رَڳينديس رَتَ سين، ساڻَ ڇِناڪَن ڇوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪهل پوي!
آديون! آريچَن جو، نَہ لڳو سون لوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪهل پوي!
ڪشي ڪانَ ڪمانَ سان، لائي وِنڙا لوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪهل پوي!

# حسيني

## داستان پهريون

( ١ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، ڪهتَون ڪوهيون ڇڏِ،
لاهِ مَ لَڏو لَڏِ، تَہ ڪاڙهي سِج ڪالهہ مِڙئين.

( ٢ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، هلِي ڪرِ همت،
سِج ساٿهون منهن مَ، مَتان ڪرِين ڪَٽَ،
سپيرِيان جي سٽ، ڪاڙهي سِج ڪالهہ مِڙئين.

( ٣ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، وَرَ چونڊِبندي وَڄَ،
آهي ايءُ اهڃ، هاڙهي هلندِين جو.

( ٤ )

لَڙيو سِجُ لڪَنِ تان، راسِيون رَتائين،
مون ڪي مارِيائين، آديون آونداهي ڪري.

( ٥ )

وِيو سَجَ وَڻِ تان، راسِيون ڏِيئي رَنگ،
سُون جنهين سين سَنگ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

( ٦ )

آلَهِي سَجَ آوِيرَ ڪِي، ڏِٺائين ڏُونگر،
سَسُئِي ڪِي، سِيڌَ ڇِني، سُورنِ جو سَمر،
ڪَمَلِ رَکيو ڪَرَ، وِيچارِيءَ وِڻڪارَ تي.

( ٧ )

آلَهِي سَجَ آوِيرَ، م ڪَرِ مَعذُورِنِ تي،
هَسِي مَران پِيرَ، ڏُونگر ڀارُوچنِ جاه.

( ٨ )

وِيو ڀارُوچو نِڪِري، هاڻي ڪَريان ڪِيئَن؟
سَجَ الٽِي سِيئَن، سَڻون ڏِيندِيس سَجَ ٨.

( ٩ )

لَڙِي سَجَ لَڪِنِ تان، وِيئي سُون وِيو،
آنون ڏُورِيندِيس ڪيترو، ههُڻِ پيرَ پيو؟
سُورَنِ سانَ سِهو، آچي ٿِيم اوچتو.

( ١٠ )

سَرتيون سَجي سَج، مَتان ڪا مون سين هَلي،
ڀاڻي ناهِ، پَنڌ ڪَهتون، آڪِيان رائو سَجي رَج،
مَتان مَري اَج، ڪا ڏِٺي ڀاراتو ڀِرينءَ ڪي.

## وائي

جي هوند ڏِنائون، وو جيڏِيون، حال مَنهِنجو هِيڙو،
چڙهِي نہ سَگهان چوٽِيين، مارَڪَ مَتاهون،
حال مَنهِنجو هِيڙو.
ڏکيءَ سَندي ڏيج ۾، ڏونڪر ڏِنائون،
حال مَنهِنجو هِيڙو.
وِيندي ڪيون وَٽِن سين، سَسُئِي سَڪائون،
حال مَنهِنجو هِيڙو.
وَلِي پَنهون ڀاڻَ سين، آچان جِي آئون،
حال مَنهِنجو هِيڙو.
ڏِينديِس شاخ سَيَڪَنهِين، وَڻِ وَڻِ واچائون،
حال مَنهِنجو هِيڙو.

ھِينڙو ڏندڻ ھاڙ جِڻ، چِڪي چِنائون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھِينڙو ڏاڙھونءُ گُلَ جِڻ، رِبھي رَتائون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھو جي ھِھَنَ ھَپَ جا، مِٺيان مَڪائون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ھون سَلامَتَ سِپرِين، ڪھوري سا آئون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
سو جي مُٺوءِ ڪَنَ سين، ھُنَ جو ڪيائون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.
ٻانھون پيلَ نہ لاھيان، ٿَھَلَ ڪِي آئون،
حالُ مُنھنجو ھِيڙو.

## داستان پيو

( ١ )

ڪِين ڏِرتِي ماھ، ڪِين جِر سَندي سِڄڻين،
ھَلي ۾ واجھاءِ، پِنھين چِيرَن وِچ ۾.

( ٢ )

مٺان مٺي مچ، برِ بر ٻاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏيـِن، جـِن نه پروڙيـِن سچ،
آمرُ اوري آچ، ته ستَ سٽاڻيـِن سور جي.

( ٣ )

مٺي منجهان مينهن، سو ٻاڻي جـِن وهي،
مون ڀانيون نينهن، ڇيـِون جيري سنديون.

( ٤ )

جي وڃي ساجن وسري، منجهان منهنجي روح،
ته مر لـڳي لوهَ، تر ٻاپيهو ٿي مران.

( ٥ )

لـڳي مون کي لوهَ، وره واڻون لائيون،
راز جنهن سين روح، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٦ )

نمن نين، رت وهي، چٽاڪا ڪيو،
مون کي ڏنُن ڏيو، آئين ٿا وڃو اوٺيا.

( ٧ )

آمرُ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٨ )

ٻِھي ڪامَ ٻِجاھ، آمَڙ مَنهنجي آسَري،
ڏيئي لَتَ چرخي کي، ھوٿيون پاٽي[٤] ٻاھ،
ڪِتِم جِنهين لاءِ، سو ڪوھيارو ڪيچ وِيو.

( ٩ )

ٻِھي ڪامَ ٻِجاءِ، آمَڙ مَنهنجي آسَري،
ڏيئي تون ڪتاءِ، مون کي نينهن لِهوڙيو.

( ١٠ )

ڪتَنَ ٻِنَ ڪپاھ، ڪوءِ آتَنِ ٻِنَ جيڏيون،
ساجَنَ مَنهنجو ساھ، هاجي مَنجھ هٽي وِيو.

( ١١ )

آتَنِ چونِم ڪتَ، تاڻيان، تَندَ نَہ نِڪري،
ھاٿان روئي رتَ، چرخو مون چِڪ ڪيو.

( ١٢ )

تاڻيان تَندَ نَہ نِڪري، جِيءُ نَہ مَنهنجو جاھ،
ساجَن ڏاران سَرتيون، سيئي مون نَہ سهاءِ،
جِئن ڪين جَڳاءِ، آبَلِ ٻارو چَنِ ري.

( ١٣ )

ڪوءِ هاڙهو، ٻن هوت، ڪوءِ ٻنهون، ٻن ٻريٽون،

مادرِ مون موت، ٻسٽان ٻرائيو.

( ١٤ )

ڪوءِ ٻولي، ٻنِ ٻروچ، گهوري ذاتِ جتنِ جي،

مون کي چئي "لوچ"، ٻيهي وِيا ڇيرين.

( ١٥ )

جئن جئن تپي ڏينهن، تئن تئن تائي ٻنڌ ۾،

ڪو آگانجهو نينهن، ٻانيءِ ٻروچنِ سين.

( ١٦ )

جئن جئن ٻجي راتِ، تئن تئن تائي ٻنڌ ۾،

ٻوريءَ ٻي نہ تاتِ، جيڪا سا جتنِ جي.

( ١٧ )

نڪو ليڪوئي ٿيو، لڪو تتو ڏينهن،

تهان اوري نينهن، ڇنو آتڻ واريين.

( ١٨ )

جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،

تتيءَ ٿڌيءَ هل، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

( ١٩ )

نَتيءَ نَڌيءَ ڪاهِ، ڪانهي وِيل وِهڻ جي،
مَتان ٿِئي اونداهِ، ڀِر نَه لَهين پِرينءَ جو.

وائي

شاديءَ جو سينگارُ آيلِ، آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

آهي ڳَڻ ڳَچيءَ جو، ڏي هالورا هارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

آهي اگهاڙِينِ ڪي، جانبَ جو جِنسارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

آهين ڪاجُ ٻَکِينِ جو، تون تان طعامُ تيارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

آعليٰ آچو عِيدَ ۾، دوستاڻون دِيدارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

حُسنَ هوتَ ٻنهونءَ جي، ڪڪوريو ڪوميارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

سَچَ ڪِياڏِين سَرهِي، واسِيائين وَٽڪارُ،
آيلِ مَرَڪ مُنهنجو مون پِرين.

ڇپر ڇاڻون مڪيون، عطر ٽيو آوار،
آيلِ مرڪ مُنهنجو مون ڀرِ ٻن.
ڪوڙيون ٽيا ڪيترا، نالي تان نثار،
آيلِ مرڪ مُنهنجو مون ڀرِ ٻن.
سدا صلابت جي، گولي گرفتار،
آيلِ مرڪ مُنهنجو مون ڀرِ ٻن.
گهوريان گهر گهٽيءَ تان، آڇي جتان آڌار،
آيلِ مرڪ مُنهنجو مون ڀرِ ٻن.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪو جو گهمندي گهور، آيو ٻاروچن جو،
ڇڏيندِس ڀنڀور، هينئون هت نه ولدري.

( ٢ )

مون کي ماڻان ڪاريو، ڀنڀور جن سڪن،
هاٺي ماڻ ڏڪن، تان ڪيئن ڏونگر ڏورِيان.

( ٣ )

پينر پنهوران، پڇو تان آبهو،
آڳي اِن ماڳان، سَرتين سُور پرائيا.

( ٤ )

پينر هِن پنهور ۾، دوزخ جو دولهون،
سوارو سونهون، ڇجي ٻورج سَسُئِي.

( ٥ )

پينر هِن پنهور ۾، ڪهاڻيون ٿي ڪهاريان،
سچن جي سانگ ويا، ميڻي ٿي ماريان،
سي ڪِڏهن وِساريان، جي وڃان مون وات ٿيا.

( ٦ )

پنهوران آجاڙ، سَرتيون سَڪر پائيان،
مون سين تنهن پهاڙ، ڏکان هڏ نه ڏوريو.

( ٧ )

آجاڙان پنهور، سَرتيون سَڪر پائيان،
آريائي آتور، ڏِنم جت آڪِين سِين.

(٨)

لکي لاکاهي، پوري منڌ پنهور جي،
پرينءَ وڃايو تي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

(٩)

برو هو پنهور، آريانيءَ آجاريو،
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏنيءَ ڏور،
چوريون چڙهڻ سکيون، ننهون ڪيائون ڀور،
آهيو سو آتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون.

(١٠)

ڀليو سڀ پنهور، جو ڀٽيءَ هوت نه هليو،
شهر سڄاتو ڪينڪي، آرياڻي آتور،
ماڻيو تنهين مور، ڏيکيو جنهين دل سين.

(١١)

جنهين ڏيکيو دل سين، ڀٽيءَ سي ڀيون،
ته ڀڃي ٿي وڀيون، ڄي ننهونءَ هاڻ لکائيو.

(١٢)

ڏکن ڀنيان سک، سکيا ٿيندي سٽي،
ڀير م ڇڏج پرينءَ جو، تونٽي لکون لک،
ڏورج ٻاهي ڏک، ته ڀوي ٻاجهه ڀروچ کي.

## وائي

ڏکو منجهہ لکن، آيل، آيل، تازو پير پنهونءَ جو.

نہ ڪنهن واءُ وڃائيو، جهوريو تان نہ جهڪن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

ڪـہ ڪٿوريئـان آڳـري، هـائـي جـا هوتن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

بـورائـو ٻـرن جـو، رڙهـيـو منجهہ رنـدن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

لطف ساڻ، لطيف چـئـي، ڪندو ور ولهن،

آيل تازو پير پنهونءَ جو.

## داستان چوٿون

( ۱ )

اچايا مونهان، ماجهر تي سيح ويا،

پيئن ٻنيوران، سڏ منهنجيءَ ذات جي.

( ۲ )

هيس جي آئون، پانهي پاروچن جي،

هوند نہ ڇڏيائون، ڏکيءَ کي ڏکن ۾.

(٣)

آئون جي هيسِ هنڌ، آديون آريچن جو،
ساڻ لڏيندي سنڌ، مان ڪوهيارا ڪرين مون.

(٤)

هيس جي سياهه، تہ ڪير ڏک ڏيرن تي،
آدب وچان آن سين، ڳالهہ نہ ڪير ڪاهہ،
ذات منهنجي ماهہ، ڪچي ني ڪيچين ڪي.

(٥)

اولين آمارو، مون جهليندي نہ رهيا،
سائين سوارو، ڪيو ڪيچ آڪين ۾.

(٦)

سائي توءِ هلن، ٻڙ جي وار ڪريان،
جيڪس ٻاروچن، کو ڏنو عيب آڪين سين.

(٧)

سائين سئين نہ جاڳيين، ٻوءِ ڪجاڙنا روءِ،
ايءَ ٻر ڪپر هوءِ، جڻن هو سانگي، تون سمهين.

(٨)

سائي نہ ٻسان مي، جي هنئر هينئين نوٽيون،
هائي ڪنهين جي، وجيو آڳن آپيان.

( ٩ )

آن کي سانِي ڏِٺ، جي مون وِيڙهِ وِڃائيا،
رَئان رت مَجَٺ، هاٺِي تن پِرين کي۔

( ١٠ )

مون سَڏيندي سَڏڙا، سانِي سَڏ نہ ڏِين،
وِلهيءَ جي وَٿاڻَ تي، توڏَ نہ تنوارين،
هيڏا هاجا ٿِين، برِي هِن پنهور ۾۔

( ١١ )

ڪهان تان ڪيچان پِرِي، وِهان، تان وِٽ مون،
پَلي ڏورِيم پون، عبث آريءَ چام کي۔

( ١٢ )

ڪهان تان ڪيچان پرِي، سَمهان، تان سِرَ هيٺِ،
باروچي سين ڏيٺِ، جيھِيءَ ۾ نِي جيڏيون۔

وائي

( ١ )

هوت، هوت، اي هوتا، ڏِينديس ماهُ مِرن کي،
آئون جرا جيءَ ڪري۔
ڏيٺي باهِ پنهور کي، آئون آيس تو ڳري،
ڏِينديس ماهُ مِرن کي۔

آرياڻي ٿهون ۽ ري، مون کي مرتيون تان نه مري،

ڏينديس ماه مرن کي.

جنڊي ڀايو جان ۾، ڏکي ڏک ڏري،

ڏينديس ماه مرن کي.

آءُ اورامرن سپرين، وڃ ۾، پيي ڀري،

ڏينديس ماه مرن کي.

مون ڏلي، مون وسهو، ورچي تان نه وري،

ڏينديس ماه مرن کي.

ڏکيءَ جي ڏيکارين، ڏاران منهن مري،

ڏينديس ماه مرن کي.

پيالي پرين جي، سوهيس ميٽ ڪري،

ڏينديس ماه مرن کي.

آريءَ جي عشق جي، مون کي آندر آڳ ٻري،

ڏينديس ماه مرن کي.

توکي توه نه ڇڏيان، جي وڃان پونءِ تري،

ڏينديس ماه مرن کي.

ڏڙ وِجهنديس ڏوڙ ۾، ستو ڏار ڏري،
ڏيندِيس ماهُ مِرن کي.
هلق سٿي هوت جو، ڏکي، پس ڏري،
ڏيندِيس ماهُ مِرن کي.
پر ين کڻج پانهنجيون، آکيون ٻاجهہ پري،
ڏيندِيس ماهُ مِرن کي.

## وائي

( ٢ )

ڏونگر ٿي ڏوري، ونڌر ٿي وڙي،
جتن لئي جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
سور پائي ٿيس سڄ ۾، چام ٿهل کان اوري،
جتن لئي جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
اک چاريندس آن جا، ٽڪر ماس ٽوري،
جتن لئي جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
مهارون تن مين جيون، خوب خوشيءَ مان جوڙي،
جتن لئي جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.
ڪاهي ڪلهہ ڪيچن جي، ڪين اچي، تڙ توڙي،
جتن لئي جيڏيون، ڏونگر ٿي ڏوري.

## داستان پنجون

( ١ )

ليڙن لنکهي لس، مانباٽنان مٿي ويا،
وٺي ور واٽ ٿيا، پنهون چام ڀهس،
هنا وڏي وس، پاروچا پنهور ۾.

( ٢ )

وڏي وس هنا، پاروچا پنهور ۾،
وڃي ڏور پيا، سانگين ٻئي ع سيرين.

( ٣ )

ساندِ پنهنجي ساه، پانهين ٿي پورا ڪريان،
واڪيون جي ورنِ سين، تن سرتين سيج سهاء،
سون کي طعنا تي ڏيين، سون جڻن مٺن نہ ماه،
آري ع جي آڪاه، رلايس روهن ۾.

( ۴ )

ماء وهاڻون وار، ڪن ٽراٽي پانهنجي،
جيڪين ڏٺي ڏيج ۾، سو سيوٺي سار،
وڃان ٿي وڻڪار، ڏِٺم پير پنهون ع جو.

( ٥ )

ڇپون ڇپر ڪٽ، ڀڃ ڀڙائيون پانڌيان،
جتي رهان راتڙي، مرون منهنجا سٽ،
سهڻ جيءَ سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو.

( ٦ )

ڏني سڪ مسڻيءَ کي، پليائي پروڄ،
لوڪ وڃان ٿي لوڄ، نيئي ڀڃائي ڀنهونءَ کي.

( ٧ )

مسافر نئون ماءُ، ورِه وهاير وترو،
آڇي ٿير اوچتي، تن ساڪين سين ساڃاءُ،
جيجان جهل م پاءُ، هينئون هوت هٿي ويا.

( ٨ )

ڪڻ آڙائي پاند، پلوُ پرڏيهين سين،
متيون موڙهيئي مسئي، ڪيئي کوهيارو ڪانڌ،
ولي پانيئي راند، پانيڻ عشق پروڄ جو.

( ٩ )

منهنجو پاڙيچڻ، ڪڇو ڪون ڏکيو،
پاسي چڙهي ڀنهونءَ جي، ذات سلتي جن،
تيلان پاروچن، نذر چڏي نند ۾.

( ١٠ )

حسينيءَ جيءَ هاڪ، مادر ماري آهيان،
ڏيهان ڏورڻ ڏک سين، راتيان ڇڪن چاڪ،
ڏچان ڀر فراق، مٿان پوئم ڀرينءَ سين.

( ١١ )

جيڪين فراقان، سو وصالان نہ ٿئي،
آڇي اوطاقان، مون کي ڀرين ڀري ڪيو.

( ١٢ )

ڦري آءُ فراق، مون کي وصالان وچ پيو،
جي ٿي ڇڪيم چاڪ، سي ڀرين گڏجي ڀوريا.

وائي

( ١ )

پنهون پريشان، ڀر ڀر، لکو خان نہ مان،
هئي هئي! حال منهنجو.
مون کي ٻک ٻوتن جي، ناقي پانيان نانءُ،
هئي هئي! حال منهنجو.
شهر صحرا پائيان، سون ليڪي ميدانءُ،
هئي هئي! حال منهنجو.

رُئان ٿي رڃن ۾، آريءَ لءِ عريان،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

ٻِيان مُنهن ڀِٽن لَءِ، هِتي ٿي حيران،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

آهي آريءَ جامَ جو، مون کي ڪاري ڪان،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

ديوانيءَ کي دِلِ ۾، سُورنِ جو سامان،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

وِڄهجِ ٻِڪ ٻِنارِ تي، ٻِرِڻم ڪائي ٻان،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

ڪَڏهن ٿيندو ڪيچَ ۾، مُنيءَ جو مَڪان،

هَئي هَئي! حال مُنهنجو.

وائي

( ٢ )

ٻاڙيچِيُون ڪا ٻچارَ، مُنهنجا ڏيرَ ڏمَرِ ڪنهن ڏيه ويا.

وِيئي ڳوڙها ڳاڙِ يان، تَن جامَن لاءِ جهار،

مُنهنجا ڏيرَ ڏمرَ ڪنهن ڏيه وِيا.

ڪَرِ ڪا ڪانگ، آچِن جِي، تَنِ جي ڪا تَنوار،
مَنهنجا ڏِيرَ ڏَمَرَ ڪِنهن ڏِيهه وِيا.
مَٿِي ساري هَليا، ڪيچِي ڪاهي قطار،
مَنهنجا ڏِيرَ ڏَمَرَ ڪِنهن ڏِيهه وِيا.

## داستان ڇهون

( ١ )

ٻاروچا ٻَنپورَ ۾، آيا آس ٽِيام،
ٻِسي ٻهر ٻَنهونءَ جي، نهنَ مِيئُن لِيئِن لَريام،
ڪَونڌَر وِسِريام، سَڪَن شاخون سَڪيون.

( ٢ )

ڏِيکاريس ڏَکَنِ، ڪَونڌَرَ ڪَس ٻِرِين جو،
سُونهائِي سُورَن، ڪِي هيڪاندي هوتَ سِين.

( ٣ )

ڪَنهين ڪَنهين مارُهئين، ڪَونڌَرَ وَڏي وَٽ،
ٻَڏي ڪوڙِ ڪَرَٽَ، مانُو ڪِجي سُور جو.

( ٤ )

سُو سَڪَن مانِي ڏِيان، سِرَ ٻِنِ ڏِيان سَٽَ،
جي سُون مِڙِي مَٽَ، تَہ وِرِه وِهايان هيڪڙو.

( ٥ )

مؤ مَکَن ڏيئي، ورہ وِهايم هيڪڙو،
مَون کي تنهن نيئي، ڀير ڏيکاريو ڀرينءَ جو.

( ٦ )

سُورَ مَ ڏي ڏوڻ، آئون آهيان آڳهين ڪاھري،
جا پرِ ڀانئيءَ لوڻ، سا پرِ منهنجي جندڙي.

( ٧ )

سُورَ مَ وڃيجا، سَجَڻ جِنَ سانگِ ويا،
پرين پڇاڻا، آئون اوهان سين اوريان.

( ٨ )

سُورَنِ سانگهارو، ڪَڏهن تان ڪون ڪيو،
آيلِ اوڀارو، ڀانئڙ ڀڏو ڀوڙ وهي.

( ٩ )

سانگهارو سُورَنِ، ڪَڏهن تان ڪونَ ڏنو،
ڀانئڙ ڀوڙ وهنِ، ڪالهونئان آڄ گهڻان.

( ١٠ )

سُورَ نہ ساڳاهينِ، ڏينِ آڏسان اوچتا،
مَون کي مَون پرينِ جا، آميا آهينِ،
لَڄون جي لاهينِ، سيئي نيم سامهان.

( ١١ )

سورنِ لَڏو سَجهه، ٻانهي ڀِيهي آئيا،

ڪنهن کي ڏِيان منجهه، سر تان ڇِڪن ڇِتَ.

( ١٢ )

سور ۾ مِنجِ ماءُ، آئون نہ وِڪني آهيان،

وِڄ ۾ ويل ڪِنهين، وِرِه مون وِٽاءِ،

تون ٻِ تَڏهن جاءِ، جَڏهن ٽِيان هيڪاندي هوت سين.

( ١٣ )

سور ٻِ پِتون پِتِ، هِيءَ ڇِڪِيو کي ڀِرو،

ڀِريتِي ٻِرِينءَ جي، ماءُ مَنجهائِم مت،

ٻِينر ٻِليءَ ٻِتِ، لَڳِم ٻاڻ ٻروچ جو.

( ١٤ )

لَڳِم ٻاڻ ٻروچ جو، آمِڙ ٻِلِ ۾ مون،

سِپِ رَڱيندِيس رَتَ سين، ڪيچان اوري ٻون،

مادر مَٽان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين.

( ١٥ )

لَڳِم ٻاڻ ٻروچ جو، ڪَرها ٽِيا قَزاق،

آهِکي جا آنِ کي، سا مينِ ٻوءِ ۾ ماڪ،

آڪڙين خوراڪ، ٻَسڻ ٻَرڏيهين جو.

( ١٦ )

سَوَر وِراهيان سَرتيون، جي وِراهيا وڃن،
پِيون ڪوهه ڀڄهن، جن سندا تن ساميهان.

( ١٧ )

مَٽ مَٽ سَوَرن سِيڪهين، مون وَٽ وَٿاٿان،
پَرِيون ڪيو پَٽان، وِيا وِهائو نڪري.

( ١٨ )

ڏک سَکن جي سونهن، ڪهوريا مَک ڏکن ري،
جنين جيءَ وِروُنهن، سَڄڻ آيو مان ڪري.

( ١٩ )

ڏک لکيو، ڏونگر هربو، پينر ڪاٽي پون،
منان لائو مون، سند و جِٽُو آسرور.

( ٢٠ )

ڏکويون ڏيهان، جيڪِس لڏي وِٺيون،
هاٽي ڪن مَلا، پڇان پرين خبرون.

( ٢١ )

ڏکيون جان نہ مِڙن، تان تان پنهُ نہ ٿئي،
پِيون هونهين هَٽ هَٽن، روُنديون روئن وارِيون.

( ٢٢ )

نڪي روئڻ واريون، نڪي اوسارِينِ،
مونهين کي مارِينِ، مونهين سندا ڏکڙا.

( ٢٣ )

پيڙي پيڙي پنڌ، سورائتي سندرو،
ڪيچ آڪاهون پنڌ، متان لکن سين لکي مرين.

( ٢٤ )

پيڙي پنڌ پهار، سورائتي سندرو،
ڏونگر توهان ڏار، ڪان ڏورِيندي ڏک سين.

## وائي

ڪوهياري جي ڪاڻ، مارِيندِيم ماڻ، سون کي من آندر جا ڪالهڙي.

چڙهان ڏونگر چوٽيين، سپيريان جي ساڻ،

سون کي من آندر جا ڪالهڙي.

نهارِينديس نِڪري، هاڙهو هوتن لاءِ،

سون کي من آندر جا ڪالهڙي.

ماندِيڙا ميرَ پيري، پريان کي پهچاءِ،

سون کي من آندر جا ڪالهڙي.

مولي! مون کي ميڙئين، سنڌيءَ جانب جاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالهڙي.
هوت هلن، اٿون وهان؛ ته ڪا ايئن جڳاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالهڙي.
مسئيءَ جي سريءَ کي، اوڏاهين آئاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالهڙي.
ٻرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙه لڳاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالهڙي.
آلا! عبداللطيف چئي، ايها آس پڄاءِ،
مون کي من اندر جا ڪالهڙي.

## داستان ستون

( ١ )

ٻچن سي ٻسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏورينديون ڏسن، اڳڻ عجيبن جا.

( ٢ )

ٻچيوءِ، تان ٻور؛ نات ٻچڻ هوءِ ٻ پرينءَ کي،
ڏورڻ واريون ڏور، هڏ نہ آهين هوت کي.

( ٣ )

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان، شال مَ مِلان هوتَ،
مَنَ آندَرِ جا لوچ، مَچَنِ سا مائي ٿِئي.

( ٤ )

ڏورِيان، ڏورِيان، مَ لَهان، سائِي ڪالهوڻا،
لاهِي لاڏوڻا، سَفِر ڪنهن سانگ وِيا.

( ٥ )

آئون ڏورِئين، شال مَ لهئين، پِرِين هِٿين پري،
هَڏِ نَ ساڏ سَرِي، تَنَ تسلي نَ ٿِئي.

( ٦ )

آئون ڏورِئين، شال مَ لَهئين، تَنَ مَ ملين تون،
لَنءِ لَنءِ مَنجهان مون، لوچ تُنهنجِي نَ لَهِي.

( ٧ )

آئون ڏورِئين، شال مَ لهئين، ساڄَن مَڄَ سوال،
سِڪ تُنهنجِيءَ، سِپرِين ٿِئي جانِ زوالُ،
وهائِيءَ وِصالُ، آئيان آرامِي ڪري.

( ٨ )

ڇڏيم حج هلڻ جي، چاڙهيڪا ڇڪام،
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لنگهام،
پڇج، پرين منڌام، وڃيس، وِک نه اپڙي.

( ٩ )

ڇڏيم حج هلڻ جي، چاڙهيڪن چڙهي،
آڙيڪن آڙي، پيس هوت پنهونءَ سين.

( ١٠ )

ڇڏيم حج هلڻ جي، ڇڪيم چاڙهيڪا،
آڏيون آڙيڪا، هينئڙي پيم هوت سين.

( ١١ )

وڃيس، وِک نه اپڙي، آج آرياڻي تون اَءُ،
ڇڪيءَ ته سين چاءُ، پاسي پر پيئي رڙهي.

( ١٢ )

جيڪا ڪندي نينهن، سون جڻ پاروچن سين،
سِڪڻ سارو ڏينهن، چڙهڻ چاڙهيڪن تي.

( ١٣ )

جيڪا ڪندي سڱ، مون جڻ پاروچن سين،
آنڱن چاڙهي انک، روئندي سا رت ڦڙا.

( ١٤ )

جيڪا ڪندي لاڳ، مون جڻ پاروچن سين،
آلدر تنهين آڳ، لڳندي لائون ڪري.

( ١٥ )

جيڪا ڏيندي منجهه، مون جئن پاروچن کي،
مٺان ڳلن هنج، ڪين لاهيندي ڪڏهين.

## وائي

منهنجي حجت ناهي وات، ڪانهي وات،
جيجان تن جتن سين.
ڪاٿيءَ ڪي ڪانٿي ني، جهري جي جرات،
جيجان تن جتن سين.
ڪنديس ڪيچ ڏنين لئي، لڪن ۾ لولات،
جيجان تن جتن سين.

تازو ھير پنھونءَ جو، لڙيو منجھہ لڙاٽ،
جيجان تن جتن سين.
آھيم آريءَ جام جي، اندر منجھہ آساٽ،
جيجان تن جتن سين.
ماريو ڪيم مٺيءَ ڪي، ڪيچي ڪاھي ڪنواٽ،
جيجان تن جتن سين.
ڪٿيو نين نھاريان، ڳوڙھن پريو ڳاٽ،
جيجان تن جتن سين.
سبب تنھن مٺي ويا، جھوڻي ڏينم جھاٽ،
جيجان تن جتن سين.
ڏنم ڏکوين جا، چھر ۾ چونچاٽ،
جيجان تن جتن سين.

## داستان ائون

( ١ )

آتڻ اورانگھي ويا، آئون ٿي مران ماءِ،
پتون ٿينديس پير تي، ”ھئي ھئي! ڪري، ”ھاءِ!“
جيئن مون نہ جڳاءِ، پرين تان پاسو ڪيو.

( ٢ )

آتڻ اورانگهي ويا، آڳڻ مون افسوس،
ديوانيءَ مين دوس، ساٿي آهي سڄ ۾.

( ٣ )

آتڻ اورانگهي ويا، ڪري ڪميٽي ڪيئن،
هاڻ گهرجي هيئن، تہ ڏجي باهہ پنيور کي.

( ٤ )

آتڻ اورانگهي ويا، پٽيءَ توڏن تاڻ؛
ويهہ م، منڊ پنيور ۾، هن پڇنديئن هاڻ،
راتي منجهہ رهاڻ، هل تہ ٿيئي هوت سين.

( ٥ )

آتڻ اورانگهي ويا، ياري چڏي پوءِ،
آريجا آئن تي، هيءَ تان جڏي جوءِ،
ڪين هلي، ڪين هٿ ڪٽي؛ ڪين وڙهي، ڪين روءِ؛
ڪو پنهونءَ کي چوءِ، تہ مٽيءَ ماتم آئيو.

( ٦ )

جاٽي سجاٽي، مون کي چڏي هليا،
اديون آريچن لئي، آئون ڪوري جئن ڪاٽي،
پاهڻ ۾ پاٽي، هاريون! هارڻ آئيو.

( ٧ )

جاڻي مَجاڻي، مون کي چَڏي هليا،
آئون ڪِئن چڏيان پانهجو، آديون آرياڻي،
پرين جو پاڻي، سو ڪيئن ڪِري نہ آئيو.

( ٨ )

جاڻي جي جاتوم، تہ پوندو فلق فراق جو،
آڪر ارادت جو، ڏرياڻين ڏوتوم،
پوءِ تان ڪون ڪيوم، هوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

( ٩ )

وارو، وَجز ٿا، مين تنهنجا مَسَئي،
مهرا پاروچا، ڪين لهندئن ڪي پيا.

( ١٠ )

واري وَرائي. تو پنهنجا نہ ڪيا،
پوري رَنجائي، هوندَ نہ پئين هيتري.

( ١١ )

جڏان واري وَڳ، اوڏي ٿيا چلنگيون،
مٿي تنهن مارڳ، ٿي پرزا نہ ٿيين.

(١٢)

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌ ميٺائي وچ،
ٻرباٽون ۾ ٻچ، ساٿ چڙهندو لکيين.

(١٣)

ڇڄ ۾ قطاران، ساٿ چڙهندو لکيين،
مچڻ نيين ڻشان، وک واٽ ٿي نہ لهين.

(١٤)

ڪا جا ڪياٽون، وائي واري ونگڙي،
آيل تنهن آئون، ٻوليءَ ٻاتاڙي ڪئي.

(١٥)

وائي واري ونگڙي، ٻولي ٻي نہ ڪن،
آلا، ڪيچ ڏٿين، مون سين ٻوھ ۾ مامرو.

(١٦)

ڪا جا آندي ڪيچين، وڻڪاران وائي،
مٿي مون سائي، نيٺين لنڊڙي وہ ٿي.

(١٧)

ٻچيوئي جان دوست، تان ڀامي ڪر ٻرهيز ڪي،
ڪڏيئي جي هوت، تہ ڏين سپ دور ٿيا.

( ۱۸ )

هلوءِ ملهو، ڏک ۾ پسو ڏونيا،
سونهون جو ساٿ جو، سو مون هوت سلو،
آن ہن ٿئي پلو، آئون پ گڏجان ہرينءَ کي.

## وائي

مون کي چھر ۾ چڏيجا، ہاروچا ہلي لڳي آهيان.
چوري چني آهيان، نينهن نباهي نيجا،
ہاروچا ہلي لڳي آهيان.
چوري چڏي چھرين، ڪيچي ڪيم وڃيجا،
ہاروچا ہلي لڳي آهيان.
پنهون منهنجو آن سين، ساٿ سلامت نيجا،
ہاروچا پلي لڳي آهيان.
مون تان وڙ وڃائيو، آئين پنهنجو وڙ ڪريجا،
ہاروچا پلي لڳي آهيان.
جوکڻڪو ويس ڪري، سکهڙي سار لهيجا،
ہاروچا ہلي لڳي آهيان.

## داستان نائون

( ١ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪهين، من وِجهلن وِڏيو،
ماريس سور تهين، جو نہ جِياري جيڏيون.

( ٢ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪٺو، ماءُ مُنهنجو جندڙو،
جنهين ماءُ مٺو، مون جت نہ پسان جوءِ ۾.

( ٣ )

جيءَ مُنهنجو جن، آلکڙيارو وِڏيو،
وِچاڻا پرينِ، ميان سڄو نہ ٿئي.

( ۴ )

اَڇيو مر آڇن، پارو چا پنيور ۾،
هٿيءَ لڳي جن، ڪميٽي ماڙهو ٿئي.

( ٥ )

رو، وِسانئي رالدِ، ۾ بروڙجِ سات جا،
هوتنِ سين هيڪاندِ، هيم پاني ڏينهڙا.

( ٦ )

رُنَّءِ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري،
ڪَنَلِ کي قلب ۾، ڦرب جو ڪاڙهو،
هوتنِ لئي هاڙهو، رِجائيندِيس رت سين.

( ٧ )

روئي ڪندِئن ڪوهُ، هاڻي ڪو هوت وري،
جيڏيون جيڏو ئي ڪيو، ساڻس سڀَ ستوهُ،
ڏوهي آئيان، ڏوهُ، متان ڪا مون سين ڪري.

( ٨ )

رُئان تان راند، ڪِلان تان ڪامي هينئون،
آڪِڙيون وِيساند، پِرينءَ گڏِجي ڪندِيون.

( ٩ )

آڪينِ ڪِين ڪِيو، رتَ نہ رُنائون!
اِپي ڏِنائون، ڦوڙائِبا سِپرين.

( ١٠ )

ڪائِيون، لوئِيون آڪِيون، ڪَڻيون ڪِين ڪَڄن،
مَنيون ماٺ نہ ڪنِ، هنيون رهن نہ هوت ري.

( ١١ )

وَسِي، وِسائِيونِ، رَتو روئِي پِرِينءَ کي،
ڀيونِ کَنَ ٻَپَ ڏي، نَظر نماليونَ،
مِي ڪَئن ڀِلياٽِيونِ، جنِ وِندو هوتَ نہ واريو.

( ١٢ )

وَسِي وَسِي مِينهَن، جِنَ لَئي وِيسَ ڪيه،
توءِ پِريان جي ڏيهَ، ڀِئِي ٻَچِي خَبَرُون.

( ١٣ )

ڪاٺِيءَ ۽ ڪانئِيو، مَئِيءَ مَنڪَرُ ۽ ڏِيو،
هيڪَرُ آجهايو، ڏِيئي پَرُ لَهارَ جِئَن.

( ١٤ )

ڪاٺِي ڪِيرنِ هيٺِ، وِيئِي روئي رَتَ ڦُڙا،
ڪا مونَ نِيندي ڏيٺِ، پِهَرُ پارُوچنِ سين.

( ١٥ )

پَنهونءَ پِرڙِيونَ، گهَرِ گهمَندي جي ڏِيونَ،
مِي مونَ سِرڙِيونَ، نِتَ نِهارَنِ پِئيونَ.

( ١٦ )

مَيِسِ، مَرُ مَرانَ، مَيِسِ وِچِ سَرَتِيِنَ،
هورَهيتِ ئِي هُرانَ، ٻاڙِي چاڙَ پُنهونءَ جي.

( ١٧ )

مارِيو جي معذورِ، تَہ هيڪاري هورُ لهي،
ساڄَنَ آهنجي سورِ، ڪِينَ جِيانَ ئِي ڪِيچِيا.

( ١٨ )

نَڪِي مِٺِي آهِيانِ، نَڪِي ٿِي جِيانِ،
ساڄَنَ ساهَ ڏِيانِ، توکي مارِيو مِہرِينَ.

( ١٩ )

توَن جي ڪالهَہ مَٽِي، تَہ ڪالهَہ ئِي گَڏِي پِرِينءَ کي،
ڪَڏهِن ڪانَ مَٽِي، تَہ ڪا سَکِهي گَڏِي سَجَٽِين.

( ٢٠ )

آڳِي پوءِ مَرانَ، مَرُ مَرانَ مارِکِ ۾،
مَٿِي پوءِ پِرِيانَ، خُونُ مُنهِنجو جيڏِيونَ.

( ٢١ )

پُنهونءَ ڪارَڻِ هِتِ ۾، مَرُ مَٿا ڏِيٺِي،
تَہ سَرَتِيونَ سِپِيٺِي، واڪاڻِينِٽِي وِينِيونَ.

( ٢٢ )

تنهين تون نہ سياڻ، جي ڪوهيارا ڪيچ ڌڻي،
آڳڻ چڙهيو آءُ، جان لالو ڪيڙءِ نينهن جو.

( ٢٣ )

مٽان جيءُ جتن، ڪھوريو ڪھوري مسئي،
ماڙي جي مُنهون جا، ڪارون ڪري تن،
ڪيچ مٽان ڪا ڪن، ٻي شڪري پنهور جي.

وائي

هتان نيي هلنديس، ميان! سامهين سانيھ ڏي.
وڏا پينڊا ہنـڌ جا، منزل ماٽيينديس، ميان!
سامهين سانيھ ڏي.
آلاهر عجيب ڪي، لکن مان لهنديس، ميان!
سامهين سانيھ ڏي.
جيڏيون جوڙ جتن جو، جڏهن آئون نينديس، ميان!
سامهين سانيھ ڏي.

حجائتا هوت کي، ڏوراها ڏينديس، ميان!

سامهين سانپه ڏي.

فرياديون فراق جيون، پنهل کي چونديس، ميان!

سامهين سانپه ڏي.

## داستان ڏهون

( ١ )

ڇپرِ يان جي ڳالهڙي، رکو رنجائو،

ڏونگر ڏولائو، ڏيندا مون ڏير وِيا.

( ٢ )

آريءَ آنِ جيئن، ايئن تان اوئين نہ ڪيو،

ڪيچ پهچبو ڪيئن، اهڙن آپا جهن سين.

( ٣ )

جئن آتن آريءَ چام، آئن تان اوئين نہ ڪيو،

ہڙڪي باهرِ نڪتي، ڳاڏرِ منجهان ڳام،

ساهُ ڏنائين سام، متي مڪر پهين.

( ۴ )

لَڪِيوُن آن پِرِ لِڪَ، ڪِينُ ڪوهيارا وِرَميا،
جَنِين سَندِيءَ سِڪَ، رَلِيُ راتِ رَتَ ڦُڙا.

( ٥ )

لَڪيوُن آن لَڳا، ڪِي ڦِلوَ ڦانڌِيڙَنِ جا،
توهان ڳهِيرو ماءِ، روُندا آوءِ رَتَ وِيا.

( ٦ )

ڪو جو لَڳِسِ ڪانُ، ڪيچِينِ جي ڦَربَ جو،
ٿي نماڻي نِيشانُ، چَڏي سانگو ماهَ جو.

( ٧ )

ڏوئِينِ چِيَسِ "ڏورِ، ڪيچَ آڳاهوُن هَنڌَ ٿيو،"
ڦاٿا چِڙهِي ڦورِ، وِڪَ وِڌائين وِترِي.

( ٨ )

ڏوئِيا ڪو اوئِينِ جو، موُن ڪي آهجَ ڏيو،
سَچَ ڪِ ساٿَ نِيو، هُنهوُن مُنهنجو ڦاڻُ سين.

( ٩ )

ڪو جو اَنِسِ مِينهَن، آريءَ جي اَڪِير جو،
ڦاروچاڻوُن نِينهَن، مَتان مانو نَ ٿِيي.

( ١٠ )

جيڏيون ڏسو ڪيچ، جو ڏيہ ٻاروچن جو،
ٻهون وڏم ٻيچ، نسورو نيئي نينهن جو.

( ١١ )

لڪ چڙهيو رڻ روءِ، ڪري سپاجها سڏڙا،
ايندن ٻچي خبرون، ويندن ٻيرين ٻوءِ،
ڏيرن ۽ ڏاگهن جو، مون کي ڏس ڏيو،
مون ڪان سات ويو، پٺي ڏونگر ڏوريان.

( ١٢ )

کهورڙن هنيون کهٽيون، آلن هنئي آنءَ،
جا نينهن ڪنندي نانءَ، سا مون جئن پولدي مامري.

( ١٣ )

لڪڙياريون آڳريون، ٻاروچاڻون پير،
آچي ٻسو جيڏيون، تازو ٻهونءَ ٻير،
ويچاريءَ سين وير، جتن جيڏونئي ڪيو.

( ١٤ )

لجڻ نہ لاهين، گوندر هن غريب تان،
ٻر ٻر ٻچائين، جيجان جوش جتن جا.

( ١٥ )

هَئي! ٿو وَڃي هوتّ، آئّون ڪِي آکَيِري ٿِيان،
مَتان چَوي بَلوچ، "ڪَمِيڻِيءَ مان ڪِين ٿِيو."

( ١٦ )

ڪَميڻِين هَتان، ٿِيَن موّرائين مديوّن،
توّن ڪَرِ ہاڻَ وَڙان، موڻّ سَہاجھا سِپرِين.

( ١٧ )

نَڪِينْ ٿِيان مَگَڻ، نَڪِينْ سَگِيڻِي،
آهِيان ڪَمِيڻِي، ذاتِ ہاروچِي نہ جَڙان.

( ١٨ )

ڪيچِ ۾ خَبَرَ هوءِ، هِنَ مَنهِنجيءَ ذاتِ جِي،
مَتان ہَنهوّنءَ ہوءِ، لَڄَ مَنهِنجِي لوڪ ۾.

( ١٩ )

لَٿو ڪَرَ ڪيچِين جو، چَڏي هَليا سوّن،
آلا! آهِين توّن، هوتَن تان هيڏي ڪَئي.

## وائي

(١)

مُنهنجو ساهُ نيو سيڻانِ، آيلِ، آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

مون کي وِيا نہ وِسرِي، نينهن ڀِريا نيڻانِ،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

سو ڪِئن هِينڙو جهليان، جهڄي جو ڪيڻانِ،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

مادرِ ٻابو مَنڊيون، ڪوڪيان وَر ڪيهانِ،

آيلِ وِهان ڪِئن ڀنڀور ۾؟

## وائي

(٢)

وَسان ٿي وِپياسِ، آيلِ لَڳمِ ٻاڻُ ٻروچ جو،

ٻرزا ٻپ وَرنِ ۾، ٻٿُون ٿِيي پِياسِ،

آيلِ لَڳمِ ٻاڻُ ٻروچ جو،

تہ ٻنِ ڪادو ڪيچ ڏِيي، توڻي ماءُ مياسِ،

آيلِ لَڳمِ ٻاڻُ ٻروچ جو،

ٻاڻُ وِڃايمِ ٻيرَ تي، چَنِئي آئون، چِنياسِ،

آيلِ لَڳمِ ٻاڻُ ٻروچ جو،

آيم آندي لوڪ سين، مُنِي آئون، مُنياسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، لَڪو ٻيءَ نہ ماسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.
ٻيم وِچ وِصال ۾، سَنجهي آئون سَتياسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.
ٻيم ٻنهونءَ جام سين، ڪَنِيءَ آئون ڪَنياسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.
آلا! آنِ م وِسران، ڏِني جَنِ جياسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.
ٻيسِ وَرِ وِصال جي، جانڪِين تان جُنِدياسِ،
آيلِ لَڳم ٻاڻ پروچ جو.

وائي

(٣)

تہ ڪو هوت سجڻ نيندا، هوا ڏيرا،
ڪَل نہ ٻيم ڪا، مون نہ پروڙيا ماءِ،
ڪهي ڪميٽِي هَليا، ٻانيَنِ ڪري ٻيرا،
ڪل نہ ٻيم ڪا.

ڀَسان شالَ آڪَينِ سِينِ، دوستَ سَندا ديرا،
ڪَل نَہ پيرِ ڪا.
سيٺِن ساجهرِ لَڏيو، پوءِ ٿي پَڇين پيرا،
ڪَل نَہ پيرِ ڪا.
ذاتِ وِجهِي ڏاکڻِ ڪي، وَنڪِيٺي نَہ تنهن ويرا،
ڪَل نَہ پيرِ ڪا.
ٻَرڪَنِ ٿا ٻانيمِ جا، جيءَ آندرِ جيرا،
ڪَل نَہ پيرِ ڪا.

## داستان ٻارهون

( ١ )

واڪيو واڪيو وِڪَ، ڀاڀوهيو پيرَ ڪَٽي،
مي نَہ چَڙهنديون ڏِڪَ، موڙي ڀِرَ مرن جي.

( ٢ )

وِجهَہ وَڏَندي وِڪَ، مَڇَن لِڪ لِڪائيين،
ڏَڪَ تنهين ڪي ڏِڪَ، حَبَ جَنهين ڪي هوتَ جي.

( ٣ )

واڪو هڏ ۾ لاهه، سڏن مٿي سڏڙا،
مان تنهنجي ڪا، سگر ۾ سار نٿي.

( ٤ )

سڏن ٿئيءَ سڏڙا، واڪو منجهه وٽين،
سجڻ پنڌ گهٽي، مان ڪوهيارو ڪوڪ سٽي.

( ٥ )

ڪوهيارو ٿي ڪاتَ، ميون مارڻ آئيو،
هوءِ مر هوت حيات، آئون ميائي گهوريي.

( ٦ )

وهين ۽ ويلا ڪرين، پڇين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر ٿيندئن هوت مين.

( ٧ )

وهين ۽ ويلا ڪرين، ايءَ نه اڪنڊ آهه،
سي لاکاها سپ لاهه، اوريان آپارين جي.

( ٨ )

وهين ۽ ويلا ڪرين، سڏيين ماڳاتو،
هاري آپاتو، تو مين سولهن نه مسٽي.

( ٩ )

ڪجي جتن ڪيچين لئي، تو تان ڪين ڪيو،
ويجهائي وڌو، وڪ نہ ڪنيئي هيڪڙي.

( ١٠ )

ٻاڙي ناهہ ٻروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گذري،
ٻاليہ ٻاروچن جي، گهائي وڏي گهوڙ،
هڪ سسئي ٻيا سور، ويا ٻنيندا ٻاٽ ٻہ.

( ١١ )

ٻاڙيچيءَ روئي، چاڪ منهنجا چوريا،
ٻکهر وجهنديس ٻرينءَ جو، ڏڪن ٻہ ڏوئي،
ساجن سيوئي، ساهہ اوهان تان صدقو.

( ١٢ )

آج نہ مون قرار، ڏنم ستنجو ساٿ ٻہ،
نهي ويئا ٻار، متي ساٿيهہ سيرين.

( ١٣ )

ڪيا ويچاريءَ وس، ڪارڻ ڪوهياري گهٽان،
گهٽون ٻچي ٻانڌين، سندا ڏيرن ڏس،
لمون ڏوري لس، متي سڳر ٻنيين.

( ١٤ )

تان ڪا وَرَ ڪِجا، ڪميٽيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، ٻالهي ٻاروچا،
دِلاسي دوسا، مَتان مون کي ڇڏيو.

( ١٥ )

تان ڪا ڪِجا ور، ڪميٽيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، بندي ٻي سر،
آچي ڪوهيارا ڪر، دِلاسو دِلگير کي.

( ١٦ )

هوءَ جي سور سَڄَڻ، سي مون پينگهي ۾ پرائيا،
سانڍِيياس سِکَنِ، سورَنِ ڪارڻ سرتيون.

( ١٧ )

سرجي، تان سُورَ ساماڻي، تان مَڪ ويا،
اهي ٻيئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

( ١٨ )

سُورَنِ سانڍِيياس، پورَنِ پالي آهيان،
سِکَنِ جي سيڏَ ڇِني، ٻکي نہ ٻيياس،
جيڪس آئون هياس، گري گوندرِ ولِ جي.

( ١٩ )

سورَنِ ٻڌو سندرو، مونهان مهندِ ٿيا،
هلو تہ ڏوريون آنِ کي، وِندرِ جي ويا،
ڪنديس ڪين ٻيا، هوت مٿانئي آکيان.

( ٢٠ )

ٻنِ وِهائيس رات، هلي هاڙهي سامهين،
ٻنهونءِ جا ٻرِيات، آئِي ٻڇي ٻهيڙا.

( ٢١ )

نہ ڪا تاتِ، نہ توتِ ڪا، نہ ڪا تاتِ تنوار،
ڪانهي ٻرتِ ٻچارَ، لنئون وِيچاريءِ لڏيو.

( ٢٢ )

ڪينهين طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تيار،
ڏوريان، ٻيو ڏڪار، گهورِيندڙ ڪنئي ويا.

( ٢٣ )

جيڪي طالِبَ تاتِ جا، تاتِ ہِ تنهين وَٽِ،
هڏهين ڪانهين هٽِ، گهورِ، تہ گهرانئي لهين.

( ٢٤ )

آنْ جي ڏِناهونِ، اللهَ ڪارڻِ ڳالهه ڪريو،
نيڻَ منهنجا رُونِ، راتو ڏِينهان آنِ ڪي.

( ٢٥ )

آڃيا راتِ رتومِ، ڪوڏِ ڪوهياري ڪنجرو،
پينرَ پِڃايومِ، صبح سان، سورنِ سين.

( ٢٦ )

سرتين سهج منجهاءَ، تي ڪوڏِ وراهيا ڪپڙا،
تَڏهن منهنجي ماءُ، تي ٻهڻَ آڃيا پبَ جا.

( ٢٧ )

ڪَڏهن ڪَڏهن جيڏيون، ڪو ٻهه آڃيو پوءِ،
سو پڻِ ساڙو هوءِ، هيءُ جو ماه سرِ ير ڪ.

( ٢٨ )

ڪنهن جنهن نينهن نِنداهُ، جِنّن مون واجهائيندي نہ ورو،
جيڪين مٿي ڪنداهُ، سو جانبَ ڪرهو جٽري.

( ٢٩ )

مَتان تِيين مَلوُر، ڪِين آڳاھوُن آھيان،

ڏِسَڻ ۾ ڪَر ڏَوُر، حدَ ھِنھين جي ھيڪڙي.

## وائي

( ١ )

ھو آرماڻ آئِن، ميان! مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

ڪَجاوا ڪَرھن تِي، جوڙِيا جال جَتَن، ميان!

مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

پير نه ٽِڪِن پوَنِتي، ٿا ڪامَن سان ڪَنجَن، ميان!

مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

مَھارون مِينَ جيوَن، واڳون وَس ڏَئِين، ميان!

مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

ٽَڪَر ۾ ٽوڪار ٿِي، صَبح سائِيرَن، ميان!

مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

سانگ نه تنھنجو مَسَنِي، ھاڻِي ھوت نه ڪَن، ميان!

مَسَنِيءَ جي سوَرَن لِءِ.

## وائي

( ٢ )

ڪارون وس ڪيام، ڙي! هئي هئي! ووا لڏي ڏور ويام!
منهنجو هوت نہ موٽيو، ووا ڪارون وس ڪيام.
پنڌڻ ٻاروچن جا، پينگهي منجهہ پيام،
ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.
ڪئين قاصد ڪيچ ڏي، محبن لاءِ مڪام،
ووا منهنجو هوت نہ موٽيو.
سدا سپيرين جا، ساندڻ سور پيام،
ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.
هوت هلندي جي ڪيا، نہ سي سڌ سيام،
ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.

## داستان ٻارهون

( ١ )

ڏٺان جي ٻروچ، مون جٿن هوت آڪين سين،
مون ڪي چيان "لوچ"، پاٺان پيليون ڇپرين.

( ٢ )

جيڪس ڏِنو جيڏِين، پاروچو پيءَ پٽ،
مون جِئن موڙهين مت، پسنديئي پنهونءَ کي.

( ٣ )

جيڪس ڏِنو جيڏِين، پاروچو پيءَ روهه،
سنجهي ۽ صبوحِ، هوند نه وِئڙنِ وِسري.

( ٤ )

آن جي ڏِني جيڏِيون، پنهونءَ جي پاپوهه،
سنجهي ۽ صبوح، سورنِ ني سجڪيون.

( ٥ )

جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جِئن ملاقات،
پانهنِ وِجهي وات، رِيهون ڪِيان رڙِنِ ۾.

( ٦ )

جي تو ڳالهائي، ماء پاروچا پچيا،
آنهين جي وائي، هوند نه وييان وِسري.

( ٧ )

آج معذورِ هئان، آلا! چگِي م ٿِيان،
رِڙهان ۽ رُئان، پٺيءَ سگرِ ساٿ جي.

( ٨ )

سِڪِي مون مَگ ڪيو، لِڪي وِڃان لوڪ،
مَتان مون کي چَڏِين، هِتي هِتي هوت،
نالي تو بلوچ، مِيس منجهه مرتئين.

( ٩ )

جي ڏونگر مون ۾ ڏک، سي پَٽر پون ۾ پِرِينءَ ري،
وِهَنِ مون وِهه ٿيو، ڪبر ساڻيندي سَک،
هيم هوتن سين چک، سچو مگ نه ساريان.

( ١٠ )

"ووءِ! ووءِ!" ڪندي وت، سَڄڻ "ووءِ!" وساريين؛
ٻاٽي هارِ م پَٽرو، رو منجهائين رت،
صبر وڏو ست، سِکها سيڙي سِپرين.

( ١١ )

ووءِ! ووءِ! وِڏوڙا، ووءِ! ووءِ! وِڄن نِڪيا،
مون سانگيائيءَ جا سِپرين، سچ ڪي سنيوڙا،
لاٿم نه توڙا، ماه اوسيڙو آن جو.

( ١٢ )

گهوڙا گهٽيءَ پون، ووءِ! ووءِ! وڃن نڪيا،
مادر مٽان مون، ڪانگ لوندا ڪڍهين.

( ١٣ )

ووءِ! ووءِ! پڻ وڃي، رنن ڪارڻ جا هئي،
پنهونءَ کي پيٺي، روندي ڪير رت ڦڙا.

( ١٤ )

ماٺ مارينديئي پرينءَ جي، مڇڻ رئين رت،
چوري چڏ م ست، همت هوت وڃائيو.

( ١٥ )

پڌو ڪنهن پنڌاڻ، هينئڙو هوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پس ڪاڻ، نبيريائس، نه نبري.

( ١٦ )

ڪه جاڻان، ڪه ٿيو، ڪيڏانهون ٿي ويان،
هت، ڪرايون، آگريون، موڙيو سڀ پچان،
پڻ گهر گهجان، مون هاريءَ هوت وڃائيو.

( ١٧ )

چان ڪِ آيسِ آگاهين، تان اُتهين اِيي آهيان،
پِرتِ پِراهين، هاٺي مَران، ۾ جيان!

( ١٨ )

سَرتيوف سورَ پِرينِ جو، مَڃنِ ۽ شامِلَ،
ڪوهِيارو ڪامِلَ، مون کي ڏَکَ ڏيکاريو.

( ١٩ )

ڏونگَرَ، ڏَنا، نوڙِ، مون ٻارکو پَچيا،
هيڪليون هَلَنِ جي، مي تاڪِنِ سندي توڙِ،
اِيءَ آهڪي پوڙِ، سونهن ريءَ نه سَٽري.

( ٢٠ )

لَکين لوڙائو، مهَسين آهنِ مَڃ ۾،
برَ ۾ بورائو، ڪنَ، هِيادي پاڙَ سين.

( ٢١ )

ٻاروچا ٻيا گهڻان، مُنهنجو اَجهو آرياڻي،
جَوندي رَکيمِ چِت ۾، ساڃن سَڃاڻي،
جا وِلدرِ وِڪاڻي، تِنهن جو موتَڻ مَس ٿِئي،

( ٢٢ )

ٻاروچا ٻيا ڳهٽا، منهنجو پنهون پر مين،
ڇانگي تي ڇڙهي ڪري، ڪندو ور ولهين،
متي معذورين، هيت ڏريندو هڙا.

( ٢٣ )

هوءَ ٻا گهوري گهوت جي، تنهن کي ڇري ڇون،
آگهاڙيون آئون ٻ، هوت پڄاڻان هون،
ٻرا تنهين ٻون، ڏٺو جن آکين مين.

( ٢٤ )

ڏٺم آءٌ آکين مين، مان ٻاروچا هون،
جنين ڏاران ٻون، موريسر آکين ٻ.

( ٢٥ )

سچو ڏٺو جن، موٽي تنهن منهٽون،
اي مرڪ معذورين، جٿن مرن ٻريان جي پير تي.

( ٢٦ )

ور لڪن جي لوڏ، گهوريا مک پنهور جا،
آمڙ جي تون آچين، ٻي ڪر نه آچن ڪوڏ،
هينئين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين.

( ٢٧ )

ڪو جو آهِس ڪونڌ، پاروچائِيءَ ذات مين،
جي هو چوئِس "پوڌ"، تہ "جي" ستائي جڳ ڪي.

( ٢٨ )

پلي ڪري نيوم، هيءَ سڱ پاروچن سين،
وڃي ڪيچ ڏنوم، پنهنجيءَ لڳي جن جي.

( ٢٩ )

آديون ڪا ايندي، چپر مون سڱ ئيو،
لائيندِيس لڳن کي، مليران ميندي،
وندر آئون ويندي، آريءَ جام آجهو ڪري.

( ٣٠ )

ڪني لئي ڪاٽي، وڪيئي پرت پنهون سين،
سهيو سکيو چنڊڙو، وڏءِ جيري ۾ جاٽي،
تو سين هاجو هوتاٽيءَ صباح ڪندا سسئي.

( ٣١ )

مون کي لٿا نين، جت ملڪ پانهنجي،
جي کهکهيرن کڏين، تہ ٻين ڪان ٻيٽون ڪريان.

( ٣٢ )

آڪِي اِيئَن هياسِ، جئَن پَنهونءَ ڏوتِرِ ڪِرڙا،
هاڻي اِيئَن ٿياسِ، جئَن جتَ نَہ نيڻِنِ پاڻَ سين.

( ٣٣ )

ڪوهيارو ڪيڏانِ، ڪيئِ وڃِي، ڪاڏي وَڃان،
مَون پانيو سيڏانِ، چپِرَ، ڪَنديَس پنڌڙا.

( ٣٤ )

ڪوهيارو ڪاري، پَندَ آڙانگا پَهين،
سي ڏيهہ ڏيکاري، جي آڳ نَہ ڏِٺا ڪڏهين.

( ٣٥ )

ڏَڪوين اَهِجانَ، ڪَلهي ڦاٽو ڪَنجَرو،
وَڃِنِ گوندرَ گَڏيوُن، لوڪ نَہ آڇِنِ پاڻَ،
سُورَنِ آمان ساڻَ، نِنڊ پِئي نيڻهَن ڪيو.

( ٣٦ )

ڪَلهي ڦاٽو ڪَنجَرو، مَٿو آڱهاڙو،
مُنهنجو ڪَچاڙو، پيئرَ هاڻِ پُنهورَ ہ.

( ٣٧ )

پنھوران ڀَرِ ٿِي، آمَرِ مون آڻ،
مَڇِنِ ڪا رِهاڻ، مون تو موتِي مَس ٿِئي.

( ٣٨ )

ڇِنِ ڇِنا پيرَ، هَلي هَلي ماءِ،
ڪوهِياري جي ڪاءِ، ڳِنهيو پٽان ڳالهڙي.

( ٣٩ )

جِئَن جِئَن جهلي جَڳَ، تِئَن تِئَن مون تاڪيد ٿِئي،
ڳھريو تو ڳالهيون ڪري، وِهِسي پٽو وَڳَ،
لوڪ لَتاڙي نِنڊُ ۾، پِنيءَ لالَن لَڳَ،
آريائي اورَڳَ، پنھوران ڀَرِ ٿِي.

( ٤٠ )

تينهن ۾ نالو ڳنهه، پرِينئي پير پيا،
سورَنِ ساڻ ۾ ڇِنَ، وِرهه وِهائج وِترو.

( ٤١ )

هاري هينئون ۾ لوڏ، مَڪَنِ ھوندئن مستئي،
ڪوهِيارو تو ڪوڏ، آڇِي ڪَرہ قطارِيو.

( ٤٢ )

سَجَڻ ڏِنو جِنِ، تِنِ کِڇي سِرکِھ ڪِيو،
پيونِ ڪوہ ٻجھنِ، قدر ڪيميا اِنَ جو.

( ٤٣ )

جَس جَفاري نہ ٿِئي، جَفا وارِينِ جَس،
سَتي مات وِڃائيو، گولي ڇڏ ۾ ڪَس،
ليڙن جو لَطِيف چئي، ڏونگر ڏِيندئي ڏَس،
پنھون آڏِي ھَس، سِر پِرِ هَلي مَسئِي.

( ٤٤ )

پنيوران ٻهرَ ٿِي، موڻ جي ڪِيا سَڏَ،
پاروچاڻيءَ لَڏَ، لَڪَ سَويلا لَنگهيا.

( ٤٥ )

آوَجهَڙَ وَتان آنءُ، پيونَ سَبِ سگرِ مات جِي،
جا نِينهن گِنهندي لانءُ، سا موڻ جِئَن ھوندي مامِرِي.

( ٤٦ )

ماکِين جي مَئِي، تہ هوندَ نہ پِئِي مامِرِي،
ڇڏِيو جي ڪَهِي، تہ هيڪاري هورَ لَهِي.

( ٤٧ )

سسئي جي مري مان، ڪيچ ڏٺي ڪانڌي،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، منڌ هئي ماندي،
لکن تان لطيف چئي، آريائي آندي،
پنهون پراندي، نمائي نصيب ٿي.

( ٤٨ )

جڙ جٺري جن سين، مٺي ٻڻ سين تن،
جي هت نه هوت پسن، سي ڪنهن پر ڪيچ پسنديون؟

( ٤٩ )

مرتيون سيوئي ٿيو، آندر آريائي،
وٺي پسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏهائي،
هيس جن هائي، سي ڪيچي ڪڏيو ڪوه پر.

## وائي

وڃي ويٺري تتي، جت، پير سجاتائين پرين جو،
پير سجاتائين پرين جو، منجهان نينهن نرتي،
پير سجاتائين پرين جو.

هوءِ وِيا وَڻڪارِ ڏي، هِن ٻوري پاليا هِتي،

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

جِنهن چيڙي وِڏيسِ ڇپرين، سو ڪوهيارو ڪِٿي؟

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

آسا، ليما، ٿلَ، ٿاروها، ڪاڳا، راڳا جِتي،

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

سِري رَهنديس ماڳهين، نَہ تہ، هادي آڇج هِتي،

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

سون ڪي چِڏي هليا، ڪا ٻين مٿي ٻِتي،

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

لَڪنِ منجهہ لَطيف چئي، ٻِلي تان مَرتي،

پيرُ سڄاتائين پِرين جو.

# ليلا چنيسر

## داستان ٻهريون

( ١ )

داغ تنهنجو دامڻ، جيري مٿي جن،
تون ڪِئن مٽان تن، چنيسر! چت ڪٽين.

( ٢ )

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءَ ڪارڻ، ميرين! وڃج م ڏورين،
آءٌ تو حضورين، مٿيون وجهان مڇ ۾.

( ٣ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هانءَ هٿان هار،
ٻري جي ٻتار، تہ ميرباڻي مان لهان.

( ٤ )

مٿيون وجهان مڇ ۾، هانءَ هٿي هار،
سو پيءُ! سک، سيد چئي، ڪريين ڪوه قرار؟

راجا رِيسائون گھٹون، مٺائون مردار،
ڇوڙس ڄنيسر ڄام جو، ڏيهان ڏيهہ ڌڪار،
تاڪر آڪيئِن تار، مٿيي تي تي مٿيين!

( ٥ )

ڄنيسر ڇوڙنگ، پرنڪو لوڪ پيو،
تنهن سين ڄنيو سنگ، وڃيو هار هٿ ڇهين.

( ٦ )

مٿيي تي موهجي، موڙهي ڪيٺي مرڪ،
ڄٺي ڄنيسر ڄام سين، وڏو تو فرق،
وري ويو ورق، آيٺي ڏنؤن ڏهاڳ جو.

( ٧ )

مٿيي تي موهجي، هاري! ڪيڙوء هار،
ڪوڙيين ڪيا ڪيترا، اِنهين خر خوار،
پري ويو پتار، آيٺي ڏنؤن ڏهاڳ جو!

( ٨ )

مٿيي مٿي جي هٺا، تن ڄڻن ڦيريو ڇت،
هار ڪٽينديس هوڏ ۾، نيبه ٽيندم نت،
ڪوڙروء جو ڪرت، سونهان مٺاهون ٽيو.

( ٩ )

سَٽيُون ناهِ مَٽيُون، جو تون ۾سي هارُ هِرڪِئين،
اَصُل آهي آکِين، سَندو ڪَوڙُ ڪَٽيُون،
اِنَ گهوڙنِ هنئي گهٽيُون، دوسَتا ڏورُ ڪيون.

( ١٠ )

تو جو پانيو هار، سو سُورنِ جو سگهڙو،
چنيسرَ چِتَ ڪَٽي، ٽيو پورِهيتِ جو پار،
آوٽتِ جو آچار، ڪانڌَ ڪهڙو ميں ۾ ڪري.

( ١١ )

نہ ڪِينَ پانيڙينِ ۾، نہ ڪِينَ ڳرِ هيو،
نہ مون سِينڌِ، نہ سَرسُون، نہ سِينگارُ ڪيو،
تيلانهن ڪانڌَ مَندو ۾، رکوئي ري ڳڙي.

( ١٢ )

سونا ڪرُ ڪَننِ ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هارَ،
پانهوتا پاهنِ ۾، سينڌَ سٽيا وار،
تيلانهن پِي پچارَ، ڪانڌَ مَنهِنجي چڏِيي.

( ١٣ )

جنيسر جي چت ۾، ڪين جو آڳ هئو،

تهان ٻوءِ ٿيو، مٿي تي ٿي مامرو.

( ١٤ )

جڙ هاريو ٿي جڪري، جڏهن رنو ڏيريدار،

ڏولي تڏهن ڏيليين، موڪي، ٿئي نه سار،

جنيسر پتار، حيلو ڪيو هار جو.

( ١٥ )

آءُ ڏمريو ڏس، حيلو هونهين هار جو،

مٿيون سڀ مرتيون، ور نه ڪهين وس،

دعوي ڀهرئين ڏس، پڇيو تو پورا ڪري.

( ١٦ )

ڀوچا ڏنير ٻير، ڏکڻ مٿي ڏول جا،

مون پانئيو تنهن ويرِ، ڪوجهي ڪندو ٻرتڙي.

( ١٧ )

سوڙيين ستڙياءِ، ٻکو سهو ولاريو،

جنيسر ڪانڌاءِ، تان مون هئن نه پانئيو.

( ١٨ )

ڏولا ڪجاڙيان، ٻولائيو ٻوڏ چنين،
آئون تو ٻيرالديان، ڪر موڙيو، ورا آئيان.

( ١٩ )

نئون، ٻڌيو، روءِ، آڳِ جهوڪيو ڪرهو،
ڪو چنيسر چوءِ: تہ ليلا وڃي لڌيو.

وائي

آءٌ، ٻرين، گهرِ ٻيهي، ميان چنيسرا!
هار هٿان مون ڇڏيو.
ٻچنِ ليلا، هو ڪنِ ڪيلا، ٻهران آڇيو ٻيٺي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
دوس ليائون داسڙو، ويساهي ور ويهي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
آوگڻ، عيب، مئائيون، ڏولا، ڏڪ سيئي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
تو درِ آچي، داسڙا، آرِ ڪرينديس ڪيهي؟
هار هٿان مون ڇڏيو.

# داستان پيو

( ١ )

ٽڙڪي، ڀِسي ٽوڪ؛ ٽوڪي، تڪبر ۾ پئي؛
آچيو آچيو، ”آکِلي“، چئي ليلا کي لوڪ،
آندر اوپالَنِ سين، ساڙي ڪِيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو وِبچاريءَ وسري.

( ٢ )

جيڪس ڪم سندام، جوٽا ڏٽا جيڏيين،
ڪِلنِ سڀ مِتام، ساھيڙيون ۽ سرتيون.

( ٣ )

ھئينءَ ته گھٽون ھشيار، ڪَل پ ھيئي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڪِڇي ڀانئي ھار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نه وٽي، سئين پِتين سينگار،
وھم لِھي وِينجھار، دليون ڀرڪي داسڙو.

( ٤ )

چان ڪي چڙھنديس ڪٽ تي، رِيجھائينديس راءِ،
اِھڙو ٿي آلله، جو ڀورِھيتون ڀيس ڪري.

( ٥ )

ڏاهي هيس ڏيھہ ۾، سرتين منجهہ سڄاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، جنهن منهن مٺاهون نہ ڪٺان.

( ٦ )

آلا، ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

( ٧ )

وڏيري هياس، ميڙو مون گهر سرتيين،
هٿ چيهن هار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياس،
ڊولي ڊيلياس، آيم ڏئون ڏهاڳ جو!

( ٨ )

وڏيري هياس، چنيسر جي راج ۾،
ڍهلين، دمامين، نقرين، ٿي پلپل پڇياس،
ڊولي ڊيلياس، ٿيس ڏهاڳڻ ڏيھہ ۾.

( ٩ )

هيس هندورن ۾، پيم ڪانہ پروڙ،
مٿيي سندي ماسري، ڪوجهي وڌيس ڪوڙ،
سامهان ٿيم سور، ويو ولڙي ولهو.

( ١٠ )

ڏهاڳان سهاڳڻيون، کهڙي ڏوهه ڪنبن،
ور وڏ وڻون اينهين، جنن جنن پاڻ پسن.

( ١١ )

گهوريو سو سهاڳ، جنهن ۾ پسين پاڻ کي!
ڏوري لهه ڏهاڳ، جنهن ڪرلاهو داسڙو.

( ١٢ )

مارج سيڻي، ليلا، لڪڻ پانهنجا،
ور سين وڙهيو آئيين، ڏوراپا ڏيڻي،
نه جاڻان ڪيهي، چنيسر جي چت ۾.

( ١٣ )

چڻي چنيسر جام سين، ليلا، لڪايوءِ،
تو جو پانيو پانهنجو، تنهنجو پرو ڪونه پيوءِ،
ڪونرؤءِ ڪانڌ منڌوءِ، ڏست ڪيو داسڙو.

( ١٤ )

ليلا، جم لڪائيين، چڻي چنيسر ساڻ،
ور سين وڙهيو آئيين، موڙهي! مڻي پاڻ،
پوري، ڪيڻي پاڻ؛ تي آڻي ڏنئون ڏهاڳ جو

( ١٥ )

ليلا، جم لڪائيين، سو ٻي، ساڻ سڄاڻ،
آهيين گهٽون آڄاڻ، مڄڻ ٻوري نه ٻئين.

( ١٦ )

ليلا، ٻوري نه ٻئين، ڇڏي چنيسر ساڻ،
تو جو ڀانيو ڀانهنجو، سو ريساڻو راڄاڻ،
ڀاڻان ڏار ڀرياڻ، ڪاڏ ڪنهنجو نه وٽي.

( ١٧ )

ڇڏي چنيسر ڄام سين، ليلا، تون م لڪاءِ،
دوس تنهنجو داسڙو، ڪاڏ وڏيائي ڪاءِ،
ته ڊولو ڊڪ منڊياءِ، عيبن ڪي آڏو ٻئي.

( ١٨ )

ڇڏي چنيسر ڄام سين، ليلا لڪاءِ م تون،
اي ڪاڏ ڪنهنجو نه ٽئي، نه ڪا مون نه تون،
رونديون ڏيون مون، اِن ڏر مٿي داڏليون.

( ١٩ )

لِيلا حيلا ڇڏِ، جي تون سو پِيي سِکيين،
پانُي پاند کِڇيءَ م، پانءُ غرِيبيءَ گڏِ،
هڏِ نہ چوندءِ لَڏِ، جي ڪاروُن آئِيين ڪانڌَ کي.

( ٢٠ )

جي ڪاروُن آئِيين ڪانڌَ کي، تہ روئِي رِيجهائِيجِ،
لِيلا، لِيلائِيجِ، آئِي ماڳ مَنَٿَ جو.

( ٢١ )

جي لِيلائي نہ لهين، تہ پڻ لِيلائِيجِ،
آمر م لاهِيجِ، سڄڻ سڀاجها گهڻون.

وائي

مون تي وهم وري، وارو ڏِيندم وَلهو.
توکي ماري، سِپرين، آئون پوندِيس ماڳ مَري،
وارو ڏِيندم وَلهو.
توکي سَري سِپرين، آسان تان نہ سري،
وارو ڏِيندم وَلهو.
آسان توري نــاهِ ڪـا، ڪِجهاندَر ڪَري،
وارو ڏِهندم وَلهو.

## داستان ٽيون

( ۱ )

چنيسر مين چاڪ، متان ڪا منڌ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، تہ هي نہ ماڻي ماڪ،
ڏمريو ڏهاڳ، سکھ ڏٺي سهاڳڻين.

( ۲ )

چنيسر مين چاءُ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڪانڌ ڪنهين جو نہ وٺي، ڳيرب ۽ ڳاءُ،
جي ٽڙي ٽوڙياءِ، تہ دوس ڏسائي دامڙو.

( ۳ )

سيڻي سهاڳڻيون، سيڻي ڳچيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڍول تنين جي ڍار، هيٺاهيون هلڻ جي.

( ۴ )

سيڻي سهاڳڻيون، سيڻي ڳچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول تنين جي ڳس، هيٺاهيون هلڻ جي.

( ٥ )

سيڻي سهاڳڻيون، سيڻي منهن جڙاءُ،
سيڪنهن پانيو پاڻ کي، ايندو مون ڪِرِ راءُ،
پينو تنِ دراءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون.

( ٦ )

آوَ ڪري آهار، تو دَرِ آيس، داسڙا!
جنّن تو رسڻ منديون روح ۾، تنّن مون پيٽي ناهِ، پتارا
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون منهنجيون.

( ٧ )

جي مون موڙهي مت، تہ پاڻ سڃاڻج، سپرين!
اَصلِ آواڻِ جا، عيب ڏسيين تون آت،
اِي، پرا تنهنجي پت، جنّن ولهيون ڏسيين، ولها!

( ٨ )

لکن ڪيم لکيج، جي موراهين ناهِ مون،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي، ولها!

( ٩ )

تان ڪا وائي وار، دِلاسي جي، داسڙا،
تون منهنجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏکي، ڏول! ڳدار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

( ١٠ )

ڍولا! ڏيلِ ۾ مون، ڪانڌا ڪميٽي آهيان،
مڪ تنهنجيءَ، سپرين! پيري وڌيس پون،
مون ور تونهين تون، تو، ور وهون ڪيترِيون.

( ١١ )

تو، ورا وهون ڪيترِيون، مون ور تون وريج،
سو ڀي اِنَ مهاڳ ڪي، پوري، پر ۾ ڏيج،
پرتان پير پريجِ، ملهائج مِسڪين ڪي.

( ١٢ )

ڪوڙئين تنهنجيون ڪامٽيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مون ڪي چڏ ۾ داسڙا، تہ وجاڻ نہ وٺواند،
مون ڪِڇيءَ ۾ هاند، تو چنيسر! هٿ ۾.

( ١٣ )

ڍولا! اولا تہ مهان، آڏا آڏيٽي جي،
تو، ورا وهون ڪيترِيون، مون ور تون وري،
پرتان پير پري، ملهائج مِسڪين ڪي.

( ١٤ )

ناتو نمائيءَ سين، مَ ڪرِ ڏولَ ڏِلو،
ڪونهي ڪَميٺيءَ جو، بِڪر تو بِلو،
تنهنجو نامُ نِلو، ونيو ويٺي آهيان.

( ١٥ )

لِيلا، لَڄَ مَ ايتَرو، اِئي آڳَهِ سورِ،
آبو ڏاڏو گهورِ، پاڻَ سوڏو پِرينءَ تان.

( ١٦ )

لِيلا، لَڄَ مَ ايتَرو، آئي، سورِ ٻهارِ،
ڏوليو آڳَهِ هارِ، ڪانڌ ڪَميٺيءَ آئيو.

وائي

جيري زِيارَت، جي مان هوءِ پِرينِ سين!
سَڌَرَ منهنجا سُپِرين! مون تان لاهِ مَ هَٿَ،
جي مان هوءِ پِرينِ سين!
مَولا! مون ڪي ميڙِيين، سُپِريان جي سَٿَ!
جي مان هوءِ پِرينِ سين!

چَنڊِيان کِہ آکِيڻ سين، ٻيرِ ٻِن وِڃهان هَٿَ،

جي مان هوءَ ڀِرِيَنِ سين!

ڏورانَ ڏِنَسِ سَپرِين، سَچي جنِ صِفتَ،

جي مان هوءَ ڀِرِيَنِ سين!

مِلَڻَ ۾ مُشتاقِ سين، ڪانہ ڪِيائون ڪَٿَ،

جي مان هوءَ ڀِرِيَنِ سين!

# مومل راڻو

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪالهه ڪَڏيوسون ڪاپڙي، بابو بيڪاري،
ساميءَ سيلو سِر تي، مالها موچاري،
ڏيئي ڏيکاري، ڦٽي دِل فقير ويو.

( ۲ )

ڪالهه ڪَڏيوسون ڪاپڙي، جهڙو ماهه منير،
فيض، فِراق فقير، جوڳي جاڳائي ويو.

( ۳ )

ڪالهه ڪَڏيوسون ڪاپڙي، پهر سِڄ ڪان پوءِ،
پسيو سونهن ساميءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو منهن مومل جي پوءِ، سونهن تنهن مس ٿئي.

( ۴ )

ڪالهه ڪَڏيوسون ڪاپڙي، بابو بان بري،
سائي سال ڪلهن ۾، ساميءَ سون سري،
خبر ڏي ڪري، ڪا مومل جي مجاز جي.

( ٥ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت،
سريو سون سڪوت، جوڳيءَ سنديءَ ذات ڪان.

( ٦ )

بيڪاريءَ کي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڪالهيون ڪندي ڪاڪ جيون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا آنگ آڙي، جنهن ڇتا ڦٽ چڙي پيا.

( ٧ )

سچ آيرندي جا ڪري، ساميءَ سائي روهہ
آچي ٿي عطر جي، منجهان مُکڙ بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.

( ٨ )

سچ آيرندي جا ڪري، ساميءَ سائي ونڪ،
سهي نہ سگهان سات مٿن، تنهن جي رامن جي رونق،
ڪِ رتائين لاڪ ۾، ڪِ ڏنائين هانن ٻڪ،
سنديءَ سوڊل سڪ، ڪپڙ ڪورون جهليون.

( ٩ )

جوڳيءَ ٿي جڙاءُ، سوروڻي نينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءَ، ڪنڌارن ڪڪوريو.

( ١٠ )

آءَ، لانگوٽيا لال! ڪنهن پر ڏٺئي ڳجريون،
آب آرتو آڪيين، لڙڪ وهائيين لال،
ڏٺئي جي جمال، سامي، ڪڍ نہ ملائيين.

( ١١ )

آئون آتاهين آئيو، جت پي جي ناهہ مجال،
مومل جيءَ ماڙيءَ ڪي، طرح طرح جا تال،
لڪ مارايو لال، موٽيو آچان مينڌرا.

( ١٢ )

”ڳجر ڪي ڳجميل جيون، تارن ۾ تبرون،
هٽي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ قبرون، پسو پرڏيهين جيون!“

( ١٣ )

”ڳجر ڳاروڙين، آچو آڏي آڳيي،
مٿان پيئي تن، ڀڏا ڀاڱ ھٿن جي.“

( ١٤ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ الماس،
نہ ڪا عام نہ خاص، جي ويا سي ويا.“

( ١٥ )

”مومل کي مجاز جا، آکين ۾ آنبور،
ھٿي حاڪمن کي، ڀت نهاري ڀور،
کهوٽ ڀرينءَ گهور، جي ويا سي ويا.“

( ١٦ )

”مومل ماري مير، آھيڙين کي آکري،
سوديءَ گهٽا سڪائيا، پڙھيا، پنت، پير،
ھٿي تن کي تير، مٿيون جن مٿن ۾.“

( ١٧ )

ميڻي سمن ڪاڪ تي، راڻن حميرن،
ھتان آيو ڪونہ ڪو، ھتان لک وڃن،
ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نہ ڪيو.

## واڻي

تان تون وه سنبهي، ساڻي ميان! پانڌي ميان!

ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

لڪين لڏائيان مٽيي، مٽي واٽ ويا ٿيي، ميان!

ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

جنهن ڪي پڄان، سوچوي: "آئيو ڪونه آتان ٿيي، ميان!"

ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

ڪوڻائو ڪريم جو، آئيو پهيي ٻريان ٿيي، ميان!

ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

حڪم ڏينديءَ هٿ ۾: "هاٿيي هل هتان ٿيي، ميان!"

ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

## داستان پيو

( ١ )

جوڳيءَ جاڳائيي، ماريي، وڏو ماميي،

لڏون لڏائيي ڪنڌيين، آميو آهيي،

وڃو جي ڪاهيي، ته نوڪون پسو نينهن جيون.

( ۲ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّين، جتي نينهن آچل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرينءَ کي.

( ۳ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّين، جتي نينهن ٻچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا پسي پرينءَ کي.

( ۴ )

هلو هلو ڪاڪ ترِّين، جتي گهرِّجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو پسي پرينءَ کي.

( ۵ )

هلو، هلو ڪاڪ ترِّين، چرو جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن، پانوڙيءَ پڪ سين.

( ٦ )

ڪَرها! ڪارڻ ڪاهہ، توکي ڏئين ڏاريون،
ساري ڏيج، سيد چي، لڏائي تان لاهہ،
مقابلو مومل سين، ڪيندو منجهہ صباح،
سودي جيءَ صلاح، ڪوڙ چرندين ڪاڪ جا.

( ٧ )

آڪون، ڏاڪون، سرڪنڊ شاخون، جت چوڪا چندن ڪؤنر،
ميي ميٺي ماليا، جت اُ پرن ڀؤنر،
ڪنڌاريون ۾ ڪؤنر، ڪاه نہ ڀسون ڪاڪ جا.

( ٨ )

نندو، تان ڪوه، پر وکين آهي وترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڀهس ڀڪيءَ جئن ڀوءِ،
اِن ڪر سندو ڪوءِ، ميو مالو نہ ٿئي.

( ٩ )

ڪره! ڪاڪ چڙهي، ونءُ وٿاڻون نڪري،
لڏاڻان لطيف چئي، آيو ڪونہ وري،
گهڻا ات گهڙي، وڃي وساري هليا.

( ١٠ )

چڙهيا چارئي يار، سوڍا شڪاري،
فڪر ساڻ ڦٽي ڪي، سوڍي سوياري،
ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري،
موٽيا نہ ماري، ڪؤنر لتاڙي ڪاڪ جا.

( ١١ )

ڪاهي آئيا ڪاڪ تي، ڏئائون ناتر،
ڳهون وسريا ڳهر، ڳهور ٻهرئين ڳهائيا.

وائي

راڻا جي رجپوت، سومل سهي پسندا،
ٻڍيا، ڀٽ، پير، توڻي مير، همير، مرندا،
سومل سهي پسندا.

مڃي رضا رب جي، هئان سڀ هلندا،
سومل سهي پسندا.

ڪلمي ساڻ لڏائيين، هادي! هن هندا.
سومل سهي پسندا.

سهڪي سڪرات ڪرين، والي! وير وداع،
سومل سهي پسندا.

آهڪيءَ وير آڇيج تون، آتي، احمدا!
سومل سهي پسندا.

متان ڇڏيين مڱڻو، مهندان، مرشدا!
سومل سهي پسندا.

"ڪلُّ نفسٍ ذائقة الموتِ" سچي اِيءَ صدا،
مومل سڀئي پسندا.
آصلِ لکيو آنگ ۾، ٿيندو تان پ آدا،
مومل سڀئي پسندا.

## داستان ٿيون

( ١ )

جهڙا گُل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها! هو، هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن آچن نيش،
لالن جي لبيس، آتي آکر نہ آڇهي.

( ٢ )

جهڙا پاڻي پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهٽون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سونهن رهي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،
ڪيائين، لال لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪيس من: "سودي سين سگ ٿيو."

( ٣ )

سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،
آگر اوطاقن ۾، ڪٿوريون ڪنن،
اوتيائون عبير جا، مٿي طاق ترن،
هاڻ ٻيلون ٻڌيون، ٻسيو سونهن سڙن،
ٿيا لاهوتي، لطيف چئي، پسڻ لئي پرين،
اجهي ٿا آچن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

( ٤ )

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، مٿي ٻي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏائيا لوڏي ٿيا.

( ٥ )

لڏائيان لوڏي ٿيا، وتن منجهہ وصال،
آج آرتو آڪيين، ڪ ڪ پيتائون ڪالهہ،
ويئي ويچارن وسري، ميان جي منيال،
هري ڪان هاسي ٿيا، ماموين مثال،
جانب جي جمال، رتي، هس، رينو ڪيا.

( ٦ )

رڇي جي ريٽو نيا، ڪين، آباڻجن اوءِ،
ڪنيءِ نہ ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توڻي ڏوهي ڏوءِ، تہ لالي تهين نہ لهي.

( ٧ )

جنهن ترِ ڏوڙوُن ڏوُن، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
آچن پوُنر پنيوليا، ہاڻيءَ تنهين ہون،
راول رتو روُن، ڪو وه لڳو واسئين.

( ٨ )

جتِ رايائين راڻي کي، چندن چڪ ڪري،
هاڻي آنهين پيٽيين، وره وراڪا ڏي،
سودو سچ ڪري، مومل ماري هليو!

( ٩ )

کجر گهٽا گهائيا، پاٽا لڳس گهاءُ،
مينڌري مَلاءَ، لڳس ڪان ڪپار ۾.

( ١٠ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سودو سوائي،
لڌائيان، لطيف چئي، لالي تنهن لائي،
ڪانهي ٻي وائي، نيو مڙوئي مينڌرو.

( ١١ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڌو سِينِ سولهن،
لاٽائين، لَطيف چئي، مٿان دِلين دونهن،
ڪانهي ڀِي وِرونهن، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٢ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڌا ڀِيا پ سُجاڻ،
لِسوريائِي نينهن جِي، ڪَسيائين ڪمان،
چِڙي وِيا چوءِ، دَعوائون ڊِيوان،
ڀِي رَهيائِي ڪان، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٣ )

ڪاڪ چَڙيائون ڪَنڌ تي، ڀاڻان وِيا ڀَئي،
لوڏيڙَنِ، لَطيف چئي، سوڌو ڪِيو سهي،
سومل ماڪ رَهي، ٿيو مِڙوئِي مينڌرو.

( ١٤ )

ڪاڪ چَڙيائون ڪنڌ تي، ڀاڻان وِيا ڀَري،
تِنِ کي ناترِ ڪوهُ ڪري، جي لَڏاڻيان لنگهي ويا.

( ١٥ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا نہ مَحلن،
ٻائِن ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻجهن،
لڪين لاهوتين، اِهڙيون اوريان چڙيون.

( ١٦ )

ويرو تار وِصال ۾، کهورن کهايا جي،
تن ڪاڪ اوريائين چڙي، وڃي ٻيا پري،
تن ناتر ڪين ڪري، سومل سڪي جن ڪي.

( ١٧ )

اِهڙيون اوريان چڙي، ويا لاهوتي لڪ،
پايو پنهين وينيون، ڪاڪ ڏڄائيون ڪک،
پيئي اِي پرک: تہ سوڍيون سجهائي ويا.

( ١٨ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
سوڍيون سجهائي ويا، ههڙا جنهين حال،
جي چورين ڏنا چال، تپ لاهوتي لنگهي ويا.

( ١٩ )

توڙي ناهِ نَصيب ۾، مومَل ميندرو،
ھوندءِ، جم ڀاھين ورين، منجهان پِرتِ ھرو،
راڻي لئي ۾ رو، وھ طعني مين واڪجي.

( ٢٠ )

مومَل ناهي ميندرو، توڙي منجهه نَصيب،
مون کي، مون حبيب، طعنو ٿئي تنهنجو.

( ٢١ )

آئون طعني سوڍي تنهنجي، تون طعنو ٿئي مون،
سو کي سريو سون، جو سرتيون ڪنهن نہ سريو.

( ٢٢ )

سِٽي طعنو تنهنجو، حال وِڄايم حق،
لَڪين لوڏي آئيا، سوڍي لاٿم شڪ،
ڏنم ڪاڪِ ڪهڪ، ميڪهو مونجهي، سپرين!

( ٢٣ )

ڪڪوري ڪاڪِ وھي، راڻا! ھانءِ ۾ رت،
سوڍا! اي شربت، نِسوروئي نينھن جو.

## وائي

مينڌرا! مون کي، راڻا! جم وساري ڇڏين!
مون کي طعنا تنهنجا، ڏيهه مڙوئي ڏي،
جم وساري ڇڏين!
راڻي تي ريس ڪئي، ڪر مين ڪليم جي،
جم وساري ڇڏين!

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏت م وڃج ڏول، ڪاڻياري ڪاڪ ڪري!
آئون آکين آهيان، ٻڌي تنهنجي ٻول،
توکي ساري سپرين، رنم منجهه رتول،
ڪاڻا ۽ ڏول، وسه، مون وه ٿيا.

( ٢ )

جي هتا ڪوڙيا ڪاڪ جا، ستا سي سونهن،
لڏائڻان، لطيف چئي، لڌيو لوڏيڙن،
سي موٽي مس آچن، جي آتڻ آرامي ٿيا.

( ٣ )

لڏائُنان، لَطيفَ چئي، ڪَنُون ڪَنيائُون،
چِڏي جِيلا هَليا، مُومَل مارِيائُون،
پيرو پڳائُون، آنئِ آرامي ٿيا.

( ٤ )

پيرو پيچ م ڪاپڙي، لاهي وِهُ م لاڳ،
تان مون هينئڙو ماڳ، جان تون جوڳي جوءِ ۾.

( ٥ )

سودي سِرَ نيو، هتِ ڪرلکهر سڪئو،
راڻي جيءَ رِهاڻ ڪي، سِڪي ساهُ پيو،
پسان ڪين پِيو، تو ري آڪڙين سين.

( ٦ )

سودي مُنهنجي ساه سين، جيڏيون جِنَ ڪِيو!
ڪَڙي مون ڪاڪ ٿِي، آتِڻ وِسريو،
پسان ڪين پِيو، تو ري آڪڙين سين.

( ٧ )

جيڏيون مُنهنجي جيءَ سين، راڻي رِڻُ ڪِيو،
قلبَ ڪاڪ ڪنڌين ۾، پرزا ٿِي پيو،
بجهان، پهر ويو، هينئُون هندِ نه آهيين.

( ٨ )

راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
من مينڌري ويو، ڏيهي ڏڙ پيو،
ڄجهان، ڀهر ويو، هينئون هند نه هيڪڙي.

( ٩ )

راڻا! نه چاڻان، ڪئن وڏوٺين ولها،
آچي ڪاڪ ڪنڌن ۾، ڀرچي ڏي پاڻان،
مينڌرا! ماڻان، تو ري ڪنڌيس ڪن سين.

( ١٠ )

وڻان ٿي راڻا، هند نهاريو حجرا،
پيئي ڪه ڪئن ٿي، ٿيا پلنگ پراڻا،
ڏريائي ڏوڙا ٿيا، ور ريءَ وهاڻا،
جابون، گل، جبات، وڻ، تو ريءَ ڪوساڻا،
مينڌرا! ماڻا، تو ريءَ ڪنڌيس ڪن سين.

( ١١ )

ميان مينڌرا موٽ، بخش ڪر بچائيون،
تون گهٽن جو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

( ١٢ )

جِنَ ايندي موٽِين، مينڌرا، وَڏي جاڙ ڪِناءِ،
ورئون نه هوءِ، وَلها! هوند جِنهي، مون جاڳاءِ؛
ته مَنهي جي ساڃاهِ، سوڍا! سِکيائي تِيئي.

( ١٣ )

جڳَ جيهين چوءِ، سوڍو تِئن نه سِکيو،
رائو تِئن نه روءِ، کوڙهو جِئن کُلِ کِڙي.

( ١٤ )

سَهسين جِئان سِکِن، تِئان مومل موٽن لِکيو،
سي هَنهين جاڙ جِين، جي ڪوڙي ڪاغذِ آئيون.

( ١٥ )

ويئي نتَ نِهاريان، راڻا تنهنجي راه،
موٽائي ماکِن ۾، آئيندءِ الله،
سوڍا! تو کِر ساه، نات راڻا گهڻا راڄ ۾.

( ١٦ )

راڻي سندو روح ۾، پسو پکه پيوم،
هيڙيءَ جِئن هڏي وِيو، سوڍو ساه سندوم،
وِهُن وِهِ نِيوم، جاڳيو تِي، جَر هاريان.

( ١٧ )

تن باغئون بس، جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،
سودي ري سرتيون، ڪاڪ ۾ اچي ڪس،
راڻي پاڻي رس، تن پيڙيءَ جئن تاڻيو.

( ١٨ )

لوڻيس لڏاڻي، پسو، جو پرين ري،
جيڏيون جيهاڻي ڪئي، رات رسي راڻي،
هلبو هاڻي، ويرا، ڪاڪ وه ٿيي.

وائي

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟ مون کي سودو سجهه نه ڏي.

راڻو رات رسي ويو، ڪر ٿي ڪل مٿي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
اچيو آتڻ واريون، طعنا ڏينم تي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
پتر وار وڃائيان، ريجهي راڻي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
ڪارايان ڪيروليون، چاريان چانگي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

## داستان پنجون

( ١ )

شمع ٻاريندي شب، پرہ ڀا ڪون ڪڍيون،
موٽ، مران ٿي ميندرا، راتا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

( ٢ )

آپي آياريام، نڪت سڀ لٿي ويا،
هڪ ميو، ٻيو ميندرو، رات سڄي ماريام،
ڳوڙها ڳل ڳاڙيام، سورج شاخون ڪڍيون.

( ٣ )

ڏيا تيل ڦليل جا، ٻاريم تائين ٻالڪ،
ڍولو ڏيٺ رهائيو، ڪنهن سٽائي سانگ
چانگي چڙهي آءُ تون، لال ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايم، آڇيج تون.

( ٤ )

موٽ ميءُ جا ولها، لال ورائي لانگ،
ڏيا تيل ڦليل جا، ٻاريم تائين ٻالڪ،
سهسين ڇڄيم سانگ، جي سوڍو آڇي مان ڳري.

( ٥ )

وٽ سوريندي، ولها، وِہ تيل ہري،
موٽ مسافر سِپرين، چانگي تي چڙهي.
راڻي لاءِ رڙي، وِئي وِهامي راتڙي.

( ٦ )

ڪتين ڪر موڙيا، تيڙو آيا تيئي،
راڻو راتِ نه آئيو، ويل ٽري ويئي،
ڪوهه سا ڪاڻي راتڙي، جا پِرين ري پيئي،
مون ڪي ڏنئون ڏيئي، وڃي ڍولو ڏٿ قراريو.

( ٧ )

سوڍي ڏاران سِرتيون، هِو ڍِتِن ۾ ڍنگ،
آياتجي آج ويو، راڻا تو ري رنگ،
هينئين سان هاجو ٿيو، پيو اوسيڙي آنگ،
مون توهِي سين سنگ، پڄايو پڄان پهي.

( ٨ )

مِيي ڪي ٻ ميندري، ڏِني ٿڙم ڏينهن،
هاٿي ڪريان ڪِئن، ويئي گهوڙها ڪاڙيان.

( ٩ )

توکي معلوم منهنجيون، سوڍا! سيٽي،
آڳانڍو آرواح کي، آهين آهوئي،
وهڪ مون ويٺي؛ ٻچايو ٻچان ٻهي.

( ١٠ )

ڍائي گهٽا اچن، من سوڍي ونگسيو،
ڪا جا لائي ميندري، لالي کي لگن،
راڻو اکڙين، وساريان، نہ وسري.

( ١١ )

راڻو ڪا رات ويو، ڳجهي ڳالهہ ڪري،
سوڍي رهيءَ مرتيون، هڏ نہ ساه سري،
وڃي، مان ورِي، آسائي آهيان.

( ١٢ )

سوڍي متي لوءِ، ڪا جا مون مين ڳالهہ ڪي،
ماجي هڏ ر هوءِ، تہ، مرتيون ڪانہ سمهي.

( ١٣ )

راڻا! تنهنجي راه تي، ڏيهائي ڏيکان،
راڻي جي رهاڻ جيون، روح آندر ريکان،
محبت جيون ميکان، تو مين، لال ليٽيون.

( ١٤ )

آءٌ، راڻا راحت، ڏاج ڏرتيءَ جا ڏٺي!
سڪن نيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سٽ،
مون تان لاهه م هٿ، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا.

وائي

ميو تون موٽاءِ، مون روئندي رات وهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
گهر مهارا گهوريان، سرهو مون نه سهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
ڪاڪڙيان وڃن ڪيڏهين، راڻا تو نه رهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
سڻ ماهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
سوڍا! مڪياڻي ٿيان، ٻيو ٻرچي ٻاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
آمائتيءَ کي، عبداللطيف چئي، مؤلا! محب ملاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

# داستان ڇهون

( ١ )

راڻا! رمڻ ڇڏ، وارِ ڪرهو ڪاڪ تي،
جب هينئين مين ڳڏ، ته وڃن سور سنڌيون ڪيو.

( ٢ )

راڻو راتِ رسي ويو، ماريس تنهن مذڪور،
جانب جدائيءَ جا، ٻلپل ٻون ٻور،
وهڻ مون وه ٿيو، وڃان ٿي وهلور،
اندر آڳيون لائيون، سوڌا تنهنجي سور،
طعنا ڏينم تور، آءٌ ته پرجون پاڻ ۾.

( ٣ )

نه وارث نه ولهو، نه سڱ، نه سياڪو؛
تو پڇاڻان سهربن، آبم اولاڪو،
پانڌيا! ٻاراهو، ڏجان ڏاڍيءَ ڍول کي.

( ٤ )

ڏجان ڏاڍيءَ ڍول کي، سنيهو ساري،
مون کي ڦٽ فراق جو، ميندرا ماري،
آڇين جي واري، ڪرهو ڪميڻيءَ تي!

( ٥ )

ڪَرهو ڪَميڻيءَ تي، سوڍا وارِ، سُڃاڻُ!
ڪَهَه ڪَرهان ڪاڪِ ڪي، تَنَ تونهين ڏي تاڻَ،
لاهِي غيرَ گمانُ، آڳِ آءَ آڪنڊِيِين.

( ٦ )

آڳِ آءَ آڪنڊيِين، ٻَرچِي، پِيارا!
پَلَڪَ پَراهون نَ، سهڻين، جِيءَ جا جِيارا!
نِيهان نيزارا، سَچِ، تَہ مان سور لَهِي.

( ٧ )

سَچِ تَہ مان سور لَهِي، آڪِيون پِري پاڃهَ،
راڻي جِيءَ رِهاڻ ڪي، ويٺي وِجهان واجهَ،
سوڍا! لَهِي ساجهَ، پَسَ توشڪون، تَڪيا.

( ٨ )

پَسَ توشڪون، تَڪيا، سيڄي وهاڻا،
پَسيو هَنڌَ، ٻَچي هيٺون، جي حَبِيبَن هاڻا،
هِڪَ ڏَنگا ڏاڏاڻا، ٻِيو مونيو تان نَہ مَينڌَرو.

( ٩ )

ڪري موٽ مينڌرو، جي لڏائيان لال،
ڪهڙ مڙوئي کهوريان، هوند پنهنجو حال،
راڻي ڏاران راج ۾، مون نہ کهرجي مال،
سوڍي ڪي سوال، ڪريان ٿي قرب جو.

( ١٠ )

سوڍا! سور مڪائيون، آکيون آب نہ ڪن،
راڻي جيءَ رهاڻ ڪي، ورونيون وڃن،
مي ڪئن، مينڌرا مڇن، جي تو سوريءَ چاڙهيون.

( ١١ )

لوڌي لڪ آچن، روءِ راڻي جي ناد ڪو،
مڪ آکيون، پيا آڱرا، پر ۾ ٿا پچن،
مي ڪئن، مينڌرا مڇن، جي تو سوريءَ چاڙهيون.

( ١٢ )

مومل ويئي مينڌرو، مدائين ساري،
وليون واس ورنيون، چانگي ڪي چاري،
جڏهن تڏهن جيڏيون، اينداءِ اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڳالهيون ڪنديس ڳجهہ جيون.

( ١٣ )

سودا تنهنجي سور، اندر آکيون لائيون،
راڻا رهاڻين جا، مارينم مذڪور،
طعنا ڏينم تور، آهه، ته پرچون پاڻ ۾.

( ١٤ )

راڻا رهائيون، سودا وڃي ساريان،
سهسين سڄ اُلٿا، راتيون وهائيون،
ڪوڙين مون ڪائيون، ڏورلا ڏکي آهه تون.

( ١٥ )

مون گهر اڄي جي ٿئي، ميندرو مهماڻ،
آئي جهوڪيان آڳ ۾، جيري وجهان جاڻ،
تاڻي تنورن ۾، پيري هٿان پاڻ،
پيڪن سودو پاڻ، گهر تڙ گهوريان ڀر تان.

( ١٦ )

اَڄ نہ ڪالهائون، هون ڏيهاڻي نجهري،
پسو، ڀه پيون، آڻن سجو آن ري.

( ١٧ )

آج نہ پسان مي، آتڻ ڪتڻ جن سين،
هاڻي تنين کي، ڪنڌيءَ ڪاڪ نهاريان.

( ١٨ )

تون ڏاڻي، ڏٺ ڏئي، ڏولا تنهنجو ڏٺ،
پاڻي تراڙي توريان، تہ ملڪ نہ تنهنجو مٽ،
لاهي ڪسر، ڪٽ، آڇي ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾.

( ١٩ )

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا، ويہہ رهي،
ماڙهو جي محلات جا، سوڍا، ڪج سهي،
ويندي ڪالهہ وهي، وڪر پوندين ولها!

وائي

نيٺي نيٺي ڏيج، اي آدا، پانڌي،
ماڻي، پرينءَ منيهو.
پيرين وجهي هٿڙا، زاريون زور ڪريج،
ماڻي، پرينءَ منيهو.
ڪالهہ ڪوماڻا گلڙا، سڪا متي سيج،
ماڻي، پرينءَ منيهو.

تو لـئي هنجون هاريان، هي جي منجهان هيج،
ماڻي، پرينءَ سنيهو.
جي آن پيرو نہ ڪيو، تان موڻ مٿي مٽيج،
ماڻي، پرينءَ سنيهو.
نماڻيءَ جي نجهري، ڀيـهـي تـون ڀچيج،
ماڻي، پرينءَ سنيهو.

## داستان ستون

( ١ )

سڱ ڪري سين سينهن، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
رمج راڻي پٽ ۾، نرتون منجهان نينهن،
اڻن م وسيج عام تي، جن مومل وسن مينهن،
سندي حشر ڏينهن، سوڍو سارينداڻ گهڻون.

( ٢ )

ونيو وڃج واٽ، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
لوڻي ڦير لپاٽ، متان لـڳئي لطيف چئي.

( ٣ )

ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين، وڻيو وڃج راھ،
اَڄ ڪِي سنجهه صباح، نيئي ڌڙ ڀندءِ ڌوڙ ۾.

( ٤ )

جا پون پيرين مون، ما پون مٿي سڄڻين،
ڏِگ لڳا ڌوڙ ۾، آئِي ڏِٺا سون،
ڏِينهن مڙيئي ڏون، آئي لوچ، لطيف چئي.

( ٥ )

ڦلائيا ڦند پيا، لڏيو لطيفن،
هٿان حبيبن، ڪونھ ڏکويو ڪڏهين.

( ٦ )

راڻو پاڻيءَ راند، وڃيو پيا ور رائين،
وَرَ وِڏوڻو اِيهٽين، جِنَ پر اڄتوءَ هاند،
هيءَ پڳيءَ هيڪاند، سوڍو سارينديُن گهٽون.

( ٧ )

رمن م رسڻ گهوريو، پل م پري وائنُن،
پريم پسي ڪالهيون، مديون مون هٿان،
ڪميڻيءَ ڪنان، ٿين موراٿين متيون.

( ٨ )

رَتَ مَ، رَمَتَ گهورِيو، آتَ اوراهوَن آڻ؛
ليڙِي جو، لَطِيفُ چئي، تَنَگَ سوارو تاڻ،
شرمِندِيون سيِن ٻرين، ٻئيءَ لائِج ٻاڻ،
آچِي مُشڪ ماڻ، تَہ سوڍا، سُکيائي ٿِيان.

( ٩ )

رَتَ مَ، رَمَتَ گهورِيو، آتَ اوراهوَن چور،
توري ڪاڪِ ڪڙِي ٿِيي، ماڻ سِرڪَنڊ سوڙ،
آچِي چَندَن چوڙ، تہ سوڍا سُکيائِي ٿِيان.

( ١٠ )

رَتَ مَ، رَمَتَ گهورِيو، ٻرچ، مَ وانءَ ٻري،
ماريِس ڦَتَ فِراق جي، جِهَتَ جي ذَري،
لالَن جي، لَطِيفُ چئي، سُونهائِي سري،
آبِس توکري، تہ سوڍا، سُکيائي ٿِيان.

( ١١ )

رَتَ مَ، رَمَتَ گهوريو، راڻا چڏِ رياءَ؛
سِيتِ مَدايون، موٽَ تون، ڪري نِرتِ نياءَ،
لالَن جو، لَطِيفُ چئي، ڪولهي سونهن سياءَ،
آوَنَہِ ڏِکي آءَ، تہ سوڍا سُکيائِي ٿِيان.

( ١٢ )

رمي ۽ رسي گهوريو، چڏ راتا ربڏائي،
منهنجي ميت ميندرا، عاقل، آگلائي،
لپينج، لطيف چئي، ڪامل ڪچائي،
ڪر معاف مدائي، ته سودا سکيائي ٿيان.

( ١٣ )

ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، جلي منهنجي جان،
رکي ڪام ڪٽڪيو، ماريس تنهن ڪمان،
هڏ نہ جيان هاڻ، سکهو مونجي، سپرين!

( ١٤ )

ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، پريا محل ساڳ،
سوڍي جي، سرتيون! وڌيس وه ويراڳ،
سوڙن لائيا سانگ، سکهو مونجي، سپرين.

( ١٥ )

ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، پريا رنگ رتول،
تو پڇاڻان، سپرين، هينئڙي آهن هول،
جي مون سين ڪيئي قول، سي سکها پارج سپرين.

( ١٦ )

ڪاڪِ ڪَڙهي وڻ وِيا، لوئو لَڏاڻو،
تو پهچاڻا، سپرين، آتڻ آجهاڻو،
ميِنِ سِين ماڻو، مناسب نہ مينڌرا.

( ١٧ )

حال قربان، مال قربان، گهوريان لَڏاڻو،
فدا ٿيءِ فقير جو، شل رسي ۾ راڻو،
ميِنِ سِين ماڻون، مناسب نہ مينڌرا.

وائي

ڏورِ وڃيو، ڏينهن لائي، ڪا سوڍل کي سمجهائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳٺي.
ڇنا، منهن، ماڙيون، اوڏاهن آڏائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳٺي.
ميڙ منجان ٿي، مينڌرا، تو ڏرِ تيلاهي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳٺي.
منٿ منهنجي مينڌرو، مان ۾ موٽائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳٺي.

ڻيل مينهن فِراق جا، وِيڙهي وساڻي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڄهہ پئي.
سوڍا، مِرڻ گهوريان، آءُ ڪرهہ ڪاڪ وراڻي!
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا پاڄهہ پئي.

## داستان اُٺون

( ١ )

ڪين سا ڳاهيم، سپرين، جاڙون ڪيم جال،
سوڍا، مون کي ڪالهہ، موٽي منهن ۾ آئيون.

( ٢ )

ڪين سا ڳاهيم، سپرين، جاڙون ڪيم جِتِ،
سوڍا مون کي تِتِ، موٽي منهن ۾ آئيون.

( ٣ )

ڪين سا ڳاهيم سپرين، جاڙون ڪيم جي،
سوڍا مون کي سي، موٽي آئيون منهن ۾.

( ٤ )

ٿمڻوشي خبر حي، مومل ٿي مت،
سبر ٿيم سوت، منهنجي حق، ميندرا!

( ٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مومل مٿ ٿيو،
تو جو ڪالهه ڪيو، تنهن مڏيون ميڙي ڇڏيون.

( ٦ )

تو ۾ ٻڌيس ٿي، جي منهن ۾ مڏيون نه ڏيين،
ڍولا، جي ڏڪيئي، سي متان عيب آهنيين.

( ٧ )

جي منهن ۾ مڏيون نه ڏيين، تو ۾ ٿي ٻڌياس،
سوڍا، اِن سهاڳ ڪي، وٺي واجهاياس،
ڍولي ڏکياس، ڏيئي ٻانڌ ٻناه جو.

( ٨ )

ڍولي ڏڪي آهيان، هيس آکهڙي،
ڏيئي لک لاڙي، ککر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ٩ )

ڍولي ڏڪي آهيان، هيس آکهاڙي آڪ،
جوڙي وچان جڳ، ککر ڪيائيم ڪاڪ جو.

( ١٠ )

ڍولي ڍکي آهيان، هيس اگهاڙي آنءَ،
رکي پنهنجو نانءُ، ککر کيائيم ڪاڪ جو.

( ١١ )

ککر کيائيم ڪاڪ جو، ڏيئي لاڙيءُ لِڪ،
هاڻي مٿي ڏک، چڙهيو ٿي، چاڳ ڪريان.

( ١٢ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مرڪ لڄاين،
چپ ميں جي چون، آدب ڪجي آن جو.

( ١٣ )

سوڍا، صبر تنهنجو، لڄاين مرڪ،
نه ڪڇڻ مين نڪ، ريءَ رڪ راڻي وڍيو.

( ١٤ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مين سيڪاري،
مومل جي واري، ڪه چاٽان ڪه ٿيو.

( ١٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، سيڪاري سهس،
پڇي ٿٺان پهس، مون کي نصيب نيئي جهليو.

( ١٦ )

سوڍا، صبر تنهنجي، ماڙهو ڪي مومل،
ڪپر منجهان ڪل، پيم پرين تنهنجي.

( ١٧ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مون کي نصيحت،
ريلا ڪنديس رت، مينڌرا، تو مهندان.

( ١٨ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقلن عقل،
آهي آلڪ آمل، ماڻ تنهنجي مينڌرا.

( ١٩ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقل آڻي باز،
سندي صبر ساز، توبهه ڪاريم تڪڙي.

( ٢٠ )

سوڍا، شرمايون، پسيو عيب آکيان،
نڪ نرجايون، هيون منهنجي حق ۾.

( ٢١ )

موني آئيو منهن ۾، سوڍا، شرم جن،
سي لڄايون لڄن، پسيو عيب آکيان.

( ٢٢ )

آديون، آتڻ واريون، نرچا نڪ ٿيا،

وڏيا، تان نہ ويا، ھاٺان موريا منھن ۾.

( ٢٣ )

موري منھن وڏا ٿيا، وڏيا، تان نہ وڃن،

آديون، آٺاسن، تن ڪوجھن کي ڪئن ڪريان.

( ٢٤ )

جنين سندي منھن ۾، نيھائيون نڪن،

تنان وڏيو ھيڪڙو، تہ ڪھڙو نورو تن؟

مي مر سڄاڻي سونھن، جن پلي پينگ پرم جي.

وائي

آءِ، راٺا! رہ رات، تنھنجي چانگل کي چندن چاريان.

راتيان ڏينھان روح ۾، تن تونھين جي تات،

تنھنجي چانگل کي چندن چاريان.

ويئي نت نھاريان، آچين جي پرڀات،

تنھنجي چانگل کي چندن چاريان.

مون کي آھي، ميندرا، وائي تنھنجي وات،

تنھنجي چانگل کي چندن چاريان.

## داستان نائون

( ١ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن، ڪيو سامِيءَ سهائو،
لٿو اولڏاهو، جوڳِيءَ سنديءَ جوت مان.

( ٢ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، ولات سڀ واسي،
سوڏو سنامي، آتاهين ئي آئيو.

( ٣ )

راڻي ريبارو، توڏانهن مڪو تڪڙو،
لڏاڻان، لطيف چئي، ماڻج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.

( ٤ )

راڻو رب راضي ڪري، مان ورائي واڪ،
چندن سين چڪ ڪري، مومل لنبي ماڪ،
سوڍي جي سهاڳ، ڏٺ مڙوئي ڏکيو.

( ٥ )

نئون نياپو آئيو، راڻي ملا رات،
لڌيسون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
کهڙي پچين ذات، جي آئيا سي آگهيا.

( ٦ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چناڻو،
منجهين ڪاڪ ڪکوڙئي، منجهين لڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، ري راڻي پيو ناهہ ڪي.

( ٧ )

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چناڻو چوڏار،
منجهين ڪاڪ ڪکوڙئي، منجهين باغ بهار،
ڪانهي پي تنوار، ٿيو مڙوئي مينڌرو.

## وائي

ڪي جو ڪاڪ تڙاهہ، چانگي چرهو چکيو.
ڪرهو سرهو ڏيهہ پر، نہ تنهن ڏپ نہ ڏاهہ،
چانگي چرهو چکيو.
ساهہ پراڻي آئيو، لالي لڏاڻاهہ،
چانگي چرهو چکيو.

ڪَرَهِي ڪانيِنا رَتا، نائِي ناڪيلاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

وَڳَ واسِيائِين پانهنجو، سَڀ نِي سُراهڻاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

تُون ڏاتِي، ڏِتَ ڌَڻِي، تُون راڻو، تُون راءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

مُومَلَ مَحتاجِيُون ڪري، عاجِزِيُون آڪِيناءِ.

چانگي چَرَهو چِڪيو.

آءٌ تُون، عَبداللطيف چئي، مونِي هِن مَحَلاءِ،

چانگي چَرَهو چِڪيو.

# بروو سنڌي

## داستان پهريون

( ١ )

چاڪي وڃيو چو، ٻيلي ٽئين ٻين جو،
وَٺ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو.
سؤڪو هوندو سو، جنهن جو عشق الله سين.

( ٢ )

جنّن ڪا ڪاني ڪالهن، لسندي لا تيون ڪري،
آچي ٻيئي اوچتي، درد ٻريان جي دانهن،
ويج ڏنيئين ڪهه ٻانهن، سور هينئين ڪي سامهان.

( ٣ )

ٻروس ٽيم ٻراڻ، ٻرين وس نه ٻانهجي،
لڳي ڪينءَ لطيف چئي، ڇپر ڇاتيءَ ساڻ،
ٻرين ڏيکاري ٻاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

( ٤ )

آچين جي هيڪار، مون سارينديي سپرين،
پرين ڏريان پنبيون، هنڌ وچايان وار،
ساڄن سڀ جمار، هوند ڪولي نه گذاريان.

( ٥ )

مون سارينديي سپرين، آچين جي تون هاڻ،
ڪريان روح رهاڻ، هوند لکن منجهه لطيف چئي.

( ٦ )

ڏر تي ڏونهينءَ جئن، مڙان سپرين جي،
لکو آهي لطيف چئي، تن پريان ڏي تيئن،
جي حاصل نئي هيئن، قرينو قريب جو.

( ٧ )

لکيءَ جو لطيف چئي، نڪو قال نه قيل،
لکئي لامون ڪوڙيون، نيڻين وهي نيل،
هيئڙا نيءُ سڏير، ڪالهه قريبن لڏيو.

( ٨ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، هيئن نه مناسب هوءِ،
لائي چت، چريو ڪري، هاڻ ڪڏي ونين پوءِ،
توڙي حب نه هوءِ، ته به هوت نه ڪجن هيڏيون.

( ٩ )

ڀلي ڪيئي، ڀلا ڀرين، هيءَ نه شان سندوءِ،
پهرين لايو پريٽون، ڪين ڀڃين تو ڀوءِ،
قادر شال ڪندوءِ، ميڙو هن مسڪين سين.

( ١٠ )

ڀلي ڪيئي، ڀلا ڀرين، مون نه ڄاتو ايئن،
هيڻون هيرائي هٿ ڪري، هليو ويندين هيئن،
سا سڪ سلان ڪيئن، جنهن آندر آهيرا ڪيا.

( ١١ )

آڄ ٻن آکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، ٻوندون ٻس نه ڪن،
سنڌي سڪ ڀرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

( ١٢ )

آڄ ٻن آکڙين سين، ڪوٺي ڪتائون،
ماس وراهي هليا، ڪرنگل ڇڏيائون،
"وتواصوابالحق و تواصوابالصبر"، ايئين آنيائون،
مٿي ماريائون، ڪلي ڳهايو سڄڻين.

( ١٣ )

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ٻہ اوڏا سپرين،
ڪي چت نہ چڙهن ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور،
جٺن سينهن ڪنڌڙيءَ پور، تٺن دل وراڪو دوست سين.

( ١٤ )

مانهو گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في‌الحال،
ڪيس نانءُ نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

( ١٥ )

هيرائي هٿ ڪيو، هيٺڙو حبيبن،
ٻڌي ڪچيءَ تند ۾، سلهاڙيو سيڻن،
وجهي ٻيچ ٻرين، هينڙو هٿيڪو ڪيو.

( ١٦ )

جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت ناهہ ڪا، ڏيهان حيراني،
آئون پانهنجي ٻرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نات ڪير وس وصال ڪي.

( ١٧ )

جڏهانڪر ٿيام، ساڃاه سپرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو، وير نہ وسريام،
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

( ١٨ )

جي مون گهر آچين سپرين، هوڏ ڇڏي هيڏي،
ڳالهيون ڳجهہ اندر جون، تن گهريون تو ڏي،
جي وهين ڪڏ ڪوڏي، تہ ڏور سٺايئين دل جا.

( ١٩ )

ڪڏهن ڪلن ڏر دوستن جا، ڪڏهن طافيون ڏين،
ڪڏهن آچان، آچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوئيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهالدر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

( ٢٠ )

ڪڏهن ڏر ڪشادا دلبر سندا، ڪڏهن هوريو ڏين،
ڪڏهن وڃان، وڃي نہ سگهان، ڪڏهن سڄڻ پاڻ سڏين،
ڪڏهن ڪڇن ڪينڪي، ڪڏهن ٻاجھہ منجهان ٻولين،
ڪڏهن قول ڪرين، ڪڏهن حرف نہ ڪڇن هيڪڙو

( ٢١ )

آنارو تنهن عِشق جو، ڪَڏهن ڪونہ ٿيوم،
مَحبوبن مِنٿون ڪري، سِڪڻ سيکاريوم،
تهان پوءِ ٿيوم، آرو پسڻ پرينءَ جو.

( ٢٢ )

توَن صاحبزادو سپرين، آئون نِسورو نوڪر،
بيحد ڪَريان بندگي، هَٿ ٻڌي حاضر،
چِنَ چڏيندس ڪين ڪي، دوست اوهان جو دَر،
مون تان مِهر نظر، پرين، لاهِ م پانهنجو.

<u>وائي</u>

هوت نيٺان دا دِلبند، لو، پلو جيڏيون!
هيڏانهن هوڏانهن سپرين، ڪاڏي واريان ڪنڌ؟
لو، پلو جيڏيون!
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، راهَ پڇايان رَند،
لو، پلو جيڏيون!
ساڄن سيڻان سهڻو، مائينءَ جو سوگند،
لو، پلو جيڏيون!

## داستان پيو

( ١ )

آهين شان شعور سين، جانب تون جيڏو،
مون تي ڪر، منهنجا پرين، توه تسي تيڏو،
اي ڪامل ڪرم ڪيڏو، جي نوازين نگاه سين.

( ٢ )

جانب منهنجي جي م، جي تو طمع پوءِ،
ته ڪج ڪاتي وڍ آنگرا، آدب ڪر م ڪوءِ،
پانيان پال سندوءِ، جي ساڄن سنئون نهارئين.

( ٣ )

جانب، ايئن نه جڳاءِ، جئن ماريو، موٽيو نه پڇين،
رتي رت نه سنجري، سڪ تنهنجي ساءِ،
اسان توهين لاءِ، تي پر م پڇائون ڪيون.

( ٤ )

جڏهن پوي تي ياد، صحبت سپيرين جي،
فريادون فرياد، ناڳه وڃن نڳيو.

( ٥ )

جڏهن لهارن لپيئو، ڪڙو منجهہ ڪڙي،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سرگهو ڪيو.

( ٦ )

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پوءِ پڻ "بسم الله" چئي، راهہ ڇهي ٿي رند،
آيين گهڻي آدب سين، وڃي حورون حيرت هنڌ،
سائينءَ جو سوڳند، منهنجو ساڄن سينئان سهڻو.

( ٧ )

ساڄن! سپاهي، آئون اوهان جو آهيان،
آڇان وڃان سيڪنهين، وڃان واجهائي،
لالن تو لائي، ڪينڪاريم ڪرن ڪي.

( ٨ )

فاني ٿي فاني، دنيا دم نہ هيڪڙو،
لٿي لوڙهہ لتن سين، جوڙ بندءِ، جاني!
حرف پچندءِ هيڪڙو، ظاهر زباني،
ڪوڙ رءِ ڪاني، آهي سر سيڪهين.

( ٩ )

پرِ پنجوءَ وِيهي، کهڙي ڪندين ڳالهڙي،
جاڃي ماڃي موٽيا، وَرَ وَنيءَ ڏيٺي،
خبر نہ پيٺي، تہ ڏيج ڏنائون ڪيترو.

( ١٠ )

نيڻَ صَقيلا سِپرين، پونَر پِرون پالا،
چِڪيا ڦَٽ فِراقَ جا، آندَرَ ۾ آلا،
يارَ ميڙئين، پالا! جِنهن جي صُحبتَ ڪاڻِ سِڪي هِينئون.

( ١١ )

وِيئو ڏِسان راھ، آڄ پڻ آيا ڪِين ڪي،
ساڄَن لاءِ سِڪي گهٽون، سِنهجو سارِيو ساھ،
آئين شالَ اَللہ، تہ آڳِ ٿِينم آجرا.

( ١٢ )

آڄ پڻِ آڪَڙِيون، سارِيو رونِ سڄڻ ڪي،
جانِبَ جي جمالَ ڏي، تانين ٿِيون تڪڙيون،
جي وَھم پِرِيان وَڪَڙِيون، تنِ آڄ آڪِين ڪي نہ لهي

( ١٣ )

آڄ پڻ ڪيا آڪين، آبر جِئَن آڳر،
ڳوڙهنِ ڪيو ڳلنِ ڪي، نائي ھائي نم،
ٻوندن بس ڪي ڪانڪا، دوست پڄاڻان دم،
حبيباڻا ھم، ماڙيندا سر ير ڪي.

( ١٤ )

آڄ پڻ جڙير جوڙ، دوست پيھي در آئيو،
سڪن وٺي ڏڪن ڪي، محڪم ڏني موڙ،
جا پر ڪئيءَ ڪور، سا پر سورنِ سين ٿئي.

( ١٥ )

آڄ پڻ آنڪيم آنڪ، ھتان حبيبنِ جي،
جا پر سونيءَ سنگ، سا پر سورن سان ٿئي.

وائي

مولو ڪندو ماڙ، منھنجي آللهَ ڪندو ماڙ،
ھادي! ڏيئي ھٿڙا، آڇي چڪو مان مون چاڙه،
منھنجي آللهَ ڪندو ماڙ.

ڪشتي ڪمينن جي، آللهَ لڳ آڪار،
منهنجي آللهَ ڪندو مارِ.
هو جو ويري وات جو، سائين! نيٺي مارِ،
منهنجي آللهَ ڪندو مارِ.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، سڀ لنگهيندا پار،
منهنجي آللهَ ڪندو مارِ.

## داستان ٻيون

( ١ )

عشق اهڙي ذات، جو، مانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏيهان ڏورڻ ڏونگرين، رڻ سڄيائي رات،
آئيي ويٺي تات، ميان محبوبن جي.

( ٢ )

پيٺي ناهِ پنيور ۾، جنهن جي ڏٺيان ڏار،
تنهن ڪميءَ جي ڪان ڪي، ساڻ لڏيندي سار،
آهه عالم جا آڌار، واري واڳ ولهيءَ تي.

( ٣ )

يارُ مَڏائِي سِيڪو، جانِي زَبانِي،
آهي آسانِي، ڪَم پِڻي ڪَل پوي.

( ٤ )

آدِمن اِخلاصَ، مَڻائِي مائو ڪيو،
ڪونهَ ڪائِي ڪِنهن جو، سَندو ماڙهوءَ ماسُ،
دِلبَرُ هن دُنيا ۾، وِڃِي رَهندو واسُ،
پِيو سَڀ لوڪ لِباسُ، ڪو هِڪَدِل هوندو هيڪڙو.

( ٥ )

سُورَنِ سانگهيڙا ڪِيا، مَتِي مُون مَعذُورُ،
آئون هِت وِيڻي وِڃهلان، مَران نِتَ مَهجُورُ،
جي دوستَ مَنهنجا دُورُ، سي والِي وَهلا آئِين.

( ٦ )

سَهڻي مَڏائِين جِي، جي ڪَل پِريان پِيئي،
تَہ ڪَڏهن ڪڪوسا نہ ٿِيا، ڏورِهڻ ڏِيئي،
ساجن سِيئي، ڏِڪيم ڏول ڏِلانيون.

( ٧ )

دل جو دلبر هيڪڙو، گهڻن تان نہ ڪجن،
دل ڏجي ڪي هيڪڙي، توڙي سو سڪن،
سي چلولا چئجن، جي در در لائن دوستي.

( ٨ )

شڪر گڏياسون سپرين، جاني جڙي يار،
وٺي جنين جي وٽ ۾، ڪوڙين ٿيا قرار،
ڏٺيرا ڪر ۾ ڏار، ٻاڙو تن ٻرين جو.

( ٩ )

ڪتان سڪئين سپرين، ڪاماڻڪي ڪار؟
تڪي ڪاتي هٿ ڪر، مڏيءَ سين م مار،
ڇوري ڇاڪ نهار، سورن سانگيڙا ڪيا.

( ١٠ )

ڪوڙي ڪرڻ م سپرين، ڪنيئي تان ڪوڙ،
عادت جا آڪين جي، سا نيئي نباهج توڙ،
مون ۾ عيبن ڪوڙ، تون ٻاجهه سجائج سپرين.

( ١١ )

ڏاتر مون ڏيکاريو، هوتن جو حضور،
ٻرين ٻرچڻ جو ڪيو، موتائي مذڪور،
اِي دوستن دستور، جڻ چنين ڇجن ڪين ڪي.

وائي

وتان وچ ۾ مون، منهنجو تونهين تون،
ڪونه مٽي ڪو ٻيو وتان وچ ۾ مون،
مون تڏهانڪر مڃيي، جڏهن "ڪن فيڪون"،
وتان/وچ ۾ مون.
آهڪيءَ رب احمدا، آڳيان سوڙهي ٻون،
وتان وچ ۾ مون.
رس محمد ڪارڻي، جتي هونگ نه هون،
وتان وچ ۾ مون.
آکهه هن امت جو، آهين تونهين تون،
وتان وچ ۾ مون.

# ڏهر

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪِر ڪي ڳالهڙيون، ڪَنڌا ڊور ڏئين جون،
ڪيئن مِي راتڙيون، ڪنهن پَر ڏينهن گذارئين؟

( ۲ )

ڪِر ڪا وِبهي ڳالهه، ڪَنڌا ڊور ڏئين جي،
مهڙي آڄ تون حال، ڪيا ڏينهن گذارئين.

( ۳ )

ڪَنڌا تو وٺان، سچ ڪي سيٽن لڏيو؟
مهر تو منجهان، ڇيو پون ڇڱا ڪيو.

( ۴ )

ڪَنڌا ڪچاڙيان، آيو آهين ڀِل ۾؟
پرين پچاٿان، سڪي پانهڪر نه ٿئين.

( ٥ )

ڪنڍا ڏور ڏٿين جو، جي تو ھڻڙو سور،
لاءِ من مٿي پور، ھوند نہ چاڙھيئي ھيترو.

( ٦ )

جي تو ھڻڙو وڍ، ڪنڍا ڏور ڏٿين جو،
پاڻان ڏيئي ڏڍ، موريي مچر نہ ڪريين.

( ٧ )

ڪنڍا تون ڪيڏو، جڏھن پريو ڏور وھي،
جسودن جيڏو، تو ڪو گڏيو ھيڙو.

( ٨ )

سچ سڪ سڪو ڏور، ڪنڌي آڪ ڦلاريا،
جنگين چڍيو زور، سر سڪو، سونگي گيا.

( ٩ )

جڏھن ڏاکي ڏور، پئي وھن پليار ۾،
تڏھن تازڙين طر، ھئو جسودن سين.

( ١٠ )

سڪي ڏور ڏيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪاٺو،
ھاٺي ھنيھل ۾، آج آکيون نہ آيو،
ماڙھن ميڙاٺو، ڪنھين ڪنھين پيٽيين.

( ١١ )

ٻيهل تو ۾ ٻور، آڪيون آهه نہ آب جو،
سڪيئن ڪهڙي سور، ٻيئي واري وچ ۾.

( ١٢ )

ڍور نہ آڪين ڍار، مهند ملاحن لڪيو،
موڙي چوڙيا مڪڙا، ٻسي پاڻيءَ ٻار،
جسودن جيها يار، ٻيڙا وير وماس ۾.

( ١٣ )

جان واهڙ ۾ وهه، تان تون مچ نہ موليو،
ڪائي ۾ ڪوهه ڪرئين، هوءَ سونهن جو هه،
مر مٿي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

( ١٤ )

جان جر هئڙو جال، تان تون مچ نہ مونئين،
پوندئي آج ڪِ ڪالهه، سانيرون سانگن جون.

( ١٥ )

جان جر هئڙو سر، تان تون مچ نہ مرئين،
آذا آذي ڪير، ڪهت بہ جهليئي گهاتئين.

(۱۶)

مَتو آهين مَڇَ، ٿلهو ٿو ٿونا هٿين،
جا تو ڏِني آڇَ، تنهن ٻاڻيءَ ٻَنان ڏِينهڙا.

(۱۷)

ڏوران ٻِسي ڏورِ، وهين جي وهرون ڪري،
هوند نه وِڌئِي هورِ، مالگَرِياڻِي مڇڙا.

(۱۸)

ڪنڌي ڪَلين وِچ ۾، جڏهِن هَنئي جنِ،
مونِي مون پِرينَ، ڪَڏَڻ جِي ڪان ڪئي.

(۱۹)

ڪَنڌي ڪَلينِ وِچ ۾، جڏهِن هَنياٿون،
موت نه مارِياٿون، ڏور وِجهي وِيا ڏَک جِي.

واٺي

لاٺي جا وَرن ڪي، سا ڪانڌ مَنهينجي ڪورا.

ماڻ مارِيندمِ ڪَڏهين، هوتاڻين جا هورا،

سا ڪانڌ مَنهينجي ڪورا.

سيٽين سرڪنڌ سپچي، پيو عطر ٻرين آتوارا،
ما ڪانڌ منهينجي ڪورا.
چبر ڪٿوري ٽيو، ٻي تازي ڦلڻ ڦورا،
ما ڪانڌ منهينجي ڪورا.

## داستان پيون

( ١ )

ڏٺي سو وارثين واڳ، جو ميڙائو سڄڻين،
ونهيڻن واٽ مٺاڳ، هنڙي آسر نہ لهي.

( ٢ )

مديني جا مير، مون منهنجا مڏڙا،
سرڻ تنهنجي مير، تون ٻار لنگهائيين ٻيڙا.

( ٣ )

مديني ڏٺي، مون منهنجا مڏڙا،
تنهنجي آهِ تٺي، ٻي ڪنڌي ماريان ڪانڪا.

( ٤ )

مديني جا گهوٽ، مون منهنجا مڏڙا،
ڪج محمد موٽ، عاصي تنهنجي آسري.

( ٥ )

مَدِينيءَ جا شاهَ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
ڪارڻ لَڳ اللهَ، سِکهو، رَسج سِپرين.

( ٦ )

مَدِينيءَ جا ماهَ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
پيو نہ وَسيلو واهَ، آهيان تَنهنجي آسري.

( ٧ )

مَدِينيءَ جا شير، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
پَر مَبارڪ پير، عاصي تَنهنجي آسري.

( ٨ )

مَدِينيءَ جا جامِ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
آهيان تَنهنجيءَ سامَ، سِکهو رَسج سِپرين.

( ٩ )

الله جنّن نالوءِ، تِنّن مون وَڏو آسرو،
خالق! تَنهنجي ڪاند جو، پَرو پاند نہ ڪوءِ،
نالو رَب سندوءِ، رَهيو آهِ روح ۾.

( ١٠ )

مِنو جِنَ نالوءَ، تِنَ مون وَڏو آسَرو،
ڪو دَر ناهِ جهوءِ، مون پِيا دَر گهٽا نِهارِيا.

( ١١ )

عَجب جهڙي آهِ، صاحِبَ تُنهنجي صاحِبِي،
وَڏي سَکَهَ سَندياءَ، پاڻ وَهيڻون آهِيِن.

( ١٢ )

عَجَبَ ڏِٺي مون، صاحِبَ تُنهنجي صاحِبِي،
پَنَ پوڙين پاتار ۾، ڦهڻ تارين تون،
جيڪَر آچين مون، تہ مِيرِيائي مانَ لهان.

( ١٣ )

سَترَ ڪج سَتار، آئون اَگهاڙي آهِيان،
ڏِکئين ڏِکڻهار، ڏيئي پاند پناهَ جو.

( ١٤ )

وَڏي سَکَهَ سَندياءَ، پاڄهنِ پَريو آهِيِن،
مون تان مِهر م لاهِ، آئون تُنهنجي آهِيان.

( ١٥ )

ستر ڪر ستار، آئون اگھاڙي آهيان،
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناهہ جو.

( ١٦ )

جيڏو تنهنجو نانءُ، پاڄهہ پ اوڏيائي سگھان،
ري ٽيپن، ري ٽوٽين، تون چپر تون چانءُ،
ڪچاڙو ڪهانءُ، توکي معلوم سڀ ڪا.

( ١٧ )

ناتو نمائيءَ سين، م ڪر ڏول ڏلو،
ڪونهي ڪميڻيءَ جو، بِکر تو بِلو،
تنهنجو نانءُ للو، ولِيو وِيئي آهيان

## وائي

مون کي ننڊ نہ ليٽين نيٽين، ڪالهون پوءَ لڪن ہ،
موٽ آبل ماءُ منهينجي، تان تو ڏک نہ ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالهون پوءَ لڪن ہ.
هوءَ نہ نينم پاڻ سين، آئون تان وِبندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالهون پوءَ لڪن ہ.

ڪالهوڻيان آج گهڻي ڪر، جهورڙي جهيڻين جهيڻين،
ڪالهون پوءِ لکن ھ.
پيون سپ واڪيون ورن سين، آئون واڪڙي ويٺين ويٺين،
ڪالهون پوءِ لکن ھ.
هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن، روئي رتڙو ڪيٺين ڪيٺين،
ڪالهون پوءِ لکن ھ.

داستان نيون

( ١ )

ڪر ڪو پيرو ڪانڌ، مون نمائيءَ جي نجهري،
پرين تنهنجي پانڌ، ڏولا ڏکي آهيان.

( ٢ )

جئن تون قائم ڪانڌ، تئن آئون ور ولهي نه ٿيان،
پکي چنان پاند، ڪنڌ نه جاٺي ڪو پيو.

( ٣ )

ڪانڌ پين ڪيترا، مون ور وڏي وٿ،
ٿان ڏيئي هٿ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا.

( ٤ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي جوءِ،
لوڪ نہ آڇي آوءِ، جي ڏسي عيب آڪينِ سين.

( ٥ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي ڪاند،
پاڻان ڏڪي پاند، جي ڏسي ڏوهہ آڪين سين.

( ٦ )

ڪانڌ ٻينِ ڪيترا، مون ور وڏي ذات،
لوڪ نہ آڇي وات، جي ڏسي ڏوهہ آڪينِ سين.

( ٧ )

هي تان ٿورڙيون، جي تو پوري پائيون،
راتيون پيون گهٽيون، جي تو اِنديون هيڪلي.

( ٨ )

ور سين وڃهيو ڪاڻ، ڪر سين ڪلمون پائيين،
پوري منڌ آڇاڻ، ڪڻ ڇڏيو تهہ ميڙئين.

( ٩ )

متا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.

( ١٠ )

ڪِي سمهه ڪِي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
اِيَ مانجهالُڊي جو ماڳ، جو تو ساڻيهہ پانئيو.

( ١١ )

جاڳڻ منجهان جس، آهي آدا جن کي،
لاهِي جو لطيف چئي، مٿان قلب ڪس،
ورنهہ ڪجا وس، صبح ساڻ سيد چئي.

( ١٢ )

سُتي نہ سرنديا،ءِ، ڪر پچار پرين جي،
وِهامِي وِيندِياءِ، گهٽا هٽندين هٽڙا.

( ١٣ )

سمهڻان ساڙو، جيڏيون جيڏو نِي ٿيو،
پرينِ سين پاڙو، منهنجو ننڊ نبيريو.

( ١٤ )

سمهڻان ساڙو، جيڏيون جيڏو نِي ٿيو،
هوت لکِيا هاڙهو، تون آناسِي اوجهرِين.

( ١٥ )

پره ڦٽِي رات وئِي، جهيڻان ٿيا نڪتَ،
هارِي وِيئِي وتَ، گهٽان هٽندين هٽڙا.

( ١٦ )

سَڄيون راتيون سَمَهين، ڇڏيو ٻي ٻچار،
پاڻيئي سپ چمار، سڄڻ هوندا مان ڪَري.

( ١٧ )

ڍول م ڪَٽي پانهڙي، ٻرهه م ڪَٽي ٻاند،
آئون پانهنجو ڪانڌ، لوڪان لِڪي راڻيان.

( ١٨ )

ڦِريا ٻسي ڦيڻ، ڪَرِين ڪير نہ ڇڪيو،
ڏنيا ڪارڻ ڏين، وڃائي وِلها ٿيا.

( ١٩ )

مَسَنِ مَنهن سَنرا، ڪَريا گهٽون ڪلنِ،
مي تان وِسَرينِ، آيا جنِ ڪمن لئي.

## وائي

مون سين هوت نہ ڪندڙا هينئن، ماڻهو جام نہ ڪندڙا هينئن،
آلا! مون نہ ڇڏيندا ڇيرين.
هوتنِ جي هيڪاند ڪي، روئان راتو ڏينهن،
آلا! مون نہ ڇڏيندا ڇيرين.

چيڙي وِڏيس چِيرِ ين، ووا ٻارو چاٽي نينهن،
آلا! مون نہ چَڏيندا چِيرِ ين.
لَکون لَکَن ڪوسيون، ڏاڍا تَپَن ڏينهن،
آلا! مون نہ چَڏيندا چِيرِ ين.
مون کي ٻرينِ ميڙَئين، روڄهڙيون ميڙَئين مينهن،
آلا! مون نہ چَڏيندا چِيرِ ين.

## داستان چوٿون

( ١ )

روءِ راماڻا ڪَن، آج ٻَن هَلشَهاريون،
ڪَرڪَل ڪونجڙينِ، راڻي ۾ رات ڪيو.

( ٢ )

قسمت آندي ڪونجڙي، وطن سندس روهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾.

( ٣ )

وَڪَرَ اکيري، سَرَ سارِيو سور چري،
جهري جهجندي ڏي، سَنيها کي سڄڻين.

( ٤ )

وڳر وساري، ويئن ڪئن. ماٺ ڪري،
ڪِ تون، نہ ماري، رڻ جهڻ سندي سڄڻين؟

( ٥ )

وڳر ويا وهي، ڪالهہ تنهنجا ڪونجڙي،
ڪندين ڪوهہ رهي، سر ۾ سيرين ري؟

( ٦ )

روهہ نہ وڻين رات، ڪوهہ نہ ڪرڪين ڪونجڙي،
آج توهين جيءَ تات، سر ۾ سارڻ آئيون.

( ٧ )

وڳر ڪيو وتن، پرتِ نہ چڻن پاڻ ۾،
پسو پکيڙن، ماڙهنئان ميٺ گهٽو.

( ٨ )

وڏي وڳر هيرئين، چڻي نہ پين گڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويئي وهامي راتڙي.

( ٩ )

م لنئن ڪونجڙي، ماٺ ڪر، چور م هينئين چاڪ،
ڌنيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو.

( ١٠ )

۾ لنئن ڪونجي، ماٺ ڪر، چور ۾ هينئين سل،
کوڙها منئي ڳل، جم وهائيءَ وهائيين.

( ١١ )

ڪونجڙي ڪالهه لنئي، سجڻ وڌم چت،
آئون جنهين ري هت، ڳهنگهر ڳهاريان ڏينهڙا.

( ١٢ )

آترَ ڏي آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري،
ٻرين ٻسي منجهه خواب، وهائيءَ وايون ڪري.

( ١٣ )

ڪونجون ٿيون ڪنڪن، جڪس هلڻهاريون،
ٻچا ٻوءِ آنن، وڃن وانڊا ڪنديون.

( ١٤ )

آيون ڍور ڍري، آصل سندي آسري،
ڪڙي هر ٿيون ڪري، پاٽان پير ڏکوبا پکئين.

( ١٥ )

ڏکر ۾ وائي، ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي،
سر ۾ سارينئي گهٽون، پينر ۾ پائي،
اسين نہ ڦاهي، جا ماريءَ سندي من ۾.

( ١٦ )

جتي نہ، آيي روءِ، منياريو ڪي متين،

هيءَ جهجندي چوءِ، تہ آئون آڪندي آهيان.

( ١٧ )

ڪونج نہ ٻسين ڪڪ، ڏٻ جنين سين ڏکيو،

ماريءَ ماري لڪ، وڳر هٿي وڇون ڪيا.

( ١٨ )

ماري مرين شال، ڏٻ وجنثي ڏيپون،

جئن تو آجي ڪالهہ، وڏو وچ ورهن ڪي.

( ١٩ )

ڪونج نہ لڪيو ٻاڻ، جو ماريءَ سندي من ۾،

اوچتي ٻرياڻ، وڳر هٿي وڇون ڪيا.

( ٢٠ )

بغل منجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪپڙا،

ماريو مير سلوڪ، لتاڙيو لڪ چڙهي.

( ٢١ )

چيتان ڪيو چٽيچ، ٻداماڻيءَ ٻٽ ۾،

نيٽين ننڊ م ڏيچ، چيڙون ڇير آئيون.

( ٢٢ )

سنگهارَن ساري، سائي ڏيج سنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، منڌ ڪاڄي ڪنڌ ٿين.

( ٢٣ )

ڪير ڪَريندي ريس، آيل سنگهارن سين،
جنهين جي خيس، واٺيون واري چڙيو.

( ٢٤ )

ڪاڄي ڪاهيائون، سچ ڪ سنگهارن لڌيو؟
مان تن ماريائون، پاٿان وڃهي گوندرين.

( ٢٥ )

ڪاڄي پيئي ڪوڪ، آيل سنگهارن جي،
سادر اوء ملوڪ، آئي وئڙا اکري.

( ٢٦ )

جين مي سنگهار، آجهي جن جي گهاريان،
مان لهنئون سار، وچ ولهين ڏينهڙين.

( ٢٧ )

ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، ايءَ نہ سنگهارن سٽ،
ڪاهي اِيندا ڪڏهن، مٿي واندِ وِمٽ،
جي ڦاٺون هونئي مٽ، تہ بہ آوڌو لاهه م آن جو.

( ٢٨ )

جھجان ڀِسيو جھوڪ، آيل سنگھارن جي،
جن ٿي ڀِڳي ڀِارِيا، منجھان مَٽن موڪ،
لڌي وِچان لوڪ، آئي وِيا آکري.

( ٢٩ )

جھوڪون نہ جھٽڪن، وڳ نہ ڀسان وٿ ۾،
آيل سنگھارن، جيڪس چِٽائو چِت ڪيو.

( ٣٠ )

جي پانڌين وس چران، تہ سنگھارن سين لڏ،
تہ ھاجي سندي ھڏ، ڪوڪ نہ سٿين ڪڍھين.

( ٣١ )

جي پانڌين وس چران، تہ سنگھارن سين گھار،
جنين سندي واڙ، چور نہ آچي ڪڍھين.

( ٣٢ )

جيڪا گھاري ماء، آيل سنگھارن سين،
تہ رکو سور نہ ڪاء، توني ھوء آوڳِڻي.

( ٣٣ )

ھُنين ڀڪون ڀونِ، پريا پاڻ ھئن ۾،
نيڻ منھنجا رونِ، سارِيو سنگھارن کي.

( ٣٤ )

منڊيون مٿين ڳڙنِ، جهوڪ ۾ سونهنِ ٻهيڙا،
سندي سنگهارنِ، جوءِ جياري جڏنين.

( ٣٥ )

پورينِ پاند ٽمنِ، جهاڳ جهاڳي آئيون،
ڪاڇو ميهڙينِ، منداڻو مائيو.

( ٣٦ )

راءِ سين رنا جي، تنِ جاڙ ڄجنِ جاڙ ڪي،
ڪَنِ مائيندا سي، جوڏهن چارو ڪچڙو.

( ٣٧ )

جاڳو جاڙ ڄجا، سما سک ۾ سمهو،
سو آن پارٽان، لاکو تو لوڙيون ڪري.

( ٣٨ )

ڄڃنان ڀلي ٻير، وڏو راءِ رڪاب ۾،
ڪيچ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

( ٣٩ )

ڄڃنان ڀلي نڪيو، ڏٻي ڀاڳوڙي ٻير،
جسي ڄ جسراج جو، مٿي وانڍين وير،
ڪيچ رهندو ڪير، لاکو لوڙائو ٿيو.

( ٤٠ )

ٽانو ڪين ٽلاڻ، سدا ھٿين ڪرڪرا،
لاکي لوڙائين جا، اعزائي آھجاڻ،
ڏٺي تنگن تاڻ، ڪوڪ ڪاريندا ڪيڙي.

( ٤١ )

لاکو لوڙائين سين، جوڙس تو جڙھي،
وڙھيو وريامن جا، ڏنيو ڏڻ ھٿي،
پيس جو پري، سو واھر ڪنھين نہ واريو.

( ٤٢ )

آڏيو جو اوڏن، سو شال ڏينگهر ڏيلو مَ ٿئي،
جنھن پر ويھي ڪن، ليکو لاکي جام سين.

( ٤٣ )

لاکي لڄ ڪنئي، آڳلن اوڏڙين جي،
ڪندو ڪانہ پئي، آڪ وسوڙل آھيون.

( ٤٤ )

لاکا لڄ سنڌياھ، اوڏ آڳلي آھيان،
ٻہڪا سڀ پرٿاھ، جي آجھي تنھنجي آڏيا.

( ٣٥ )

آڏيندي اوڏن، لڏڻ جي ڪانہ ڪئي،
لاڪو مٿان تن، اوچتوئي آئيو.

( ٣٦ )

لکي ۽ لاڪو، ٻئي مٿا ٻاجھ ٿئي،
قادر لاٿو ڪچ تان، آڏيون اولاڪو،
واندين ۾ واڪو، ريباري رهي ويا.

( ٣٧ )

چنل چڄ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا،
ٻورهي خاطر ٻانهنجي، آئين سوارا،
اوڏ ۾ ويچارا، لاڪا! وڃن لڏيو.

( ٣٨ )

نئي نهاريم نار، تان ٻرت پرائي نہ ٿئي،
ويچارا سنگهار، ڪنهن سائي جي سانگ ويا.

( ٣٩ )

ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هتا هنين ٻيٺين،
ڏور تہ ڏوريون يار، پيلي پنهين ڪنڌئين.

( ٥٠ )

رڙي ريبارڻ روءِ، واڙي پاٻو وِڇڙا،
ڪرا وڃڻ ڪنگهارڪي، چنچل آڀي چوءِ،
واڙي وِچ نہ ڪوءِ، لاکو لوڙائن سين.

( ٥١ )

ريبارڻ روئي، واڙي وِڌا وِڇڙا،
سمورا سوئي، هٿي هتان سات ويو.

( ٥٢ )

ريبارڻ ريجهاءِ، لاکو لولائين سين،
سائو مان سنڌياءِ، لُٽ مَنائي لاڪرو.

( ٥٣ )

لاکا لک سجڻ، ٻر قلاڻيءَ قبر پيو،
جنهن پرِ راڻا راڄيا، کوڙن ڏٿي ڪنبڻ،
جنهن جو جاڙيجڻ، متي سنڪو نہ لهي.

( ٥٤ )

جتن جاڙيجڻ سان، صنح ڪر سنگهار،
تون وڳ جڏين تو ويسرا، هوءِ جمڪيا ڀوڏار،
تو جيڏا تو بار، لاکي ڪئين لڏائيا.

( ٥٥ )

وَنھين سَنگھارِن جي، سونھاري سانجاڻ،
ھوءِ تا ھِين ھاڻ، ھرين ھارِين ھڙا.

( ٥٦ )

آڏي آڏي اوڙ، چڏي ويا ھيٺون،
نِڪاٺا ۽ نول، ھيا آھِين ھَٽَ ۾.

( ٥٧ )

ڪَڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪَڏهن مڙهه مقام ۾،
سَندو واريءَ ڪوٽ، آڏيو آڏبو ڪيترو.

وائي

توَن جو وِڄين ھيچ ڪھي، اي ادا، ڏيج ھاراھو ھرينءَ ڪي.

ڏک سَنھنجي ڏيل ۾، سَگھان ڪِين سھي،
ڏيج ھاراھو ھرينءَ ڪي.

آئون ٿوڙائي مارِئي، سَنھنجا واقف وَنڙا وھي،
ڏيج ھاراھو ھرينءَ ڪي.

ھينر ھن ھنيور ۾، سارِبان ڪونہ مھي،
ڏيج ھاراھو ھرينءَ ڪي.

سون مَٿيءَ مٿان ڪيترا، وِنڙا ڪانگ لَٿي،
ڏيج ھاراھو ھرينءَ ڪي.

# گهاتو

## داستان پهريون

( ١ )

ڪنگهر يا ڪهڻ ڄاڻ، سوڙهي مت مهائيين،
ويا ڪڏجي ڏيهه ۾، پيا منهن مهراڻ،
آڪيان هوبان ناڻ، ويا ويچارن وسري.

( ٢ )

ماڪ پڇاڻن موليا، متان رات ٿئي،
اوليون اڄهن لڳيون، ويا ونجهه وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪون آئيو.

( ٣ )

ڪو جو ٿيهه ڪلاچ ۾، جو گهڙي سو نئي،
خبر ڪون ڏئي، ته رڃ ڪڇاڙي رلديا؟

( ٤ )

ڪاله ڪلاچي ويا، ڄتيون ڪٺي ڄڪير،
پاٽرن پيرو نه ڪيو، آڏن ڪي آوير،
اهڙي خاصي ڪير، ڪن وراڻي جهلي.

( ٥ )

تريون پسان نہ تار ۾، جهڪيا جاءِ نہ ڪن،
مادر! ملاحن، ماڳ نہ ڏٺا مڪڙا.

( ٦ )

ڏهائي ڏنم ڪيترا، جنين ماريو موڪ،
گهر ۾ گهاتوئڙن جا، تا ماريئم ٽوڪ،
لڏي ويچان لوڪ، اونهي ويا اوهري.

( ٧ )

ڪالهہ ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهور،
مادر، ملاحن جا، ويئي سهان سور،
مون ڪي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.

( ٨ )

آيي اوسڙان آس ۾، جهليو ڪن ڪنار،
گهاتو گهر نہ آئيا، وڏي لڳين وار،
هيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.

( ٩ )

ڪلي جان ڪنڪاريان، تان ساڻي مگ نہ ڪن،
واريو وهت وڃن، ڪن سياڪن سانهان.

( ١٠ )

جتي کهوريو کهاٽين، تتي واريءَ ٻٽ،
سهسين سانِي مٽ، سر سڪو، سونگي گيا.

( ١١ )

نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چٽ،
جتي ڏيرين جي، آکي هئي آکٽ،
سي ٻڙ ٻسيو ٻٽ، ماڙهو وڃن مونيا.

( ١٢ )

مون اُڏاريا مجرا، الله، کهاتو آڻ،
سيان مدارن سين، مون کي، قادر! وجهه م ڪاڻ،
هٽ منهنجي هاڻ، قدر لڏو جن رڃ،

( ١٣ )

اوري هتا ته آئيا، جيڪس ويا پري،
سانِي سڌ ڪري، ماڪ نهاري مونيا.

( ١٤ )

آئين جا لڏو لوڏ، اي ٻر گهاتوئڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ، ٻڪ نه ستا ڪڍهين.

( ١٥ )

ڪھوريندي ڪھور ٻيا، آڪھور ڪھوريائون،
ميڪر مارِيائون، ملاحن منھن سنراہ

( ١٦ )

جان ڪھڙندا ڪھاتونا، تان رچن ڏيو رڱ،
سڳايون ۽ سڱ، ڪلاچيءَ ڪير ڪري.

( ١٧ )

جڻن جھڳا ٻائيين جھول ۾، ايئن نہ مرن مڄ،
سِر ڏارِ سمنڊ جا، ڪي رائون رڱي رڄ،
هي چارون ۽ چڄ، آجان اوڙاهہ آڳاهون ٿيو.

واثي

جيڪس جھليا مڄ، ڪھاتو ڪھر نہ آئيا.
ڪاهي وڃو، ناڪئا، ڪريو ٻري تي ٻڄ،
ڪھاتو ڪھر نہ آئيا.
ڪاٽي سنڌين ڪنڌيون، ڪاٽي سنڌن رڄ،
ڪھاتو ڪھر نہ آئيا.
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو، آئو آڳيان اڄ،
ڪھاتو ڪھر نہ آئيا.

# ڪاپائتي

## داستان پهريون

( ۱ )

توني تون ڪاتار، جم هيڪلي پيرئين،
ڏِني ڪا ڏٿار، صراف انهينء سٽ ۾.

( ۲ )

جنين پيريو، هيڪلو، تنين مبڙيو ماء،
تند اهڙي ساء، مون آتڻ هڏ نہ آڇهي.

( ۳ )

چرخو چوري هٿ ڪر، هيء هڏ وهائي،
ڪاهائتي سيڪا ڪتي، ساجهر سيائي،
ڄاتو جن جاڻي، تن هٿان پهي نہ ڇڏي.

( ۴ )

هيء هڏ وهائي، ڪڙه ڪالهوڻي ڏينهن ڪي،
آئي اور آرٽ سين، وبهم وبگائي،
تہ صراف سيائي، سوٽائي هٿئي نہ منهن تي.

( ٥ )

جان ڪتين تان ڪت، هيءَ هڏ وڃائي،
ڪو پنهنجي عيد لئي، پيري ڪج پرت،
متان روئين رت، صباح وچ سرتئين.

( ٦ )

ڪتڻ جي ڪان ڪريئين، متي ماهين هڏ،
سيان ايندئي اوجتي، عيد اڳهاڙن ڳڏ،
جت سرتيون ڪنديئي سڏ، آت سڪنديئن سينگار کي.

( ٧ )

ڀائي ڏور آرٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
وهانءَ واڌائي، پٽن سنيوڙي،
متي جنون موڙي، سا ڪتڻ وهي وسري.

( ٨ )

ڪتوئي نہ ڪالهہ، آڄ ٻڻ اجهون ڪي مرين،
پوري توسين پال، ڪانڌ ڪريندو ڪيترا.

( ٩ )

ڀي تو وسهي وڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
آرٽ اوڏي نہ ٿئين، پوري پوري سيئن،
ڪنڌ ڪٺنديئن ڪتڻ، آڳڻ عجبين جي.

( ١٠ )

توٽي ٽيئن وڏي، توهه آئي آتڻ آهه،
ٽي ٻيڙي ٻيرم وارئين، ٻي هڏ ڪر م ڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوٽي ڪاتارين سين.

( ١١ )

سون ساريڪا هٿڙا، ڪوهہ نہ ڪٽئين رڏ،
ڏيهي ڪنڊ ڪاپو ڪر، گهتون گوهيون چڏ،
تہ صرافائي سڏ، مرڪيو هوند مٽائيين.

( ١٢ )

پکوٽي پير، جانسين رتو راس ٽپي،
بري بيڪاري سين، هاري ٻاڻ م هير،
ڪت ڪتنديون ڪير، ٽئين سين نہ چاڻجي.

( ١٣ )

پيرئين ۽ پائيين، اِٽن وڏوٽو ڪانڊ،
ويٺي اور آرت سين، ڪچي پايو پاند،
تہ تنهنجو وٽواند، ڪتو وتو نہ ٽپي.

( ١٤ )

مچن پاڪ پر ڏئين، ڪت، ڪنبندي آهه،
جڏهن تڏهن ماهہ، پيرن پيرم واريون.

( ١٥ )

چانئتِ پاڻي چِتَ ۾، سنهون ڪتو جنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڏڪو داخلِ نہ ڪيو.

( ١٦ )

محبت پاڻي مَن ۾، رنڊا روڙيا جنِ،
تنِ جو صرافنِ، آڻ توريو آگهائيو.

( ١٧ )

آڻي پهر آرتَ سين، جي ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڏورو ڦوليو ڪين ڪيِ.

( ١٨ )

ڪو جو وه ڪاپائين، ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
ڪارڻ سود سواريون، آتڻ منجهہ آچنِ،
آنِ جي سونهن سيد چئي، تہ صراف سڪنِ،
آگهيا ستَ سندنِ، پاڻي ترازي نہ توريا.

( ١٩ )

ستَ آنين جو سڦرو، جي ٻہ ۽ پچائين،
آواز آرتَ جو، ساه نہ ستائين،
لِڪايو لَطيف چئي، ڪنبيو ڪتائين،
جي ماڻڪ موتائين، توءِ مُلهہ مهانگو آنَ جو.

( ٢٠ )

تنبائي تاڪيد سين، جن پچايو پاڻ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هڻاڻ،
ململ منجهان ماڻ، جي سکيون تن سون ڪيو.

( ٢١ )

پلئي پابو پوئيون، در در پيرا ڏي،
ڪا سون ڪتائي، آئون ڪاپائتي آهيان.

( ٢٢ )

تڪ ونگي، ور گهڻا، ڪتيان ڪچاڙو،
ڪاپي مٿان ڪيترو، آئيان آڏارو،
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

( ٢٣ )

اولاٺيان آرٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون،
پهيون سڀئي پٽ، لڙجن لاڪيئين جون.

( ٢٤ )

ڪتي ڪتي ڪالهه، آڄ نه اٿڻ آئيون،
آرٽ آکلي مالهه، پوري ويٺيون نجهرا.

( ٢٥ )

نه سڀ وڻڻ وڻن ۾، نه سڀ ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون اوڻ ٿئي.

( ٢٦ )

ڪتي مٺي آئيون، ڪري تند تيار،
اَٽَل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن پرينءَ پار،
ڪاپائتيءَ قرار، منجهان پوڻيءَ آئيو.

( ٢٧ )

جا منهون نه ميڪي، ته مر رنڊائي روڙي،
مٽ آيين جو سڦرو، وڃا ترازيءَ توري،
ٿلهي ۽ توري، ويچاريءَ سين وڙ ٿيو.

( ٢٨ )

جنين ڪتو ڪالهه، سي پاڻا پٽيون ماڻري،
جنين ٽڪ نه مالهه، سرهيون سي صراف ميڻ.

( ٢٩ )

ٻاڻي پاند ڪپاهه، سون آٽي سپ نهاريا،
ڪٽي ڪانه پساه، سرتيون وڃي ستيون.

( ٣٠ )

چرکو پنهنجي چت ۾، پني پيريو جن،
توٽي کين ڪتن، ته به ڪاڻ آنين جو کوڙيو.

( ٣١ )

تاڃي توريائون، تان عيب نڪتا آڳرا،
ڪوڙي ڪاپائتين کي، پر ۾ پڇيائون،
آڳڙي آئون، سون ڪان پڙا پکا نه ٿيا.

( ٣٢ )

سون ڪان پڙا پکا نه ٿيا، آڳلي آئون،
جان تاڃي توريائون، تان عيب نڪري آئيا.

واڻي

( ١ )

ڪا هينئين سين لاءِ، پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
نسي ننڍي لطيف چئي، هلي تن هٿاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
ڀيون تنهنجيون جهرڪن جهوريون، پيون آڏايون راءِ
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.

آرَ ڀاسي اوجهرين، توکي سَمَهَه آيو ساءُ،
پوري ڪا هِينئين سين لاءِ.

## وائي

(٢)

آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي، سون ڪي آيل جهل ۾ ڀاءُ،
جهلون پلون پائيين، ڀانا مت نه آچئين ڪاءُ،
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي.
وِيو ڀاروچو نڪري، سور چکايم ساءُ،
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي.
منهنجا ڪم ڪريم تئي، ربي مون ۾ رهاءُ،
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي.
ويئيون ڪنهن وکهه تڙ، پيڙا پڇي ماءُ،
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي.
آتڻ مٿي آسري، آيس آنين لاءِ،
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي
جنين سور سرير ۾، تنشان هتِ نه ڪاءِ.
آئون جا ويندڙي پارِ پرينِ جي.

# رپ

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪونڌر ڪيو غرق، ماڻ منهنجو چنڊڙو،
ڏکوين مرڪ، مٿي سڳر هنڌڙا.

( ۲ )

ڪونڌر ڳڌياس، صحت نيڙم سڄڻين،
مادر مارياس، ڦوڙائي پرين جي.

( ۳ )

آئي جڻن مورن، اوپڙ ولهارن ۾،
سا پر ڪونڌر ڪن، جهه ڦوڙانو سڄڻين.

( ۴ )

لائي جو ويا، سو منجهئين ڏو مچ پري،
سو آجهامي ڪنان، جنهن سوربنڌ سپرين.

( ٥ )

ڪهڙ تہ ڪڇائي، سور نہ ساندڻ سترا،
آچان تان آئي، ڏيل منهنجي ڏک سين.

( ٦ )

جيڻن سو تئيءَ ترو، ڪاهي ڪوري وچ ۾،
سون کي ڏنو سچڻين، منجهان سڪ سرو،
ور جهيڻو اي پرو، م ڦوڙائو سڄڻين.

( ٧ )

اڀريم آنگور، ستي سپرين جا،
ڪايو ڪايو سور، لڇيو لوچيو آئيان.

( ٨ )

ڳرن ۾ ڳرهيج، روئي ڪج م ڏرا،
تان سوران ٿي سهيج، جان لاهيندڙ ڪو لهين.

( ٩ )

ڳر م ڳجهو روءَ، پڌر وجهہ م پرينءَ ري،
سورن سپر هوءَ، هينئڙا ڪم ڪنن جڻن.

( ١٠ )

لاهِ ۾ پچارانِ، سک ۾ سمه جندڙا،
ڪر جهوري ڪيئانِ، ڪالهوڻيان اَجَ گهڻي.

( ١١ )

جهوري جهجڻ جهانءِ، سون جنهين جي نه لهي،
آيل! اِيئن ۾ پاڻءِ، ته ڪا آئون جئندي آنِ ري.

( ١٢ )

جهجي جهانءِ ڪري، مات نه آچي سون هينئين،
سجڻ سي ماري، هو جنهين جو هير ٿيون.

( ١٣ )

جاءِ نه سچو ڏينهن، هينئڙو اوئي وڳ جنن،
سون پريان سين نينهن، چنو ڪارڻ نه ڪيو.

( ١٤ )

لاهيان جي نه چتان، الله! آنِ ۾ وسران،
مڙهيو سنجهاران، جيءُ سنهنجو جنِ سين.

( ١٥ )

پل پل ٿي پليانس، پلڪ نه رهي پرينءَ ري،
جئن جهوري ڪان جهليانس، جهجيو تنهن جهوريءَ پوي.

( ١٦ )

ڪڪر منجهہ ڪپار، جهڙ نيڻنئون نہ لهي،
رات منهنجي روح ۾، آئا پرين آہار،
آءٌ، ساجن! لهہ سار، ورهہ وڪوڙي آهيان.

( ١٧ )

مون منجهيئي ميڻهن، ڪوه ڪريندين ڪڪرين،
سولو سارو ڏينهن، مون پريان جو نہ لهي.

( ١٨ )

سَٽي سنيربوم، ڪوڪڻ باروچڻ جو،
ڪنڌ وهاٽو پنو، هريو هٿ ٿيوم،
سڄڻ ياد پيوم، جاڙ جيان ٿي جيڏيون.

( ١٩ )

سڄڻ سنيريام، ڀيم ڪر ڪپار ۾،
جهڙي تهڙي حال سين، پرين نہ وسريام،
هريا هٿ ٿيام، نيڻنئون نير وهي.

( ٢٠ )

سَنيريو جيان، ڳالهيون، پرين، تنهنجيون،
کهڙا ڳڻ ڳڻيان، نورن مٿو ناه ڪو.

( ٢١ )

جهڙ سي سڄڻ، ڪالهيون ٻرين تنهنجيون،
لنئي لنئي هيٺ وڃن، رڳون رباب جئن.

( ٢٢ )

چتر رهي نه چت، وٺين واڪيو نه رهي،
رئي لنجي نت، هينئڙو واٽ ورک جئن.

( ٢٣ )

چوري چوري چت، وئي وهائي نڪران،
لينهن گهرائي نت، پريان سندي پير ۾.

( ٢٤ )

چتر رهي نه چت، سورين صبر نه ڪري،
سڄڻ ساريو نت، ويڳاڻو ٿيو وڃهلي.

( ٢٥ )

چيتاريان چٽڪن، سنياريان سهي،
آندر روح رهي، صورت سپرين جي.

( ٢٦ )

چيتاريان چٽڪن، وساريان نه وسري،
ويروتار ڏکن، سڄڻ ڀڳي هڏ جئن.

( ٢٧ )

ڀيتاري ڇوند ياس، ڳالهيون سيوئي سڄئين،
جهه مقابل ٿياس، تہ سڀ وڃنم وسري.

وائي

جو نوازي ڏڏ، آسر لاهہ م آن جي،
ويهہ داتا جي در تي، لنگها لاهي لڏ،
آسر لاهہ م آن جي.
اوڏايان اوڏو گهڻو، کوڙا ڪرئين سڏ،
آسر لاهہ م آن جي.
آگلن ڪي اوڏو وهي، گندا ڪري ڪڏ،
آسر لاهہ م آن جي.
کوڙا جڏ جڏوئيين، جوڏ مهندان جڏ،
آسر لاهہ م آن جي.
آگيان عجيبن جي مشڪل ڀڏن مڏ،
آسر لاهہ م آن جي.
آدم تنائين خلقيو، هوه جا ڪجي منجهان ڪڏ،
آسر لاهہ م آن جي.

## داستان پيو

( ١ )

سڄڻ ساڻ نہ پيت، ڪجھ ڪرهيان ڪن سين،
ڪالهيون انهي ريت، سلا ٻڌي موريون،

( ٢ )

ڪالهيون پيت ورن ۾، وڏي وڻ ٿيون،
ٻر سين مون نہ ڪيون، گوشي ٻرين نہ گڏيا.

( ٣ )

آنگن چاڙهي آنگ، ويو ٻاروچو لڪري،
روني ڏنو رنگ، ويچاريءَ وٽن کي.

( ٤ )

آڪين جا آگم، مون تان لاهِ ۾ سپرين،
ڪري ملار مينهن جٺن، وسي لاهِ وهم،
تو ڏني مون غم، ڏينهن جا ڏور ليا.

( ٥ )

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پکو آرس آڪٿين،
آجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين.

( ٦ )

سنئين نہ سيٽان، ناهہ آهتي آن سين،
ونءَ سهي ويٽان، تو نہ سرندي تن ري.

( ٧ )

آندر آندريون، جن سي وانجهيءَ لٽ ۾،
مون تن تيترِيون، تہ ڪينءَ ملبو سڄٽين.

( ٨ )

جِٽن سي ڪوهيءَ نار، وهن واريءَ ڪاڏٿان،
هينئڙو هريان ڏار، نبيريانس نہ نبري

( ٩ )

سهر سيءُ پيو، نہ مون سوڙ نہ ڳبرو،
نہ مون ڪانڌ نہ قوت ڪي، جوين وهي ويو،
تنهين حال ڪهو، نڏر جنهين نجهرا.

( ١٠ )

آتر اوتون ڏي، نہ مون سوڙ نہ ڳبرو،
سيءُ سارينديون سي، جنهين نڏر نجهرا.

( ١١ )

آتر ڏني اوت، نہ مون سوڙ نہ ڳبرو،
جارئي چنيءَ پوت، مون ريڙهيندي رات ويئي.

( ١٢ )

نينهن نهائينءَ جان، ڏٺيو ڪوه نه ڏٺين،
جر جيري چڙي، ته ڪن پڇندا ٿانءَ،
سندي ڪنياران، ڪن ڪريجا ڳالهڙي.

( ١٣ )

نينهن نهائينءَ جلن، ڏٺيو ڪوه نه ڏٺين،
جر جيري چڙي، ته رڃ پڇندا ڪن،
تون پڻ ڪريج تن، جن ڪنيار ڪرن ڪم سين.

( ١٤ )

نهائينءَ کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

( ١٥ )

نين نهائينءَ جان، سٽي لوڪ ڏٺيان،
اُجهاميو ٻران، توکي ساريو سپرين.

( ١٦ )

ڪي جو ڪنيارن، مٽيءَ ماڻي منيو،
تنهن مان تر جيتري، جي ڇڏي خبر ڪرن،
هي تان هوند مرن، هن آگن اوراتو ٿئي.

## وائي

ھاڙھا ڳاڙھا ھوت، ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا،
سڪ ٻاروچي نہ لھي، متي تائين سوت،
ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا.
لڳندي لڪن ۾، ٻاڻان ٿيس ٻوت،
ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا.
متان مون کي ڇڏئين، ھتِ ھوتائي ھوت،
ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرين، توھي ڪارڻ جھوت،
ڪيچي ڪالھ لنگھي ويا.

## وائي

( ٢ )

جٺري زيارت، جي مان موءُ ٻرين سين.
سڏر منھنجا ٻرين، مون تان لاءِ م ھٿ.
مولا مون کي ميڙئين، ٻپيريان جي مٺ.
چنڊيان کھ آکين سين، ٻرين وجھان ھٿ.
ڏوران ڏلم ٻرين، ھير جن جي سڪ.

# ڪارائيل

## داستان ڀيرڊون

( ١ )

"وحدت" وائي، چڙهندي چيائين،
سو لڙ لنگهيائين، جتي ٻارڪ ٻڪيان.

( ٢ )

ٻکهن سين ٻانُ مٽي، آڏائو آڪاس،
جتي ٻرين سنداس، سو سر مٽي هنجهڙو.

( ٣ )

آکڙيون اوڙاه ۾، آيو تڪي تار،
ٻئون جي ٻاتار، هنجهه تنهين جو هيرئون،

( ٤ )

ٻئن لئي ٻاتار ۾، وڃي نه ٻيهي،
ڪنڌيءَ ۾ ڪيهي، حاج تنهنجي هنجهڙا.

(٥)

اونهون جت اوڙاهہ، هنجهہ تتهين هوءِ،
اِي ڪانهرو ڪوءِ، جو ڇاڇرِ ۾ ڇيرون ڪري.

(٦)

ٿيو حضوري هاڻ، سوجها ڀيس سر جي،
ڪنڍي لڌي ڪاڻ، ڀڪيڙي ڀاتار ۾.

(٧)

آڇو ڀاڱي لڙ ٿيو، ڪارو ڪيو ڪنگن،
ابندا لڄ مرن، تنهن سر متي هنجهڙا.

(٨)

وڻلو ڄڻن وماسين، حيرت ٻڌو م هڏ،
لاتيون جي لباس جون، سي ڇپائي ڇڏ،
"آئون، آسين" ڪنِ جي، ڀاسي تنِ م آڏ،
تن طالبن ڳڏ، تہ ويجهو ٿئين وصال کي.

(٩)

وڻلو جڻن وماسين، حيرت ٻڌو م هور،
اونهون جو آڇو وهي، کهڙي تنان ٿي کهور،
ڏيون هڏ م ڏور، گهوريو ڪپ ڪسينِ جو.

( ١٠ )

ويٺو جڏن وماڻين، حيرت ھئو م ھاڻ،
للن ڪي لطيف چئي، آڇي ساڻ آرماڻ،
ڪنگن لئيس ڪاڻ، گڏيو ھنجھ حبيب ڪي.

( ١١ )

ٻکي ٻيھي ٻگيا، منجھان لتاڙين لڪ،
ڪنوين ماڻڪ ميڙيا، ڪنھين رتا ٻڪ،
ٻئيءَ لائي لڪ، گڏيو ھنجھ حبيب ڪي.

( ١٢ )

ھنجھن سين ھيڪار، جي ڪن ڪري نھارئين،
ٻگھن ساڻ پيھار، ھوند ٻيلھ نہ ٻڌين ڪڏھين.

( ١٣ )

ھاريا ھنجھ ٻگھن سين، ڪيھي ٻڌين ٻيلھ،
ميرو منائيج تون، آڇي ڪر آڪيل،
ڪنگن ساڻ ڪويل، للي جئن لڙ ٻئين.

( ١٤ )

آڇو پئو آڇاھ، تہ آڇائيءَ آبھو،
وھن وڙ نہ آنھنجو، ھائيءَ لڙ للاھ،
سر ڏجي ساھ، ڪسر ڪنگن قبرون.

( ١٥ )

ڪَسر ڪنگن نبرون، سَر ساڳاٺيج،
هنجھ هِتي جِي ڳالهڙي، ٻَڌڻ م ٻوليج،
ماٺِي تون مربج، چنج م ڪنهِين ڇهنج سين.

( ١٦ )

سَر سڪي سال ٿِيا، هَنجھ هَربوٺِي هير،
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسِي اَن رمز کي.

( ١٧ )

آءَ آڏامِي هنجھڙا، سر ۾ مارِبڻي،
متان مارِبڻِي، ٻاڙهيري پھ ڪري.

( ١٨ )

سَر ۾ ٻکي هيڪڙو، ٻاڙهيري ٻنجاه،
سندي آس الله، لَڌي لهرين وِچ ۾.

( ١٩ )

هنجھ مِڙيئي هنجھ، ميرو مچڻ ناه ڪو،
موتي جي مِهراڻ جا، سي ٻورا چڻج ٻَنج،
آج ڪِ صباح سنجھ، ڏِيءُ ۾ ڏيري ڏيڻ.

( ٢٠ )

هڪي هِسي آئيا، دلبو منجهه دَرياهه،
ويچارا وِيساهه، آئي آتِ آڙائيا.

( ٢١ )

جڻ قطر ڇٽيو ڪڙهه پرِئين، ٻول ٻجهنديِن هنجهه،
آج ڪي صباح منجهه، تو ڏِٺيءَ ۾ ڏِٺري ٽِبن.

( ٢٢ )

هڪي جنهن ٻچائيا، تنهن ۾ ساه نه ماهه،
منجهه ڪرلکهر ڪاٺ جو، مٿي هڪن گاهه،
ويچارن وِيساهه، مٿي هڪن آئيو.

( ٢٣ )

ڪونر ڀاڙون ڀاتار ۾، پونر پري آڪاس،
ٻنهين سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عِشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

( ٢٤ )

ڪونر ڀاڙون ڀاتار ۾، پونر پري ۾ سچ،
ٻنهين سندي ڳالهڙي، عِشق اِي آهچ،
توءِ نه لهين آچ، جي پيو پين ڀاڻ ۾.

( ٢٥ )

ڪنڌين ۾ ڪوهہ ڪرين، ڳسن ۾ ڳڌار،
وچِي وحدت ويءِ ۾، ڪهتون ڇڏي ڳهار،
شريعت جو سر لهي، تن تنائين تار،
حقيقت هنجهن سين، طريقت تنوار،
منجهائين معرفت سين، آندر تون آجار،
هدايت جي هوهہ ۾، ڇڏيو تون ڇونڪار،
تہ ٻاڙهيري اُن ٻار، ڪونہ ڏسين تون ڪڏهين.

( ٢٦ )

ڇيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهير آڏلين،
ٿون جي ٻاتار جون، ڇيتاريو ڇڻين،
ڪوهہ ڪندا ڪي تن، ٻاڙهيري ٻهہ ڪري.

( ٢٧ )

مائڪ ڇوٽو جن جو، هنجهہ حضوري سي،
ڇلر ۾ ڇهنب هڻي، مڇي کين نہ اچي،
لوڪ نہ لکيا تي، جيلانهن پٺن ٻکهن ڳڏيا.

( ٢٨ )

لَلي لنئي رات، سرَ ۾ ڪيو سوجهرو،
ٻگها ٻاتاڙا ٿيا، وائي ڪَنِ نہ واتِ،
جنگنِ ٻنهنجي ذاتِ، نيئي رسائي روھ ڪي.

( ٢٩ )

هنجهہ مِڙيئي هنجهہ، ميرو منجهن ناه ڪو،
جتي رهن سنجهہ، سو سر ڪرين سرهو.

( ٣٠ )

سرَ آهي ٿي آکيان، ٻکي ٻيا ٻيا،
جن لَمنو لاتيون ڏيون، سي وبچارا وِيا،
ٻانوندڙ ٻيا، وچي ڪينجهر ڪنڌيين.

( ٣١ )

ويا مور مري، هنجهہ نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جو.

( ٣٢ )

سرهو سرَ وِجائيو، ڪوڙنِ ڪانئيرنِ،
رَنا روھ وِچنِ، ڪنهن هيٺائيءَ ڪان هنجهڙا.

## وائي

جي مان چارائين، جيڪر جيڏيون، ووا ڪره سندان چاريان.

ڀيرين آئون نہ ڀڃي، ڪرھل ھوءَ نہ جھلين،

ووا ڪره سندان چاريان.

ڪجھي آئون نہ وڃي، ڏر پرين نہ نين،

ووا ڪره سندان چاريان.

## داستان ٻيو

( ١ )

وِياءَ واسينگن جاءِ، سنھا پانءَ ۾ سپ،

جنين جيءَ جھڙپ، سائي ھنڌائين نہ چري.

( ٢ )

سنھا پانءَ ۾ سپ، سڪا جنين پيٽ،

تنين جيءَ جھپيٽ، جنگن کي جوکو ٿئي.

( ٣ )

ٻن اوطاقون آريچ ۾، تن جي وھم جو ورن پيو،

ھرينئان ڀڙو، تن نانگن جو نھو،

آن جو ڪنڌ و ٿي ڪم ڪري، جي مٿس ھر پيو،

ڪلي وبل ڪھو، جو سامھون ٿئي سپن کي.

( ۴ )

رِهه هٿين، وِهه پيربِن، وِهه جِن جي وات،
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن ۾ مٽي چڏي.

( ٥ )

ڪِنهن ڪِنهن ڪاري* ذات کي، مور ۾ مٽائين،
جي چِترا چکيا ڪري، ته وَک ورائي ڏينِ،
سات سَمورا نينِ، جي مَٽين پاٺي مورِيا.

( ٦ )

ڀِهرين ڪاري نانگ جي، ڪو چِرڪيل چيڙ ڪري،
جي دنبي ڏَنگ ڏسائيو، ته ويجهو تان نه وري،
جيڪي تپ مري، جيڪي سِڪي صحت ڪي.

( ٧ )

واتان جِنين وِهه وَهي، سي آيا اوڳارينِ،
جي آرٺ پڌي آئيا، تان نانگ نه لِهارينِ،
ڏنير تَنِ ڏاڙهينِ، ميل جِنين جي مَن ۾.

( ٨ )

ڪَپر ڳاروڙينِ سين، وَڏو وِڙه وير،
نانگ نه ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پير،
هِي تَنين جو ڏير، جِنين جهوناڳڙهه جلائيو.

( ۹ )

ڪارابل جي ڪوڏ، مون ڪينجهر سپ نهاريو،
وري واهيري نه وريا، للا لا ڪيٽيءَ لوڏ،
هينئين جن سين هوڏ، سي هنجهڙا سپ هلي ويا.

( ۱۰ )

سو هڪي، سو هيرو، سو سر، سوئي هنجهه،
ٻهي جان پروڙيو، مون پانهنجو منجهه،
ڏبل جنهنجو ڏنجهه، سو ماري تو منجهه ڦري.

وائي

ڪوڙي راند، ڪوڙو چڪو، لِڪ سيٺن للو هتو،
لنيو جڻن لامين چڙهين، ڪريو ڪارابل ڪنڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چڪو.
ڪ تو ڪنين نه سنو، شهباز جو سڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو چڪو.

# مارئي

## داستان پهريون

( ١ )

'اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ'، جَڏهن ڪَنِ پيوم،
'قالُوْا بَلىٰ' قَلب سين، تَڏهن تِت چيوم،
تِهين وِير ڪيوم، وَچَنُ وِڙَهِڄَن سين.

( ٢ )

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْنُ' هُئي، نَڪا مُورت ماهه،
نَڪا مَڏ ثَوابَ جي، نَڪو غَرَض گُناهه،
هيڪائي هيڪ هُئي، وَحدانيت واهه،
لَکيائين، لَطيفُ چئي، اِت گُجهاندر ڳاهه،
آکين ۾ آرواح، آها ساڃاءِ سُپِرين!

( ٣ )

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْنُ' هُئي، نَڪا هُنَگَ نه هُون،
سَڄَڻ تنهن ساعت ۾، ٻيلي ڏِٺو سُون،
مُون تَن تَڏاهَڪُون، ميلي مُلاقات ڪي.

( ٤ )

نَڪا ’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘ هُئِي، نَڪو لِڳَ، لَحمُ،
بَنيو هو نہ ڀِتَ ۾، اَجا ڪِي آدمُ،
سُونُ توهين سين سَڱُ، آهيان ماڃاءِ، مَيِرين!

( ٥ )

’فَيَڪُونَ‘ فِدا ڪَري، چَکيائين سين ’ڪُنْ‘،
تَعظيماً تَمامُ ڪَري، ہوءِ ہَتِريائين پُونَ،
مارُو تِنان مُون، پينرا پاڳي آئيا.

( ٦ )

جَئي ’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘، جَڏهِن خَلقِيا رُوحَ خُداءِ،
گَڏَ جِتِ گَنذرانَ هُئو، جُڙ لَڳي تنهن جاءِ،
مارُوئڙن ماڃاءِ، مائي آهي سُومَراءِ.

( ٧ )

جَڏهِن ’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘، مَنَ تَڏهانڪون مارُئين،
تُون ڪِلُن وِجهين تَنَ کَي، سُومرا، شَڪُون،
هِميرنَ هَڪُون، جاڙَ جَسي کي ہاتِيُونَ.

( ٨ )

قسمت قيد ڪري، نات ڪير آچي هن ڪوٽ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي،
ارچي ڪين ڀنوار ري، جان، جسو ۽ جي،
راجا! راضي ٿي، ته مارن ملي مارئي.

( ٩ )

قسمت قيد ڪيا، نات ڪير آچي هن ڪوٽ ۾،
'ونحن اقرب اليه من حبل الوريد'، وطن آءٌ ويندياس
مارن کي ملندياس، ڪوئيون ڇڏي ڪنڌين.

( ١٠ )

'قيدالماء' ٿيوم، هت آڙانگي کهاربان،
'هناڪ جسمي و الفواد لديڪم'، هيئون هت سندوم،
قادر شال ڪندوم، ميڙانو سين مارئين.

( ١١ )

'قيدالماء' ڪهن جو، سو مون پاند پيو،
'جف القلم بماهو ڪائن'، وهي قلم ويو،
اِي قضا ڪم ڪيو، جنهن ٿر مارو، آءٌ مارئين.

( ۱۲ )

جهڙو 'قيدالماء'، تهڙو بند نه ڪو ٻيو،
'جف القلم بماهوڪائن'، لهي نه تر تناء،
عمرا تو هئاء، اجائي ٿني آجڙين.

( ۱۳ )

ري اعرابين هت، ڪهنگهر گهارڻ مون ٿيو،
'هڪت العينان في هواڪ دماً'، ٻجان ساڻ پرت،
من، آکيون، تن تت، جتي جنم جيڏيون.

( ۱۴ )

هي هنڌ ماڙيون هاڻ، ساڙيان سي ڏيهين ري،
'ڪل شيء يرجع الیٰ اصله'، ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ،
ٻري ننهنجي ياڻ، ٻسان ملڪ ملير جوا

## وائي

عمرا آئون وينڌڙو ٻچان ڪوه،
جتي مارو، تتي هانڌي، آلوا
سڀي ماڙيءَ مارئي، رناري ۽ روه،
جتي مارو، تتي هانڌي، آلوا

پنڊان ڪاريو ڀهڙال ڪين جو آيري چوڻ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
ساريو سانيڙن کي، روح منهنجو روئي،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
پانڌي پهنوارن جو، ڪالهه نه آيو ڪوئي،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا
راڄ ڀرتيو رب کي، سومرا، سندوءِ،
جتي مارو، تتي پانڌي، آلوا!

## داستان ٻيو

(١)

نڪو اٻر نه ٻير، نڪو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونه ڪو، پانڌران پري پير،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم آنءِ جيون.

(٢)

نه خبر، نه خواب، نڪو اوٺي آئيو،
هتي جو هت ڪهين، ڏنو ڪون جواب،
هميرن حساب، ڪه چاڙان ڪهڙو ٿيو.

( ٣ )

اوڻي ڳوڙي آئين، ڪو ھتي جو ھت ھير،
تہ ڪنا جي ڪوڙن جا، ٿين مرھا ميڙ،
آءُ تہ آڪين آگھان، جي ھاٿ ڏٺي ھير،
الله لڳ، لطيف چئي، لاءِ م تون آويڙ،
ڪوڙين ڳھاري ڪيڙ، محلين منجھي مون ھيٺئون.

( ٤ )

آلا! اوڻي آئين، جي نيانا نين،
آئون آنين جي آھيان، توڻي مون نہ ميڇين،
مس منھنجي ھٿ ۾، ڪاغذ ڪي آئين،
لڙڪ نہ لکن ڏين، ڪريو ٻون قلم تي.

( ٥ )

جي امر ھٿيو آڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪين،
واڪيون جي وصال سين، تنين چاڙھي چيئن،
رٺان راتو ڏينھن، جئن آن جي واٽ ۾ ور ڳھنان.

( ٦ )

تن وھن وبڙيچن ڪي، رٺين تہ راتو ڏينھن،
ڪالھ ڀھنوارن لڏيو، مون کي چاڙھي چيئن،
آئون جنڌي ڪيئن، جہ آن ڏر وڃي، تاتا ڪيا.

( ٧ )

ٿر ٿر آندر ٿاڪ، عمر، مارُوئڙن جا،
لاٿائون، لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمرا ڪريو آڪ، ڦريو ٿي ڦن چران.

( ٨ )

ٿر ٿر آندر ٿانءَ، وهين ويڙهيچن جو،
سڀ تنهنجو مومرا، ويئا ڪنهن نانءَ،
آئي ويندين آنءَ، لوئي لڄ مٿي ڪري.

( ٩ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
آباڻن جي آسري، ڪٽي ڪان ڪيام،
جا ڏٺ ڏکيام، تنهنجو، پرورا ! ڦن رهائيين،

( ١٠ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
واهي وار، نه ويڙهيان، مر چڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ريءَ، آندر ناهه آڪير،
ههڙو حال، همير، ولي شال ويڙهه وڃان!

( ١١ )

تهسين سيبا ڪنجري، لوئي سين ليڙن،
ڦهڙو حال وني ڪري، وڃان منجهہ ٽرن،
مارو مان ڇون، تہ هئي آسانهين آسري.

( ١٢ )

سبي سيبا ڏي، پوريءَ نينهن نہ ڪجيو،
ڪتيءَ ونيون ڪيون، متي سيوي سي،
مڇي ڇونڀ ڪي، تہ لهائيني ٽڙ ڇانيون.

وائي

منهنجو من، ميان! واڪيو وڙيچن سين.
ٻاهي ماڪي هڙي، پرين سان ٻيان!
واڪيو وڙيچن سين.
پيو تہ چڏيان پرينءَ جو، جان سين آئي جيان،
واڪيو وڙيچن سين.
حرف لئي هڪڙي، جتي تسان نہ عان!
واڪيو وڙيچن سين.

ڪيرون ڪثيرن ڪي، وڃي ڏيه ڏيان!
واڪيو وبزيڄن سين.
آئون ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ين ڏيهان؟
واڪيو وبزيڄن سين.

## داستان ٽيون

(١)

هنولا ڀنواريون، مور نه مٽي ڪن،
جو لاک رتائون لوئيون، ته سالئان سونهن،
اُن ايلاچيئون آڪري، بخمل بانتن،
سکر پائيان، سومرا، ڪٿي ڪان ڪهنبن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻي، سا لاهيندي لڄ مران.

(٢)

آرم هڏ م اوڍيان، هنولا، ڀت چير،
باندوٺا ين ڏيان، آرغج ۽ عبير،
ماروءَ سين ٿل ماڻيان، ڪثيون جهڙيون ڪير،
آندر آچ آڪير، مون کي پرينءَ ڀنوار جي.

(٣)

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا سون،
ٻولا ڀونوار کي، عمر، آءٌ م تون،
ور لوئيءَ جي لوڻ، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

(٤)

سون برابر سڳڙا، لوڻ لوڻ برابر لڪ،
رهو جنهن رد ڪيو، ڪوڙ تهين کي ڪک،
سون ماروءَ جو مَکُ، تيل نہ لائيان تنهنجو.

(٥)

تيل نہ لائيان تنهنجو، سون ماروءَ جو مَن،
ڪريان ٻي نہ ڪن، آهر آنهين آهيان.

(٦)

سون ماروءَ سين لڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ٻاهن ٻڌائون،
عمر جو آئون، پٽ ڪٿن پرهيان، سومرا!

(٧)

پٽ نہ پرهيان، سومرا، جانڪيتان جيان،
آئون ڪٿن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏيهان،
جالسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو.

( ٨ )

جن ڪراين ڪچ جا، ور ماهيڙيون مي،
آت آڪنڊي آهيان، منهن ماروءَ جي،
هڪن سين نہ ڀاڙيان، هنڌ هتي جا هي،
آهل آباڻن کي، مري شال ملهائيان!

( ٩ )

ڪراين ڪچ جا، جوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جنان لوڪ لج لئي.

( ١٠ )

ڪارا، ڪراين ۾، سون آسان کي سوءِ،
ور جيڏين سين جوع، فاقو فرحت پائيان!

( ١١ )

اِي نہ مارن ريت، جنن سين مٽائين سون تي،
آڇي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪريت،
هڪن جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

( ١٢ )

عمر، آڇا ڪپڙا، ڪاڻياريون ڪٺن ڪن،
جنين جا ٽرن ۾، ور نا ويڇ سهن،
هوءِ جي حق پچن، سي ڪٺن مٽيون، سومرا!

( ١٣ )

آئون ڪئن سوڙِين سُمهان، مون وَرَ گهاري وله،
ڪٿيري ٿا ن ڪِل، عمرا! ڪِج مَ اهڙي.

( ١٤ )

آئون ڪئن سوڙِين سُمهان، مون وَرَ گهاري ڄَڃُ!
وَرَ آباڻِ مين اَڄُ، ڪوهه شربت تنهنجو سومرا.

( ١٥ )

وَرَ ميِ وطن ڄائيون، صحرا سَترَ جن!
گولاڙا ۽ گـگريون، اوچِن آباڻَن،
ويڙهيا کهمِن وليبن، جهانـگي منجهه جهنگَن،
مون کي ماروئڙن، ڄَڃ ڪٿائي ميڄ ٭

( ١٦ )

ڄَلِرَ ڀِڙِ، اوچِن اَٺ، جن جا ڄِرَ مٿي ڄَٽ ڄاڪ،
وِهن وراڪَنِ ٭، اَن جِي آجوڪي اوطاق،
ڄاڻَ نہ سَنِ ڄاڻ کي، وچارا ٻي ڄاڪ،
عمر، آوه نہ عاق، ڏکيا جِمِ ڏکوئيين.

( ١٧ )

ڪارا، ڪيڙ ڏيهه ۾، پيا واريءَ منجهه وٿاڻ،
سانگين ڪي، سيد چئي، پريو ڏين پاڻ،
عمرا! ايءَ آماڻ، ثابت رکج سومرا.

( ١٨ )

ٿورا منجهه، ٿرڻ، سون سين ماروءَ جي ڪيا،
عمرا آن ڳڻين، آئون ڪين لوئي لاهيان.

( ١٩ )

مڏ نه ٻڙان هيڪڙي، ٿوري ٿر جاين،
سون کي ماروُ ٿرڻ، ميري ڪري نه مڃيو.

( ٢٠ )

چڏ مهرايون سومرا، عمرا لڳ الله،
ٿيم نه ٿورا ڏينهڙا، ماڙيين ڳاريم ماه،
سڪ منهنجي ساه، ماروءَ جي مس لهي!

( ٢١ )

جا عمرا تو مل عيد، سا آسان سوءَ ورتي، سومرا!
وڻي و ٻچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪن ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا.

( ٢٢ )

مُنهنجو تورَ تَلِنِ ۾، ڇيها ٿو چاري،
ڊاڍي ڏِٺَ ڏاري، آهِ اُٻي ميڻهڙي.

( ٢٣ )

مُنهنجو تورَ تَلِنِ ۾، اَٺُون هتِ ٻَنديائي!
مُون ڏاڏائي ڏيهہ ۾ ڦَرهَ ۾ لائي،
ڪَنديس رِهائي، ماروءَ پاسِ مَلير ۾.

( ٢٤ )

حَقائو هٿ ٿيو، اَٺُون هتِ ٻَنديائي!
ساري ساڏو ڪيِن ڪي، ڪوٽين ڪومائي،
لڳين لوهَ لَطيفَ چئي، ويٺيس وِسائي،
مَنڌَ ماروءَ جي نہ لهي، ڪَهَتِ ڪِجائي،
سَمَن سَڃائي، آئي آهِ آنِ سين.

وائي

لوئيءَ ۾ لائُون، سُون ماروءَ سين لَڏيوُن.
سُون هرابَرِ سَگَڙا، پاهَڻِ پڌائُون،
مُون ماروءَ سين لَڏيوُن.

سو ڪئن ڀٽ پرهيان سومرا، گهور ڍهو عمر جو، آئون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
ڪاچ ڪئيرن ڪڙو، مگر ۾ سائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
سا ڪئن ڪائي ڪارڪون، جنهن ڪي ڏونرا ڏيج ڏنائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
ڪيئن ساندائين، مڪئي، قوت جنهين جو سائون،
مون ماروءَ سين لڌيون.
عمر تبي جور ڪري، جيلانهن راج آڳاهون،
مون ماروءَ سين لڌيون.

## داستان چوٿون

( ١ )

مينڌا ڌوئي نه مارئي، هيس پهنواريون چت،
راڄ رناڙي، هنجون هاري، ميءَ هنيجي هت،
آهس هاڙ پار جو. ڪجهه ۾ ڪپت،
ونگس ويڙيچن ريءَ، مس منهي ڪا مت،
سومرا اسپت، ڪري ته ڪوڙنان نڪري.

( ٢ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، آھي من ملير،
ڪڏهن تہ ڪاڻ لهي، هتان هي همير،
ڪانڌ ٻين ڪير، جي امانت اَت وڃي.

( ٣ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، نہ ڪلي نہ ڪاءِ،
عمر جي انصاف جا، وئي واساما ڳاءِ،
هيءَ جا ڪيئي هاءِ، سا، مهندان اينديئي منهن ۾.

( ٤ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، نئين ڪرنون وار،
متيءَ ميئي ماريا، جي ٻانڌ جا ٻهنوار،
عمر! آنهون ڏار، مور نہ وهي مارئين.

( ٥ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، محلين مارئان ڏار،
ٻاٻو ميٺ ملير ري، منڌ نہ وبڙهي وار،
جا هتيجن هار، سا ڪين وهندي ڪوٽ ۾.

( ٦ )

مينڍا ڏوئي نہ مارئي، ڪونهي اَن اوڇاھ،
عمر جي اِنصاف جو، ٻيس ڪنِ ٻڙاھ،
وٻئي چوءِ: "اَللهُ، سون تي مِٽ نہ مونيا!"

( ٧ )

محلين ماندي مارئي، ڏِٺيمِ منهن ملور،
آئيا مٿيا نہ ڪري، سونهن وڃايسِ سور،
ٻيس لوھ لطيف چئي، لتسِ ڪونڌ ڪوڙ،
ڇِٽ جنين جا ڇور، سي مڪي مرڪ نہ ڪنديون.

( ٨ )

ڪريو مهارِ ملير ڏي، روءِ اَئي چوءِ:
"ٿهج سوري پائيان، سومرا! سندوءِ،
"ملڪ مارُوءَ جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ،
"سو قلبُ ڪوٺ نہ هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪيو".

( ٩ )

ڪريو مهارِ ملير ڏي اِيپائي آهي،
جا متي ڏِنيس مارئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا! ساهي، متيءَ وِجھ، م سنگهرون.

( ١٠ )

ڪيم مهاڙ ماءِ ڏي، مٿي ڪوٽ چڙهي،
نت نهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها ڳير ڳڙي،
نڱي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
ويڙيچن ورِي، ڪر نه لڌي ڪڏهين!

( ١١ )

جي ڪر لڌائون، ته بندي بند نه ماريو،
ماروئڙن آئون، جيڪس ويس وسري!

( ١٢ )

بندي پيا قرار، آسين لوچون لوءِ،
مٿي تن تراءِ، سدا سانيڻون جي.

( ١٣ )

نير نه لهي نيڻهن جو، لڙه جا وڃا لهي،
ڪنجيون جي قفلن جيون، سيڻن هٿ سهي،
ونڌا راڄ رهي، ڏيان ڏوراڻا ڪن ڪي.

( ١٤ )

لير نه لهي نيڻهن جو، لڙه جا لهي ويا،
مارن ڏاران ماڙيين، ڏمڪا ڏينهن ٿيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراڻا ڪن ڪي.

( ١٥ )

لَنگڙياري لوڪ ۾، جَنهين لِءِ ٿِياس،
تنهين تر جيترو، هلڪ نه ڇِياس،
جهروڪن جهوريو هِينئون، ڪولِين آءٌ ڪَلِياس،
مارن مونجهه مِياس، نات ماڙين ماريس ڪين ڪي.

( ١٦ )

ماڙين ماريس ڪين ڪي، مُيس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪَڏهين، منهنجي آئي ماءِ!
مانيڙن مَداءِ، وِٺو واجهه وِجهي هِينئون.

( ١٧ )

وِٺو واجهه وِجهي هِينئون، پَرِ ۾ پهنوارن،
آتِ اڪنڊي آهيان، پاڻُ ۾ پرين،
ڪِريان ٻي نه ڪَن، وِينديس وطن سامهين.

( ١٨ )

وِينديس وطن سامهين، مَلير منهنجو ماڳ،
ڏٽ چونڊينديس ڏيهه ۾، ساڻ سرتين ماڳ،
تہ مون سِٿُون سِياڳ، جي وِيجهي ٿيان ور کي

( ١٩ )

جي وڃهي ٿيان ور ڪي، ته ميا ڳوم مٿون،
نت نت آھ نئون، مون ڪي وره وڇڙڻ جو.

( ٢٠ )

آئون ڪئن ڇڏيان، ٿوسرا، تن پهنوارن ڇار،
جڙ جنين جي جان ۾، لڳي ري ۽ لهار،
سيخون محبت سنديون، هينئڙي منجهه هزار،
پڪا ۾ پهنوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

واڻي

مون م ڪسيجاھ، مون م ڪڻيجاھ لوئي، ميان عمرا
ساڻ پلاھ نه پاڙيان، سندي ڏؤنرن ڏوئي،
ميان عمرا مون م ڪسيجاھ.
ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو، مون ور مارؤ سوئي،
ميان عمرا مون م ڪسيجاھ.
ڪوه ـبي طعام تبن جا، ور سا ڏؤنرن ڏوئي،
ميان عمرا مون م ڪسيجاھ.
جهانڪي جو جهنگن جو، سڀ ڪميڻيءَ سوئي،
ميان عمرا مون م ڪسيجاھ.

## داستان پنجون

( ١ )

سونهن وِڃاير، سومرا! مارو مَس مڃين،
ڏونگها ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا، ڪي ڏين،
جي مان لوهه لاهين، ته ڪوٽن ۾ ڪين ڪنان.

( ٢ )

سونهن وِڃاير، سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃن تت، پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري.

( ٣ )

سونهن وِڃاير، سومرا! سڪر جهڙي سولهن،
دل ۾ ڏکي ڏونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو.

( ٤ )

سونهن وِڃاير، سومرا! هتي آڇي هاڻ،
ڪڻ لهنديم ڪاڻ، حسن سون هت ويو!

( ٥ )

سونهن وِڃاير، سومرا! ڪيڏانهن ويم ڪمال!
وڃان ڪڻ وطن ڏي، هنڙو ولي حال،
جي سون ڏين جمال، ته پسان منهن پنهوار جو.

(٦)

سوٽهن وِچاير، سومرا! وطنِ وڃان ڪِئن،
حسن ڏاران هيئن، پسان ڪِئن پهنوار کي.

(۷)

سوٽهن وِچاير سومرا! پسان ڪِئن پهنوار،
ڏٺي جا ڏاڙ، تنهن روءِ ريءَ رچڻ نام ڪو.

(۸)

سوٽهن وِچاير، سومرا! عمر، ٿيس اَسير،
مارو منجهه مَلير، مون سين هتِ هڻ ٿيو!

(۹)

سوٽهن وِچاير، سومرا! ٿينديس ڪِئن قبول،
ڪونهي سهڳ، نه سول، پوچي منهن پهنوار سين!

(۱۰)

تن، منهن موچارا مارئين، مَلير جنهِن ماڳ
ناقص نوازي گهڻا، سندو تن سياڳ،
اگهِ مون آياڳ، حسن مون هتِ ڊِيو!

( ١١ )

ڪونهي قادر ڪو پيو، آنهين جو آيا ڪ،
"قل لن يصيبنا إلا ما كتب الله لنا"، اي معذرت ماڪ،
سيوئي سياڪ، مارئيءَ مساوي ٿيو.

## وائي

منجهه رهي ملير، هاري، سون ڪوه ڪيو؟
سون هٿان، منهنجا ڏٿي، مهسين ٿيا صغير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
ڪي منجهه ڀنوار جي، ڪوڙيين ڪيم ڪبير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
تون ڏيين، تون ڏٿي، دلاسو دلگير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
ڙو لاهم پاڃهه جو، سون تان، منهنجا پير؟
هاري، سون ڪوه ڪيو؟
نڌيون وليون ترن ۾، ڪوڙين ڪرڙ، ڪرير،
هاري، سون ڪوه ڪيو؟

## داستان ڇهون

( ۱ )

جهڙي آيس جِلن، جي تهڙي وڃان تن ڏي،
تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر مندن آئا مينهن،
ٿيس ڪاڻيارِي ڪاڻ جي، هتي آڇي هيئن،
ڪنڌ ڪنڌيس ڪڻين، منهن ماروئڙن جي.

( ۲ )

جهڙي آيس جئن، جي تهڙي سلان تن ڪي،
'قران، قر چاريان،' هينئون چئيم هين،
وڃان ڪئن وطن ڏي، ڪاڻ لهنديم ڪلن،
مندائتي مينهون، سونهان سرتين ريج ء!

( ۳ )

هيڪ جئن نہ جاياس، پيو جاهندي جي مران،
گهنگهر گهٽون ٿياس، جاهي، ماروئڙن ڪي.

( ۴ )

هيءَ منون ڏيئي ٻنِ، تون وه ڪائي نہ مرين،
تان جي مَلير جائيرن، تومين منڪ نہ ڪنِ،
تون ڪئن منجهان تنِ، ٻانُ ڪوڻاين، مارئي!

(٥)

عمرا ٻن جيو، ڪوه منهنجو، سوسرا!!

جا ٻر نه ٻهنوارن جي، مون سين تئن ٿيوا

ولي منهن ڏکهو، وڃان وطن سامهين.

(٦)

م سوني سارئي، مٽي، م جائي،

جنهن آجي عمرڪوٽ ۾، لوئي لجائي،

جا سانگين سيڏائي، سا ڪين مرڪي ماڙين.

(٧)

يا الله آهيان بند ۾، ڏٺان ٿي ڏهر،

ويڄ وراڻي ناه ڪا، تومرو مهر،

ميان مهربان ڪرين، الاهي عمر،

ويڙ پسان سو ور، جيڏانهن عالم آسروا

(٨)

الا! ايڇن م هوه، جنن آن مران بند ۾،

جسو زنجيرن ۾، رانو ڏيهان روه،

ڀرين وڃان لوه، ٻوه سر ٻڇنر ڏينهڙا!!

( ٩ )

آئون بنديائي بند ۾، ڪِ آئون پيس بند،
مونهين لڳو ميهڻون، ڪِ مونهين ڪڙو ڪند،
مَران جي هِن هند، تہ نجاهہ منٺ ملير ڏي.

( ١٠ )

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهہ،
بت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجاهہ،
پرڏيهيائي پرينءَ ري، ڌار م ڌريجاهہ،
ٿذي وسائج ٿر جي، مٺي مٿيءَ مٿاهہ،
جي پوبون ٿئي پساهہ، تہ لجان مڙهہ ملير ڏي.

( ١١ )

واجهائي وطن کي، ساري ساهہ ڏيان،
هيءُ سر ساڙيہ ساهون، منهنجو نج، ميان!
مقاميائي مارئين، وڃي ٿر ٿيان!
ميائي جيان، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

( ١٢ )

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا، ڪج پهنوارن پاس،
ڏج ڏاڏائين ڏيه جي، منجهان ولڙن واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙه ملير ڏي.

( ١٣ )

ڳچيءَ ڳانا لوه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوئين آندر ڪير،
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه ڇجي آميان، اهڙيءَ ست سرير،
مارو چام ملير، ڇج ڪي پهنوار کي.

( ١٤ )

چن نه ڇجي هيٺ، ڪچن آميان ڪوٽ ۾،
لوئيءَ سين، لطيف چئي، پيڙيو پڌان پيٽ،
سرهيون سي سرتيون، وطن جنين وِيٽ،
اَت سپچي آن سسن جي، هت رچائين ريٽ،
ماڻيان شال ملير ۾، مدائتي ميٽ،
ڏيهيا! ڪجا ڏيٺ، ڪا مدت مون سين ماڙيين!

( ١٥ )

ڇن نہ ڇڄي آھيان، ڪڇن ۾ ڪون،
ايندي ڀير آبتا، ڀڪڙا ڀرن،
ھٿوڙيون ھٿن، جنکھون پاٿون ڪاٽ ۾.

( ١٦ )

ھٿين ھٿڪڙول، ھينڙي ٻڌڙم ھن جا،
مانگي مارئيءَ سومرا، ذاتي ھامي ڍول،
پاپاٽن سين ھول، ڪيم نہ ڪوٽ وھم جا.

( ١٧ )

زبرين ٻيڙين لوھ ۾، ڳتن ڪيس ڳاھ،
سونکي سندي سومري، ھڏ نہ چاڙھيم ماھ،
مرتيون! دعا ڪجاھ، تہ پرم پاروڙيءَ رھي،

( ١٨ )

پرم پاروڙيءَ رھيو، جنھن آچي آن!
تہ ٻئي ونيلي وندیان، توڙي ھونس تن،
غافل زک غريب کي، عمرا منجھہ آمن،
مرتين ماٺ ممن، آءم آلي مينھڙين.

( ١٩ )

آهِيَ آئي مينهڙين، سمن سرتين ساڻ،
ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ، وڃي وڻڙيجن ۾ !

وائي

عمرا آئون مري تان نه ڇڏينديس، لوءِ
مٺي ماروئڙن جي.
مينهين آئي مارئين، لاءِ ساڻ لڏيندي،
مٺي ماروئڙن جي.
مري منهنجي سومرا، تو ڪين تڪيندي،
مٺي ماروئڙن جي.
هميرائڻ هنئڙا، سهري ڪين مڃيندي،
مٺي ماروئڙن جي.

داستان ستون

( ١ )

پنهوارن پاڙهيو، ورِيا واهوندا،
ساريو سيڻ، سِيد چئي، ڳاڏيلِيون ڳرندا،
پٽن پِر هوندا، پونئا ٻڙ پنار جا.

( ۲ )

ڀهنوارن ڀانيوڙيو، ڪي وَسَ واهوندن،
لَٽو مي، لطيفُ چئي، ٻُڌو ٿُڻَ ڦَرَنِ،
آءُ نا ڪورِنِ ڪنڌري، سرتيون، سٿان سَسنِ،
عُمَر، اَنُ آڳوندري، ڀاڻي ڪاند ڪتنِ،
ڀاڻِر ڏِنيونَ ڀيونَ، ننڍن نوراڻن،
ڪاٺِر ڪَتيونَ خاصيونَ، اوڇيونَ آتِ آڇنِ،
ڪِڍيو ڀيڻَ ڪهنِ: "مَلير ڳوٺجي مارُئي!"

( ۳ )

ڀهنوارِن ڀانيوڙيو، ڪي واهوندَنِ وَسَ،
عُمَر! آنهين ڏِيهَ جا، ڏوٿين ڏِنِ ڏَسَ،
ولِيونَ، وٺَ ڦلاريا، لَلَرَ نِڪِيو لَسَ،
آئيو وِجهون آهرِين، سَندا تُوهُنِ طَسَ،
ميوا منجهه، ماکيون، مَيڪا چکنِ چَسَ،
ماڙيءَ وِهي مَسَ، مليرِ ويندي مارُئي.

( ٤ )

آلِين ۾ چاڙهِينِ، ڏٽ ڏيهاڻي، سومرا!
متّا ڪِيو، سومرا! مائون سڪائين،
منجهان لنب، لطيف چئي، چانئر ڪِيو چاڙهِينِ،
ڀلاءِ نہ ڀاڙِينِ، عمر، آراڙي ۾ سين.

( ٥ )

تنِ وهِينِ ويڙيچنِ ۾، سدائين سڪار،
چوندبو، آئيو چاڙهيون، سنڌي ڏونرنِ ڏار،
جنِ جو ويڙنِ سين واهار، سي ڏوٿي هون نہ ڏبرا

( ٦ )

ٿوري قوتِ قراريا، رهنِ سبر ست،
ڪتيءَ ۾ ڪہ پڪليا، پوئنِ اهڙي پت،
پنهوارڪي ڀتِ، ڀِي پيچ ملير ۾.

( ٧ )

نڪا جهل نہ پهل، نڪو رانئر ڏيهہ ۾،
آئيو وِجهنِ آهرينِ، روڙيو رتا گل،
اروَ ڀانءِ آمل، مليرونِ مرڪنونِ.

( ٨ )

ٿِن ٽِڪ ٽِڪرا، ڇِڪَندڙا آڇِن،
ڪُڙِيون ڪِهَه، ڀَڪِليون، ڀَڳهَر مِر ڀِرن،
اِي وَڙ وِڍِڙِجِن، مُون لوڏان ٿِي لِڪِيا.

( ٩ )

تِن ساڏوهِين سَڌ مَران، ڏِنگا جِنِ ڏار،
ٿِي ساڻ ٿِيار، ٻانرِ ٻِرون ڇونڊِيان.

( ١٠ )

ساٿِين سِجي پيٺون، رِيءَ واهِت، رِيءَ وارِ،
جوءِ ڪَشادي جِيڏِين، مايِر مُوڪ سَنبارِ،
اَتِ آباڻان جَنهن جا، سا ماڙِيءَ موڙِ م ٺارِ،
جي اَڪَنڌيُون آرازِ، لوهه تنين ڪي لاهِين.

( ١١ )

دَر، دَروازا، دَرِيون، ماڙِي مٿي موءِ،
ڪوڙِين آڏيان ڪيڙا، تنبو مَتاءِ تو،
جي مُول نه آيا، مارُئي، تنين رَڙِ م رو،
ڪوڪت آهي ڪو، ٻِيءَ ڀِنوارن ۾.

( ١٢ )

سنهيءَ منيءَ سيبيو، مون مارُوءَ سين ساهه،
ويٺي سارِيان سومرا، گولاڙا ۽ گاهه،
هينئون سنهنجو هت ٿيو، هت منهنجي ۽ ماهه،
سکن منجهه پساهه، ڦاليب آهي سکوٽ ۾.

( ١٣ )

سنهيءَ منيءَ سيبيو، مون مارُوءَ سين منُ،
هٿي ڪٿ ڄلم جا، تهه وڌائين تنُ،
ستن ڏوهايان ڪن، آباڻيءَ اِبر ري.

( ١٤ )

ٻاچاهي نہ ٻاڙيان، مرتيون! منيءَ ساڻ،
ڏسکي آکهاڙن کي، ڪين ڏيڪيائين ٻاڻ.
پيهر ڄاڻي جاڻ، اِبر جي اوصاف کي.

وائي

رُنندي رات وهاءِ، مون کي رويو رات وهاءِ،
عمرا! ميان سومرا!!
آنسون بندياڻي بند ۾، ڏک کي بند بيا،
عمرا! ميان سومرا!!

مون کي ڏيهان نڪري، ٻه ٻي ٻوڪ ٻيا،
عمرا ميان سومرا!
هڪ عمر منڊيا ماڙا، پيو ماروُ ٻر ٻيا،
عمرا ميان سومرا!!
عمر، بنديائين سپن، جورو تو نہ جڳاءِ،
عمرا ميان سومرا!!

## داستان اٺون

( ١ )

چرن، چڪن چت ۾ وساريان ڪين وري،
ڪنا عهد 'اَلَستَ' جي، ڪ تهائين پري،
'لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ'، مارئي ڪوه ڪري،
آج ڪ ڪاله سري، ساري سانيڙن کي!

( ٢ )

چرن، چڪن چت ۾ وساريان، ڪين وري!
جن ٻي ڀي پياريا، منجهان سڪ سري،
دهين ويڙيچن جي، ستائن سري،
لڙن نوڪ ڏري، آئي ونڙا آڪري.

( ٣ )

چرن، چٽڪن چت ۾، وساريان ڪين ورن!
'ليس ڪمثله شيءٌ'، پسڻ ناهه پرين،
هڪا ڀنوارڻ، نيئي آڏيا ناهه ۾.

( ٤ )

چرن، چٽڪن چت ۾، ڪهارڻ مٿي ڳوٺ،
ڪه، مانڊاٿون، مڪٿي، ڏوئڻ ٻاهي ڏٺ،
ڀنوارڪي هڪڙين، وڃي ڪريان وٽ!
مارئيه ساهين سٽ، ڪنديس، ٻجي ڪڙن ڪي.

( ٥ )

چرن چٽڪن چت ۾، هرن منجهه هيئين،
لطف ٿيو، لطيف چئي، مهر ڪي مينئين،
ڏکيءَ کي ڏيئين، سرهايون مارئيه جيون!

( ٦ )

چرن، چٽڪن چت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪنهن لوهه وڻا، مارو منجهه ملير،
ويئي هوجيان پير، سان ملڻ ڪڏهين!

( ٧ )

ڇِڪَن، ڇِڪَن چِتَ ۾، رَهيا اَندرِ روحَ،
اَلِي وِڙا اَڪري، مارُوءَ مٿي موهَه،
ڏيرُون وِلوڙَڻ جيُون، مارِيان ڳهڻُون صُبوحَ،
ور مي ڪارا ڪوهَه، سِنڌُمَ جي ماڙيهَه ڄا!

( ٨ )

دَرَ آهائي وِيرَ، ڄڻ ڏَٿَ تَسي تَرِ آئيو!
سَرتين ڏَٿَ سِبيل ڪِيو، آڳَمِ ڏوڻي ڏيرَ،
مينٺُون آنِ جي هيرَ، تو جهِجهي ڇهروڪنِ ۾!

( ٩ )

ٻيو ڪنياٺُون ڌرَ ۾، ٻِارِنِ ٻهُون،
سِنڌِ سالِڪَنِ ٿِي، وَڏيءَ وِيرَ وَهُون،
ٻايو جو جِنڌ ۾، ڪوڏان ڪَنِ ڪَهُون،
ڏينوان ڏِينهَن ٿوُن، سون ڪي وِرهَ وِيڙِهِن جو۔

( ١٠ )

اَڌيءَ آئن ٿِيءَ، جيلائِنِ ٻائي ٻاتارَ ۾،
وارو وِسرِينِ ڪي، ڏِينهان ڪونہ ڏِئي،
مون ڪَميٺيءَ ڪي، مٿان ڪوهَ ڪَٿي وِٻا!

( ١١ )

سرتين سنجھ ڇڏيو، سٽين ڳالھ سٺي،
مارئڙي ماڙين ۾، ڪڏھن ڪان مٺي،
عمر، آئون نہ مٺي، ان اوڀاڻان آکين!

( ١٢ )

پنيءَ جي پوٽن، پيچ پٽڪو نہ مٿان،
سنجھ واريون سٽيون، وڃي وڙھ ورن،
ٻيا سيٺ سڙن، ترھي ٻنھين ڪنڌين.

( ١٣ )

سپ نہ وڃي سٽيون، آھان ڪي سنجن،
ٻيو، سي ڀرن، جي آڳاٽجي آئيون.

( ١٤ )

ڀري نہ ڀڪر دانھن، پونڻ پٽڪو نہ مٿان،
ميان ماروئڙن جا، آوٺا ڏسان آنھن،
جن سائيڪا سنجھا، ھي، ڏٿي! ڪِٿڙ ڪانھن؟
ھڪا ڪٿي ھرانھن، جيڪس لڏيو لوئڙياريين.

( ١٥ )

سنجي سنجي کوهڙا، وېڙهي ويا ورت،
ميان، مارُوئڙن جي، مون کي هينئڙي ۾ حيرت،
چٽڪن آندر چت، سانيڙا ساڏو هيون.

( ١٦ )

کوهر، نوهر، ٿر، چت سائيڪا ۾ سڻيون،
چارن آت چاهہ منجهان، ٻاسي فوکڻ ٿر،
ڪٿن لهندم ڪر، جٺن مارو پاڻ آهاريا.

( ١٧ )

عمرا ٿير آهار، ورهہ وٿيان ڪن سين،
ڏونيڙا ڏور ٿيا، تڪان جن تنوار،
سڻائون سنگهار، کوهن تاڻ کٽي ويا.

( ١٨ )

مون ماڙيءَ جو، سومرا! پنهين پارين ڏک!
هت عمر جو آهڪ، هت مارو ڏينم منهٺان!

وائي

ٻرچن شال ڀهنوار، ڍولا، مارو مون سان، لا!
مون موراڻين سديون، آهن سين ستار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

عيبن پري آهيان، ستر ڪج، ستارا
ڍولا، مارو مون سان، لا!
آنا مينهن ملير ۾، تڙ تڙ هوء تنوار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!
ڀائي آيس ڀانڊ ۾، آوڳڻ عيب آپار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

## داستان نائون

( ۱ )

جهڙ ڦڙ جت ٿيان، آت آڏيائون هڪڙا،
هن منهنجي حال جو، قدر نه ڪيٽان،
جيڪس آن وسريان، مارو قوت قراريا.

( ۲ )

جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جت جيها، چلڙ، چڪ،
آندر ٿو اڄ مري، ساه آنين جي سڪ،
پيهون شال ڀهيون پري، تنان ڏيٺي تڪيا
ور ڀريان سين ڀڪ، پيا پاڻ پريائي گهوريان!

( ٣ )

ڏڌين پنهن ڏيو، ميهن ماروئڙن جا،
هاڻ سڀ ٻچي ٻيو، ڪُهر ڪُهاريندي ڪير،
ڪوئيين لڳن ڪير، محلين منجهي مون هيئڙون.

( ٤ )

هن منڊ مارو منرا، ڊيڙيين وڳ وارين،
ڇيجيا ڇيڪاريو ڇيلڙا، اُنهن ٻهرائين،
نيڻ منهنجا آن ڪي، جهجهو جر هارين،
تاڙا تنوارين، ميهن وسندا، موٽ تون.

( ٥ )

هن منڊ مارو منرا، ڪاڻر ۽ خوشحال،
سائون، ميارچ، مڪڻي، جبڙيون آئن جال،
ستيءَ جي، سيد چئي، ڪا ماڙيه منجهه سنيال؟
لڳن تاز، لطيف چئي، لوئي لاهه م، لال!
پلو ڪندو پال، ميئون وسندا، موٽ نون.

( ٦ )

هِن مَند ماروَ سنرا، ڏِنگر ڏار رهن،

هاڻي هوج هَنن ۾، سکي ساند ٻهِن،

هِن کي لوهه، لطيف چئي، هوءِ ڪاڻ منجهه ڪِلن،

ڪانوَنيا ڪاڇِنِ، سِينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٧ )

هِن مَند ماروَ سنرا، ساڙيهه منجهه سڌير،

هِن کي لوهه، لطيف چئي، ڪونئين آندرِ ڪير،

مِها مينهن مليرِ، سِينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٨ )

هِن مَند ماروَ سنرا، جيائي جالين،

چارِ يو لنب، لطيف چئي، واڳيين ڍهارين،

ڪِيئائي ڪاهين، سِينهن وسندا، سوٽ تون.

( ٩ )

ماروڙئان ڪئي، ويڙ بجهه ويا،

سِين منهنجا، سيد چئي، هاڻي هِتِ هئا،

ٻسي ٻڌ آنهين جا، لڙي لڙڪ پيا،

ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراهو ڪِن کي!

(١٠)

سَدا جن پَرياڻ، ھالڏي ھَکِي لڏ سين،
مارو ڪَيِنِ ساڻ، وِئڙا تَر آڪري!

(١١)

مَٿِي تَر رَھي، وِيا ڳذاري ڏِينھڙا،
ڪَڏھن ڪونَ آئيو، تَنِ ھَنوارن ھِي،
وِئڙا مِي وَھِي، جَنبَ ڳذاريم جن سين!

(١٢)

ھاما ھولڙين ھ، ھانھون سِر ھِيٺي،
آڪِيون، نَڪ آربج ري، نِمايم نِيٺي،
ڏُور ٿيا ڏِيھي، ھِرين ھاٿَر وَٽ ھ!

(١٣)

ٿا جا تَر ٻر جھلِ، ھِيوَن ھاٿَر وَٽ ھ،
سِيٺي سارِيو، سومرا، آچي آب آجِلَ،
سانَبين ڏَنرِ سَلَ، ڏِلي جن ڏِينھن ٿِيا!

(١٤)

جِھران، جھجان تي، جِٿَن ھسٽان ھِري ٿِيا،
آلا! اولي آئِيين، جوڪِيئَن جِي خبر ڏي!
مَن مَنھِنجي ڪي، واڪو لِھي ويڙھ جو!

## وائي

وِيڙيچن ڏي وِندي، عُمر! آئُون ماروئڙن ڏي وِندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

سَگَر ساھيڙين سين، ساڙيهہ سَنجهہ سَنيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

آئا ميئهن مَلير ۾، ڏاکا ڏَہَر ڏوندي

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

عَمَر! آنهين ڏيهہ جا، ڪوڏر ڦوٽ ڪرِيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

ڪولَن ڪولاڙن جيون، جهپي ساڻ جهَنيندي

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

ڪوڪڙِ ڪنڌيرن ۾، ڦوڪيو ڦَڪَ پرِيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

عيدَن براڏن تي، ڪه ماڻڏائون ڪيندي،

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

ٻسي ڪائي ٻيٽ ۾، ڏوٿرا ڏَن ڏيندي

ڏيهہ ڏاڏائين ھَڪَڙين.

## داستان ڏھون

( ١ )

آئي ٿي وراڻ، ڪينئن واڌايون آئيون،
لٿي لوئڙياريين، ٻڙني منھن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، ڇٿي ڀنوارڻ پاڻ،
ھميرنئون ھاڻ، مھت لھنديئن، مارئي!

( ٢ )

ڏريائين ڏار، جي وڏي وڻ جدا ڪيا،
تن سڪن ڪھڙي سار، ترڪ آئا مينھن ملير ۾؟

( ٣ )

آيو ڪير ڏيھاءِ، جنھن ڪر پچان خبرون؟
وچون اِن وٿاءِ، رات ماروءَ تي وئيون.

( ٤ )

آتان اوئي آئيو، خبر اِي ڪري،
وساريج ۾ ورڪي، ٻنج ۾، منڌ! مري،
ويندئن اِت وري، ڪوڏينھن آھين ڪوٽ ۾.

( ٥ )

اَڄ اَڏنڪا وڻ، مون کي مڪا جيڏيون،
"هاري، همير ن جا، ڄڪس ڪاڏئي ڪڻ،
"سانيڙا ۽ سِڻ، ڪ تو ويا وسري،"

( ٦ )

ڪو ڏينهن آهيين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ ۾ لاهه،
ڪامڻ، آهنجي ڪر جي، آڏو ڏاڻي آهه،
هتِ م ٻاڙج عيڪڙو، ٻاڻ جي پساهه،
ستي! سيل نباهه، ملير ويندئن، مارئي!

( ٧ )

سي ساهيڙيون مارين تو، سيل جنين جو سچ،
ماروءَ ريءَ ۾ مچ، سيهو پاڻئج سون کي.

( ٨ )

ساهيڙيون مارين تو، سچ جنين جو سيل،
نڪو قال نه قيل، آنين جي آدب ۾.

( ٩ )

جو ڏيهه ڏاڏاڻان آئيو، پيرين تنهن پٽان،
سانگانتوءَ سيد چئي، سنديون چت چٽان،
هتي تان نه هٽان، حرف لئي هيڪڙي!

( ١٠ )

جو ڏيھہ، ڏاڏاڻان آئيو، ڏنءِ تنھن طعنو،
”ٻاٽي و يھہ، م ٻلنڪين، ڪِجِيءَ سر ڪانو،
”مثان لڪ، لطيف چئي، ڪاڻ م خزالو،
”سرتين سيل چوائيو، جور ھٽي جالو،
”ٿيو سڌ سمالو، حرف لٿي ھيڪڙي.“

( ١١ )

مون سين ماروئڙيون، ڪھڙيءَ ريت رسنديون،
چونيءَ ۽ چيڙھ پيو، پيءِ رت جيون،
نيٺين ننڊ وِھ ٿي، ساري ساڏو ھيون،
ھتي جي ھيون، ته سڌ ٻيئي سيل جي!

( ١٢ )

”سئي! تنھنجي ست ۽، ڪالھہ گھرجي ڪڇ،
”وڏيو، چيريو، چچريو، ٻر ۽ آيي ٻچ،
”ساڻ آمانت آڇ، ته ٿيين سماني ساڙيھ ۾.“

( ۱۳ )

جانِڪين ستين ميرَ، تان ڪين وِهنديس ڪوٽ ۾،
سَپ سمنڊين سِپجي، نديءَ ٻِي نہ نيرَ،
جِنِ هوءِ آبرَ آسري، تِنِ مون مَنِ مليرَ،
ڪاٿَرِ ٻِينِ ڪيرَ، جي آمانت اَتِ وَجي!

( ۱۴ )

جَرَ ۾ سِهون جِيئن، آهين آبرَ آسري،
جِنِ ڪونجون مارِن روهه ڪي، مون تَنَ آندرِ تيئن،
ڪوئِين وِهان ڪِيئن، جي نظر بنديائِي نہ هٿان.

( ۱۵ )

سَپ سمنڊين سِپجي، آبرَ آساروس،
ٻاڙو ٻِي نہ پِيڙي، مِئو مِنهن لِکوس،
مائڪ تي مِڙيوس، جِنِ تَنگ ڪِڍيائين تارِ ۾.

( ۱۶ )

سِکو، سَپ سرتيون، مِهنِ مَلا سِيرَ،
پِيو مَٽائي نِيرَ، آپيون آبرَ آسري.

( ١٧ )

سکو مِٺِي ڪان، سرتيون ريت سِڪَن جي،
مگَنِ جَر مٿان، اوري ڪَنِ نہ آسرو.

( ١٨ )

پِهرِينءَ رات پَسي، مون ماروءَ مَن ٽِڪو ڪيو،
موهَڙَ ماروئڙَنِ کي، واحد، ڏيجِ وَسي!
آهر جِنهن آسين، سو ملندو شال مليرَ ۾!

( ١٩ )

وطن ريءَ وِٺِي، جي هِتِ گهاريم ڏينهڙا،
آءُ مارو ڏِيندمِ منهن ۾، ڏاڏاڻان ڏيهي،
ٻَکَنِ ۾ ٻيهي، شَل مَحلَنِ جي مَرَ ڏِٺان!

( ٢٠ )

مَ ڪِينُ رو، مَ رَڙِ ڪِين، هَنجُون هَڏِ مَ هارِ،
توتان ٻَنڌ ٻِڌا ٿِيو، ٻيڙِيون ٻيٺي ٻارِ،
ههَچَنڊِينءَ، ٻهنوارِ، سِکِهي سَنگهارَنِ کي.

( ۲۱ )

مَ ڪِين رُوءِ، مَ رَڙ ڪِين، مَ ڪِين هَنجُون هارِ،
جهڙا آهِن ڏِٺهڙا، تهڙا وِيئي گهارِ،
ڏُکَنِ ۾ نيان ٽڪڙا، سِکها ٿِين، سنگهارا
لَٿو لوهُ، لطيف چئي، اروڙِجِ، ٻهنوارِ،
ٻيڙيون نيئي پارِ، تو تان بند بدا ٿيو.

( ۲۲ )

مَ ڪبن رُوءِ، مَ رَڙ ڪِين، مَ ڪِين ڪرِ دانهون،
سَتي لوڪ، لطيف چئي، ٻيئي ڪَنجِ ٻانهون،
لَڏيئي جِتِ لانون، سو ڏيهه پسندئن، مارُئي!

( ۲۳ )

جنهن سَتيءَ سَت نَه ڇڏيو، سا مارُئي مرُ چائي،
اُنهي عمرڪوٽ ۾، لَڄ نَه لَڄائي،
سا ٻيئي ٻنديائي بند ۾، ڪولين ڪهائي،
جا مالڪين مڃائي، سا موڙَ نه مرڪي ماڙيين.

( ۲۴ )

اَڄ ٻن ڇڪيم چاڪ، ونهين وِڙيڇن جا،
سُورن آڇي سومرا، آندو ڪي اوطاق،
مارن جي فراق، هڏ منهنجا ڪَپيا.

( ٢٥ )

ڇڪي ڇڪير چاڪ، وڻين وڇڙيچن جا،
واجهيندي وصال کي، ڦنا ڪيس فراق،
سيئي ماريس، سومرا، ٿر جنين جا ٿاڪ،
مارو جي اوطاق، ڪهڙون اکنڊي آهيان.

وائي

مون من مارو جو، مارو جو منهنجو، ميان!
مون من مارو جو.
سنهن منهنجو، سومرا، مر ميروئي هوءِ،
مون من مارو جو.
”ڏوتوءِ ڏوران ء“، متان مارو چوءِ:
مون من مارو جو.
لارون جي لڙڪن جيون، ڪٿي وهان توءِ،
مون من مارو جو.

## داستان يارهون

( ١ )

مليران مارو، ڀڪي ڀيڻي آئيو،
وريا واهارو، هاڻون سي هيٺان ٿيا.

( ٢ )

پَهِي سَڪَ، پِرنِ کيهَ، ڪونهي نِياهو مارُئين؟
آتِ آڪنديِ آهِيان، تِئن آتَن، تِئن ڏَيهَ،
سَندِي جا ساڙيهَ، کِه ڪَتوري پائيان.

( ٣ )

ڪنهن تَرِ ڏِيهاڙِي، ڪِتِي آلَن مِينهڙا؟
مُون وَٽ مون پِرِينِ جِي، وِيهِي ڪرِ وائِي،
آئون آڪَ ڏائِي، سَنيهو سَٽِي جِيان!

( ٤ )

جيڪِس آلا مِينهَن، مُونُهان پوءِ مَلِير ۾،
ڪالهه سَجوئِي ڏِينهن، مَنهِنجي آڪَڙينِ آڪِيريو.

( ٥ )

سَچَ ڪِ آلا مِينهَن، مُونُهان پوءِ مَلِير ۾،
ڏوٿِينِ لائيا ڏِينهن، هَرِيا جي هَسيءَ ڪي.

( ٦ )

آلَنِ مِينهَن گهٽان، ٿِينِ موڪ مَلِير ۾؟
آڪيُون آبَ پِريو، آنهِين ڪونٿ ڪَٽان،
مارُنِ شالَ مِڙان، ڪونِيون چَڏي ڪَڏِهِين!

( ۷ )

تنهن ئي آئن مينهڙا، جنهن ئي گهرياڻون،
”رضا جا رحمان جي، هجي ٻاڙاڻون،
ملير ماڻياڻون، حڪم ساڻ حبيب جي.“

( ۸ )

سڪر سڀئي ڏينهن، جي مون گهاريا ٻند ۾،
وسايم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙن مينهن،
واجهائي وصال کي، نيس تهوارون تيئن،
نير منهنجي نيهن، اجاري آڇو ڪيو.

( ۹ )

سڀئي سانيهه ڪالهوڙي، وهسي وڙيچي،
سڀ سڏ ٻيم، سومرا، هئي هتي جي،
پيٽر ۽ پيچي، سوايا سارين سون.

( ۱۰ )

سڀئي سانيهه ڪالهوڙي، لهي ويا لوهه،
آندر جا آندوهه، لٿا ڏک سڪ ٿيا.

( ١١ )

عمر، اَجَ ڪَڏيام، ڏوڙي آنهين ڏيهہ جا،
ٻارايا ٻرين جا، آهي آن ڇپام،
لهي لوهہ پيام، لطف ساڻ، لطيف چئي.

وائي

ڪِئي منجهہ ڪَنيائين، مارو جام ملير جو.
ٻرچي ٻهنوارن سين، لوئي ڏيج لڌائين،
مارو جام ملير جو.
سيل نباهي، سومرا، پنهنجو ٻي پچيائين،
مارو جام ملير جو.
جهوپو جهانگيڙن جو، ماڙيءَ سان نہ مٽيائين،
مارو جام ملير جو.
سگر ساهيڙين سين، ڪانئونبا ڪاڏائين،
مارو جام ملير جو.
ساروءَ پاس ملير ۾، چسا سي چکيائين،
مارو جام ملير جو.
آتي، عبداللطيف چئي، شرم رکين، رب سائين!
مارو جام ملير جو.

# سهڻي

## داستان پهريون

( ١ )

ساھڙ جا سينگار، آءٌ ڏئا آھِيِ ھيا،
نڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْنْ' ھئي، نڪا ھِيِ پچار،
مَلَڪَنِئان مهند ھئي، توڏيءَ جِي تنوار،
مَحَبت سان مِهار، لايائين لطيف چئي.

( ٢ )

سهڻيءَ ڪِي سينگار، آءٌ ليکيا آھِيِ ھئا،
'ڪُنْ فَيَڪُوْنْ' کان ھئي، نڪا ھِيِ پچار،
مَرَڪِي سان مِهار، لايائين لئون لطيف چئي.

( ٣ )

گھيڙ لنگھيو گھاري، ميثاقان مهار سان،
'اَلَسْتُ بِرَبِڪُمْ، قَالُوْا بَلىٰ'، ھِر اھا ھاري،
ڏسيو ڏيکاري، ھِرت ھِريان جو پيچرو.

( ٤ )

'اَلَسۡتُ' آرواحَنِ کي، جڏهِن چيائون،
ميثاقان مهار سين، لَڏيون مون لائون،
سو مُونبي ڪَئُن پاهُون، جو محفوظان معاف ٿيو.

( ٥ )

'اَلَسۡتُ' آرواحَنِ کي، جڏهِن چيائين جيئَن،
'قالُوا بَلٰي' قَلبَ سين، ٿيو تفاؤل تيئَن،
محبتي مهار جي، آئون اهوڙي نيهن،
سرتيون، ساهڙ سيئَن، هلڻ سون حق ٿيو.

( ٦ )

"اَلَسۡتُ" آرواحَنِ کي، جڏهِن اَمر ڪيو اَحدَ،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻيءَ سڪڻ سَدَ،
دلو دور دَرياهَ جي، ڪيو ارادي آدَ،
جيڪين آيِس ڏانهن عهدَ، سو پاري منڍ پاتار ۾.

( ٧ )

"اَلَسۡتُ" آرواحَنِ کي، جڏهِن فرمايو فتاح،
هو مَن ڪاڍو مهار ڏي، سهڻيءَ سڪڻ ساه،
دلو دور دَرياهَ جي، ڪيو ارادي آڏاهَ،
جيڪين آيِس ڏانهن اللهَ، سو پاري منڍ پاتار ۾.

( ۸ )

"اَلَستُ" اَرواحنِ کي، جَڏهن ناٿ فرمايو،
هو مَنَ ڪاڏو مِهار ڏي، سهڻيءَ کي ساعيو،
دِلو دور دريا جو، اوڏاهين آيو،
جيڪين هاديءَ هلايو، سو ٻاري منڌ ٻاتار ۾.

( ۹ )

"اَلَستُ" اَرواحنِ کي، جَڏهن چيائين،
هو مَنُ ڪاڏو مهار ڏي، سهڻيءَ سدائين،
جيڪين آيس اوڏاهين، سو ٻاري منڌ ٻاتار ۾.

( ۱۰ )

"اَلَستُ" اَرواحنِ کي، جَڏهن جاڳايو جليل،
سيئين راهه سيد چئي، سوئاڻون سبيل،
وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين ڪي قليل،
درياه جي دليل، لوڙهي لهوارا ڪيا.

( ۱۱ )

ڪامان، پچان پچران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرين جي، پيان نه ڍاپان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، توءِ سرڪيائي نه ٿئي.

( ١٢ )

ڪامان، پکهان، نه مران، مڙان ساري رات،
پن پياڻي کي وڃهي، ڪر پريان جي تات،
سيخون سنديون سڄڻن، آيرن آڏيءَ رات،
نه ڪي هٿ نه سات، ڏيهاڻيو چنگ چڙهان.

( ١٣ )

اوراڙ نه پراڙ، ويچاري وه وڃ ٻه!
سڪيءَ ڏنيءَ سپرين، پيو مڙوئي تار،
تون ڪهڙ، ڪيم نهار، پڏندن سين ٻاجهون ڪري.

( ١٤ )

هن ٻار، نه هن، ويچاري وهه وڃ ٻه!
نيچ نهاري نه ڪهڙي، تنهن ٻه پيس تن،
الله، ساڻ آمن، آران ڪنهن آڪارين.

( ١٥ )

سهسين سائر پوڙيون، منڊ پوڙيو مهراڻ،
وهه وڃائيو ٻاڻ، ٿي ڪنڌ ڪپن سين.

( ١٦ )

سهسين سائر ڳجهن، توءِ سهج نه منهنجي سهڻي،
ته ڪي نينهن ڇڄن، ٻر تهين ٻرين جي.

( ١٧ )

سپيريان جي ترهي، ٻڏين، هٿ م لاءِ،
صباح تان چونداءِ: ”آسان تو آڪاريو.“

( ١٨ )

سپيريان جي ترهي، ٻڏين توءِ م لڳ،
جي پابين ٻرينءَ مڙان، ته پور آهي وڳ،
پاءِ تيڏاهين پڳ، ناهه جيڏاهين نجهرو.

( ١٩ )

سڪيءَ جي سانباهه ۾، ٻڏين، توئي ٻڏ،
ڪڪ، ڪانڊيرا، ڪانيون، ميڙي ٻڏ م مڏ،
نڪو ساهڙ سڏ، نڪا سڄي سهڻي.

( ٢٠ )

سڪيءَ جي سالباهه ۾، جڏهن ٻڏيون جي،
ساهڙ تنين کي، ٻيائي ٻنهين ڪنڌ ڏين.

( ٢١ )

سُکي پُڌن جي، ساهڙ سائي تن جو،
لهرن سر لطيف چئي، ڪلهن چاڙهيو ني،
جي پچن پنڌ پري، تن آمائي اورهون.

واٺي

ويئي ڪين وساري، محبت وڏڙي ماري،
ديواني، يارا! ووا مستاني، دلبرا جاني، ووا
لا! ويئي ڪين وساري.
جنهن کي سڪ ساهڙ جي، سا گهايل گهر نہ گهاري،
لا! ويئي ڪين وساري.
ڏم ڏهيلو ڏکيو، سر ۾ سؤنٿا ماري،
لا! ويئي ڪين وساري.
پيلي پاس پرن جي، تن ڪرکن وڏيس ڪاري،
لا! ويئي ڪين وساري.
پيلي پنهين ڪنڌين، محب مينهون تو چاري،
لا! ويئي ڪين وساري.

هوء لهونڪارون، پونهونڪارون، تڙ تڙ د وس تنواري.

لاٽ ويٺي ڪين وساري.

هوه جا پڪ پرين جي، آهيان تنهن آساري.

لاٽ ويٺي ڪين وساري.

## داستان پيو

( ١ )

وه، تڪ، واهڙ تڪ، جت نينهن، تڪ نرالي،

جر ڪي عشق عميق جو، مي خلوت خيالي،

وارين مي، والي، هينئڙو جنهن هٿ ڪيو.

( ٢ )

آنڌيءَ وچون، ڪنڌيءَ وچون، تنگڻان لهي ا. تڪ،

صورت جا ساهڙ جي، ذيل انهنجي ڏڪ،

والهڙ تنهين وڪ، جن سانيارا سپرين.

( ٣ )

واهڙ وهن نوان، آچان وه. آڳي ٿيو،

ڪلهر ويٺيون ڳهٽا ڪريو، سرتيون، سگ سنوان،

صورت جا ساهڙ جي، سا جي ڏني آن،

هوند ڪ هلوو مان، ڳهڙو سپ ڳهڙا ڪٽي.

(٤)

جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساهڙ چام جي،
سڪ ٿي سٽيون ڪين ڪي، ڪانڌن ڀاسي ڪي،
سونهان ٿي آڪي، هوند ڪهڙيون سڀ ڪهڙا ڪٿي.

(٥)

ڏٺي جن هيڪار، صورت ساهڙ چام جي،
سڪ ٿي سٽيون ڪينہ ڪي، ڀري ساڻ پتار،
ڪوڙي ڪهڙنان ڌار، هوند ڪاهي ڀيون ڪن ڀر.

(٦)

ساهڙ سون جٺن، سرتيون، جي ڏسو سيٺي،
تہ سهو ڪين سڪ ٿي، ڀاسو ور ڏيٺي،
سونهان آڪيٺي، ڪهڙو سڀ ڪهڙا ڪٿي.

(٧)

جيڪين ڏٺو مان، سو جي ڏٺو جيڏيين،
ڪهر ورلن مان، هوند ڪهڻ ڪهوري پيڏيا.

(٨)

آڏيون سڀ آندام، جڙن منهنجا چوريا،
لارن جا لنئون لائي، سا ڪٿن آچيان عام؟
لڳيس جنهن جي لام، سو دلاسا دوست مڃي.

( ٩ )

چوڏاري چڙا، ٻرن ٻيلاين جا،
مٿي منٻارن جو، ٻيم ڪن ٻڙاٽ،
وهه مون نہ وڙاٽ، مٿيو جهانءِ جهجي هينئون.

( ١٠ )

چڙن چوري آهيان، سک ٿي سمهان ڪِئن،
ساريان ساهڙ ڄام کي، ڏهه ڏهه ٻيرا ڏينهن،
مهار مڙن ميڙئن، نير ٻاتم نيڻن جو.

( ١١ )

ڪرڪين خوش ڪياس، محبتي ميهار جي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڌيءَ آئياس،
مٿي جاڳاياس، سانير سپرين جي.

( ١٢ )

ٻلي ٻار ٻري، مون کي چڙن چوريو،
محبتي مهار جي، مٿي شاخ چڙي،
ٿي جهوڪ جهري، ٻونديس ٻاريچن جي.

( ١٣ )

هن پرِ سيمِ هوءِ، سٽي سنيارن جي،
چتَ چڙنِ چوريو، جڙنک ٽيڙمِ جوءِ،
محبتي مهار جي، باالله پيمِ پوءِ،
وجي روءِ پروءِ، ڏيکيان دوست مهار کي.

( ١٤ )

هن پرِ سيمِ هاڪ، سٽي سنيارن جي،
محبتي مهار جي، چڙنِ چوريا چاڪ،
آنهين جيءَ اوطاق، وڃڻ واجب مون پيو.

( ١٥ )

جيارِيس سنيار، ڪه ڪرينديس ڪڏجي،
ويرو تار وجود ۾، پرين جي پچار،
سي سڄڻ هون نه ڏار، جي هينئين ۾ حل ٿيا.

## وائي

سچا ساهڙ! مون کي تون، اي! وهيان واهر! مون کي تون،
اي! نيئي اول پريان جي پار ڏي.

ڪن جي ڪارونيار جا، ووا سي آئون پائيان پون،
اي! نيئي اول پرِيان جي پار ڏي.
سنڌو جيڻ آسرو، ووا منان لاٿو مون،
اي! ليئي اول پرِيان جي پار ڏي.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪرڪل ڪوچ ڪن گهٽا، جتِ جر واڪو جئيائين،
پاڻ اَچلي آب ۾، وهه مِر وِڌائين،
لهريون لنگهيائين، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ٢ )

ڪرڪل ڪوچ ڪن گهٽا، جت ڏڙڪو منجهہ ڏرياهہ،
اَچهو اتاهين گهڙي، سانگو ڪري نہ ساهہ،
ساهڙ جي صلاح، پارِ لنگهايس پاجهہ سين.

( ٣ )

ڪارا ڪن، ڪاري تڳِي، جت ڪاريهر ڪڙڪا،
منٿي متي مهراڻ ۾، آجن ڏپارا ڏڙڪا،
ويدي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان ٿنڙس سير ۾.

( ٤ )

دَهشَت دَمَ دَرياهَہ ۾، جِتِ هيبت هَلاچو،
وِرچِي وِيرِن وِچ ۾، ڪاڏي، وِيو ڪچو،
ساهڙ چام سچو، سائِي ٿِيندم سير ۾.

( ٥ )

دَهشَت دم دَرياهہ ۾، جِتِ سڻاٽا سيسار،
بيحد باگهو بحر ۾، هَيبتناڪ هزار،
ساريان ڪانَ سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساهڙ چام ستار، سِگهو رسج سير ۾.

( ٦ )

دَهشَت دَمَ دَرياهہ ۾، جِتِ ڪڙڪا ڪن ڪرين،
ٻچلِ ٻانديءَ ٻار ۾، آتِ لهريون لوڏا ڏين،
سنا ور سهميا، آتِ ميٺهايا نہ منزِين،
جِتِ وِيرِيون واٽَ نہ ڏين، آتِ ساهڙ، سير لنگهائين.

( ٧ )

دَهشَت دَمَ دَرياهہ ۾، جِتِ ڪڙڪو ڪن ڪري،
توڏي تاڪن وِچ ۾، مٽان وِير وري،

آهي ساهڙ! منهنجا سهرين، پرتان پر پري،
هادي! هٿ ڌري، اونهي مان اڪارين.

( ٨ )

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪنن ٻا ڪڙڪا،
سهي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل دڙڪا،
ساهڙ! تون سڙڪا، فريادي فقير جي.

( ٩ )

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪنن جو ڪڙڪو،
آهم آنهي پار جو، دل آندر دڙڪو،
پڇي سڪ سيد چئي، سير سند و سڙڪو،
والي! ڪج وڙ ڪو، ته پار لنگهيان پاڄه سين.

( ١٠ )

دهشت دم درياهه ۾، جت لڙ، لهربون لس، ليٽ،
آئيو اوپارن ۾، پاندي پوڙي پيٽ،
جنڊ چکن جي چيٽ، آت، ساهڙ! سير لنگهاء تون.

( ١١ )

دَهشَتَ دَمَ دَرِياهَ ۾، جتِ تڪبون تنوارون،
مَنهنجون مانَ مِهارَ ڪي، پهچن پڪارون،
لَهَر، ساهڙ! سنپارون، تہ لهرن لوڏي نہ مران.

( ١٢ )

دَهشَتَ دَمَ دَرِياهَ ۾، جتِ جايون جانارن،
اڪر سندو سير جو، مپ نہ ملاحن،
درندا دريا ۾، واڪا ڪيو ورن،
سچا پيڙا بار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
آتي آڻ تارڻ، ساهڙ سير لنگهاءِ تون.

( ١٣ )

دَرهڙ ڏونس دَرِياهَ ۾، جتِ لَهرِيون ڪن لوڙا،
سڻين آڇي سمونڊ ۾، ٿيا سيٺايا سوڙها،
جي تارو هنا توڙا، تنِ هرہو پانيو هيڪڙو.

( ١٤ )

ڪاري راتِ، ڪَچو ڪُهڙو، اَنڌيهه اوڙاڻي،
چنڊ نالو نامِ ڪو، دَرياهه دَڙ لاڻي،
ساهڙ ڪارڻِ سهڻي، آڏي ٿي آئي،
ي ڪَمِ الاهي، ناتَ، ڪَنَنِ ۾ ڪير ڪُهڙي.

( ١٥ )

ڪاري راتِ ڪَچو ڪُهڙو، لَڪا سيڻهِ ساڻ،
وجهي، وبرم نہ ڪري، پريان ڪارڻِ پاڻ،
محبتَ کي مِهراڻ، مَڪي سَبُ هَٿ ٿيو.

( ١٦ )

ڪاري راتِ ڪَچو ڪُهڙو، مَٿان وَسي مِينهن،
هڪو پٿو پيراهَ جو، پيو سانپارانِ سينهن،
سال ۾ ڇچي نينهن، ڪُهڙان، ڪهوريو جندڙو.

واڻي

هوئيج هوشيارِ خبردارِ، ترڪڻِ آهي تڙ ۾.
ڪڏون، ڪوپا، چِڪ، چڪنديون، تان ڪين لئي لهار،
ترڪڻِ آهي تڙ ۾.

آڏيءَ مي آکڙنديون، آکيون جن ڪپار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
سون سو ملاحن ڪان، تڙ آڙانگا تار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
هوت هلنديڻ ڪنيو وهڻ، منڌا! وسار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
ڪه آتڻ، ٻن جيڏيون، ڏيرائيون ڏنارا
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
ڪو ڪنج پاڻ سين، ٻرين تنهنجو ٻار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
وِبندي واڻائڻ ڪي، ٻئيءَ ڪيم ٻچار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
ٻونديون منهن مهار جي، ڏم وٽ ڏينهن م گهار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.
ساهڙ ڪي، مڻ، سهٽي! ٻچل آڏي ٻار،
تِرڪڻ آهي تڙ ۾.

تارِ ترلدِئن، لَوَ لنگهندِئن، عِشق جِي آڌارِ،
تِرَڪڻ آهي تَوَ ۾.
ڀالدَ ۽ چِڏِج ڀرِينءَ جو، ڀِين جِي ڀانارِ،
تِرَڪڻ آهي تَوَ ۾.
ٽِيندو سَڏ ساهڙَ جو، توڏي! ٽِيءَ تيارِ،
تِرَڪڻ آهي تَوَ ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

تَوَ تَڪڻ تارِ گهڙَڻ، اي ڪانيارِن ڪَم،
ڏِهه ڏَهه پيرا ڏِينهن ۾، ڏِي ڏوراپا ڏَم،
عَقَل مَتِ شَرم، ٽِيئي نِينهن نِهوڙِيا.

( ٢ )

ڪِهيڙِن ڪَري نَہ ڪهور، تَوَ تَڪڙ ڪان نَہ لَهي،
جِنهن کي سِڪ ساهڙَ جِي، ڀورنِ مَٿِي ڀور،
ڪاري راتِ ڪَنِ ۾، وَهمِ کي وَهلور،
جِنهن کي ساٺ پرِيان جا سور، تنهن کي ندي ناهِ نِڪاهُ ۾.

( ٣ )

جِتان کھِڙي تِتان کھِيڙ، ڪپر ٻچن ڪوڙيون،
ڏم سين جسو ظاهِرآ، مَن ميهار سين ميڙ،
سا لَڌي پانئي نيڙ، جِنهن کي سِڪ ساهڙ جي.

( ٤ )

جِتان وهي تِتان واٽ، ڪپر ٻچن ڪوڙيون،
جن کي سِڪ ساهڙ جي، سي گھيڙ نہ ٻچن گھاٽ،
جن کي عِشق جي آساٽ، سي واهڙ پانئِن وِڪڙي.

( ٥ )

ڪنهن جِنهن گھيڙ گھڙي، جٺ آوَتڙان تڙ نيوس،
سالِم ويئي سهڻي، ڪنِ ڪي نہ ڪيوس،
آهِس آڪڙين ۾، پرِيان جو پيوس،
حقان حق نيوس، هئي طالب حق جي.

( ٦ )

هئي طالِب حق جي، توڏي لاڪون تور،
نہ ملاح نہ مکڙي لکي ٻڌي نور،
پاڻي پني ٻور، سهڻيءَ ليکي سير ۾.

( ٧ )

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سهڻي،
ڪِچيءَ هار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سونائين، جيڏانهن عالم آسرو.

( ٨ )

توڏي! تهائين جي، مي هٿين چڊ حرص،
ساهڙ ڏاران سهڻي، ڪونيون ڪن ڪرس،
وڏي ايءَ ورس، جٿن ڏم وٿ ڏينهن گذارين.

( ٩ )

توڏيءَ ڪي تعظيم، ٻين سينتان آڳري،
اوڏي ٿي آلف ڪي، من ڪڏيائين سين ميم،
جيلانهن ذات حليم، ملي تي مهار ڪي.

( ١٠ )

ساري سک سبق، شريعت سندو، سهڻي!
طريقتان تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، آصل عاشقن جو.

( ١١ )

صَبر شاڪرَنِ، آهي اوطاقن ۾،
جي واصلَ ٿيا وصالَ ۾، سي ذرو نہ ظاهرَ ڪَنِ،
وِيت واهر ترنِ، هِينڙا جن هَجِي وِيا۔

( ١٢ )

ٻلِ ٻلِ ٿِي ٻلي، ڏَم ڏِهاڙي ڪيترو،
ٻَسِي دُور دَريا جو، وِچان ڪِينَ وَلِي،
ڪاري راتِ ٿَرِيب ڏِي، منجهان خَبَ هَلِي،
نہ ڪنهن جهول جهَلِي، هَٿِي سمن ٻوري سَهٽِي۔

( ١٣ )

جهولَ نہ جهَلِي سَهٽِي، سائر سَٽَ سَندِياسِ،
جِنهن اِهڙي جائِي عاجزا، ما مَرَ مرڪِي ماسِ،
ٻسين جي ٻِياسِ، تہ ڪي عِشق آئِين۔

( ١٤ )

نَڪا جهولَ جهليسِ، نہ تانگهو نہ تارِ ڪِي،
ڏَمَ ڏِيهاڙي ڪيترو، ٻرِ ۾ ٿو ٻليس،
تان تان جي جَليس، ملي جان نہ مِهارَ ڪي۔

( ١٥ )

سِهَ سِيارو، پاڻي پارو، جت جهڙَ جهڪ ۽ جهولَ،
مَنَ آندرِ مهارَ جا، هينئڙي آڇنِ هولَ،
جيلانهن پِڊيسِ پولَ، تي اڙانڪا آر تران.

( ١٦ )

سياري سِهَ راتِ ۾، جا گهڙي وَسَندي مينهن،
هلو تہ پڇون سهڻي، جاڪر جاٽي لينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، مهار ٿِي منَ ۾.

( ١٧ )

سانوڻِ گهڙي سيڪا، هيءَ سرهي سياري،
تنَ وِڏائين تارِ ۾، آرواحَ جي آري،
مَحبتي ماري، ڪونهي داد دَرياهَ ۾.

( ١٨ )

پاڻدي! جي پيلي ٿيين، تہ حالَ ڪَرَهيان هيءَ،
سَگهو ساعت نہ جندڙو، جر ري منهنجو جيءَ،
ساوڻ سيارو پاڻيان، وَهه پِرِيان جي ويءَ،
پارِ جنهين جو پيءَ، وَڃڻ واجبَ تنِ تي.

(١٩)

واھڙ! ڀريون ۾ ڀاءِ، تو ڀڻ ليکو ڏيئون،
سدا ساوڻ ڏينھڙا، ھنئين نہ ھونداءِ،
وھائيءَ وينداءِ، اوڀر آتاھان لھي.

(٢٠)

واھڙا وھين ۾ شال، سڪي ڀلانيون ٿيين!
ڀسان تنھنجي ڀيٽ ۾، لاٿا، لوٽ ليار،
جنھن تو سپ ڇمار، آسائيون ڀوڙيون.

(٢١)

ڪڙ ڪڙ، ڪن! ۾ وڄ، ٻالڏي ٻوڙ ۾ ٻار ۾،
مون تي جا مھارَ جي، سا ڪنَ ڏٺان ڏڄ،
توءِ ڪھڙلديس آڄ، جي آبتا آر ڪرين.

(٢٢)

آدا ڙي ٻانڌي، توکي ڪڙھان ڪي ڀاڻ ڪي،
سوڏي خبر سڄڻين، تو ڪا تڙ آندي،
تون ٻاتاريان ٻالڏي، آسان ڀنڌ ڀرين ڏي.

( ٢٣ )

مَحَبتيءَ ميهارَ جيون، دِلِ آندرَ دونهيون،

آنبو وِجهي آرَ ۾، لهائو لوهِيون،

جي ساهڙ جيونَ سونهيون، ميرِ سراڙو تنِ کي.

واتي

سدَتَ ٿِي ميهارَ يارَ، ساهڙا سائرِ ميرِ ۾.

آونهان ڪَن، آتانگ تَرَن، اولي هَـنَ آڌارا

ساهڙا سائرِ ميرِ ۾.

ڏينهن ڏهلا ڏمَ مين، آهيان آهٺان ڏار،

ساهڙا سائرِ ميرِ ۾.

ٻَجَلِ پانڌي پارِ ڪري، آتَ آبتا آر،

ساهڙا سائرِ ميرِ ۾.

ٻيتي ڪنوڙي سوهڻي، آکهـ رِيءَ آڌار،

ساهڙا سائرِ ميرِ ۾.

”ڪاري رات، ڪچو ڪهڙو“، توڏيءَ ڪي تنوار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
سنيوڙو سيٽاهہ سين، سکھو رس، سنگهارا
ساهڙ! سائر سير ۾.
اوراران آهون ڪريان، پهچان شال پرار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
سڀو جهانءِ جهڄي هيٺون، سانياران سنيار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
آيم ريلي ريءَ سين، آللہ، تو آڌار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
تار ترنديس، لڙ لنگهينديس، وينديس وٽ وچار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
نوربنديس بار سٽي، سهسين جي سيسار،
ساهڙ! سائر سير ۾.
ڪولي گهاگهائي گهڙي، جکن ٿا جانار،
ساهڙ! سائر سير ۾.

# داستان پنجون

(١)

ڪيڏانهن ڳهند ڳڙن، ڪيڏانهن آئي ويٺيون،
تيڏانهن ٿيون چرن، جيڏانهن ٿَي ميهار جي.

(٢)

ڪٿي ٿيو مهار، ڪٿي تو ڳهند ڳڙي،
ڪٿي دونهين دوست جي، ڪٿي ٻريون پار.
جنهن مون سي چمار، جر ۾ جهوتون ڏنيون.

(٣)

وچن سين وٺي، سور وباڇي، سهڻي،
آن ڪا ٿي ڏٺي، مينهن جي مهار سين.

(٤)

ٻچيو پينگهن پالڪ، وٺي روهه وچن سين،
ڪهه ڪريندي ڪالهه، گهر ٻکو تان گهوريو.

(٥)

ٻچي پابو پانهن، وٺي روهه وچن سين،
لايان لال لڳن کي، آئين جي چرو ڪالهن،
آئون اوهان جي دانهن، سدا پٽان سنري.

( ٦ )

پينگھا پسيو روءِ، وڃيو وٺائن ۾،
ڏونهين هاسي دوست جي، پاڻ پڇاڙيو ہوءِ،
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال آڇي اورانهون ٿئي.

( ٧ )

پيلئان جت پکيون، آيون آت وري،
ڪانهي ٻي ڳري، مينهن کي مهار ري.

( ٨ )

ميهاران مرڪ، پيتائين ٻرير جي،
تنهن منڌ متوالي ڪئي، سندي ساءَ سرڪ،
لکيس ڪانہ ڪرڪ، لوهان تکي، لطيف چئي.

( ٩ )

ميهاران مهي، پيتائين ارير جي،
آرڪ سرڪ، سيد چئي، لکيس ڏوت ڏهي،
سکهي تان نہ سهي، ملي جان نہ مهار کي.

( ١٠ )

مري تان م مهار، وٺاڻ ولهو م ٿئي،
وڃن جي وچار جو، ونکو ٿئي م وار،
ساهڙ مون سينگار، ماڙهن ليکي مهٽون.

( ١١ )

مينهون مِن ميهار جيون، آلا سڀ ٻچن،
وڇون جي ڪيرن سين، سدا ٽيون سونهن،
مون کي ماٽڪين، تاٽي هنيو تارِ ۾.

( ١٢ )

مينهون مِن ميهار جيون، آلا سڀ جين،
ڪاريون، ڪڪيون، ڪنڍيون، وارا ڪيو رين،
جوه جا جاندارن جي، پيلا ٻهه ٻهه ڪن،
آڇي ريل رهن، مون سانپارا سِهرين.

( ١٣ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي آر،
ڪوڙيين ڪر ڪشنديون، مٿي سڌ ڏرار،
مينهون ساڻ ميهار، ٻرچي پار لنگهنديون.

( ١٤ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ٻيٽ،
اڙ لنگهينديون ليٽ، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ١٥ )

چاهڪ چري تار تري، آيون مٿي ڪن،
ڪوڙيين ڪر ڪٽنديون، ساهڙ جي سن،
مينهون ساڻ آمن، ٻرچي ٻار لنگهنديون.

( ١٦ )

چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ڪوهہ،
مٿي سڌ ساهڙ جو، راضي نيندن روح،
مينهون ساڻ صبوح، ٻرچي ٻار لنگهينديون.

( ١٧ )

جا مهاڙ مهار، سو منهن مينهن نہ ٿيو،
ڪپر ڪارونيار، ڪئن لنگهينديون ڪنڍيون؟

وائي

مون ڪي ڪام جهلي، ميڪا ٻاڻ ملي،
آئون وڏڙي نينهن آڃلي.
ويندي آئون ٻار ٻريان ڏي، مون کي ڪام جهلي،
آئون وڏڙي نينهن آڃلي.

تَنِ وِڏائيـن تـارِ ۾، آڏي راتِ آچـلـي،
آئون وِڏَڙي نينهن آچلي.
ٻَسي ڏُونهيون دوست جيون، مُنهنجو جيءَ جلي.
آئون وِڏَڙي نينهن آچلي.

## داستان ڇهون

( ١ )

ساندهِ سَپَ دَرياهَ، ٻَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڇَڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جِي وِڙاهَ،
ٻَسيو ڏوهِ ڏَڪي هِينئون آرَ مَٿي آرواحَ،
جِي توهَ ٿَئي توڏاهَ، تَ وِيرَ وَهيٹون ناهِ ڪِي.

( ٢ )

ساندهِ سَپَ دَرياهَ، ٻَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪَنبي هِينئون "ڪَماحَقهَ"، آرَ مَٿي آرواحَ،
دِلامي دارَين جي، سانچيو سانچي ساهَ،
جي توهَ ٿِئي توڏانهن، تَ وِيرَ وَهيٹون ناهِ ڪِي.

( ٣ )

سَڪِن وارِن سِرو، جي دَهشت سان دَرياهَ،
اوڙڪ آلين جو نہ رَهي، آر بِنا آرِواحَ،
وِبندي ساهڙ سانَهيونَ، صَدقو ڪَنديونَ ساهَ،
جِن کي حُبَ آنهِي جِي آهہ، ساهڙ سائِي تن جو.

( ٤ )

ڪِهڙيا سِي چڙهيا، ابهين آئِيئِي،
مٿِي مٿِي، مِهراڻَ ۾، ٿئو ٿپو ڏيئِي،
تہ ميهار مِليئِي، سَنيوڙو سِٽاهہ سين.

( ٥ )

اَکيوَن مَنهن ميهارَ ڏي، رِکيوَن جِن جوڙي،
ري٭ سندِ سيڌ ڇنِي، تار ڪِهڙَن توڙي،
تنهِين کي ٻوڙي، سائِر سکهي ڪِين ڪِي.

( ٦ )

آڏي اڌاٿان، مَرتيون! مَک مِهارَ جا،
انکهي مِير سَوانُ ٿِيا، ساهڙَ سيباٿان،
پِني٭ تي پاٿان، ٻسان ساڻَ ٻرِين جا.

( ٧ )

آڏيءَ آڏاڻون، هينڙو سون هڻن مان،
وهه پٺي واهڙ تري، ساهڙ سباڻون،
پيچ پنيءَ پاڻون، پيءَ جو پسي آئيو.

( ٨ )

جيڏانهن چت چاههِ گهڙون، آر پ لوڏاهين،
وڃي وهه واڪا ڪيو، تڪو تيڏانهين،
ميهار ملائين، لهرن منجهه، لطيف چئي.

( ٩ )

هليان، پليو نه رهي، نرتون نينهن نبار،
گهڙان، گهوريو جندڙو، آئل مون آهار،
جنين من ميهار، هلڻ تنين حق ٿيو.

( ١٠ )

ٻس، ٻستان ٻري ٿيا، اوري سندن آر،
درياهه ري سهاڙ، ڏسن گهڙون ڏهلو.

( ١١ )

ڪاڏي وَڃان، ووءِ! جِنِ وَهِڻَ وَڇارِنَ سَنيو،
ڏوڏي اَچي ڏِيهہ جا، جَرِ سِرِ آئِي جوءِ
شِڪستِي، سيڌ چئِي، ڇِيهان ڪَرِيو ڇوءِ:
"ساهڙ! سانگ سَندوءِ، آچِي اوراهون ٿِئِي".

( ١٢ )

سَندو ڏَمَ ڏَهڪارَ، هَڏِهين ڪونهِي هِن ڪي،
هِيءَ ٻاٽِيءَ سِين ٻانهِنجو، ٻَسائِي نہ مِينگارَ،
ڪارِڻِ مَنڌَ مِهارَ، ڪاريءَ رات ڪَن تَرِي.

( ١٣ )

ڏَمَ ڏِبهاٽِي ڏِي، سَندا مِيهَرَ مِيهَٽا
جَهلِيم ٿِي جهولِيءَ ۾، ٻَلءِ ٻائِيو سِي،
مَرَ جان چالِيهہ چئِي، سَگان مَہرِ بِنِ جي.

( ١٤ )

جيهَر لوڪَ جهَپَ ڪَري، ذرو جاڳ نہ هوءِ،
اوهِيرَ آچِيو، آدِيون! ٻهہ پِريان جو ٻوءِ،
جي ڪُڇو چونِم ڪوءِ، تہ مَرڪَ پايان مِهڻون.

( ١٥ )

هوءَ جا پري باھِ، مَنهن ميهارَن جي،
آڳهِ، تنهن اُهاءِ، وَجي ڪَن ڪپيندي.

( ١٦ )

تہ ڪر ڪيئَن مئي، جي سير نہ گهڙي سهڻي،
هتِ حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هٿي،
ڇڪي تنهن چري ڪَئي، جو ڏِنس آنِ ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪهي،
هونهين هوند مئي، پر بڏيءَ جا ٻيٽا ٿيا.

( ١٧ )

ڪا جا ڪَن ڪرينِ، پنيءَ، پڻ جهڻ ٻاٽ ۾،
آڪيون تنهن آب کي، آڌيءَ آڪيرينِ،
توئي تِڪون ڏينِ، تَپ آچ اُنهين کي نہ لهي.

( ١٨ )

دائِم جا دَرياھ ۾، ما مَڇي ڪَني ڪوھ؟
آهِس اِيءَ آندوھ، ٻاٽي ڪَٽي تہ پيان.

( ١٩ )

ڪير ڪَن، آنوَن ڪير، ڪير ڏمر سهي ڏم جا،
قضا رڃ ڪير ڏري، متي هاڻيءَ پير،
پينر! پنيءَ وير، لڏو تي ٿي لوڙيان.

( ٢٠ )

جي ٻڌان تہ ٻن، اولجان آن هار ڏي،
ڪنڌيءَ آچيو ميربن، مان "ٻرا ٻرا" ڪن،
ميائي مين تن، جيڪر آئي نڪران.

( ٢١ )

لهر مِڙوئي، لال، وهن ڪتوريان وترو،
اوبهارا عبير جا، جر مان آچن جال،
ڪنن ڳهڙي ڪالهہ، ٻڪ ٻريان جي سهٽي،

( ٢٢ )

جيڪي ڏنءِ تار ۾، ڪنڌيءَ سو ڪهيج،
جر وڏو جهاجهہ ڳهٽي، هاند م ٻسائيج،
ساهڙ ساڳاهيج، تہ ثابت لنگهين ميرمان.

( ٢٣ )

ڳوڙها ڳڻي پار، هيئون حيرت ۾ پيو،
وِهان تہ ويرم ٿئي، نينهن ۾ پوءِ نهار،
وڃان تہ واڪو ٿئي، ٻاڙي پوءِ پچار،
هت ٿي وعدي وار، هت سونون ڏينهِ سرتيون.

( ٢٤ )

جاهڙ آندر جي، ساهڙ ڏني ساهہ کي،
ساهڙ چڙي نہ ساهہ جي، ساهڙ ساهڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع! تہ ساهڙ چڙي ساهہ جي.

( ٢٥ )

ور آونداهي راتڙي، چانڊوڻي چالڊان،
آوري ٻهاران، منهن م پسان ڪو پيو.

( ٢٦ )

جان جان هئي جٿري، ورچي نہ ويٺي،
وڃي پون پيٺي، ماريندي کي مڇڻين.

( ٢٧ )

جان جان هئي جٿري، ويٺي نہ وبساند،
لڳي لهرين پاند، مياڻي مهار ڏي.

## وائي

آ کيون پير کري، وِجهي، ووا وِجهي.

سپيريان جي ڳالهڙي، کنهن سان ڪين ڪِجهي،

وِجهي، ووا وِجهي.

لِکائي لوڪ کان، ڳجهڙي ڳوٺ نِجهي،

وِجهي، ووا وِجهي.

محبتي مهار جو. سور نہ کنهن سلجهي،

وِجهي، ووا وِجهي.

## داستان ستون

(١)

ترِ نہ ڳهڙي تور، توء من ڪاڍو مهار ڏي،

ڏاڍو دور درياءَ جو، سِڪڻ وڏو سور،

من ۾ موج مهار جي، ٻهس پرِيان جو پور،

پيلي پنهين ڪنڌين، نِت نهاري نور،

منجهان جر ضرور، ڪجهي ڪي ڪوم ٿئي.

( ۲ )

ٻوڙين چاڙهين تون ڏٺي! ٻي جو دعويٰ ڏمي نہ ڏم،
هِن منهنجي حال جو، ميهر تي معلم،
رک پيلي جو پرم، جو آچي پيو آجهور ۾.

( ۳ )

ڪالڌي ڪنگ ٿياس، وهن جنازو سهڻي،
ٻڪها جي ٻيڻن جا، ڪلها تن ڏناس،
آکيين ملڪ ڏناس، تو ء من ڪاڍو ميهار ڏي.

( ۴ )

آيو تڙ ميهار، ملاحن سڌ ڪري،
آئون ٻن وجهان هٿڙا، آئين ٻن وجهو چار،
گهوريون ڪاروٽيار، مان ملنئون سپرين.

( ۵ )

ميهار ملاحن کي آيو آچي آڄ،
آئون ٻن وجهان هٿڙا، آئين ٻن وجهو رڄ،
سنديءَ ڪن ڪڇ، مان هون سلامت سپرين.

( ٦ )

ميهارَ ملاحن کي، آهيو ڪري مَڏ،
آڏا اُنهين پارَ جا، موڙي آڇو مَڏ،
وِيا جي وَهہ گَڏ، هلو تہ ڏوريون اُن کي.

( ٧ )

ڪَنڌيءَ جهِليو ڪانهن، عاشق آهيو آهون ڪري،
تو ڪِئن ٻوڙي سهڻي، ٻيلي! منهنجي ٻانهن،
درياهَ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

( ٨ )

جتي ٻيڙ ٻِڙن، ٻِريون ٻونِ ٻواريون،
تانگهہ نہ لَڌي تارئين، سپَ نہ ماڻيڙنَ،
ڪَنڌيءَ آيا ڪيترا، ميٺاهيا سنڪن،
تون ڪِئن تن تَڙن، اَچيو آساري ڳهڙين.

( ٩ )

ٻِريون ٻرِ دَرياهہ، ٻسُ، جي ٻارِ ٻونديون،
ٻڌَ توڪل تَرهو، آهَ ساڻ الله،
جن جي ماهرُ ساڻ صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

( ۱۰ )

مانڍاران سڏ ڪيو، آيا چونم: ”آهه“،
هڪ تڪو تار وهي، ٻيو لڙ لهريون ۾ واءُ،
سائي جن الله، ٻجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ۱۱ )

مانڍاران سڏ ڪيو، آيا چونم: ”آچ“،
هڪ تڪوئي تار وهي، ٻيو هٿ ڪميٽيءَ ڪچ،
سائي جنهين سچ، ٻجهان، سي نه ٻڏنديون.

( ۱۲ )

هاري! حق رکيج، مانياران ماهڙ جو،
خواب، خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏيج،
اندر آئينو ڪري، ٻر ۾ سو ٻسيج،
انهينءَ راهه رميج، ته مشاهدو ماڻين.

( ۱۳ )

هاري! رکج حق، مانياران ماهڙ جو،
خواب، خيال، خطرا، تنهين ڏيج ترڪ،
ڪرين غير غرق، ته مشاهدو ماڻين.

( ١٤ )

تَنَ جَنهين جو طالبُو، سانُپارا سيئي،
مَنَ ۾ ماٺ نيئي، ٻَـڪِيو ٻاڻَ ڪَري.

( ١٥ )

لِيا ڏِنم لارَ، سانُپاران ساهڙَ جا،
هِينئُون هِتِ نَ وِندري، ڏرارِئُون ڏارِ،
مُنهنجو مَنَ مِهارِ، ٻَـڪِيو ٻاڻَ ڪَري.

( ١٦ )

گهڙي ۽ گهوري، مٿان ميرين جندڙو،
مَحبتَ جا مِهراڻ ۾، تَسوِ ٿي توري،
ڏَمِ وِڏو ڏوري، نَتَ ڪَنِ ۾ ڪير گهڙي.

( ١٧ )

ٻارهين ڪَنَ، ٻَيِهہ ترَ، ترَ ترَ مَٿي لانگ،
عِشقَ جِنِ آٽالگ، ٻِجهان سي نَ ٻُڏنديون.

وائي

آيلِ! آمِنِ! تي جيان، لا! جي مارِينم مِيرين،
ساهڙَ مَٿاءِ صدقو، ڏهين ڏمِ ڏِيان،
لا! جي ماريِنم ميرين.

مٺان ماڻڪ هيڪڙي، آمل آئي ڏيان،
لا! جي سارينم سپرين.
آچين، عبداللطيف چئي، تہ جانب نت جيان.
لا! جي سارينم سپرين.

## داستان اٺون

( ١ )

ٻُڏندي ٻوڙن کي، ڪي هانڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ، لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪکن،
توئي ڪنڌيءَ ڪن، لات سائن وڃن سير ۾.

( ٢ )

ڪچي ڪاني ڪانهن، ٻڏا ڪيڏي ٻار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏرئان ڪري دانهن،
"ڪما حقہ" ڪکن جي، آهي ڳالهہ آڳانهن،
ڏين ٻڏن کي ٻانهن، لات سائن وڃي سير ۾.

( ٣ )

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهن، تان تائي ٻڏج تر هو،
هٿ ٻريان جي هٿ ۾، ٻي کي ڏج م ٻانهن،
سندي ڪپر دانهن، ڪِ تو ڪنين نہ سئي.

( ۴ )

هاوانا هلن، ڪپر ڪارونيار جا،
لهريون لڙ لطيف چئي، پيلي تي پلن،
جي ڪچي ساڻ ڪهن، آڻا تن اوڀاهين.

( ٥ )

آهين هت امان، ٻڌ ترهو تار جو،
لهريون لڙ، لطيف چئي، جهليا جنگ جوان،
اونهي تڙ آ گهڻيا، آڏي پائي آڻ،
جي پيا منهن مهراڻ، تن پانديءِ پيٽ نہ آڇهي.

( ٦ )

ڪچو ڪان ڪنيار، اوکي! ڳنهيو اٿين،
ڪہ تو ڪنين نہ سڻي، پيلي تي پلڪار،
اوڙهيا لک لطيف چئي، ڪوڙين ڪارونيار،
آڪاريين آڌار، آران آڪي وارين.

( ٧ )

ڪچي ساڻ ڪهي، اکو ٻجي نہ سهٽي،
لنگهيو لڙ، لطيف چئي، وچارن وهي،
ما ڪئن نينهن نهي، جنهن کي نينهن نڌو ڪٽي.

( ٨ )

اونهي ۾ اوهري، ڪهي ڪچي ساڻ،
سپڪ جو سيد چئي، هچي نه پرياڻ،
عشق واريون عبداللطيف چئي، سڌ نه ڪئن ساڻ،
جنهين پاسي پاڻ، سي آوترن ئي آ ڪتيون.

( ٩ )

آنگ پسي رنگ، ڪيو ڪو جو دور ڏلي،
پرپر پياي نه ٿيو، ڪچو منجهه ڪلي،
تران ئي تار گهڻون، تنهنجي بحر ٻلي،
سو ميهارءِ ملي، آهيان جنهن جي آسري.

( ١٠ )

پابم نه پيلو، مون کي ڏاڍ ڏ تاريو،
آڪي مٿي آسري، روح ڏنو ريلو،
تيلاهين ويلو، پئم واهڙ وچ ۾.

( ١١ )

ڪڙيا جي ڪلال، مي پسي خال خوش ٿئي،
پاڻيءَ چٽ پسانيا، ڏاڍ نه جهلي ڏمال،
سپڪ پانيا سهڻيءَ، جوڀن جي جمال،
آڪي جا آحوال، معلم ٿيا مهراڻ ۾.

(۱۲)

ڪجهه تان ڪوهه، هڪو نظر هرين جو،
ساهڙ منهنجو سپرين، ڏم ڏيئي ڏوهه،
جي ڇنو، جي ڇوهه، تہ ٻوڙينديس ٻار مٿي.

(۱۳)

آڪو تہ آڪو، ڪچو آهر ڪم،
جيءَ جنين جا جم، ڪا سي ڇڇنديون.

(۱۴)

هڪا رڃ ڪنيار جا، هڪي لهائين،
سون ڪي تتائين، پيلو پاڳي آئيو.

(۱۵)

ڪچي ڪٽ نہ جهليو، پيلو پيو پري،
مار چڏيائين مير ۾، ٻانهن ڪان ٻري،
لٿي لهريون ويئيون، چوڏاري چري،
هينئڙي منجهہ هري، ماهيت ملڪالموت جي.

(۱۶)

ڪچي ڪٽ نہ جهليو، پيلو پيو پڇي،
ماهيت ملڪالموت جي، منجهہ وجود وڃي،
ساهڙ ڪي سڃي، آڪي جي احوال جي.

( ١٧ )

ڪڇي ڪٿ نه جهليو، پيلو سهي نه پر،
هٿين ٻيڙين آگريين، ٻانهن چڙيو ٻر،
ساهڙ! سکھو ور، ٻيس منهن مهراڻ جي.

( ١٨ )

پيلي پلاڻي، ٻسي چٽ چري ٿيي،
"ٻرٻرا! ٻڏي سهڻي،" ويرن ۾ وائي،
ڪچي ڪيرائي، لال لهرن وچ ۾.

( ١٩ )

ٻڪو ڪنج پاڻ سين، چڳون چتائي،
ڪچو ڏيج ڪلال کي، منهن تي موٽائي،
مو سڻ هينئين سين، سهڻي! جيڪي فائق فرمائي.
موجون منجهائي، مارينئي مهراڻ جيون.

( ٢٠ )

ڪو جو وريو واءُ، جنهن ٻر ٻانهن چڙيو،
آکي اِن ترّاءُ، آونداهيائي آڪران.

( ۲۱ )

هٿندي نڪر هٿ، هينئڙي ڄجون چڙيون،
لڪ لهرن گڏيون، موجون وريون مٿ،
نيم ڪن ڦوت، پر، پليرا مپرين.

( ۲۲ )

هينئڙي ڄجون چڙيون، ڦوت رهيم ڪان،
مون تي مونج، مون پرين ساهڙ ڄام سڄاڻ،
آهيان گهٽون آڄاڻ، پر، پليرا مپرين!

( ۲۳ )

پر پليرا مپرين، پلا ۽ پيراه،
توريءَ تاري ناه ڪا، والي! توريءَ واه،
ساهڙ جي صلاح، تن ڪي ڪڍي تار مان.

( ۲۴ )

تن ڪي ڪڍي تار مان، صلح ساهڙ جو،
آت آڏو آڄي ڪين ڪي، پيلپو پي جو،
ميهر! ڪج منهنجو، ڪو اوڪر اِنهين آر تان.

## وائي

مون، پاريچي سار، آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

ڏم م جاڳي، لوا مون پاريچي سار،

مون کي تتي ميڙيين، جت ڪنڊن جي قطار،

آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

پرن پيلاين جا، سانياران سنيار،

آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

وچ م سوءِ وصال کي، سپاجها ستارا

آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

گهر گهر گيلا جا وهي، ماڙي ٻنڌ ٻچار،

آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

تاڪن تکي آميان، سکهو رس، ڌار،

آئون جا ويندڙي وٽ وچار.

## داستان ناڻون

(١)

جر تر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،

سيڻي شيءِ ٽيا، سوريءَ سزاوار،

همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيين؟

( ٢ )

سيتَ ٻچار ٻرين جي، سيءِ هوت حضور،
مَلڪ مِڙيوئي منصور، ڪهِي ڪهندين ڪيترا؟

( ٣ )

لهرِن لڪ لباس، ٻائي پسڻ هيڪڙو،
اولهي تنهن عميق جي، واري چڏ وماس،
جتِ ناھ نهايت نينهن جي، ڪوءِ آتِ پنهنجي ڪاس،
تڙن جي تلاش، لاھ تہ لالن لڳ تيين.

( ٤ )

جان ڪي گهران م وڃ، نات موت م سهٽي،
پيون پيري پچ، هيڪڙائي هٿ ڪري.

( ٥ )

مرج وٽ ميهار، متان مونين سهٽي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارين.

( ٦ )

چونم جي هيڪار: "م ونڃ موني سهٽي!"
ڏونهين ڀامي ڏوس جي، گهاريان سڀ جمار،
پانڌيڻان پيهار، هوند نہ لڳين لائيان.

( ٧ )

وَجان ڪِين وَري، هُوندَ ري جِني رَهي رهان،
ڏُونهِينءَ ٻامي ڏوسَ جي، ماکَهن ٻَان مَري،
صُوَرَتَ نَه سُونهن ڪا، ڪِيسِ چِتَ چَري،
وِصالان فِراقَ جي، سَڄي ڳالهه ڳَري،
تِيلاهِين تَري، مُنهن ڪڍيو موتيو وَجان.

( ٨ )

آنُون ڪِ نَه چاٽان اِيئَن، تَه جَر ڳهڙِيي جوکو ٿِئي،
قَضا جا ڪَرِيمَ جي، تِنهن ڪان ڪَنڌَ ڪڍبو ڪِيئَن،
هِڪ لِکِئي، ٻِي نِينهن، آئي اِولِيسِ اولَ ۾.

( ٩ )

ڪانِيءَ نَه ڪانهَن، نَڪو ڏوهَ قَلَمَ جو،
آنگ آتِئي لِکِيو، جِتِ نَه رَسي ٻانهن،
ڪِنهن کي ڏِيان ڏانهن، قَضا قَلَمَ وَهائِيو.

( ١٠ )

لِکِيو جو نِراڙَ، سو آنگ ڪِياڙِيءَ نَه ٿِئي،
ٻاريو وِڃِي ٻارَ، جيڪي لِکِيو لوح ۾.

( ١١ )

جي قيام ڀرڻ، تہ ڪر اوڏا ڀيربن،
تهان ٻري سڄڻ، واڌايون وصال جون.

( ١٢ )

ڳهڻ واريون ڳڻن تي، ڳهڻ ڳهٽيي،
سيڪا چئي: "آن سهٽي، لئي ٻريان ڀيٽي"،
صباح سيٽي، پسيون پاتار ۾.

( ١٣ )

ڪنڌي آپيون ڪيتريون، "ساهڙ ساهڙ" ڪن،
ڪنين سانگو ساه جو، ڪي "گهوريس" ڪيو ڳهڻ،
ساهڙ سندو تن، ڳهاڳهائي ڳهڻ جي.

( ١٤ )

پربنءَ پر پريت مان، تو ساهڙ سڌ ڪري،
جي نہ ڳهڙان موني وچان، تہ ڪا ساه سري،
ور حان ٻت ٻري، ڳهڙان گهوريو جندڙو.

( ١٥ )

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، ڀون نهاري ٻنگ،
"سر در قدم يار فدا شد، چہ بجا شد"، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، آلا! سي آڪارين.

( ١٦ )

جي تو بيت پاڻيا، سي آيتون آهين،
وڃيو لنئون، لائين، پريان سندي پار ڏي.

( ١٧ )

ترن جا طعنا، سهنگا ڏينم سرتيون،
درياهہ ديوانا! سمن حقيقت حال جي.

( ١٨ )

تران لئي طعني، متي وهہ واڪا ڪيو،
آئي وڏيس آر ۾، درياهہ ديواني،
قلم جي ڪاني، آئي اوليس اول ۾.

( ١٩ )

تران تان مران، وران تان وهہ وترو،
هينئڙي ۾ هوتن جا، آچن گهور گهٽان،
پسيو پاڙي واريون، ڏسيو ڏوهہ ڏران،
وڃان ڪين وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪارڻي.

( ٢٠ )

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڄاڻي پاڻ لهي.

( ٢١ )

عدد ناهي عشق جو، سٿي نيءَ ساٿي،
ڪانهي پڄاڻي، مهندان منڊا! سيهار جي.

( ٢٢ )

سڪ تنهنجي سپرين جئن تران تئن تار،
تونهين رهين روح ۾، تونهين آڪننان ٻار،
پرين! تنهنجي ٻار، مون واجهائيندي ورهه ٿيا.

( ٢٣ )

سڪ تنهنجي، سپرين! ڪپي ۽ ڪوري،
سکهان نہ ڇوري، ڏاڍو نير نينهن جو.

( ٢٤ )

سڪ تنهنجي سپرين! آندر ٿي آجهل،
ٻرڪيو ٻاهر نڪري، ڪوري ڪانئي ڪل،
ري سيراهيءَ سل، مون ڪي ڏنا سڄڻين.

( ٢٥ )

سڪ تنهنجي، سپرين! آندر ٿي آجهاڪ،
منجهہ پريائين ماڪ، ٻلئيو ٻاريون ڪري.

( ٢٦ )

ڪِي تران، ڪِي تار مون، ڪِي سکهان، ڪِي سَکَهه،
آڏو ڏيج م لَڳَ، مون هيڪليءَ وَلها.

( ٢٧ )

سِڪ سِڪندين لاهِ، وِڇوڙيا ميڙ پِرين،
ايڏي سَکَهه، سچا ڏِئي، تو هِي کي جڳاءِ،
مَن جنهين جو طالبو، مِهر تَنين کي پاءِ،
ميڙائي جو، ماءُ! ڪانگ لوَندو ڪَڏهين.

( ٢٨ )

ڏِئي ٿِيم ڏِينهن، ڪَهه جاڻان ڪِهڙا پِرين،
نيڻ پُرجي لِينهن، هلِنَّيا پاريون ڪري.

( ٢٩ )

ڏِئي ڏِينهن ٿِيامِ، ڪَهه جاڻان ڪِهڙا پِرين،
ولِنِ جِتِن وِريامِ، گوندرَ غم پِرينِ جا.

( ٣٠ )

ڏِئي ڏِينهن ٿِيامِ، ڪَهه جاڻان ڪِهڙا پِرين،
سهسين سِجَ اَلهِي، واجهائيندي وِيامِ،
تنهين سال ٿِيامِ، جنهين ساعت نَ سهان.

( ٣١ )

کھڙ، نہ وڙ، نہ وقت ڪا، آھہِ مَنِ مھارَ،
اِنَ اوسيڙي آئيان، منجھي ڪري سينگار،
ھِريِن تنھنجو ھارَ، پسان مانَ پرِ کھين ۔

وائي

نھين نھين ميڏي وس، ووا! ھنا دِلبر ھٿي دِل ماندي ۔
سڪان ٿي سنگھار کي، باب نہ منھنجي بس ۔
مون کي مت ميھارجي، ڪانَ آچي ھِي ڪس ۔
درد دِمي آھيان، دردِ سھين جو دس ۔
سَکَ نہ ھچي سھٽي، ڏک ڏکيءَ کي ڏس ۔

## داستان ڏھون

( ١ )

ساھڙ ڏاران سھٽي، آڏوتي آھي،
ڪنڍيڙن جو ڪاھي، ھامي تھين ھاڪ ٿئي ۔

( ٢ )

ساھڙ ڏاران سھٽي، نسوري ناپاڪ،
نجاست ناھ ڪري، آنھين جي اوطاق،
ھوءَ جي کير ھياڪ، ھامي تنين ھاڪ ٿئي ۔

( ٣ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جنبي جوءِ،
هن پاڻيءَ سين پانهنجو، مور نه مٿو ڏوءِ،
جي پرينءَ پاسي هوءِ، ته ڪر توڏيءَ تڙ ڪيو.

( ٤ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جهڪي زال،
توڏيءَ تپ شروع ٿيو، هئي! هيٺيءَ جي حال،
جڏي ري جمال، آڳهي ني آهون ڪري.

( ٥ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏم پاسي ۾ ڏکندو، صحت وٽ سنگهار،
توڏيءَ سندي تن جي، دوا ۾ ديدار،
جي پسي منهن مهار، ته سگهيائي سگهي ٿئي.

( ٦ ).

ستان گهڙين، سهڻي، آج درياهه ۾ ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪهڙو آٿي ڪم،
متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين.

( ٧ )

ٻچي ٻاڙي واريون، ڪوهه ڪريندو ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، آهي ڪانيارن ڪم،
هيءَ هڏو ۽ چم، گهوريو محب مهار تان.

( ٨ )

مدا ٻچ ۾، سهڻي! اونداهيءَ آڌ رات،
پريان ڏي پريات، وانءَ ڏيناري ڏيهه ڪي.

( ٩ )

سائر ٻوڙي سهڻي، نه ڪنهن ڏوري ڏني،
آڪن سنجهه آڪني، ميائي مهار ڏي.

( ١٠ )

ڏيهائي ڏمر ڪري، مٿي محبت مون،
تنهن ڪي آچي تون، پريم! ڪوهه نه ٻلين.

( ١١ )

ساهڙ سڪيءَ ۾ نيو، ٻانيءَ منجهه ٻنو،
سندو ڪچ ڪنو، تار ترندو ڪيترو؟

## وائي

( ١ )

ڪهه جاتان ڪيڏاهين؟ منهنجو تن تشي تيڏاهين،

سائين! نيڻن نينهڙو لڳائي ويڙا،

جيڏانهن عالم آسرو، مون ۾ آهي اوڏاهين.

ڏونهين دوست سهار جي، ڏئي جئن ڏنائين.

ساري سپرين کي، رهه هر رت رنائين.

## وائي

( ٢ )

منهنجيون سيڻي، آيل! ماءُ! من مرادون هنيون.

جهڙي پريان ڳالهڙي، تهڙي ٻي نه ڪاءِ.

ڪجي تان ڪوڏ تشي، سڄي تان سيباءِ.

ويهه داتا جي در تي، شڪر جنهن جڳاءِ.

ڪانهي حد حمد جي، ته ڪريان لالن لاءِ.

ڪيئو ڪنيان ڪيترييون، وڏيون وڏاياءِ؟

سو مون هتان نه تشي، جيڪي تو جڳاءِ.

تو سڄيون، تو سنڌيون، سڪن توهين ساءِ.
اڄ تنهنجي آڇيون، لوچن توهين لاءِ.
دل دانهن ري نہ رهي، مون کي مانَ جڳاءِ.

## داستان يارهون

( ١ )

وٽن ويئا ڪانگ، وڃڻ ٿي ويلا ڪري،
کهڙي کهڙو هٿ ڪري سٿي سانجهيءَ بانگ،
سيئي ڏوندي سانگ، جتي ساهڙ سپرين.

( ٢ )

کهڙي کهڙو هٿ ڪري، ٻهون نهاري ٻنگ،
"و امامن خاف مقام ربه" اِي لنگهيائين لنگهہ،
سڪندڙن کي سيد چئي، ڪين جهليندو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! مني آڪارئين.

( ٣ )

کهڙي کهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌي چوتو،
منهنجو من مهار کي، پار وڃي ڀتو،
گوئي نہ کهوتو، مون کي محب مهار جو.

( ٤ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، سانگو ڇڏي ساھ،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، ڏانهون منجھ درياھ،
ھر پانهن ڇڏيو، وڃيس سيڻي واھ،
مدد ري ميهار جي، غرض سڀ گناھ،
نوري ڪر نگاھ، ته ساھڙ لنگهيان سير کي.

( ٥ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، پوڙيائين پانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ دريا ڏانهون،
موٽ محب! پانهون، تاڪن تڪي آهيان.

( ٦ )

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، الاهي تهارا
جنگهه جرڪي وات ۾، مِسي کي ميسار،
جوڙا پيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙيس وار،
لکين ڇهتيس لوهٽيون، تيليون ترنئون ڌار،
مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٿيندي سوهڻي!

( ٧ )

مَنهن جِنهِين جي مون، ڏٺو، مَنهن ميهارَ جو،
آهِ ماهُ سنئون، سو ڪِئَن گهڙو گهوريان۔

( ٨ )

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِيو، مَرَ جوڙ نئي جوڙو،
"طالِبُ المَولىٰ مَذَڪَّر"، ائين پَڌَندن پوڙو،
ڪوڙهيو ڏمُ ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾۔

( ٩ )

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِيو، مَرَ ٻيڙ نئي ٻانهِين،
"طالِبُ المَولىٰ مَذَڪَّر"، ائين پڙ آساهِين،
ٻِران تَہ ٻانهِين، مون ميهارَ مَن ۾۔

( ١٠ )

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِيو، پاڻان هو حِجاب،
واجِبَ وَڃي وجود ۾، رَهيو روح رَباب،
ساهڙَ ريءَ ثواب، آئون گهٽوئي گهورِيان۔

( ١١ )

گهَڙو ڀَڳو تَہ گهورِيو، تون ڪِين تَرَ، هينئان!
آدبَ آکَڙِين ڪي، ڏيهاڻي ڏيان،
ميهارَن مِيان، سئون سرنهايم سِيجرو۔

(١٢)

گهڙو ڀڳو ته گهوريو، آسر م لاهيج،
"لاتقنطوا من رحمة الله"، ترهي اِنَ تربج،
حبيبائي هيج، پسين منهن ميهار جو.

(١٣)

گهڙو ڀڳو، منڌ مٿي، وِيا وَسيلا،
سار چڏيائين سير ۾، هٿيءَ رهيا هيلا،
سهڻيءَ جا سِيلا، وحدت سِپ وڃائيا.

(١٤)

گهڙو ڀڳو، منڌ مٿي، وَسيلا وِئا،
تنهان پوءِ مٿا، سهڻيءَ سڌ ميهار جا.

(١٥)

جڏهن وَسيلنِ، لوڙهي ڇڏي لڙ ۾،
ياراران پرينِ، تڏهن پهچي سهڻي.

(١٦)

پاڻ م ڪنڄ پاڻ سين، وَسيلا وِڃاءِ،
عشق ساڻ اُناءِ، پير پِريان جي پار ڏي.

( ١٧ )

پاڻ ۾ ڪَنجِ پاڻَ سين، ريءِ وِسِيلي وانءُ،
مَتاءِ سارِ، سوُهڻي! پِرِتِ وَنجي پانءُ،
نِينهن کِنهندي نانءُ، ونءُ پِريان جي پار ڏي.

( ١٨ )

پاڻَ ۾ ڪَنجِ پاڻَ سين، رَهه وَسِيلي وَڻَ،
لالَنَ تنين لَڌَ، عشق جَنِ جي آڳ ۾.

( ١٩ )

پاڻَ ۾ ڪَنجِ پاڻَ سين، ريءِ وَسِيلي وَچِ،
پيلو پيري پَچِ، آڪَنڍِ ڪَرِ عميق ۾.

( ٢٠ )

پاڻَ ۾ ڪَنجِ پاڻَ سين، وِسيلا وِسارِ،
اُڙَ لَنگهائي، سهڻي! پِرِتِ وِجهنديئي پار،
مي تَرتَ لَنگهيندِيوَن تارِ، آڪَنڍِ اَکِهه جنِ سين.

( ٢١ )

ڪونهي اَکِهه اُهڙو، جِهڙي مَحَبت مَنِ،
آڇيوَن اوربين پارَ ڏي، ڪوڙيون ڪک ڇَنِ،
نَدي تَنِ نيڙُ ٿئي، جي ريءَ تَرهي تَرنِ،

سڪ رسائي، سهڻي! آصل عاشقن،
مي جهليون ڪين ڪنن، ٻچن جي ميهار کي.

( ٢٢ )

ٻچن جي ميهار کي، ٻچي مي ميهار،
تر هو تنهين بار، عشق جنين کي آڪرو.

( ٢٣ )

عشق جنهين کي آڪرو، تر هو مٿي تن،
جي ساهڙ کي سڪن، تنين جر جند ٿئي.

( ٢٤ )

تر هو آڄ م تن کي، جن عشق سين آگاھ،
ٻچي مس ملاح، ساهڙ مٿي سوهڻي.

( ٢٥ )

ساهڙ، سا سوهڻي، ساٿر ٻئي سوئي،
آهي نجوئي، ڪجھ: ڪجهاندر ڳالهڙي.

## وائي

ڪهڙي منجھ حساب، هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
گولي! پيچ گناھ ڪان، ڪونهي سول ثواب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!

نَڪِين تَفاوَت ۾، نڪِين مَنجهہ رباب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
خوديائِي خوبَ نِيپَن، لايِن جي لَعاب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
پَلِيتَ ٿِي پاڪَ ٿِئي، جَنڊِيو مَنجهِہ جناب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
سو نہ ڪهِين شَيءِ ۾، جيڪين مَنجهِہ تراب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
هوءِ جِي جَرڪن جَرَ ٿِي، سِي تان سَڀِ حَباب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
هاديءَ سين هَن يارَ ڏِي، رِڙهِين ساڻ رِڪاب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
چِنڊيو وِجهِي چورَ ڪِي، آءُ چَڙ، عقاب!
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!
دِيڌ وِڃاءِ ۾ دوستَ جو، هَلِي مَنجهِہ حِجاب،
هَنُءِ مَنهِنجو هوتَ رِي، لا!

كثرت آهي قرب ۾، إدغام ۾ اعراب،

هٿن منهنجو هوت ري، لا!

فنا وجهي فم ۾، ڪارڻ ٿيءُ ڪباب،

هٿن منهنجو هوت ري، لا!

ڏي طهورا تن ڪي، جي سڪن لاءِ شراب،

هٿن منهنجو هوت ري، لا!

سڻيءُ ڪيا مرض ۾، جاوا سي جواب،

هٿن منهنجو هوت ري، لا!

هندوا: سينهن وساوڙا (ڳاڙها جيت).
هُنگ: هُونگار. هڪل.
هِنگلور: هنگلاج.
هِنهان: هن ڪان پوءِ.
هِنئار: هن سال. هينئر.
هَئيي ويا: ڦري ويا.
هوائون: وهم. اجايا خيال.
هوائي: نابود. خام.
هوتُ: بلوچن جي 'هوت' قبيلي جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: 'هوت' بلوچن منجهان. پنهون. محبوب.
هور: هرڪر. ڪُنڪو.
هورا: ڳئي. انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو. ننڍي پيڙي.
هول: ڏپ. فڪر.
هُونِ: هُجن.

هُون: مان. آءٌ.
هوندو: جيڪي موجود هجي.
هيئان: هِتان.
هئائين: هِتائين.
هُنڙ: هٿ. هستي.
هيئّ: هيءُ وجود. هستي.
هيجان: هيج مان. پيار مان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيدي: اٺ جي واڳ. پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: سيلاب. ڳنڍ جائي.
هَيَنِ: سُيَنِ. سُئيَنِ.
هيهات: افسوس ـ هاءِ هاءِ.
هَيهاتَ هَيهاتَ لِما توعدون: هاءِ شل (پري هجي) اها ڳالهہ جنهن جو توهان کي ڏپ ڏنو ويو آهي.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.